آتم ڪٿا جي نالي ۾

موتيلال جوتواڻي

آتم ڪٿا جي نالي ۾

موتيلال جوتواڻي

پــومــڪـا

گهڻيئي سال اَڳُ اَسين دوارڪا ويا هئاسين. اَسان کي سِنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو ڏسي هِڪ پَنڊو اَڳتي وڌي آيو ۽ اَچي ڪجهي پاسا ۾ پُڇيائين، ”توهين ڪٿي جا آهيو؟“

”دهليءَ جا.“ کيس جواب مليو.

”نه. سِنڌ ۾ ڪٿي رهندا هئا؟“

”روهڙيءَ ۾.“

”ڇا توهين جوتواڻي آهيو؟“

اَسانجا چپ لڳي ويا. ڇا هِن پنڊي سان اُنکان اَڳ ڪڏهن ڪِٿي ملاقات ٿي هئي؟ نه. پوءِ هو ڪيئن سڃاڻي سگهيو؟

اَسانکي عجب ۾ ڏسي (شايد اَسانکي خوش ڪرڻ لاءِ به) هُن چيو، ”پيرن فقيرن جي نگري روهڙيءَ ۾ جوتواڻي مشهور هئا.“

ايتري ۾ جوتواڻيءَ کي هِڪ شرارت سُجهي آئي. شايد اَهِڙن موقعن تي مردن کي اَهڙي شرارت سُجهندي به آهي. هُن مون ڏانهن مُخاطب ٿي فخر وِچان چيو، ”ڏِٺئہ، هِن پنڊيتنهنجي اصل مَنشاراماڻي ذات جو نالو نه کنيو!“

”پرمان به ته هاڻي جوتواڻي آهيان،“ مون نهه پهه وراڻيو.

منهنجو پارٽنر چُپ. ائين ڪُجهي جيئن پِتِ. ليڪن هِو منهنجي جواب تي ڏاڍو خوش پي لڳو جو مان سمُوري سندس ٿي ويئي هئَس.

ڪنواريِ اَوَستا ۾ مان منشاراماڻي ضرور هئَس. ڇاهيان ها ته اِن ڳالهِ کي ڪٽي مان چڙي وڃا ها. اَڄان به وڏيڪ بي سمجهہ هجان ها ته اِن ڳالهہ کي پنڊي جي سامهون (ٻئين ماڻهوءَ جي سامهون) پنهنجي گهٽِتائي سمجهي ساڻس وڙهي پوان ها. ليڪن پتي-پتني جيون جو بُنياد وشواسَ، پريمَ، سمجهہ تي ٻڌل رهي ٿو. ننڍيون ننڍيون ڳالهيون وڏيون وڏيون غلطفهميون پئِدا ڪري سگهن ٿيون ۽ پتي پتنيءَ کي هِڪَ ٻئي کان گهڻو گهڻو دوُر ڳِهلي وني وڃي سگهن ٿيون. اَڄ ڪلهہ

سمپرڪ ڪِتابي سلسلو - : آتم ڪٿا جي نالي ۾

(آتم ڪَٿا)

ليکڪ : ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي

پهرين اِشاعت : ۱۹۹۴ (۵۰۰ ڪاپيون)

ٻين اِشاعت : ۱۹۹۷ (۵۰۰ ڪاپيون)

قيمت : ۱۲۵ رپيا

ڇپائيندڙ : سَمپَرڪ پرڪاشن
بي-۱۴، ديانند ڪالوني
لاجپت نگر، نئين دهلي-۱۱۰۰۲۴

ڇپيندڙ : نيلم آفسيٽ
بي-۱۴۷ ڊي.ڊي.اي. شيڊس
اوکلا فيز-I ، نئين دهلي.

Aatma Kathaa Je Naale Mein
(*An Autobiography*)
By Dr.Motilal Jotwani

Editions : First, 1994; Second, 1997.
Published by : Sampark Prakashan
B-14, Dayanand Colony, Lajpat Nagar,
New Delhi-110024
Laser Typeset by : S.C.Saraswat
C-1, Dayanand Colony,Lajpat Nagar,
New Delhi-110024.
Printed at : Nilum Offset , B-147 DDA Sheds
Okhla Phase-I, New Delhi.

Price : Rs. 125-00

ISBN : 81-85190-16-X

اَچي ها. ماني دير سان نهي ها ۽ تيستائين شايد پيٽ ۾ بُک نہ رهي ها. مدراس هوٽل جو اِڊلي ۽ ڍوسو، کاني ۾ بدل سدل جي لِحاظ کان بہ هِڪَ سُٺي ڳالهہ هئي. گهمڻ جو گهمڻ بہ ٿي پيو.

هِڪَ ٻي پُراڻي گهٽنا ياد ٿي اَچيم. تڏهن ديپک ۽ اَنيل ننڍا هئا ۽ دِنيش اَڃا ڄائو نہ هو. اَسين راجکوٽ ۾ هِڪَ-ڪمري جي ننڍي مکان ۾ رهندا هئاسين. شام جو هو سوشل سرڪل جي ڪاروباري بئنڪ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويو هو. لڳ ڀڳ نوَ ٿيا جو هو صاحب موٽيو. ديپک ۽ اَنيل خوش ٿي ڏانهس ڀڄڻا. هن بہ خميص لاهي کٽي کٽ تي رکي ۽ هو ٻارن جي البيلي انڀٽي راند ۾ رمي ويو. بي-خياليءَ ۾ مون کٽي اُها خميص هک مورت جي ڪوڪي ۾ ٽنگي. رات جي ماني کائي جيئن هو پنهنجي لکڻ واري ڊيسک اڳيان وڃي ويٺو تہ الاجي ڇو منجهيل ڪوهيل پئي لڳو. هو پنن تي گهڻو ڪجهہ لکي رهيو هو. پر اُهو ڪجهہ نہ وڻڻ ڪري اُهي پنا ڦاڙيندو ٿي ويو. سندس ويجهو وڃي ڏسان تہ پني تي جو ڪجهہ لکيو هئائين ان ۾ گهٽي ڪٽ سٽ ڪيل هئي. سمورو پنو ائين پئي لڳو گويا ديپک ويهي اُن تي هيٺ مٿي ليڪا پاتا هجن. اڄ اِهو ڇا ٿي رهيو آهي؟ يا تہ ڪنهن مهان رچنا جو جنم ٿي رهيو آهي، اِهي سوُر اُن کان اڳ جا آهن. يا تہ وري اڄ سندس ويچارن ۾ وڳوڙ آهي، توازن ڪونهي. ليڪن مونکي ٿوري دير ۾ ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي ۽ مون اها خميص ان تصوير جي ڪوڪي مان لاٿي. مونکي خبر هئي تہ هو ڏينهن ۾ ٻہ ٽي دفعا رويندر ناٿ ناڪر جي اِن تصوير کي ڏسندو آهي ۽ پريرڻا پائيندو آهي. هو اِن تصوير هيٺان لکيل گيت پڙهندو آهي ۽ گُ نگنائيندو آهي. مها ڪوي ناڪر جي گيتانجليءَ مان ورتل اُهو گيت هن طرح آهي:

Thou hast made me known to friends I know not,
Thou hast given me seats in homes not my own,
Thou hast brought the distant near,
and made a brother of the stranger ....

جيِ ڪَلِہن زندگيءَ ۾ اَهِڙَن خوشگوار چرچن جي آجيان ڪرڻ گهرجي. اَسين گهر واريون، گهر وارن جي ڳالهيُن کي عزت ڏينديونسين، تہ اُهي پڻ اَسانجِيُن ڳالهيُنِ جو آدر ڪندا. پيار ۽ آدر محظ هِڪَ طرفو نہ رهي سگهندا آهِن.

هِڪَ دفعي ڇا ٿِيو جو شام جو رسوئي ناهِڻ لاءِ گهر ۾ ڪائڻ وارو تيل ڪونہ هو. جوتواڻي نيم اَنوسار صبوح جو بزار مان ڀاڄيون، مصالحا وغيره وٺي آيو هو ۽ مونکان ڪائڻ وارو تيل گهرائڻ وِسِري وِيو هو. هاڻي ڇا ڪريان؟ ڪم تان موٽي اچڻ سان ڪيس ماني کپي. سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ. بزار پَرَڀَرو. ٻارن کي ڇڏي منهنجو ٻاهر نِڪِرڻ بہ ڏکيو. مون فيصلو ڪيو تہ ڪم تان موٽي اَچڻ سان ئي هن صاحب کي اَڪيلو بزار وڃڻ جي تڪليف نہ ڏِبي. مان نهہ پهہ تيار ٿي وينيس.

”اَڙي واه! خبر هجي ها تہ جيڪر اَئمبوُلنس کي فون ڪندو اچان ها،“ گهر ۾ پير رکڻ سان هن چيو.

”ڇا لاءِ؟“

”تون هيئَن تيار ٿي وٺي آهين. توکي ڏسي ماڻهو غش ڪائي ڪرندا ويندا ۽ کين اَئمبولنس کڻندي ويندي ... پر اِهو تہ ٻڌاءِ، ڪٿي جي تياري آهي؟“

”اَڄ ڪٿي مدراس هوٽل تان اِڊلي ۽ ڊوسو کائي اَچون. توهانکي سُڀاڻي موڪل آهي، مونکي اَڄ شام جي ڇُٽيِ!“

”او.ڪي.“

ٽوڪري بہ ساڻ کڻون ٿا؛ کائڻ واري تيل جو هِڪ ڊبو بہ وٺندا ايندا سين.“

”تہ ائين چَوُ نہ، تہ گهر ۾ تيل ڪونهي. اِنڪري شام جو روٽي نہ ٺهي سگهي.“

اَسين ٻيئي اَچي کِل ۾ پياسين. منهنجي ڪيڏ پڪڙجي پيئي هئي. شايد پڪڙجڻ لاءِ ئي هئي. اِهو سُٺو ٿيو. نہ تہ مُنهن ۾ گهنجُ، پيٽَ ۾ وڪڙ، ڪَڪِ ڪندڙ خاموشي ۽ واتاوَرَڻ ۾ تاڻ پئدا ٿِيَن ها. ٻنهي مان هِڪُ وڃي بزار مان تيل وٺي

باب نامو

When one knows Thee, then alien there is none
Then no door is shut ....

اِن گيت ۾ وشال ستيہ، وشو پريوار جي ڪلپنا ۽ ايشور جي هر سوُ هئڻ جي ڳالهہ آهي. جوتواڻيءَ جي پهرئين پستڪ ''چاند ڪي گيت'' (١٩٦١) جون رچنائون ان تصوير مان جَهر جَهر ڪري وهي نڪتيون هيون. هِن ڪتاب جي ''دَاريو ڪو بہ نہ آهي'' باب ۾ ڏنل ڪويتائون پڻ اهڙيون آهن.

هو منهنجي ننڍي ننڍي ڏک سوُر جو خيال رکندو آهي. مان بہ سندس سُک-سَهولِيَت لاءِ سندس بي چئن فِطرت جي ننڍڙن جُزن ڏانهن، ظاهِرا ننڍيون لڳندڙ ڳالهيُن لاءِ پورو پورو ڌيان ڏيندي آهيان. اِن ۾ ئي سُکي گهر-گرهستيءَ جا گُڻ سمايل آهن. هِڪ ٻئي جي ضرورت جو اَحساس هجڻ هِڪَ وڏي پونجي آهي.

مونکي جوتواڻيءَ جي رچنائن جي پهرين پاٺِڪا/شروتا هئڻ جو شرف حاصل آهي. هُن هِن ڪتاب جو پهريون باب اَٺ سال کن اَڳ لِکيو هو. ٻيا باب گهر ۽ ٻاهر جي اَنيڪ ڪمن جي هوندي لِکي پورا ڪيا اَٿس. اِنهن مان ٻہ باب تہ پريس ۾ ڪِتاب ڪمپوز ٿيندي لِکيا اَٿس. هو چوي ٿو، جيڪڏهن مونکي وقت ساٿ ڏنو تہ مان اَهڙا ٻيا ٻہ ڪتاب اَوهانجي نذر ڪندس.

اَوهين اِن رچنا ۾ ٻہ ڳالهيون اَوَس ڏِسندا - هِڪَ ڳالهہ اِها تہ جوتواڻيءَ سيڪس سنٻنڌن جي ماڌيم سان جيون کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ چاهيو آهي. اِهي سيڪس سنٻنڌ هِڪُ ماڌيم آهِن، مقصد نہ. ٻي ڳالهہ اِها تہ سندس جيون ۽ ساهِت ۾ هم آهنگي آهي - ايتري قدر اَندروُني سنگت آهي، جو هِن پوُمِڪا ۾ مٿي ڏِنل ڪُجهہ خانگي پرسنگ پڻ سندس ننڍي ناول ''پيلي ٻتيءَ تي'' جي پڇاڙيءَ ۾ لِياڪا پائيندا ڏِسڻ ۾ اَچن ٿا. سندس هيءَ رچنا سندس جيون ۽ ساهِت جي اَنتر-سنٻنڌن کي اُجاگر ڪري ٿي.

اَوهين پڙهائيندا تہ جوتواڻيءَ جي هيءِ آتم ڪٿا يا آتم ڪٿا جي نالي ۾ هيءُ ڪِتابُ اَوهانکي ڪيئَن لڳو.

شريمتي راج جوتواڻي

۱

منهنجي زندگي : ڪتاب جي مُستطيل ۾

ٻُڌائين ٿا
تہ ٻين وانگي منهنجي ڄمڻ تي بہ
ڪنهن ٻانڀڻ ڪي گهرايو هئائون :
هُن سِنڌي-نُما سنسڪرت ۾
اِڪو-ڊِڪو واچيو هو
آگريڻن تي ٻُڌي ڄمڻ ناهي هئي
۽ منهنجي ڪرائيءَ تي
هڪُ ڪچو ڌاڳو ٻڌي ڇڏيو هو،
ڪڻڪ ۾ چانور هيءَ ٻار
اَڳتي هلي ٻُڌڻ
ڪڻڪ جا اَلاجي گهڻا ڏينهن ڏِسندو !

اَڄ مان
پُٺِتي نِهاريندي، سوچيان ٿو -
اُهو ڌاڳو ڪچو ڪين، پَڪو هو
اُن مان
مون لاءِ
گهڻ ۾ گهڻ ١٨٢٥٠ ڏينهن تہ واهہ جا
لَ
ٽِ
ڪِ
يَـ
لَ
هئا !

اُن عرصي ۾

هجي، تيئن مون هن ڪتاب جي مستطيل جي چائنٽ تي ڪيس ياد ڪيو آهي. موهن جي ڪردار ۾ زندگيءَ جا مڙيئي امڪانات - مجبوري/جبر؛ محدودگي/وسعت؛ توازن / تضاد - لياڪا پائيندا رهيا آهن. ان ڪردار کي سمجهڻ پاڻکي سمجهڻ آهي، ورهاڱي کانپوءِ آزاد ڀارت ۾ سنڌي ڪردار کي سمجهڻ آهي.

جبلپور ۾ ٢٧ جنوري ١٩٨٥ تي ٻيوس شتابدي سماروھ جي دوران لکمي ڪلاڻيءَ سان شام جو ميءِ جي شيشي ۾ لهي کي ڳالهيون ٻولهيون ٿي رهيون هيون. هو صاحب اُلهاس نگر (جنهن جو نالو اسين گهڻي ڪوشش جي باوجود ”سنڌو نگر“ نه ڪرائي سگهيا آهيون) ۾ سنڌي نثر نويسن تي رٿيل سيمينار مان ٿيندو جبلپور پهتو هو. هن ٻڌايو ته موهن ڪلپنا ڪيئن ان سيمينار مان ”واڪ آئوٽ“ ڪيو هو ۽ پوءِ پنهنجي حق ۾ بحال ڪيل ڪنهن سرڪاري رقم وارو چيڪ وٺڻ لاءِ، ان سيمينار جي سرڪاري ڪارپردازن جي اڳيان پٺيان گهمندو رهيو هو. پوءِ ته ان ڳالهه مٿان سندس آتم ڪٿا بابت پڻ کي ڳالهيون نڪتيون ۽ مون ڀهريون دفعو سوچيو ته مان به آتم ڪٿا نه سهين، ليڪن آتم ڪٿا جي ناليءَ ۾ ڪجھ لکان. اُن ”ڪجھ“ ۾ زندگيءَ ۽ اَدب بابت پڻ کي ڳالهيون ڪريان. انهن ڳالهين ۾ زندگيءَ ۽ اَدب سان وابسته ڪيترائي ماڻهو پنهنجي پنهنجي غير حاضريءَ ۾ مون وٽ مهمان طور آيل هوندا. چاڪاڻ ته دستر خوان منهنجو وڇايل هوندو، انڪري ساڻن گڏ مان ته هوندس ئي. سهج سڀاءُ ڳالهيون ٿينديون. ۽ جيئن ته اهڙن موقعن تي عام ٿيندو آهي، هِن هُن جي پَرچار به هوندي.

”آتم ڪٿا“ڇو ڪين ۽ ”آتم ڪٿا جي ناليءَ ۾“ ڇو؟
اِن ڳالهه کي اَڳتي هلي پوءِ ڏِسبو. هِتي اَسين اِها ڳالهه ڏسون ته مون جبلپور واري ان سماروھ دوران لکمي کِلاڻيءَ کي پنهنجي ڪيل اِرادي بابت چيو ته سهين، پر مون جهڙي ٻَـهوُ-ڌنڌي ماڻهوءَ لاءِ اِن تي عمل ڪرڻ ڏکيو هو. ڇُوَڻ سَوَلو آهي، ڪَرڻُ ڏکيو هو... ۽ ”ڪرڻ“ ۾ جيڪڏهن ”لِکڻ“ جو ڪم آهي

ٻين مهاڀاري لڙائي لڳي
ملڪ جو دڪدائي ورهاڱو ٿيو
۽ جنيوا ۾ شانتي وارتا اسڦل ٿي.

مان خوش آهيان
تہ منهنجو ماضي
اڌ... صديءَ ... تائين ... ڦهليو ... پيو ...آهي ...
ليڪن
جيڪي ٻار اڄ ڄمن ٿا
ڇا اُهي ٻڻ
اِن خوشي ڪاڏڙ احساس وچان
سَگهندا ؟
نهاري /
پٽتي /
ڇا سندن حال ٻڻ
خارج ٿيندو ٿيندو
(اَهڙو ني سهين) ماضي ٻڻبو ؟
(پنهنجيِ پنجاهين سالگرهہ تي)

□□

Great literature deals with great themes, and there is no greater theme than the journey from the mystery of our birth to the mystery of our death. And whatever lies in between is a mystery, too. But in that we do see ourselves as being on a journey.

Morton ۾ Kaplan <u>*World & I*</u>

□□

موهن ڪلپنا جو ڪردار مونکي وڻندو آهي. اِن ٻهرئين جملي ۾ فاعلي ضمير ''مونکي''، غير رواجي طور، وچ ۾ اچي ويو آهي. لڳيم ٿو، مون هيءُ ڪتاب اِسم پاڪ آدم (هتي ''موهن ڪلپنا'') کي ياد ڪري شروع ڪرڻ چاهيو آهي؛ جيئن ڪو واٽيو چائنٽ تي نمي، ستنام واچي، پنهنجو هٿ کوليندو

اُٺڻ جا آڏاٽا ڪِٿي آهن؟ اُٺڻ جا ساڻن به ڪٿي ميسر ڪجن، پر ايتري گهٽي اُٺيل اُنَ کي ورتائڻ وارا ڪِٿي آهن؟ سِنڌي پانڪَ ڪِٿي آهِن؟

نئين طريقي مُطابق، اُلجهيل اُنَ جي ڍير مان جيڪي سنڌا نڪر سِڌا سِڌا ڏِسڻ ۾ اَچن، اُنهن نڪرن کي ڳنڍيون ڳوڙها ڏيئي هِڪَ ٻئي ڀِڪيان ويڙهيندو وڃجي ۽ اُن مان ڳنڍيون ڳوڙهن واري اُنَ جو ڪو لبادو اُڻجي. اَهڙا لبادا مهروان سامٽاڻيءَ جهڙا ڪلاڪار پائيندا آهن. مان مهروان کي دهليءَ وارن سندس شروعاتي ڏينهن کان سُڃاڻان، ۽ پوءِ جرمنيءَ جي ميونِخ شهر ۾، جتي هو اَڄ ڪلهه پنهنجي پريوار سان گڏ رهي ٿو. مان ۷ ۽ ۸ جولاءِ ۱۹۸۸ جا ٻه ڏينهن وٽس مهمان هوس. اُتي سندس کهري ٽيڪسچر واري لبادي جي ڳالهه نڪتي هئي ته مون کيس ٻڌايو هو ته اَهڙن لبادن جا گراهڪ کي ٿورا ماڻهو هوندا آهن. اَڄ ڪلهه هوندن به اَسان وٽ سِنڌي ليکڪ ئي پانڪ طور باقي رهيا آهن. ڀارت ۾ سِنڌيءَ جا پانڪ ڪونه آهن، صرف ليکڪ آهن. يا ٻين لفظن ۾ چئجي ته سِندي ليکڪ ئي سِنڌي پانڪ آهن. اُنهن لاءِ مان اُلجهيَل اُن جي ڍير ۾ هِڪُ چنبو هِتي هٽي، ٻيو چنبو هُتي هٽي، ڳنڍيون ڳوڙها ڏيئي، اُن ويڙهي اَٿم. ائين ڪرڻ سان اُن جي لنبائي ته گهٽ نِڪِتي آهي، پر اُن مان کهري ٽيڪسچر وارو پهراڻُ اَوَس تيار ٿيو آهي.

زندگي وسيع آهي، اِها هِڪَ وڏي دائري اَندر اَلاجي گهڻا ننڍا ننڍا دائرا آهي.... ۽ اها ايتري وسيع آهي، جو پنهنجي سموري روُپَ ۾ هِن مهل تائين شايع ٿِيَل مِڙني ڪتابن ۾ نه اَچي سگهي آهي. اَچا به ڪتاب پيا نڪرندا رهندا. وسيع زندگيءَ ۾ ڪنهن هِڪَ شخص جي محدود زندگي پڻ پنهنجي ليکي گهٽ وسيع نٿي هجي. اُهو شخص جڏهن پنهنجيون يادگيريون درج ڪري ٿو، ته هو پنهنجو سمورو ڪُجهه نٿو اوتي ڏيئي سگهي. اهي يادگيريون هِڪ ڪِتاب جي مُستطيل ۾ ئي رهجي وڃن ٿيون.

□□

تہ اِهو ڪرڻ/لِکڻ تِهائين وڌيڪ ڏکيو. ڇڱيءَ طرح ڏسجي تہ ڇَوَڻُ بہ هروڀرو سولو ڪونهي. ڇوڻ مهل بہ گهٽيئي دفعا اِهو سوچبو آهي - ڇوان يا نہ ڇوان؟ ڪهڙي نموني ڇوان جو اُن جو اَڳلي تي ڳهرڳبَل اَثر پئدا ٿئي؟ وغيره.

اِئين ڇوَڻ لاءِ تہ اَسين گهٽيئي ڳالهيون ڇئون ٿا، ليڪن ڇئي اُن مُطابق هلڻ، ان ڇوڻ کي ترتيب ڏئي ٿو. ساڳئي نموُني، اُن تي هلي اُن تي لکڻ، اُن هلڻ کي معنيٰ ڀريو سلسلو بخشي ٿو. اهو معنيٰ ڀريو سلسلو ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. گهڻن ئي ماڻهن گهڻن ئي نمونن ۾ اهڙي تصنيف کي ترتيب ڏني آهي. ڪن ماڻهن پنهنجي زندگيءَ جو بيان جنم ڪانوني ان تصنيف جي ڏينهن تائين هڪ سڌي ليڪ ۾ ڏنو آهي، تہ ڪن وري پنهنجي زندگيءَ جي ڪنهن خاص واقعي سان شروعات ڪري، پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن پنيان تہ ڪڏهن اڳيان وچي ٻين واقعن سان جوڙي انيڪ وڌن ليڪن ۾ ڏنو آهي.

زندگي اُلجهيل اُن جو ڍير آهي ۽ ساهت سُلجهيل اُن جو ڍيرو. هڪ ڍير آهي تہ ٻيو ڍيرو! هاڻي ان ڍير کي ڪا ترتيب ڏيئي ڍيري ۾ ڪيئن آڻجي؟ هڪ طريقو اِهو آهي تہ اُن اُلجهيل ڍير مان اُنجو سرو هٿ ڪجي ۽ پوءِ اُن سري کي پڪڙي هٿ تي يا گوڏن تي ويڙهندو وڃجي. اُن لاءِ اَٿاهہ ڌيرج جي ضرورت آهي. هڪ دفعو سِرو مليو، تہ پوءِ آهستي اُهو ڍير ڍيري ۾ تبديل ٿيندو ويندو. اوهان ڏنو هوندو تہ اُلجهيل اُن ويڙهڻ لاءِ ۽ اَدبي تخليق ڪرڻ لاءِ، اُن جو سِرو ڳولهڻ ضروري آهي. سِرو اُنهن ٻنهي کي هِڪ ئي ڏِس ۾ اَڳتي وڌائي ٿو. ٻيون طريقو اِهو آهي تہ اُلجهيَل اُن جي ڍير مان اَڳيان پٺيان وچي وڏا وڏا ٽڪرا سُلجهائي سگهجن ٿا، اُهي اُن جي اُن ڍير مان ڪاٽي اَلڳ ڪري ويڙهي سگهجن ٿا. پهرئين طريقي موجب سُلجهيل اُن ۾ ڳنڍيون-ڳوڙها نہ هوندا ۽ اُن گهٽي نڪرَندي. ٻئين طريقي مُطابق بہ ڇڱيائي اُن نِڪرندي، پر گهٽيائي نہ. گهٽيائي اُن جو ڇا ٿيندو؟ اَسان وٽ ايتري گهٽي اُنَ جي

ل سڪول اِسڪالرشپ اِمتحان (۱۹۴۶) ۾ سموريءِ سِنڌ ۾
ريون نمبر بيهڻ ڪري مونکي هر مهني سِنڌ سرڪار پاران ڏِنل
يـفو ٽي رُپيا ڏيندو هو ۽ مان مهني جي اُن ڏينهن اهي ٽي
يا حاصل ڪري اوڙي پاڙي ۾ ٻاٽ اوُچو ڪري پيو گهمندو
س. اُهو هيڊماستر صاحب، شري هيمنداس منڇنڊيا، مُلڪ
ي وِرهاڱي ڪانپوءِ، هِتي ڀارت ۾، احمدآباد جي ڪنهن سِنڌي
تيءَ جي هِڪ اسڪول جو هيڊ ماستر ٿي رهيو. اَحمدآباد جو
دلال ڪنهن وقت سِنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون لکندو هو، سو شري
ڇنڊيا جي شاگردن مان هڪ هو.

منهنجو ٻالپڻ روهڙي، سکر، جيڪبآباد ۽ ڪراچيءَ ۾
ريو. جنم سکر ۾، پنهنجي ناناڻي گهر ۾ ٿيو. ليڪن ٻالپڻ
و پهريون حصو روهڙيءَ ۾ پنهنجي ڏاڏاڻي گهر ۾ ويتيت ٿيو.
هڙيءَ ۾ ٻالپڻ جي درشين مان هڪ درشيہ منهنجيءِ سمرتيءَ
بار بار ايندو رهيو آهي، سو آهي سيٺ سگنيچند ڏرم شالا ۾
ديءَ جي شادمانن وارو درشيہ. ان درشيہ ۾ صبوح واري ناشتي
چٽن جي دال، پوريون ۽ سوجيءَ جو حلوو ڏسڻ ۾ ايندا آهن.
تي هلي ۱۹۸۷ ۾ مان اُن ڏيک کي پوري پريپيک ۾ ڏسي
هيس، جڏهن گوريگانءُ بمبئيءَ جي پئنچات جي سالياني
خزن ”روشني“ ۾ ”هندستان“ سنڌي روزاني اخبار سان
بستہ شري نارائڻ وي. چاولا جو لوڪ پريہ پروفيسر رام
جواڻيءَ تي لکيل هڪ ليک پڙهيم. ان ۾ هن صاحب
وفيسر پنجواڻيءَ جي روهڙيءَ سان خاص رشتي جا تفصيل،
ندي ڄاڻايو آهي تہ روهڙيءَ جي ديش ڀڳت هاسارام پمناڻيءَ
ن سوامي ڏرمداس جو گڙيائي هئڻ ڪري سندس ويجهي
رتا هئي. روهڙيءَ ۾ ٻيا بہ ڪيترائي سندس متر هئا جهڙوڪ
وفي درويش ڊاڪٽر روچلداس، واڌومل جوتواڻي (منهنجو پتا
ديارام ڪي. منشاراماڻي ۽ ساڌو واسواڻيءَ جو لاڏلو ڀڳوانداس
دو سنگهہ منڇنڊيا. شري چاولا جون ۱۹۴۱ واري گهٽنا (جڏهن
هنجي عمر ساڍا پنج سال هئي) جو بيان ڪندي لکيو آهي

جيڪڏهن مان آڳ ڏنل (ليڪن آڻ-چاهيل) سڌي ليڪ وارو رستو اپنايان، ته پوءِ هوند مان جنم، ۽ جنم کان پوءِ واريون ڪيتريون ئي گهٽنائون سلسليوار ڏيان. در اصل، اسان پنهنجي وڏي هوندي پنهنجو ننڍپڻ ئي گهٽي ۾ گهٽو جيئندا آهيون. اسانجو ذهن ننڍي هوندي نهي ٿو.

اسانجو گهر روهڙي سنڌ (هاڻي پاڪستان) ۾ ڏڪ بازار پرسان سمريءَ ۾ هوندو هو. روهڙيءَ جي اُن ڏڪ بازار جهڙي ڪا ئي بازار مون گهٽو پوءِ ١٩٨٨ ۾ اِستنبول (ترڪيءَ) ۾ ڏٺي. روهڙيءَ جي ان ڏڪ بازار تي، ڏينهن جو سڄ جي تپت کان ۽ رات جو ٿڌ کان (اُتي آبَ هوا ئي اهڙي هئي!) بچائيندڙ ڍڪ هو، جنهن تي سامي (Semitic) سڀيتا جو اثر هو.

مڪان ننڍا ننڍا هئا. ڪن مڪانن ۾ ڪاڪوس مٿي ڪڏن تي ٺهيل هوندا هئا. ڀنگياڻيون سوڙهيون ڏاڪڻيون چڙهي ڪڏن تي مٿي وڃي ڪاڪوس ميڙڻ، صاف ڪرڻ وينديون هيون. سڄ جي تپت ڪري منجهن ڌپ نه رهندي هئي. مڪانن جي اندر چتين ۾ منگهه هوندا هئا. منگهن ذريعي هوا ۽ اُس (اُس نه به، ته روشني) هيٺ تائين پهچندي هئي. گهرن جي چُلهين جو دونهون ڇتين ۾ ٺهيل چمنيُن وسيلي مٿي ڪڏن تي وڃي نيري آسمان ۾ وِلڙي ويندو هو.

شام جو سوير پرو منهنجي ماءُ پاڙي وارين هڪ جيڏين سان گڏ گهر ٻاهران دِڪيءَ تي ويهي، ڳالهيُن جا ڳوٽرا ڪيدي ڏر پريندي هئي ۽ اسين پاڙي جا ڇوڪر سائين پاروُشاه جي دربار ۾ ويندا هئاسين. اِن نِڪاڻي جي پتيُن تي پينسل سان الاجي ڪهڙا ڪهڙا عريضا لکيل هوندا هئا. مون به هڪ پتِ تي هڪ هنڌ پينسل سان لکيو هو، ”سائين پاروُشاه، مونکي پاس ڪجانءِ، مان بونديءَ جي سيسا وِرهائيندُس.“

۽ مان صرف پاس ئي نه ٿِيُس، بلڪ ڀهريون نمبر پڻ آيس. پارت پريمير هاءِ اسڪول، روهڙيءَ جو هيڊ ماستر صاحب، شري هيمنداس منچنڊيا، سُڪول ۾ صبوح جو پرارٿنا وقت،

اِسڪول ۾ ماستر مقرر ٿيو. ملڪ جي ورهاڱي کان ٿورو وقت اڳ ڪراچيءَ جي ڪي.جي. ڪلناڻي هاءِ اِسڪول ۾ ماستري ڪيائين. ڪراچيءَ ۾ ساڳئي وقت هو سنڌ جي وديارٿين لاءِ انگريزي ۽ سنڌي ٻنهي ٻولين ۾ The Students' Voice نالي ماهوار مخزن ڪڍندو رهيو. اها مخزن ڊائريڪٽر، پبلڪ انسٽرڪشن، سنڌ دئاران سنڌ جي اِسڪولن لاءِ تسليم شده مخزن هئي. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي اِسڪولن ۾ دادا شيوڪ ڀوڄراج جي ''گلستان'' ۽ منهنجي پتا جي The Students' Voice اَڪثر گڏ ڏسبيون هيون. ملڪ جي دکدائي ورهاڱي کانپوءِ اسين جڏهن سنڌ مان لڏي ڀارت ۾ پهريائين ملاد (بمبئي)، پوءِ ديولالي ڪئمپ (جتي شري مانسنگ چوهڙمل ڪئمپ ڪمانڊنٽ ۽ منهنجو پتا اُتانجي مهاتما گانڌي هاءِ اِسڪول جو پهريون هيڊ ماستر مقرر ٿيو) ۽ تهان پوءِ ڌوليا (اولهه خانديش) جي ڪمار نگر ڪئمپ ۾ آياسين، ته هُن صاحب ڪمار نگر ڌوليا مان پڻ وديارٿين لاءِ اها ساڳي مخزن جاري ڪئي. ديولالي ڪئمپ وارو مهاتما گانڌي هاءِ اِسڪول احمدآباد کڄي ويو ۽ انجو هيڊ ماستر شري گيانچند جوڏواڻي بڻيو. پتاجن ڪمار نگر ڊوليا ۾ اچي ڪري اُتي نئين اسڪول جو پايو وڌو. شري مانسنگ چوهڙمل بمبئيءَ ۾ وچي هندواسيءَ جو سمپادڪ بڻيو.

روهڙيءَ ۾ ننڍي هوندي مان ڏِسندو هوس، منهنجو پتا راتِ راتِ تائين اَلاجي ڇا لِکندو پڙهندو هو. گهڻيئي دفعا پيڇ پِنيءَ جو اَکِ کُلندي هئم ته ڏِسندو هوم ته هيڏانهن هُو صاحب لالٽين جي وَٽ هيٺ کَري روشني وِسائي سُمهڻ جا سعيا ڪندو هو ته هوڏانهن هئي پاسي ٻئي ڪَمري مان منهنجو وَڏو چاچو رامچند پنهنجو ٻَرِيل لالٽين کَٽي ٻاهر نِڪِرندو هو. وَڏي چاچي کي حلوائڪو دُڪان هئڻ ڪري صبوح سوير نِڪِرڻو پوندو هو. جيئن ئي هوُ ضروري حاجتُن کان فارِغ ٿي ٻاهِر گهِٽيءَ ۾ پيرُ رَکندو هو، تيئن ئي هوُ اوڙي پاڙي وارن کي صبوح سَوير اُٿارڻ لاءِ چوندو ويندو هو، ''صبوح جا سائين

تہ (روهڙي) نگر - سيٺ سڳنيچند ديارام جوتواڻيءَ جي پنهنجي جوڙايل ڌرم شالا ۾ سندس ٻن پٽن جي شادي ٿي هئي. ان موقعي تي ڪلڪتي مان مشهور ڳائڪ ڪي. سي. ڏي. (K.C De) کي ۽ ڪراچيءَ مان پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي خاص نينڊ ڏيئي گهرايو ويو هو. ڪي. سي. ڏي. پنهنجا سريلا ڳانا ”دنيا رنگ رنگيلي“، ”تيري ڳٺڙي ۾ لاڳا چور، مسافر جاڳہ ذرا“ ۽ ”بابا من ڪي آنکين کول“ وغيره ڳائي ٻڌايا. روهڙي نواسي شري چاولا جو اُهو ليک پڙهي سوچيو هوم مون ساڍي پنجين سالي جي ننڍي عمر ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي ڏٺو هو ۽ ڪي. سي. ڏي. جا مڌر گيت ٻڌا هئا. واقعي، دنيا رنگ رنگيلي آهي. اڳتي هلي، ١٩٧٣ جي شروعات ۾ پروفيسر رام پنجواڻي شاهہ لطيف تي انگريزيءَ ۾ لکيل منهجي پي-ايڇ. ڊي. مقالي جي پريکيڪن مان هڪ مقرر ٿيو ۽ ننڍي هوندي جا آسيس ڪئي هئائين، سا وري بہ ڪيائين. منهنجي پي-ايڇ. ڊي. ٿيسز جا ٻيا ٻہ پريکيڪ هئا ڊاڪٽر گوبند سنگهہ منسڪاڻي ۽ پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻي.

منهنجو ڏاڏو، منهجا وڏا چاچا ۽ سوٽ حلوائي هئا. پنهنجي ڪٽنب پريوار ۾ منهنجو پتا شري واڌومل ٿيمتراءِ جوتواڻي (١٩١٤ - ١٩٧٦) پهريون شخص هو، جو مئٽرڪ تائين پڙهيو ۽ پوءِ گانڌيجيءَ واري هلچل ۾ گهڙي پيو ۽ سکر واري ديش ڀڳت ويرومل بيگراج سان گڏ سوتنترتا آندولن ۾ بهرو ورتائين. شري ويرومل بيگراج جي اخبار ”سنڌي“ ۾ ڪم ڪيائين ۽ گڏو گڏ روهڙيءَ ۾ شام جي وقت وارو نيو لائيٽ اِسڪول کوليائين، جنهن ۾ قومي سکيا ڏني ويندي هئي ۽ هندي سنسڪرت اکر (تن ڏينهن ۾ انهن کي شاستري اکر چوندا هئا) سيکاريا ويندا هئا. ان کانپوءِ ماستريءَ کي گذران جو وسيلو بڻائڻ خاطر هن صاحب ايس. ٽي. سي. (سيڪنڊري ٽيچرس سرٽيفڪيٽ) امتحان پاس ڪيو ۽ جيڪب آباد ۾ شري شيوارام لالا (جنهن سنڌيءَ ۾ ٽالسٽاءِ جون آکاڻيون ترجمو ڪيون) جي

جي وَڪر تي واڪا ڪنديون رهنديون هيون.... ۽ راتِ جو وَري مامي جي هٽڙيءَ جي اَهميت وَڌي ويندي هئي. راتِ پوَنديئي مامو گولا ٻاري ڇَڪِلي جي ڪَڄِرِين جي ڪونن تي ڇڏي ايندو هو. اِهي ڪونا روشن ٿِي پوَندا هئا.

هِڪُ مامو ۽ سَتَ ماسِيون. سَڀِني جا رنگَ نِرالا. ناناڻي ۾ ڪَڏهن مَحفل مَچنديِ هئي ته ڪي هيٺ غاليچي تي، ته ڪي هالن واري هِندوري ۾ ويهِجي ويندا هئا. نانو ڪنجهي جي ٽسرِين ۾ ديسي شراب ڀري پنهنجن نائِين اَڳِيان پيش ڪندو هو. پوءِ ته گوشت جا ديگڙا چٽ ٿيندا هئا. ورهاڱي کان اَڳُ ۽ پوءِ هِڪَ مامي ۽ سَتَ ماسِيُن جا پريوار پنهنجي- پنهنجي زندگي ڪيئَن گذر بسر ڪندا رهيا آهن، وقت ڪين ڪٿان ڪان ڪٿي آڻي ڦٽو ڪيو آهي، سو جيڪڏهن لکڻ ويهجي ته اَٺ پوٿا تيار ٿي وڃن. هرهِڪ پريوار تي هِڪُ پوٿو. هِڪ دفعي مون سچ پچ هڪ وڏو ناول ناهڻ جي يوجنا ناهي. ناول جو نالو رکيومانس ''ساڌو ماءُ جون اَٺَ ڌيئَر''. منهنجي مامي جو نالو هو (هاڻي هو هن فاني دُنيا ۾ ڪونهي) - ساڌوُرام. ۽ ساڌوُءَ ماءُ جي اَٺن ڌيئَرن ۾ منهنجي ماءُ بہ اَچي وڃي ٿي. پر پوءِ اهو خيال لاهي ڇڏيُم. سوچيُم، اهو وڏو ناول ڪير ڇپائيندو؟ ڪير پڙهندو؟ ليڪن پنهنجي اِن مامي تي مون ''سُڃاڻپ جو سنڪٽ'' عنوان سان هڪ ڪهاڻي ضرور لِکي.

□□

جيئَن ته ڀهريائين اَهڙو رواج هو، منهنجي ماءُ پڻ ڀهريون ويم پنهنجي پيڪي گهر ڪيو. مان ناناڻي ۾ ڄائس. گرو نانڪ بہ پنهنجي نانڪي گهر يا ناناڻي ۾ ڄائو هو. اِنڪري سندس نالو 'نانڪ' رکيو هئائون. پر مونتي موتي نالو پيو. ڇٺيءَ جي موقعي تي 'م' اَکر تي نالو نڪتو ۽ مونتي اهو نالو رکيائون. ڀيو ڪو نالو ڇونہ رکيائون؟ منهنجي جنم بابت نانيءَ ٻُڌايو هو ته مان دنيا ۾ ٻاهر اَچڻ سان ڪي گهڙيون سُن ۾

ٻيڙا ٻني لائين! .... صبوح جا سائين ٻيڙا ٻني لائين!'' هوڏانهن وڏو چاچو اِئين چوندو هو، هيڏانهن منهنجو پِتا شايد اِها مِٺي لوري ٻُڌي ڪونگهرا هڻڻ شروع ڪندو هو. دَر اَصل مونکي لِکڻ پڙهڻ جو شوق پنهنجي پِتاجِن وَٽان مِليو. منهنجي رَت ۾ لِکڻ پڙهڻ واري ٻني جي مَسُ آهي.

۽ منهنجي ماءُ؟ منهنجي ماءُ (پيڪو نالو سُگني،ساهُرو نالو مؤلي) صرف سِنڌي لِکي پَڙهي ڄاڻي. سنڌيءَ ۾ جَپ صاحب ۽ سُکمني صاحب واچي ۽ اُن ۾ پنهنجي صحي ڪَري ڄاڻي. ڪيس ڪُجهه وَڌيڪ لِکڻ جو اَڀياس ڪونهي. ليڪن دُنياداري وَنهِوار ۾ هوءَ منهنجي صوفي طبيعت واري پِتا کان گهڻو گهڻو وَڌيڪ پَرٻيڻ آهي. هرهِڪ شخص جِيان منهنجي شخص تي پڻ پِتا ۽ ماتا ٻنهي جو اَثر نمايان آهي.

جنهن نموني هيڏانهن ڏاڏاڻن تي ڪيئي ڪتاب لِکجي سگهجن ٿا، تنهن نموني هوڏانهن ناناڻن تي ٻه گهٽيئي پوٿا جوڙي سگهجن ٿا. منهنجا ناناڻا سِنڌو ندي پار سکر ۾، اُنجي غريب‌آباد ايراضيءَ ۾ رهندا هئا. موکلُن ۾ اَسين اُتي وڃي رهندا هئاسين. هِڪُ درشيه، جيڪو منهنجي اَکيُن آڏو اَڪثر اَچي بيهندو آهي، سو آهي اُتي، اُن ايراضيءَ ۾، هِندو-مُسلمان فساد وارو درشيُه. اُنهن ڏينهن ۾ سِياسي اَثر هيٺ اَڪثر وِڳوڙ ٿيندا هئا. اَسين سڀ پنهنجي گهر جا دروازا بند ڪري اَندر وڃي لِڪندا هئاسين. گهر جا دروازا ئي ڇو، گهر کان ٻاهر ويندڙ رنڌڻي، سنان گهر ۽ اَگڻ جي ناليُن جا ٻوٽ منجهن پُراڻا ڪپڙا ۽ ٻوٽيُن جا ٽڪرا ٽونسي بند ڪندا هئاسين. اهو ئي اَنديشو هوندو هو تہ فسادي اُنهن نالِيُن مان گاسليٽ ٻڏل ڪپڙا وجهي يا منجهائن بارُوُد ڏِکي اَندر آگ لڳائيندا.

غريب‌آباد جي چَڪِلي ۾ منهنجي ناني جو بڪالڪو هٽُ هو ۽ مامي جي پٽرومئڪس گولن جي پِڙي هئي. ٻيئي هٽَ مشهوُر هئا. ڏينهن جو ناني جي هٽ تي ڪيرِيُن جي پيهہ لڳي پيئي هوندي هئي. اُهي ٽکي ٽکي، آني آني

ٿي. هرڪا تاريخ ڪنهن نه ڪنهن واردات يا شخص سان جُڙيل هجي ٿي. ١٢ جنوري ١٩٣٦ع تي شايد اهو اَهم واقعو ٿيو هو ۽ اُها تاريخ منهنجي شخص سان نه، موتل دائيءَ جي شخص سان وابسته آهي. مان اِها ڳالهه اِنڪري ٿو چوان جو مونکي اُن ڏينهن واري ڪنهن بئي اَهم واقعي يا ڪنهن بئي شخص جي ڄاڻ نه آهي. اِنسان جي ڄاڻ هِڪَ ئي وقت محدوُد ۽ لاحد آهي. منهنجي لاحد ڄاڻ جي اِها محدودگي آهي ته مونکي اُنهن ٻارن لاءِ ڏک ٿيندو آهي، جي دنيا ۾ اَچي اَڪيون کولڻ کانسِواءِ ئي هليا ويندا آهن (مان اَهڙن ٻارن منجهان هِڪُ ٿي سگهيُس ٿي)، ڪين اها خبر پئجي نه سگهندي آهي ته دنيا ۾ وڏي عمر تائين زنده رهي ڪري ڇا ڇا نئو ڏِسجي، ڇا ڇا نئو ڪجي. مونکي اَهڙن ننڍن معصوم ٻارن، ڪشور-ڪِشوريُن، جوان-جوانڙيُن لاءِ غم ويڙهي ويندو آهي، جي رستي ويندي يا رستو پار ڪندي، موٽر ڪار يا اِسڪوٽر جي حادثي جو شِڪار ٿِيندا آهِن ۽ دنيا جي خوش رنگ ۽ خوشبوءِ کان جلد ئي محروُم رهجي ويندا آهِن.

هوندئن ١٢ جنوريءَ جي اُها رات لال لوئيءَ جي رات هئي. گڏجي ويهي ٽِڙن جا ٻوٽيندا ۽ ريوڙيون کائڻ واري رات هئي. گهرن مان ڀُراٽو کاٽ ميڙي، ٻاهِ ٻاري، اُنجي چوڌاري ويهي سُک ڏُک ونڊڻ واري رات هئي. ٽِپڻيءَ مُطابق، لال لوئيءَ جي ٻئين ڏينهن سَنڪرانت ٿئي ٿي ۽ ''سنڪرانت'' لفظ مان ئي هڪ دوُر کان ٻئي دوُر ۾ وڃڻ جي ڄاڻ پوي ٿي.

جيون هڪ وچتر ڪرم کيتر آهي. ان ۾ ڪرم مُکيه آهي ۽ ڪو به ڪرم (جيڪڏهن پنهنجي جوابداري محسوس ڪندي ڪجي) ننڍو نه آهي. موتيءَ کي موتل دائيءَ گهٽ ۾ گهٽ (يا وڌ ۾ وڌ) اِهو سَبق سيکاريو آهي. هو ماءُ پيءُ سان گڏوگڏ موتل دائيءَ کي به پرڻام ڪري ٿو.

□□

رهيو هوس. موتِل دائيءَ مونکي مهل سِر منهنجي ڄمڻيءَ تي هلڪو ڌڪ وهائي ڪڍيو ۽ مون ”اوئان ... اوئان“ ڪئي. اَندر ته ماءُ جي ناڙي سان ساهه کڻي رهيو هوس، ٻاهر ناڙو ڪپجي وڃڻ کان پوءِ هلڪو ڌڪ لڳڻ سان منهنجي ڦِڦڙن ۾ ساهه ڦوڪجي ويو ۽ مون زور سان وني ”اوئان ... اوئان“ ڪئي. اُن وقت انهن ڦڦڙن ۾ اَهڙو ڪو ساهه ڀرجي ويو، جو اُنکان پوءِ زندگيءَ جي ننڍين وڏن ڦڦڙن مونتي ڪو اَثر ئي ڪين ڪيو آهي.

هاڻي مان سوچيان ٿو، اُها موتل دائي نه هجي ها ته مان نه هجان ها. منهنجي زندگي پيءَ طرفان، ماءُ ۽ دائيءَ جي گڏيل دين آهي. پيءُ ڪمري جي در ٻاهران نتيجي جي اِنتظار ۾ پريشان بيٺو هو ۽ اَندر ماءُ اَسهاءِ حالت ۾ پيئي هئي. اَندر منهنجي ماءُ موُلي (اِهو سندس ساهرو نالو هو) ۽ دائي موتل - ٻنهي مان جيڪڏهن دائي موتل هوشيار خبردار نه هجي ها ته ... ؟ مونکي لڳي ٿو هوند جيان اُن ڀيري به ٻِڳوان نشپڪش، نِرليپ، اَلاجي ڪٿي هو. ماءُ چَوَندي آهي ته اُن وقت ڀڳوان دائيءَ جي مَنَ ۾ اَچي ويٺو هو. پر مان ڪيس چوندو آهيان دائيءَ جي من ۾ ڪارڻ-ڪاريه-ڪارڻ- ڪاريه جي اَنٽوٽ پرمپرا جو پرڪاش لِڪل هو: هن ته پنهنجو ڪيول ڪرم ڪيو. لڳيم ٿو، مان ڪارڻ-ڪاريه جي پئدائش آهيان، ”مهل سِر ڌڪَ“ ۾ لڪل وقت جي سُڃاڻپ جي جوڙ آهيان. مان وقت جي سُڃاڻپ آهيان.

ڪارڻ-ڪاريه جي پرڪريا ۾ مان ڪڏهن ساڪي آهيان، ته ڪڏهن ڪرتا، ۽ گهڻو ڪري ساڪي ۽ ڪرتا گڏوگڏ. جيڪي ڪجهه آس پاس وهي واپري ٿو، اُنجو مان شاهد آهيان. ليڪن هِڪُ جوابدار شاهد. اِن جوابداريءَ ڪري منهنجي ’ساڪي‘ هئڻ سان گڏوگڏ منهنجو ڪرتا هئڻ به آهي. جوابداريءَ سان ڀريل ڪرم ساڪيءَ کي ڪرتا بڻائي ٿو. موتل دائي به صرف ساڪي نه هئي. هوءَ ڪرتا بڻي.

دنيا ۾ هرهڪ ڏينهن تي ڪا نه ڪا اَهم گهٽنا ٿئي

Writing is nothing more than a guided dream.

- Jorge Lews Borges,

- Dr. Bordie's Report, Preface

□□

مٿي ڏنل منهنجي ڪويتا جيون يٿارٿ ڪي نہ، پر ساهِتيہ يٿارٿ کي نمايان ڪري ٿي. اِنہ ۾ پاٺڪ سرجڪ کان اها اُميد رکي ٿو، در اَصل اِها تقاضا ڪري ٿو تہ هو ”زندگيءَ جي حقيقت“ (جيون يٿارٿ) نہ پر ”زندگيءَ جو سچ“ (”سَتيَم“ يا ساهِتيہ يٿارٿ، جنهن ۾ آدرش جي ٿوري گهڻي مِلاوٽ اَوَس هجي ٿي چاڪاڻ تہ ”سَتيَم“ جي هِڪدم پٺِيان ”شِوَم“ ۽ پوءِ ”سُندَرم“ اَچن ٿا) پيش ڪري. ”شِوم“ ۾ تہ آدرش آهي ئي، پر ”سُندَرَم“ ۾ ٿورو ئي سهين، اُهو آهي، چاڪاڻ تہ جيون جو يٿارٿ قبيح يا بدنما هجي ٿو. سرجڪ پاٺڪ جي اُميد / تقاضا جو پوُرائو ڪندي وِساري ويهندو آهي تہ جيڪڏهن رام کي رام هجڻ/ ٿِيڻ جا قوي سبب آهن تہ راوڻ کي بہ راوڻ هجڻ/ٿِيڻ جا پُختا ڪارڻ آهن. پر اَسين بُنيادي طور ساهِتيہ ۾ آدرش جي ٿوري گهڻي مِلاوٽ جي چاهنا ڪندي راوڻ کان بلڪل ئي ڪِنارو ڪري ٿا وڃون. جيڪڏهن ڪو ليکڪ ڪيس پوُري طرح سمجهڻ جي ڪوشش ۾ ساڻس گڏ هجي ٿو، تہ پاٺڪ کي اها ڳالهہ گوارا ڪانهي.

١٩٥٧ع ۾ مان جڏهن سرڪاري اسڪول مالويِہ نگر نئين دهليءَ ۾ پرائمري ماسٽر هوس، تہ اُنهن ڏينهن ۾ منهنجي مُلاقات هِندي ڪوي ديوراج ’دِنيش‘ سان ٿي. هو اُن نگر ۾ ئي رهندو هو. اَسانجون مُلاقاتون ڪِتابن جي ڏي- وٺ تائين وڌي ويئون. هن مونکي پنهنجو ڪتاب ”راوڻ“ تحفي طور ڏنو، جنهن ۾ راوڻ جو پاسو ڪنيَل هو. هِتي مُنڍ ۾ ڏِنل اها ڪوِتا اُنهن ڏينهن جي لکيل آهي، ۽ ڪُجهہ ڏينهن اَڳ پُراڻا پَنا ڦولهيندي مِلي ويئي.

٢

جيون ۽ ساهتيہ جا يٿارٿ

بطور هِڪَ سرجَڪَ جي
تون
سيني پاٽڪن کي پاٽڪ نٿو ملچين
۽ هِڪ پاٽڪ جي ناتي
مان سيني سرجڪن کي سرجڪ نٿو قبوليان
گهٽ ۾ گهٽ نٿو چاهيان نٿو سُڃاڻان
توکي هِڪ سرجڪ جي روپ ۾.
چاهيان ٿو
تون حقيقت جي ناليءَ ۾
راوڻ جو به پکش ڌر آهين!
تو مان
منهنجون به کي اُميدون آهن:
سڀ کان وڏي اِها اُميد
تہ تون
راوڻ ۽ راوڻ جي پاسي کي
سمجهڻ جي پوريِ ڪوشِش تہ پلي ڪرين.
ليکن
هُن سان گَڏ وهڪري ۾
وهي نہ وڃين.
تون جيڪر زندگيءَ جي حقيقت جو نہ.
پر زندگيءَ جي سَچ جو ساٿُ ڏين!
(هڪ پاٺڪ جي ناتي)

ئائين تہ منهنجيءَ ميڏا جو ماڻهو هجڻ وڏو ڪلِن آهي.

''اَگييہ'' جي تقرير ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ڪاليج جي ندي، بنگالي، پنجابي، سِنڌي ۽ اَنگريزي ٻولِيُن جي اَڌياپڪن ان چانهہ تي ڳالهہ ٻولهہ جي دوران مون ڪانئُس پُڇيو، ''ڇا ڪوِتا جو ڀارت، ساهِتيہ جي ٻيُن شاخن جي ڀيٽ ۾ جيون ي ڀَارت جي وڌيڪ ويجهو هوندي آهي، جيون جي ڀَارت ان اَلڳ نہ آهي؟''

''اَگييہ'' جي چهري تي ڄاتل-سُڃاتل، ميٺاج-ڀري ڪوملتا (جنهنڪي اَسين سادي نموني ''مُرڪ'' چئون ٿا) مِڙي ئي ۽ اِها ميٺاج ڀَري ڪوملتا سندَس مَنَ جي هِن مهل تائين ڪيل سنگهرشن جو ٻاهِريون سَليس، ليڪِن پوءِ بہ اَڻپوُرو ظهار هئي. هُن وَراڻيو، ''اِن ۾ شڪ ناهي تہ جيوَن جو ڀارت ۽ ساهِتيہ جو ڀارت ٻيئي جُدا جُدا هوندا آهِن. جيڪڏهن ڪو چوي تہ جيئَن جو تيئَن ڀارت ساهِتيہ ۾ اَچي ٿو يا اَچي سگهي ٿو، تہ اِهو صحيح نہ چئبو. جيئَن جو تيئَن ڀارت جيون ۾ آهي، ساهِتيہ ۾ ناهي.''

مان ڪانئُسِ پرڀرو ويٺو هوسِ. تقرير وغيره جي دستورن کان هاڻي دوُر هوسِ، اِنڪري مونکي سِگريٽ پيئڻ جو موقعو مِليو هو، سو پيِ رهِيو هوسِ. رَک دانيءَ ۾ سِگريٽ جي رَک ڇنڊيندي سِگريٽ جو ڪَش هنيُم ۽ دوُنهين جو هِڪُ سنسار نهيِ ويو.

اَگييہ چيو، ''سِگريٽ جي اِن دوُنهين جو ئي مثال وٺون. اَسانجي جُدا جُدا سنويدن (احساس) ۾ اِن دوُنهين جا جدا جُدا سنسار نهي ويا آهِن. هِتي اَسين جيترا ڄڻا ويٺا آهِيون، اَسانجي جُدا جُدا اَنڀوَ سموُهہ جي آڌار تي اوترن سنسارن جي رچنا ٿي ويئي آهي.....''

مون چيو،'' سِگريٽ جو دوُنهون هِڪ ساڌارڻ وِشيہ آهي. ليڪن اِن وِشيہ جو اَسانجو جُدا جُدا وَرنن اُن کي اَساڌارڻ بڻائي ٿو. در اصل، ساڌارڻ وِشيہ اساڌارڻ وَرنن ۾ اَچي ڪري ئي اَساڌارڻ بڻجي ٿو. وَرنن جيترو اَساڌارڻ هوندو، رچنا

اِنسان اَدب ۾ حقيقت جي اِظهار جو هرووِرو قائل ڪونهي. ڪيس حقيقت کنهن خاص حد تائين ڪپي. هونئن هو حقيقت روزمره جي زندگيءَ ۾ جيئي ٿو. حقيقت هو خود آهي، سندس ''خود'' حقيقت آهي. ڪيس حقيقت يا يٿارٿ جي نالي ۾ ساهِتيہ ذريعي جيڪي ڪجهہ ڏنو وڃي ٿو، در اَصل اُهو جيون جو نہ، ساهِتيہ جو يٿارٿ ئي هجي ٿو. جيون جو پورن يٿارٿ ساهِتيہ جهيلي/سَهي نہ سگهندو. اهو ئي سبب آهي جو ساهِتيہ جي يٿارٿ ۾ ڪٽي نہ ڪٽي، خاص ڪري رچنا جي پڇاڙيءَ ۾ آدرش لِياڪا پائيندو ڏسبو آهي. ساهِتيڪار جيون جو پورن يٿارٿ، جو بدصورت ۽ بدنما آهي، ظاهر ڪندو تہ سماج اُنکي پنهنجن نيمن قانونن تحت قبول نہ ڪندو. سماج ۾ اِهو قبول نہ ٿيڻ ئي عام قِسم جو ساهتيڪار پئدا ڪرائي ٿو، اَصلي ساهِتيڪار پئدا ڪرائڻ ۾ هِڀڪي ٿو. پوءِ بہ ڊي.ايڇ. لارينس پارا ساهِتيڪار، جن جو پنهنجي ڏيڱ ۾ وِروڌ ٿئي ٿو، پئدا اَوَس ٿِيَن ٿا.

١٩٦٥ع کان مان دهلي يونيورسِٽيءَ جي شام واري 'ديشبنڌو ڪاليج' ۾ سِنڌي ٻوليءَ جي اَڌياپڪ طور ڪم ڪندو رهيو آهِيان. اَسانجي ڪاليج ۾ ١٦ جنوري ١٩٧٩ تي هِندي (آنرس) جي وديارٿين جي برپا ڪيَل سنسٿا جي سايي هيٺ مشهور ڪوي سچدانند هيرانند واتسيايَن ''اَگيـيَہ'' پنهنجي ڪوي ڪرم تي ڳالهائڻ لاءِ ڪوٺ تي آيو. اَسانجي ڪاليج جي هِندي وِڀاڳ جو اَڌياپڪ، ڊاڪٽر نندڪُمار رايہ، ''اَگيـيَہ'' کي وٺي آيو. هن صاحب سندس اُپنياسڪ سنچيتَنا تي مَقالو لکيو هو، جنهنجي پومِڪا ۾ منهنجي شُڪرگذاري ڪندي چيو هئائين تہ سندس ليکن-ياترا منهنجيءَ پريرڻا ۽ پروتساهن سان پوري ٿي هئي ۽ منهنجي باري ۾ پنهنجو تڪڙو رايو ظاهر ڪندي چيو

هِر ڪري ٿي، تہ اِستري، پرش ڪان هيٺئين اِستان تي
ٺاري وَڃي ٿي. هوُنئن جيون جي ڀنارت ۾ استري ۽ پُرُش
هِڪَ سنئون، هِڪ جَهِڙو آسن ۽ اِستان آهي. جيون ۾ ٻيئي
ڪَ جهِڙو وهنوار ڪن ٿا، هِڪ جهڙيون هِڪَ ٻئي سان رانديون
ن ٿا. هائو، اِستري ۽ پُرُش جون سريرڪ بناوتون علحديون
ن ۽ اِنڪري اُنهن ٻِنهي ۾ ڪي ظاهر ظهوُر علحدگيون آهِن.
پوءِ بہ بُنيادي طور من جي ورتئُن جي سطح تي اُهي ٻئي
ڪُ آهن. اَسين جڏهن هِڪ ڪي ٻئي جي ڀيٽ ۾ مَٿي ڪريون
، تہ حقيقت ۾ پاڻ سنئون، پاڻ جهڙو اِستان نٿا ڏِيَڻُ
هيون ۽ ڪيس هيٺ ڪريون ٿا. ساهِتيہ جي ڀنارت ۾ سمپادن
ٻَل هِڪَ ٻي ’مِٿ‘ (Myth) اِها آهي (گهٽيئي آهن، اُنهن ۾
ا هڪَ ٻي آهي) تہ اِنسان بُنِيادي طور سُٺو آهي.
نيقت ۾ اِنسان سُٺو ۽ بُرو ٻيئي آهي. ساهِتيہ جو ڀَنارت
سان جي بُنِيادي سُٺائيءَ ۾ وِشواس ڪري ٿو ۽ جيون جو
نارت سُٺائيءَ سان گڏوگڏ بُرائيءَ ۾ پُڻ اوترِيائي مڃتا
ي ٿو. اِن ڏِس ۾ زردشت (Zoroaster) جو ڌرم (پارسي ڌرم)
يون جي وڏيڪ ويجهو رهي سگهيو آهي ۽ سُٺائيءَ سان گڏ
رائيءَ جي پُڻ پوُڄا ڪري ٿو.

اِتي اِن جڳهہ ۽ وقت تي پهچي ڪري اَلاجي ڇو ۽
يئن منهنجي ذهن ۾ ٻن عورتن جا چهرا چمڪاٽ ڪري
يا آهن. هارورڊ يوُنيورسِٽيءَ ۾ مان هِڪَ سالَ ڪن لاءِ وِزِٽنگ
ڪالر ٿي ويس. اَميريڪا لاءِ اَئٽلانٽِڪ سمُنڊ پار ڪرڻ
ن اَڳ، لنڊن ۾ اُتان جي برٽش ميوزم ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ
ٿي ڏينهن هوس. مان جڏهن ۷ سيپٽِمبر ۱۹۷۹ تي لنڊن ۾
هتس تہ اُن ڏينهن مشهور اَنگريزي نقاد آءِ.اي. رِچرڊس ۸٦
لن جي برڊ اَوسٿا ۾ گذاري ويو، ۽ اَميريڪا مان جنهن
ينهن ۲۰ جون ۱۹۸۰ تي (موٽڻ مهل اَڪيلو نہ هوس، مون سان
ڏ منهنجي شريمتي ۽ اَسانجو ننڍو پُٽُ دنيش هئا ۽ اُهي
هنجي اَميريڪا پرواس جي پڇاڙيءَ ۾ ٽي مهنا ڪن گڏ

اوتري ئي آساڌارڻ ٿيندي. پوءِ بہ ورنن ڪندڙ شخص جي اها رچنا پنهنجي سمورِي سچ کي ظاهر ڪرڻ کان قاصر رهجي ويندي. مان سگريٽ جي اِن دونهين جي گول گول دائرن ۾ جُدا جُدا يونيون (اِستريءَ جا لِڪل انگ) ڏسي رهيو آهيان، سي منهنجو يٿارٿ آهِن؛ اُهي ڇا ساهِتيہ جي يٿارٿ ۾ اَچي سگهن ٿيون؟''

''اَگيہ'' وراڻيو، '' ساهِتيہ ۽ سماج جي ڇاتل سُچاتل رشتي جي مَريادا هيٺ سي نٿيون اَچي سَگهن..هائو، اَچي بہ سگهن ٿيون، جيڪڏهن رچناڪار ۾ رچنا ڪُشلتا سان گڏو گڏ هِمٿ بہ هُجي. پر پوءِ بہ ساهِتيہ جي يٿارٿ کي اوتِري هِمٿ نہ ٿيندي، جو اُ جيون جو يٿارٿ مُڪمل نموني آڻي سَگهي...''

''مان پاڻ اِئين ئي سمجهان ٿو. ڳالهہ هروڀرو ڪام ورتيءَ جي ورنن جي نہ آهي. ڪام کان سواءِ ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار ورتيُن جي ورنن جي بہ آهي. اِنهن ورتيُن جي ورنن ۾ اَسين مُڪمل نموني پنهنجي ''خود'' کي اِظهار نٿا ڏيئي سَگهون،'' مون چيو.

ڳالهہ ڪجهہ لنبي ٿي ويئي هُئي ۽ ٻين دوستن کي بہ پنهنجون کي ٻيون ڳالهيون ڪرڻيون هيون. اِنڪري اُن ڳالهہ ٻولهہ ڪو ٻيو رُخ ورتو.

□□

جيوَن جي يٿارٿ سان ٺهڪندڙ اِنسان جا ننڊ ۾ ڏٺل سپنا آهِن، يا وَري سندَس من جون اُپجيل ديوَ- ديوي مالهائون (Mythologies) آهِن، جن ۾ اِنسان پاڻ ۽ ديوَ- ديوِيون سڀ پنهنجي حقيقي صورت ۾ هوندِيون آهِن، ليڪن ساهِتيہ جو يٿارٿ ديو-ديوي مالهائن جو سمپادن ڪري ٿو. ديوي (ماتا) جا ١٠٨ روپ بيان ڪري، ١٠٨ روپن کي جُدا جُدا نالا ڏيئي، اِستريءَ کي اوُنچي اِستان تي ويهاري ٿو. اِنڪري هِنديءَ جو جئہ شنڪر پرساد پڻ چوي ٿو، ''ناري! تون صرف شرڌا آهين.'' اُن جي پٺيان ڪيڏ اِها آهي، ۽ جا هِڪ ئي نتيجو

ن ڪڏهن پَهَلَ نہ ڪئي آهي. ليڪن حقيقت ۾ پهل ٻنهي
ي کهڙي طرف کان بہ ٿي سگهي ٿي ۽ شايد ٻيئي
ڪَ مهل هِڪَ-ٻئي ڏانهن وڌن ٿا. اُردوءَ جي شاعر اِسرارحق
ماز چيو آهي -

مُجهکو يهہ آرزوُ وہ اُٹهائين نقاب خود
اُنکو يهہ اِنتظار تقاضا کري کوئي.

مان هارورڊ ۾ هوس تہ پنهنجن وديارٿين ۾ هِڪُ سُٺو
اپڪ هوس، ٻين اَڌياپَڪَن جي درشٽيءَ ۾ پنهنجي وشيہ جو
ڪ ناڪ ماهر هوس ۽ جتي رهندو هوس اُتي هِڪُ سُٺو
ڪاري پاڙيسري هوس. ليڪن اِهو سڀ گويا منهنجي گهر جو
ئنگ روُم هو، خوب سجايل-سنواريل. منهنجي بيڊروم ۾ ڇا
رهِيو هو، ڪين ڪهِڙي خبر؟ يا مان پنهنجي ''ڪِچِنيٽ''
ڇا رڌي- پچائي رهيو هوسِ، تِن ڪي اُنجي ڪهِڙي
زڙ؟ ٻاهِر دنيا ۾ ويچارن جي علاوہ، اَندر پاڻ ۾ ڪهِڙا پوُر
ائي رهِيو هوس، انهن جي ڄاڻ مونکي ئي هئي،
نجي ''پاڻ'' کي ئي هئي.

انهن ڏينهن ۾ اَميريڪا جو راشٽرپتي جِمي ڪارٽر هو
يران کي اميريڪن ماڻهو پاڻ وٽِ ٻنڌڪ رکيا هئا. جِمي
رٽر نيتڪ درشٽيءَ وارو سِياستدان لڳندو هوم. لڳندو هوم
هوُ گويا بائيبل جي صفحن مان اُٿي آيو آهي. سندس
ي ۾ خبر هئم تہ هُن چوُنڊن جي دوران هِڪ تقرير ۾
قبوليو هو تہ ''مون تن سان نہ ليڪن من سان گهڻين ئي
لِن جائِن، ڌارين عوُرتن سان سنڀوڳہ ڪيو آهي،'' تہ
الفتي ڏُر جي ماڻهن وڏا ممڻ مچايا هئا. تڏهن تہ مان
ن ٿو تہ اِنسان حقيقت ٻڌائڻ ۽ ٻڌڻ جي قابل ناهي ۽
ون جو پتارٿ علحدو آهي.

سائين ڏينهن ۾ مون هڪ عوُرت جو لکيل ڪتاب ''ماءِ
ڪريٽ گارڊن'' (My Secret Garden) پڙهيو. هن پنهنجي
ل باغ جي خوش رنگ ۽ خوشبوءِ، ڪام ۽ واسنا سان ڀريل

هئا) واپس ٿي آيُم ته پرسِڌ فرانسيسي ليکڪ جان پال سارتري گذاري ويو. اُهي ٻئي منهنجا پريه سمالوچڪ ۽ ليکڪ رهيا آهِن. خبر ناهي ته اُن ۾ اِنساني گَٺِت جي کهڙيءِ رهسيميه جوڙ ڪٽ آهي.

اَميريڪا ۾ پهريان اَٺ ڪن مهنا منهنجي شريمتي مون سان گڏ ڪانه هئي. هروڀرو ائين نه آهي ته سماج ۾ عورت کي اَڪيلي- اَڪيلي ڏِسي مرد سندس آس پاس ڦيرا پائيندا آهن. آس پاس ۾ مرد کي اَڪيلو-اَڪيلو جاچي عورتون پڻ سندس چوڌاريءِ لامارا ڏيندڙيون آهن. انهن ٻنهي حالتن ۾ مردن ۽ عورتن اَڳيان صفت لفظ 'ڪي' ڳنڍڻ ٺيڪ ٿيندو. بي-ڊال، بي-بَچاءَ مرد جي اَڪيلي هجڻ جو اَجوڳ فائدو وٺڻ لاءِ سڀ عورتون نه، ڪي عورتون ئي اَڳتي وڌنديون آهِن، جيئن اڪيلي اڪيلي عورت کي ايڪسپلائٽ ڪرڻ لاءِ سڀ مرد نه، ڪي مرد ئي تڪڙيون ڀرانگهون ڀريندا آهن.

۽ ڇاڪاڻ ته مردن جي ڀيٽ ۾ عورتون پنهنجي علحدي سريرڪ بناوت ڪري ڳالهين کي گهڻ لِڪائي سگهنديون آهن، سي ئي ان ڏِس ۾ مردن اَڳيان ظاهر به ٿي پونديون آهن ۽ پوءِ اُنهن لاءِ ''ڪُلَچڻي'' ۽ ''ڪُلٽا'' جا نالا هڪيا ٽڪيا حاضر هوندا آهن. عورتن جي جلد ظاهر ٿي پوڻ جو عالم اِهو آهي ته سندن بنهه شخصي سُک آنند، مِثال طور اَهڙو سُک آنند جو اُهي سنڀوڳ ۾ مائين ٿِيون، سو پڻ ڪُجهه مهنن ڪانپوءِ سندن پيٽ ٻاهر نِڪري اَچڻ ڪري ظاهر ٿي پَوَندو آهي. مون ڇيو ته سندن سريرڪ بناوت ئي اَهڙي آهي. اَوهين مرد جون اَکيون ڏِسو ۽ عورت جون اَکيون ڏِسو ۽ ٻڌايو ته ڪنهن جون اَکيون وڌيڪ ڳالهائين ٿِيون.

مرد گهڻو ڪُجهه لِڪائي سگهندا آهن ۽ پوءِ اهو ڇَوَڻ جوڳا ٿيندا آهن ته مرد ۽ عورت جي عالم آشڪار باهمي معاملي ۾ پَهَلَ عورتن وٽان آئي. مون ڀُڻ پنهنجي شخصي زندگيءَ ۾ ائين پئي سمجهيو آهي ته عورتن جي معاملي ۾

يءَ سان گڏ آيل پارسياڻي، گُلنار. انهن مان پهرين عورت
لينور پنهنجي پتيءَ کان ڌار هئي، سنڌس ٻار وڏا هئا ۽
ديون مُراديون ڪري پنهنجن پنهنجن ڪمن ڪي وڃي لڳا
ا. هوءَ پنهنجي مڪاني ماحول سان ٺهڪندي صبوح جو سوير
رپ-نِروڌڪ گوري وٺي ڇڏيندي هئي. گلنار مذڪور سڪه
ند ڪي لِڪائڻ لاءِ ڪو هٿرادو جتن نہ ڪيو: هونئن بہ هوءَ
يءَ سان گڏ هئي. ايلينور ناري واد (Feminism) تي جدا جدا
ستائن ۾ ڇهن اَڻن ليڪچرن جو ڪورس ڏيندي هئي ۽
ٽڪي ڀارتي ڌرم، ساهِتيہ ۽ سنسڪرتيءَ جي اَڌياپڪا ڊائنا
ڪ وانگي ڀارت وادي (Indanist) سڏائڻ ۾ فخر محسوس
ندي هئي ۽ گلنار ”هائوس-وائيف“ هئي ۽ پارسي ڌرم-
رم جي پالن ۾ پنهنجي پتيءَ سان گڏ ڏِسبي هئي.
انهن ٻن عورتن جي ڳالهہ ڪندي اِن وِچ ۾ ڊائنا ايڪ
ي ڳالهہ نِڪتي آهي تہ هِتي مان ٻُڌائي ڇڏيان تہ ڊائنا
ڪ مونکي ٻڌندي هئي. هُن بنارس ۾ گهڻو وقت رهي گنگا
يءَ تي مقالو لِکيو هو ۽ ويدن، پُراڻن ۽ شاسترن جو چڱو
اصو اَڀياس ڪيو هئائين. هوءَ سنسڪرت بہ ڄاڻندي هئي.
ن پنهنجي گهر ۾ پهرين فيبروري ١٩٨٠ تي فرانسيسي
روفيسر شارلٽ وُڊول جي عزت ۾ پارٽي ڪئي تہ اُن ۾
ارورڊ جا ڀارت-وديا جا ڪيترا ئي ماهر شامل ٿيا. ياد اَٿم،
لناتمڪ ڌرم جو آچاريہ وِلفريڊ ڪئنٽول سمٿ، شريمتي سمٿ
مان هِڪ ئي ٽئڪسي ڪري اُتي پهتا هئاسين. وات تي ڀارت
ٿيندڙ پيءُ ماءُ طرفان طيءِ ٿِيل شادين تي بحث ٿيو.
يتوڻيڪ پروفيسر سمٿ ڀارت ۾ گهڻيئي سال رهيو هو ۽ ڪيس
تان جي ريتين رسمن جي ۽ اُنهن جي پُٺيان رکيل سِياڻپ
ريل نُڪتن جي بخوُبي ڄاڻ هئي، تنهن هوندي بہ ڪيس
نهنجو اهو نُڪتو خاص طرح وڻيو تہ پيءُ ماءُ طرفان طيءِ ٿيل
ادين ۾ نوان پتي-پتني، اَڳ اَڻ-ڄاتل سُڃاتل هئڻ ڪري
يون جي رهسين رازن تان ٻيئي گڏجي پردو هٽائين ٿا. اُهي

ماحول ۾ پنهنجي لڪل جذبات کي اِظهار ڏنو هو: اِهو اِظهار اَهڙو هو، جهڙو وَري ڪو مرد پنهنجي لڪل باغ جي خوشگوار فضا ۾ پنهنجي لڪل جزبات کي ڏئي. اِن عورت اِهو ٿي چاهِيو تہ سندسِ بدن جا نوَ دروازا ڪام ڪريڙا ۾ ڪليل رَهن. هن لاءِ ڪام ئي موڪيہ جو مارگہ هو. مرد جي پڻ اَهڙي ميتا رهي آهي. مون هڪ دفعي آچاريہ رجنيش جي ”سيڪس کان سماڌيءَ تائين“ واري تقرير ٻڌي هئي. واقعي بدن جا نوَ دروازا کلڻ سان ئي مُڪتيءَ جو ڏهون دروازو، بهم رنڌر، بي ساختہ کلي پوي ٿو.

اَگر جيوت کي ڪا ڳالهہ جيئڻ لائق بڻائي ٿي تہ اُها آهي ڌرم، اَرٿ، ڪام، موڪيہَ جي چئن پُرُشارٿن جو سَنتُلن/توازن. هِڪ ڪامَ ۾ ئي هلڻ سان ڪم نہ هلندو. اهو تہ چارواڪ سِڌانت آهي، جنهن موجب ڪامنيءَ سان سنگ ڪندي جو سُک مِلي ٿو، سوئي هڪُ پُرُشارٿ يا ڪرڻ جوڳو ڪم آهي. وشنوُ پُراڻ پڙهڻ سان چئن ئي پُرُشارٿن جو گيان ملي ٿو ۽ خبر پوي ٿي تہ جيون ۾ ڪام کي ڌرم، اَرٿ ۽ موڪيہ سنئون اَهم مَقام حاصل آهي.

جڳت -گهڙي کي زهر سان ڀري، جن هٿن ڪيو پوُرو تيار
لڳايائون اُنجي ڪِنارَن کي، نار چپن جي مٺوُ لار
نہ تہ ڪڏهوڪو ڀڃي ڇڏي ها، نر زهر گهڙو، ڪري ٺوُڪار
مٺي ماکيءَ جي سواد ڪري، هلاهل پيئي ٿو سنسار!

ساڳيءَ طرح، عورت پاران مان جيڪر ساڳئي ڇند ۾ چوان:

گري ڌري مهنن جا مهنا، پيڙا بيحد سهي ٿي نار
دائي پڇي ”وري بہ ڪندينءَ؟“ اُن وقت آ بيشڪ ناڪار
پر پوءِ چلور ڇاتيءَ ۾ نر جي سِر لِڪائي صدبار
گرم گرم آغوش نہ هجي تہ باقي ڇا لاءِ آ سنسار؟

اُتي مونکي بي-ڊال، بي-بچاءَ ڏسي ڪري، جن ٻن عورتن پنهنجا چار وچائڻ شروع ڪيا، تن مان هِڪَ هئي اَميريڪن اَڊياپڪا، اَيلينور، ۽ ٻي هئي راجڪوٽ پارت مان پنهنجي

ر ِهن لاءِ رقابت جو احساس جاڳيو. ڊائنا منهنجي هِڪَ سُٺي
مِتر ٿي رهي. ڊِوِنِٽِي اسڪول (Divinity School) جي ساليانی
ڏينهن تي هن پنهنجي ڪئميرا سان منهنجو پورٽريٽ فوٽو
ڪڍيو، جو اَڄ ڏينهن تائين منهنجي ڊرائنگ روم جي شوڪيس
۾ موجود آهي. ان ڪانپوءِ ڪنهن تحقيق جي سلسلي ۾ هوءَ
دهليءَ آئي ۽ مون سان ملي.

ڳالهه ايلينور ۽ گلنار جي ٿي رهي هئي. ايلينور مون
سان ٿِيَل سنبند جي شروعات ۾، ڳالهيُن جي دورانُ ٻُڌايو تہ
ڀارتي مردن سان سندس خاص اِشتياق رهيو هو: هوءَ ڪين ڏاڍو
ڀائيندي رهي هئي. مون ڪان اَڳہ، منهنجي جڳهہ تي، بندرابن
(مَٿُرا) مان ڊاڪٽر شريوتس گوسوامي اُتي آيل هو. هو ٻيئي
ڪرشڻ جي جيون ۾ گوپين، رادا ۽ رُڪمِڻيءَ جي جُدا جُدا
ڀومِڪائن تي ويچارن جي ڏي-وٺ ڪندا هئا. هوءَ بندرابن جي
گوسواميءَ جي رادا بڻي هئي. مان اُتي پهتُس تہ هوءَ منهنجي
بہ ڪافي ويجهو آئي. سيا سوسائٽي، محفل مجلس ۽ ڪَلا نمائش
وغيره ۾ گڏ وني ويندي هئي. در اصل اَهڙن موقعن تي
پنهنجي عمر ڪان گهٽ عمر واري سائيءَ سان پاڻ کي ڏيکارڻُ
کيس وڻندو هو. هوءَ پنهنجي مرد-سائيءَ کي گهمائڻ-گهتائڻ
تي، وِيڪ-اينڊ (Week-end) تي ٻري ٻري ورمانٽ وغيره اِسٽانن
جو سئر ڪرائڻ تي اِن مرد-سائيءَ جي پيٽ ۾ ڪُجهہ وڏيڪ
خرچ ڪندي هئي. هوءَ پوري ڀُني آمدنيءَ واري هئي، اِنڪري
پنهنجي اُن زگولو (gigolo) تي روايت موجب، سمُورو خرچ نہ
ڪري سگهندي هئي. مون ڪئمبرج ۽ بوسٽن جا مُکيہ اِسٽان -
جهڙوڪِ بوسٽن ميوزم، جنهنجو هڪ سنيالیندڙ اَسانجي اُپکنڊ
جو آنند ڪُمار سوامي رهيو هو - سندس سنگ ۾ ڏِٺا ۽ اَميريڪا
جا سامونڊي ڪِنارا، برفاني اِسٽان، ننڍا وڏا شهر سندس ڪار
رستي سائس گڏ رهي گهُميا.

جڏهن جڏهن مان گلنار بابت سوچيندو آهيان تہ مونکي
سندس ڏرم سنسٿاپڪ زردشت جي هِڪ وارتا ياد اَچي ويندي

اُن وقت واري رومانچ ڪي وِواهت جيون جي ايندڙ سالن تائين پنهنجي تن من ۾ محسوس ڪندا رهن ٿا ۽ زندگيءَ جي مسئلن جو گڏجي مُقابلو ڪن ٿا. در اصل اُهي ٻيئي پاڻ ۾ ئي، بذات خود، سنگتراش بہ آهن تہ سَنگ بہ: اهي ٻيئي هِڪ ٻئي کي تراشي جيون جي سُندرتا وڌائين ٿا. اَکِيُن آڏو ”بذات خود سنگتراش ۽ سنگ“ ٻيئي هجڻ جو منظر اُتان جي ’نونٽ لڳي ساهيڙي ڀڳي‘ واري ماحول سان ٽَناوَ ۾ اَچڻ ڪري هِڪُ بُنيادي اَرٿ ڏيئي ويو.

اُن پارٽيءَ ۾ ٻيَن معزز مهمانن سان گڏ پروفيسر شارلٽ وُدول (جنهنجي ڪري اُها پارٽي ٿي هئي)، پروفيسر اَناميري شيمل ۽ پروفيسر ڊينيل انگلس شرڪت ڪئي. شارلٽ وُدول، اناميري شيمل ۽ مان هارورڊ يونيورسِٽيءَ جي اِنڊيَن اسٽڊيز ڪورس نمبر ١١٠ جي تحت ٥ فيبروريءَ کان ٢٢ اَپريل (١٩٨٠) تائين ڀارت جي سنتن ۽ صوفيُن تي تقريرن جو گڏيل سلسلو رِٿي چُڪا هئاسين، ان ۾ اسين گڏ رهنا هئاسين. شارلٽ ڪبير، تُڪارام وغيره سنت ڪويُن جي خاص ڄاڻو هئي ۽ اَناميري قاضي قادن، شاه لطيف وغيره صوفي شاعرن جي ماهر هئي ۽ مان اُن ڪورس ۾ ٻنهي سان گڏ رهي ٻنهي جو بار ٿورو گهٽو هلڪو ڪرڻ لاءِ هوس. ڊينيل اِنگلس سنسڪرت وادي هو، مون سندس ڪتاب ”سنسڪرت پوئٽري“ (هارورڊ يونيورسِٽي پريس، ١٩٦٨) پڙهيو هو ۽ اُن جو آنند ماڻيو هو. اُتي هن صاحب ٻُڌايو تہ هو ان وقت اَڀينَوَ گُپت جي (ڌوَنيالوڪ) ”لوچن“ تي ڪم ڪري رهيو هو.

مون ڇيو، ڊائنا ايڪ مونڪي وڻندي هئي. مان بہ ڪيس وڻڻ جي حد تائين وڻندو هوس. اُن حد کان وڌيڪ سندس تن من جي هِڪ لاچاري هئي. هوءَ هِڪَ ٻي عورت کي پيار ڪندي هئي. ٻيئي هِڪَ ڇتِ هيٺان، چئن ڀتيُن اندر گڏجي رهنديون هيون. جنهن ٻي عورت ڊوروٿيءَ جي اِها ڳالهہ مونکي ايلينور ٻُڌائي هئي، سا ڊوروٿي مون اُتي اُن پارٽيءَ ۾ ڏِٺي ۽ مون

هوس تہ هوءَ ڪڏهن ڪڏهن اُتي گڏجي ويندي هئي. هڪ دفعي ٨ جنوري ١٩٨٠ تي (منهنجيءُن وقت واري ڊائريءَ ۾ اَهڙي داخلا آهي) سخت تڏ واري ڏينهن رستو روڪي پڇيائين، ”تون پنهنجي گهر واريءَ ۽ ٻارن کي ڪڏهن گهرائيندين؟ اهڙي وِلهہ ۾ تون ڪيئن ڪندو هوندين؟ جيستائين هوءَ (تنهنجي گهر واري) اچي، تيستائين تہ ...“

هن پنهنجو هڪ ڪان وڏيڪ اَرٿ وارو جُملو پورو نہ ڪيو، جاٽي واٽي اَڌ ۾ ئي ڇڏي ڏِنو. مون سوچيو، ڇا گلنار دنيا جي ٻهرين عورت هئي، جنهن ڪنهن مرد کي اَهڙو ڪُجھ چيو هو؟ ڇا ڪنهن عورت ڪڏهن ڪنهن مرد کي، اِنڪان اَڳي يا بعد، اِهو ڪجھ نہ چيو هو؟ مونکي يوناني ناٽڪ نويس يوريپڊس جي هِڪ طنزي چوٽي ياد اَچي ويئي تہ ناري ئي ناريءَ جي سهج ساٿِڻ آهي. هوءَ سنديس پرپٽ پُڻ مدد ڪرڻ چاهيندي آهي. مون گلنار جي اکين ۾ نهاريو. انهن ۾ اُهو ئي ڪجھ هو، جيڪو اڳ ۾ پڻ گهٽيئي دفعا رهيو هو، هن پيري لفظن سان گڏ رهي ڪري بنهہ صاف نموني ڏسڻ ۾ آيو هو. ڪڏهن ڪڏهن منجهند جي ماني ناهڻ وقت هوءَ مون لاءِ ڪا پنهنجي رڌل ڀاڄي کڻي ايندي هئي، تہ سندس نهار ۾ اُهوئي ڪجھ هوندو هو، اُهائي همدردي هوندي هئي.

هتي مان ايلينور ۽ گلنار جون ڪيترين ڳالهيون ڪائي ويو آهيان. انجو سبب اهوئي آهي تہ جيون ۽ ساهتيہ جا يٿارٿ جدا جدا آهن. ساهتيہ جي يٿارٿ کي پيش ڪندي مان بہ هوند جوش مليهاباديءَ وانگر هيئن چوان :

مجھ کو وہ بخشتي تي دو عالم کي نعمتين،
ميري غرورِ عشق نے اِنڪار ڪر دِيا.

□ ے

آهي. هڪ دفعي زردشت هڪ ٻُڍي مائيءَ کان پُڇيو، ”ٻُڍاءِ تہ سهين، استريءَ جي باري ۾ سچائي ڇا آهي؟“ هن ٻڍيءَ وراڻيو، ”ڪيتريون سچايون اهڙيون آهن، جن جي باري ۾ خاموش رهڻ ئي بهتر آهي. هائو، اگر تون عورت وٽ وڃي رهيو آهين تہ پاڻ سان گڏ چهبوڪ کڻي وڃڻ نہ وسارج.“

مونکي خبر ناهي، گلنار جو پتي مٿس چهبوڪ ڪڻندو هو يا نہ .ليڪن ايتري خبر اوس اٿم تہ هوءَ پنهنجي پتيءَ جي مول سکيا جو جيئرو جاڳندو مثال هئي . پارسي متي موجب انسان جي جيون ۾ سنائي ۽ برائي، چڱائي ۽ لڱائي، هڪ ئي ماپ تور واريون حقيقتون آهن، ٻنهي کان ڪوُ ڪائي ٻنهي جي ميتا ڪجي. انهن ڏينهن ۾ گلنار جو پتي ڪنهن اَمريڪن اسڪالر کي پارسي متي تي هڪ مستند ڪتاب لکڻ ۾ مدد ڏيئي رهيو هو، پنهنجي ٻِگل - نَتل انگريزيءَ ۾ اُن متي جي مول سڏانت سان گڏ پارسي سماج جون ريتيون ۽ رسمون پڻ سمجهائي رهيو هو. مان هينئر پنيان نظر ورائي ڏسان ٿو تہ لڳيم ٿو تہ هن صاحب جي کهٽي ئي ٻِگل - نَتل نہ هئي، بلڪ رهٽي بہ سالم نہ هئي. نہ تہ اهڙو کهڙو سبب هو، جو اهو سڀ ائين ٿي گذريو ؟

مان شام جو ٺيڪ ڇهين ٻجي پنهنجي اپارٽمينٽ کان ٻاهر نڪرندو هوس ۽ شهر ڇاڪاري رات جو ٺيڪ يارهين ٻجي ڪامن روم ۾ وڃي ٽيليويزن تي اين. بي. سي. نيوز ٻڌندو - ڏسندو هوس. وقت جي ايتري پابندي هئم، جو اُتان جا ماڻهو چاهين تہ پنهنجون گهڙيون انهن ٻنهي وقتن تي ٺيڪ ڪري سگهن. ڪامن روم ۾ ان وقت ٻين ماڻهن سان گڏ گلنار اوس ويٺي هوندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پارت جا ۽ اُتان جا حال احوال ڏيندي وٺندي هئي. هوءَ پارت ۾ پنيان ڇڏيل پنهنجن ٻارن کي بہ ياد ڪندي هئي ۽ منهنجن ٻارن لاءِ بہ پڇندي هئي.

مان سُپر مارڪيٽ مان صبوح جي نيرڻ ۽ منجهند جي مانيءَ لاءِ (رات جو ڪانو ٻاهر ڪائيندو هوس) سامان وٺڻ ويندو

The power of the ideal is in the practical.
Swami Vivekananda

جڏهن ٺاڪر چاولا ١٦-١٨ آڪٽوبر ١٩٩٢ تي رٿيل پنهنجي انترراشٽريہ سيمينار ۾ ”سنڌي عملي جيوت تي ويدانت ۽ صوفي مت جو اثر“ موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ مونکي نينڊ ڏني تہ اُنجي پوئواريءَ ۾ منهنجي ذهن ۾ ڪي يادگيريون اُڀري آيون ۽ اُنهن يادگيرين کي بنياد ۾ رکي ڪي ويچار تري آيا. اُنهن ويچارن کي هڪ ترتيب ۾ آڻڻ ڪو سولو ڪم نہ هو.

مون پنهنجو ٻالپڻ سنتن مهاتمائن ۽ پيرن فقيرن جي نگري روهڙيءِ ۾ گذاريو. هڪ دفعي اسين پاڙي جا ننڍا ٻار سنڌو نديءَ جي ڪناري تي مٽيءَ جا گهر اڏي رهيا هئاسين ۽ پاسي کان وهندڙ سنڌو نديءَ جي پيٽ ۾ قدرت طرفان جُڙيل ٻيٽن تي نهيل زنده پير ۽ ساڌ ٻيلي جا نئن نقش پنهنجن اُنهن گهروندن ۾ اُتاري رهيا هئاسين تہ اسان ڏٺو تہ درياهہ مان هڪ ڪَڇُئين ٽيهہ فوٽ کن ٻاهر نڪري ڪناري تي آئي ۽ اُتي ٿورو وقت ترسي پوءِ ساڳي وک سان واپس پاڻيءَ ۾ موٽي ويئي. مون سوڏو راموءَ، ڪشن، محمد، صاحب سنگهہ جي عجب جي حد نہ رهي. اسان ٿورو اڳيرو وڃي ڏٺو، ڪَڇُئِينءَ اُتي آنا ڏنا هئا.

اُهي انڊا ڪجهہ ڏينهن اُتي مٽيءَ ۾ پيا هئا ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اُنهن مان ننڍڙن پتڪڙن ڪڇئن جو ميڙاڪو نڪري نروار ٿيو - هر هڪ ڪڇئون هڪ روپئي جيڏو وڏو. اُهي سڀ تازا ڄاول ڪڇئان ڪنهن هيڪ هٽڪ ڪانسواءِ نديءَ وهڪري ڏانهن هلڻ لڳا. نہ هيڏانهن نهاريائون، نہ هوڏانهن ڏٺائون؛ نہ ڪنهن کان پڇيائون، نہ ڪيائون؛ سنڌو نديءَ ڏانهن رخ رکيائون، گويا کين خبر هجي تہ سندن ماتا ڪَڇُئين ڪٿي هئي.

ان وچ ۾ ندي ڪناري ڪنهن ٻَگهلي کي سندن اُتي پرڳ هٽ ٿيڻ جي ڄاڻ پئجي ويئي ۽ هن ٻگهلي ٻيگهي مچائي ڏني،

٣

جت ڪٿ وسين ٿو تون - ١

ٻن ملڪن جي وچ ۾ شانتي پُل.
ڳويا آمريڪا ۽ ڪئنڊا هٿ ملائي رهيا هجن!
مان گهوڙي جي نعل جي صورت ۾
نايگرا فالس ڏسڻ لاءِ سي. پي. هوٽل اسڪائلن جيٖ
درشڪ ديرگها ۾ بيٺو هوس ۽ اونچائيءَ کان هيٺ
مَرتيہ لوڪ جو آنند ماڻي رهيو هوس تہ ايتري ۾
هوءَ آئي ۽ ڪنهن واقعي جيان مون سان ٿي گذري.
هن مونکي ڪئمرا جي فريم ۾ آڻي بيهڻ ڏنو
۽ مونکي لڳو
مان بہ ڪنهن ڳهڻا وانگي هن سان ڳهڻجي ويو هوس.
تہ ڇا هُن جو پڻ وحدت ۾ وشواس آهي؟
باربرا ٻڌايو:
مان ڪيس اهو شخص لڳي رهيو هوس
جنهن ڪي هوءَ چڱيءَ طرح ڄاڻندي - سڃاڻندي هئي.
۽ جنهن سان
هوءَ صدين کان -
خاص ڪري، تڏهن کان
جڏهن نايگرا فالس وٽ
لُئي هينيپن نالي پهريون سيلاني آيو هو...
۽ هوءَ هر دفعي
نئين باربرا بڻجي ڳڏجندي رهي هئي....
هن مونکي منهنجا
لئي هينيپن ڪانپوءِ وارا سمورا نالا پڻ ڪٿي ٻڌايا!
(وحدت)

□□

يهٽي، رهٽي کهٽي کهڙي ٿيڻ کپي، وغيره وغيره. انساني ٻچن جي حياتيءَ جا اُهي پهريان ڏهه ٻارهن ورهيه سندن نظر حيات يا جيون درشن ناهين ٿا.

جنهن پونءِ ۾ رهواسين جي تحت الشعور ۾ اها ڳالهه آهي ته هيءَ سموري ڪائنات هڪ آهي. ان ۾ پسون پکي، جيت پتنگا ۽ سڀ انسان هڪ ئي ڪٽنب پريوار جا ڀاتي آهن، پرش ۽ پرڪرتي ۽ انسان وچ ۾ ڪو نفاق ناهي، اُتي وجود جي ايڪڙائيءَ جو نظريو وڪاس پائي ٿو. اَسان کي ننڍي هوندي جيڪي آکاڻيون ٻڌايون ويندڻيون هيون ۽ ڳجهارتون سليون ويندڻيون هيون، اُنهن ۾ به برهم، جڳت ۽ جيو جي هڪ هجڻ جا راز سمايل هوندا هئا. مثال طور، منهنجي ناني پنهنجن ڏوهٽن ۽ ڏوهٽين، پوٽن ۽ پوٽين کي پرسان ويهاري هڪ آکاڻي ٻڌائيندي هئي جنهن ۾ هڪ ڪانءُ پنهنجي نانيءَ وٽ صبوح سوير جي پٽ کائڻ جو اَنگل ڪري ٿو. اِها آکاڻي ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي مرتب ڪيل ڪتاب ”سنڌي لوڪ ڪهاڻيون“ (١٩٩٠) ۾ ريٽا شهاڻيءَ جي لفظن ۾ درج ڪيل آهي. ڪانءُ پنهنجي نانيءَ کي چوي ٿو، ”ناني ڙي ناني، مونکي پٽ رڌي ڏي، مان ڪوسا ڍُڪ پريان.“ ليڪن نانيءَ وٽ ڪو ٿانءُ نه هو. هن کيس ڪنڀار وٽ وڃي ٿانءُ وٺي اچڻ لاءِ چيو. ڪانو ڪنڀار کي وڃي چيو، ”ڪنڀار ڙي ڪنڀار، مونکي ڪُنو ڏي، ڪُنو ڏيان نانيءَ کي، ناني مونکي پٽ رڌي ڏئي، مان ڪوسا ڪوسا ڍُڪ پريان.“ ڪنڀار وٽ ڪنو ٺاهڻ لاءِ مٽي هڪي تڪي ڪين هئي، سو هن ڪانوَ کي درياهه وٽ موڪليو. هن درياهه وٽ وڃي پڻ ساڳيو عرض ڪيو ته درياهه کيس گاهه وٺي اچڻ لاءِ گاهيءَ وٽ ماڪيو. گاهيءَ وراڻيو، الله جو ڏنل گاهه ته گهڻو، پر ڪپ کونهي جنهن سان گاهه ڪٽيان. آخر هو ڪپ هٿ ڪرڻ لاءِ ڪاسائيءَ وٽ ويو ۽ کيس چيائين، ”ڪاسائي ڙي ڪاسائي / مونکي ڪپ ڏي / ڪپ مان گاهيءَ کي ڏيان / گاهي مونکي گاهه ڏئو ڏئي / گاهه مان ڳانءِ کي ڏيان / ڳانءِ مونکي کير لوٽو ڏئي

چيخي چيخي ٻين ٻُڌائين کي اُن جي خبر ڏني. اُهي سڀ ٻُڌائين ننڍڙن ٻچڙن کي مٿان لامارا ڏيڻ لڳا. پر اُهي ننڍا ننڍا روپيا ته پاڻيءَ ڏانهن ٽڪڙا ٽڪڙا وڌي رهيا هئا.

جيون اڻانگو آهي. مٿان ٻُڌائي جهپٽا هڻڻ لاءِ واجهائي رهيا آهن. جيون جي اڻانگائي هن ڪائنات جي تضادن / ضدن جي هڪ عجيب جوڙ هئڻ ڪري آهي. جنم مرڻ، ڏينهن رات، ڏک سک، پرش پرڪرتي، نر ناري، پيءُ ماءُ، ننڍڙا ننڍڙا ڪڇئان ۽ سندن مٿان لامارا ڏيندڙ ٻُڌائي پکي وغيره. جيون ڏک آهي: ڀڳوان ٻُڌ پڻ ائين چيو هو. اسين ماتا پرڪرتيءَ ڏانهن واپس وري ڪري ئي سک پائي سگهون ٿا، پتا اَڪال پرش ڏانهن موٽي وڃي ڪري ئي آنند ماڻي سگهون ٿا. شايد اهو ئي سبب آهي جو وڏا وڏا عاليشان محل هوندي به اسين ڪنهن ٻهراڙيءَ ۾ ’فارم هائوس‘ خريد ڪري اُتي وڃي صحيح سچي راحت پائڻ چاهيون ٿا - ’فارم هائوس‘، جيڪو کليل هوا ۾، سج چنڊ ۽ تارن نکترن جي موجودگيءَ ۾ هجي ٿو. جنهن جي اڱڻ ۾ تلسيءَ جو پوڌو ۽ پنيان ڪٽي ليمي، نارنگي ۽ ٻين ڦلن جا وڻ هجن ٿا. ليڪن انهن ننڍڙن ٻچڙن ڪڇئن کي جنم کان ئي سوجهي هئي، ڪين ڪنهن ڪين سيڪاريو هو ته اُهي ماتا ڪڇئين ڏانهن سنڌو نديءَ طرف هلڻ شروع ڪن. هنن ائين ئي ڪيڏانهن به هلڻ شروع ڪونه ڪيو هو، بلڪ ڪيڏانهن هلجي / کهڙي پاسي وڃجي، اوڏانهن پنهنجي من جي سهج پرورتيءَ موجب هلڻ شروع ڪيو هو.

پسن پکين، جيتن پتنگن جي ڀيٽ ۾ انساني ٻچا هلڻ ۾، ۽ جيڏانهن / جنهن پاسي هلڻو هجي اوڏانهن هلڻ ۾ ڏهه ٻارهن سال لڳائي ڇڏين ٿا. ان طرح جيو -وگياني نظر کان (biologically) انساني ٻچا صحيح وقت کان ڏهه ٻارهن ورهيه اڳ جمن ٿا. انهن ڏهن - ٻارهن ورهين واري عرصي ۾ مٿن ڪٽنب پريوار ۽ سماجي سروڪار جا اثر پون ٿا. ڪين تڏهن ٻڌايو وڃي ٿو ته سندن ڌرم / مذهب ڪهڙو آهي، سندن اُٽي

اي اعليٰ! اي پاڪ! آءُ ادب سان مون اکيان،
آهيان بيشڪ خاڪ، پر سنڌوءَ جي پيٽ جي!

ان خوش خيروعافيت ۾ پنهنجي ڇڱيلائيءَ جو ئي نہ،
لڪ سموري ڪٽنب پريوار، اوڙي پاڙي، ٿانجو ويندي ڏور
ڳن جي خئرت پڻ شامل هئي. ان ڪچهريءَ ۾ ڪو بيت چوَڻ
ارو، ڪو ڪافيون چوڻ وارو تہ ڪو ڳجهارت ڏيڻ ۽ ٻجهڻ وارو
و. اُتي ڪنهن اُمالڪ هڪ ڳجهارت ڏني. اُها ڳجهارت سيد
نظور نقويءَ جي ڪتاب ”سنڌ جي مدنيت“ (١٩٨٧) ۾ بہ ڏنل
هي. ڳجهارت ڏيڻ واري چيو، ”جڏهن مرون ٿي ويءِ، تڏهن
ڪتو ڇو نہ ڇڏيءِ؟“ هاڻي سڀ اِها ڳجهارَت ٻجهَڻ ۾ لڳي
يا، اُنجي ٻنهي پاين- - مِرون ۽ ڪُتي ڪي ڏَڪ هٽندا رهِيا.
ڏهن اُتي ڪو بہ اِها ڳجهارت ٻجي نہ سگهيو، سِنِي ڪان
ور ٿي ويئي، تہ ڳجهارتَ ڏيڻ واري اُنکي ٻجي ٻڌايو،
”اَدا، سٺئيءَ ڪي سندسِ ساهيڙي ٿي چوي، جڏهن مِرون ٿي
يئہ تڏهن ڪتو ڇونہ ڇڏيئہ؟ مرون تہ ڪڇئون، ڪتو تہ
لنگ. جڏهن پنهون ڪڇئون (تنهنجي ڪڇ مان، ٻاڪر مان) ٿي
يو، تہ سندس ڏِٺيان پلنگ ڇو نہ ڇڏيئُہ؟“ بس پوءِ تہ واه واه
ي ويئي.

”ناني ۽ ڪانءُ“ آکاڻيءَ ۾ ناني، ڪانءُ، ڪُنِيار،
رياه، ڳانءِ، ڳاهي ۽ ڪاسائي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا پيش ٿيا
هن، سندن وچ ۾ سنواد (dialogue) جي اِستِتي قائم آهي.
” جڏهن مرون ٿي ويئہ، تڏهن ڪتو ڇونہ ڇڏيئہ؟“ واري ڳجهارت
، مرونءَ جي ڏِٺيان ڪتو ڇڏڻ واري ڳالهہ جي سايي
يٺ مرون (ڪڇئون جانور) کي ”ڪڇ مان يا ٻاڪر مان“
ڪڇ+ئون) جي معنيٰ ۾ ۽ پُٺيان ڪتو ”پلنگ“ ڇڏڻ يا
فلت ڇڏڻ جي مفهوم ۾ پيش ڪيو وِيو آهي. اِن تخليقي
وت جي اِظهار مان چيتن ۽ جڙ پدارٿن جي پاڻ ۾ سُڃاڻپ
لاهِر آهي. ڀارت- پاڪِستان اُپکنڊ جي گڏيل سنسڪرتي ۽
سيتا جي بُنياد ۾ پنچتنتر ۽ هِت- اُپديش واريون اَهڙيون

/ ڪير مان درياھ کي ڏيان / درياھ مونکي مٽي ڏئي / مٽي مان ڪنڀار کي ڏيان / ڪنڀار مونکي ڪنو ٺاهي ڏئي / ڪنو مان نانيءَ کي ڏيان / ناني مونکي پٽ رڌي ڏئي/مان ڪوسا ڪوسا ڍڪ پريان.''

ڪانوَ جي نانيءَ کي پنهنجي لاڏلي ڏوهٽي لاءِ پٽ رڌي ڏيڻ لاءِ چيتن ۽ جڙ پدارٿ سڀيئي مدد ڏيڻ لاءِ تيار هئا. تضادن / ضدن جي هن دنيا ۾ پريم ۽ ڀائيچارو آهي تہ نفرت ۽ هنسا پڻ آهي. پوءِ بہ وجود جي عجيب هيڪڙائي آهي. ڪاسائيءَ جي من ۾ آيو تہ ڇو ڪين ڪانوَ کي کُهي ناڻو ڪمايان. هن ڪانوَ کي ڪٽي ھڏو ۽ سندس ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ لاءِ ڪپ تکو ڪرڻ ويٺو. هوڏانهن نانيءَ کي اها اُڻ تڻ هئي تہ ڏوهٽي گهڻي دير لڳائي آهي. هوءَ ڳولهائون ڪندي اچي ڪاسائيءَ وٽ پهتي. ڏسي تہ مار، ڏوهٽو ھڏو پيو آهي ۽ ڪاسائي ڪپ تکو ڪري رهيو آهي. هن ڪاسائيءَ جي گنجي ٽڪڻ تي اهڙا تہ ٺونگا هنيا جو هن کان ڪپ ڇڏائجي وڃي پري پيو. نانيءَ اُهو ڪپ ڪٽي ڏوهٽي کي قيد مان آجو ڪيو ۽ اُهو ساڳيو ڪپ ڪٽي اچي گاهيءَ کي ڏنائين. هاڻي تہ ان ساڳئي ڪپ جو ٻئي ڪارگر نموني ارستعمال ٿيڻ لڳو. گاهيءَ گانءِ لاءِ گاھ ڪٽيو، گانءِ کير لولو ڏنو، درياھ مٽي ڏني، ڪنڀار ڪنو ٺاهي ڏنو. نانيءَ ڪني ۾ پٽ رڌو ۽ ڪانوَ ڪوسا ڪوسا ڍُڪ پريا.

هڪ دفعي مان پنهنجي پتاجن سان گڏ سنڌ جي ڀراڙيءَ ۾ ويس. اُتي رات جي ناٽڪي رنگ رونق لڳي ويئي. اُن ڪچهريءَ ۾ خوش خيروعافيت ڪيائون. اهڙي سهڻي صحبت جو اندر پوڇواڻيءَ ڏاڍو سٺو بيان ڪيو آهي، ڇي :

سنڌي مارو ڍول، سهڻيون تن جون صحبتون،
سادا سادا ٻول، سرهيون سرهيون ڳالهڙيون!
سنڌي سانگين جي تہ آ، سماجوادي جان،
اڱڻ اچي مهمان، خدمت پاڇن سماج جي!

٦ جنوري ١٩٤٨ جو ڏينهن هو. اوچتو ئي اُن ڏينهن
صب جو عجيب جُنون ڪراچي شهر مٿان طاري ٿي ويو. شهر
رستا ”الله اَڪبر“ جي نعرن سان پرجي ويا.
سِنڌ جي عام لوڪن ۾ ڪو ڀيد ڀاوُ نہ هو. ليڪن
ڪيلن، ڊاڪٽرن، اَڏيائپڪن ۽ اَخبار نويسن جي اَڳوان طبَقن
(classes elitis) ۾، ڏارون پئجي چُڪيون هيون. اُهو ئي سبب
جو ورهاڱي کان اَڳہ اُتي هِندو-مُسلمان فساد ٿيندا رهيا
ا. اُنهن اَڳوان طبقن جي شرارتي ماڻهن دئاران پئدا ڪيل
يڙن فسادن ۾ عام ماڻهو گُمراهہ ڪيا ويندا هئا. مونکي
د آهي جڏهن جڏهن اَهڙا فساد ٿيا هئا، تڏهن تڏهن اَسان
ڻ ڪي بند دروازن پُٺيان لِڪائي ڇڏيو هو. اُن کان چار
ج مهنا اَڳُ، تنگ مذهب جي بُنياد تي هِڪ مُلڪ مان ٻہ
ڪيا ويا هئا ۽ حالتن ۾ بدتر ڦيرو آيو هو. پر پوءِ اُنهن
وان طبقن ۾ اَهڙا شخص پڻ هئا، جن جي نظر سالِم هئي.
اَهڙن شخص بدلِيَل حالتُن ۾ وڏيڪ تڪليفون سَٺيون.
ورهاڱي کانپوءِ جيڪي مُسلمان ڀارت مان لڏي پاڪِستان
اَچي پهتا هئا، سي چَوَنِ، اَسِين پنهنجو سڀ لُٽائي هِتي اَچي
هتا آهيون ۽ اُنجو بدلو هِتان جي هِندن کان چُڪائينداسين.
ڪارچيءَ ۾ اَسين اَلله ڏِني جي جاءِ ۾ مسواڙي هئاسين.
اَياڳي ڏينهن تي اَلله ڏِني جي جاءِ ٻاهران ”الله اڪبر“ جا
را لڳي رهيا هئا. اسين گهر جا نندا وڏا ڀاتي ڪائين ۽
يٽن واري هڙيءَ ۾ جان بچائڻ خاطر وڃي لِڪاسين. هڙيءَ
ساهہ روڪي زندگي ۽ موت جي وچ ۾ لَٽڪي رهيا هئاسين.
ادي جاءِ جي صدر دروازي تي پهچي ويا هئا، هنن الله ڏِني
ي چيو، ”ڪافرن کي هڪالي ٻاهر ڪڍ، نہ تہ اسين ٿا ڪين
لهي لهون.“
ڪوٺڙيءَ اَندر منهنجي ماتا پِتا کي اُنهن لفظن جي
نيٰ جي پوُري ڄاڻ هئي، مونکي بہ ڄاڻ هئي تہ هاڻي ڇا
ي سگهي ٿو. ليڪن منهنجي نندي معصوم ڀاءُ-ڀيڻ کي خبر

آکاڻيون آهن ته اولهه جي مُلڪن ۾ پڻ پنچتنتر کان متاثر ٿيل ايسپ جون آکاڻيون آهن جن ۾ پسون، پکي به پاڻ ۾ ڳالهائين ٿا. ليڪن اولهه جي ملڪن ۾، اوپر جي ملڪن وانگي گڏيل اچيتن - -ڪارل جي. ينگ جي لفظن ۾ Collective Unconscious- -ناهي، اُتي ''شخص'' تي زور هڻي ڪري پُرش ۽ پرڪرتيءَ وچ ۾ ڏار پيل آهي، پُرش پرڪرتي ۽ انسان وچهر درار آهي ۽ اِنسان اِنسان وِچهر ديوار آهي. اُتي Individuation واري ويچار جي مجتا تحت انسان کي پسون پکي، ندي ساگر، وڻ ٻوٽي کان الڳ ڪري ٻهاريو ويو آهي. هونئن هاڻي اُتي به حالتون بدلجي رهيون آهن ۽ اُهي ملڪ پڻ وجود جي هيڪڙائيءَ ۾ پنهنجو وشواس وڌائيندا رهيا آهن، هاڻي اُهي Decartes ۽ Newton جا حمايتي نه رهيا آهن ۽ هِن جنسار کي مشين ڪونه ٿا سمجهن.

اسين ڀارتي ماڻهو ته صدين کان پرڪرتيءَ جي نانا روپن کي جاندار مڃيندا آيا آهيون. سورج کي پاڻي چاڙهيندا ۽ وڻن جي پوڄا ڪندا رهيا آهيون، صبح جو ڪاڻن کان اڳ ڪبوترن ۽ ٻين پکين لاءِ داڻو چڱيندا رهيا آهيون، روٽي ڪائڻ کان اڳ ڪتن ٻلن لاءِ گره ڪڍندا رهيا آهيون. سموري ڪائنات کي پاڻ سان جوڙڻ ئي يوڳ آهي، ۽ اسانجو اهو يوڳ دنيا ڀر ۾ مشهور آهي.

□□

نندپڻ جي هڪ ٻي گهٽنا آهي: اُن وقت مان اَٽڪل ٻارهن سالن جو هوس. هونئن اسين اصل روهڙيءَ جا، اُنهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ۾ رهندا هئاسين. منهنجو پتا اُتان جي ڪي.جي. ڪِلناڻي هاءِ اسڪُول ۾ اَڌياپڪ هو. هوُ منجهند تائين اَڌياپڪي ۽ شام جو اُتان جي مشهور اَخبار ''قرباني'' ۾ پارٽ ٽائيم سمپادڪي ڪندو هو. هوُ صوُفي لاڪوفي هو. سِنڌ ۾ ويدانت ۽ تَصوُف هِندن ۽ مسلمانن جو گـڏيل ورثو رهيو آهي.

ا جو نيڪ بندو، هوُ اَسان لاءِ خود خدا آهي - خدا جنهن
يان اهڙا اعزاري لفظ ڪونہ ڪتب آڻيا آهن. اَلله ڏِنو؟ پارت-
ڪِستان اُپکنڊ جو هِڪُ عام ماڻهو، جنهنجي نالي ۾ ئي اُنجو
ڊيل ڪلچر نمايان آهي. هوُ الله ڏنو آهي، جنهنجي مُسلمان
ي جي پچاڙي ''ڏنو'' سنسڪرت لفظ ''دت'' جو سِنڌي روُپ
ي. اِها پچاڙي ''ڏنو'' ائين آهي، جيئن ڪيترن هِندو نالن
ـڙوڪِ ''گُربخش'' ۾ اِسلامي پچاڙي ''بخش'' موجود آهي.
اَسانجي هنهي پريوارن ۾ ڪبير لاءِ پڻ ڏاڍو پيار ۽
دق هو. اُن رات منهنجي پِتا ۽ الله ڏني ڪبير جا پڻ ڪيترا
ل پَدَ گڏِجي ڳايا. اُنهن مان هِڪُ پَدَ جوں ہہ سِٽون اَڄ ب
هنجي ڪنن ۾ گونجي اُٿن ٿِيون :

مَئن ڪهتا هون آنڪهين ديکهي،
توُ ڪهتا هئہ ڪاگد ڪي ليکهي.

ڪبير چوي ٿو، جيڪي ڪُجھ مان چوان ٿو سو منهنجو
ئن ڏٺل، تجربہ حَيات (Life Experience) آهي ۽ جيڪي ڪُجھ
ن چوين ٿو، سو مذهبي ڪاغذن/ڪِتابن ۾ لِکيل آهي. اِها
دس فنڪار اُنهن تعصبي ماڻهن تي آهي، جي اَسانجي
نءِ جي نظريہ حيات کان پنهنجيون اَکيون ڇاڻي واڻي بوٽي
ڏين ٿا.

سِنڌوءَ جي ڪنڌي تي ويدن جي رچنا ٿي، تِهان پوءِ گنگا،
مُنا، گوداوري، سرسوتي، نرمدا، ڪاويري وغيره نديُن جي
ناري تي ويدانت ويچار ڌارا ظاهر ٿي. اهي سڀ نديون
ان مڙني لاءِ پوڄ آهن، انهن سڀني ندين جي ڪنارن تي
يل شهرن ۾ هندستان جي جدا جدا مذهبن ۽ ٻولين جا ماڻهو
ندا آيا آهن.

گنگي چ يَمُني چئيو، گوداوري سرسوتي،
نرمدي سنڌو ڪاويري، جليئسمِن سَنِڌِم ڪُروُ.

اُنهن اُپنشدن مان هڪ اُپنشد برهدارڻيڪ ۾ جو عيسوي
ـہ کان اَٺَ صديون اڳ تخليق ڪيو ويو هو، هڪ آڪاڻي

ڪو پتو هو. اُهي ننڍا ٻار حالتون معمول تي نہ ڏسي ڪوٺڙيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪي ڌپ ڳاڙر آواز ڪري رهيا هئا ۽ ڪين چُپ ڪرائڻ لاءِ ڪڏهن پِتا منع ڪري رهيو هو تہ ڪڏهن ماتا ڇَپَڻ تي آڱر رکي روڪي رهي هئي.

ايتري ۾ اَسان ٻُڌو، مڪان مالِڪ اَلله ڏِنو ڪين چئي رهيو هو، ”توهين ڪافرن ڪي اَڄ اَچي ٿا ڳولهيو! اُهي تہ ڪالهہ پاڻيءَ جي جهاز ۾ چڙهي هِندُستان لَڏي وِيا... ليڪن ذرا ترسو، سندن ڪجھ سامان هِتي پيو آهي. اُهو ڪپيوَ تہ ڪٽندا وڃو.“

اُنهن مان ڪي دنگئي جاءِ ۾ گهڙي آيا ۽ هنن ڪي شيون پاڻ سان ڪنيون - شيون، جي اِنساني تاريخ جي اُن تاريڪ باب جون يادگيِريون هيون! اُهي سڀ مُجاهِد ٽڪڙ ۾ آيا ۽ ڪنهن ٻئي شڪار جي ڳولها ۾ ٽڪڙ ۾ هليا ويا.

هاڻي الله ڏني ڪوٺِڙيءَ جو در کڙڪايو ۽ ڏيري چيو، ”اَبا، ٻاهر اَچو، بي-ايمان سِياسي اَڳوانن جا پاڙيتا ڪُتا پوَنڪي پورِ ٽڪر ڪٽي وڃي چُڪا آهِن.“

اُن ڏينهن منهنجي پِتا فيصلو ڪيو تہ اَلله ڏِني ڪي ڪوڙو ثابت نہ ڪرڻ لاءِ اِهو ضروري آهي تہ اسين پڻ پنهنجو وطن، پنهنجا ماڻهو ڇَڏي ڀارت لڏي وڃون. اَسانجو اُتي رهڻ اَسان لاءِ خطري کان خالي نہ هو، ۽ اَسانجي مُسلمان ڀائرن لاءِ تڪليف جو باعث هو. آخر اُهي ڪيستائين اَسانڪي اَهڙن پاڙيتن ڪُتن جي ٻَڇ کان بچائي سگهندا؟

مونکي ياد آهي، اَسانجا ٻيئي ڪُٽنب اُهو سمورو ڏينهن جاءِ جي ڇِڻ پِتِڻِ اَندر غم جي اُونداهِيُن ۾ غرق رهيا هئا. جيئن ئي رات پيئي ۽ اوُندهہ گَهري ٿيندي ويئي، تيئن ئي سوجهرو ٿيندو ويو: منهنجي پِتا ۽ اَلله ڏِني شاه لطيف جا بيت جهونگاريا ۽ منهنجي ماتا ۽ چاچي حَبيبہ (الله ڏني جي بيويءَ) ڪين سُر وَنايو.

اَلله ڏِنو؟ هو ايترو تہ اسانجي ويجهو آهي، جو اسين پنهنجي گهر ۾ اَڄُ ڏينهن تائين سندس نالي اڳيان ’جناب‘، ’شري‘ يا ’مِستر‘ جا اعزازي لفظ اِستعمال ڪونہ ڪندا آهيون.

١. تون هو آهين : تَتَ توم اَسي
٢. هو مان آهيان : سه اهم
٣. مان برهم آهيان : اَهم برهم اَسمي

پوءِ جڏهن بايزيد نالي شخص بسطام مان ڪهي سنڌو
ديءَ جي واديءَ ۾ آيو ۽ اُتي ان سنڌيءَ سان سندس ملاقات
ي ته هن سنڌيءَ کيس سمجهايو ته منجهس الله جو نور
هي،هو خود الله آهي. بايزيد بسطاميءَ کي هن ڇاندو گيه
پنشد جو منتر ڏنو - تَتَ توم اَسي. اَرٿارت - تون هو آهين.
ايزيد بسطاميءَ کي وري ياد آيو ته سندس قرآن ۾ به ته ائين
ڇيو ويو آهي ته الله تنهنجي شهه رڳ (jugular vein) کان پڻ
ڏيڪ ويجهو آهي يا الله هر گهڙيءَ پاڻ کي تازي جلال ۾
ظاهر ڪري ٿو. هن اُن سنڌي سڄڻ کي قرآن جي سکيا ڏني.
نهي کي محسوس ٿيو، ڄڻ هڪ ئي سطح تي بيهي پاڻ کي
سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. بايزيد بسطاميءَ اُن سنڌي
سڄڻ دئاران اُپنشدن جي سکيا حاصل ڪئي ۽ اُن سنڌي سڄڻ
ڻ قرآن ۾ اُهو ڪجهه پاتو، جيڪي ڄڻ هنڌن تي هو. بايزيد
بسطامي ويدانت جي اثر هيٺ صوفي بڻيو ۽ سنڌي سڄڻ قرآن
پڙهي مسلمان ٿيو ۽ ابو عليءَ جي نالي سان ڄاتو سڃاتو ويو.
بسطاميءَ جي وفات جو سنه ٨٧٤ آهي ۽ ٻنهي سان وابسته اها
ڳالهه ان ريت نائين صديءَ جي ليکبي. ان ڳالهه جي تصديق
ڪندي اپريل - ميءِ ١٩٧٩ واري ''مهراڻ'' جي پرچي ۾ اُنجو
ايڊيٽر مولانا غلام قاسمي چوي ٿو، ''تحقيق اهو ئي دور
مسلمانن ۾ تصوف جي اُسرڻ جو ابتدائي دوُر جو، جنهنجي
بنياري هتان سنڌ مان ئي ٿي ۽ اُن جو سهرو ابو علي سنڌي
صوفيءَ تي آيو جيڪو وحدت وجودي صوفين جو سرتاج آهي.''

اهڙيءَ ريت ان ڪانپوءِ ويدانت ۽ صوفي مت گڏوگڏ
هندا آيا آهن. ليڪن هتي هڪ ڳالهه خاص ڌيان لهڻو. ائين
ه آهي ته مسلمان ٿيڻ کان اڳ ابو علي سنڌيءَ جي من ۾
ڀانڊاڻ نه متو هوندو. خوب تاڻ تناءُ محسوس ٿيو هوندس. پر

ٻڌايل آهي تہ وقت جي شروعات کان بہ اڳ جڏهن هيءَ ڪائنات صرف ''پرش'' جي روپ ۾ 'خود' (self يا आत्म) هئي، تڏهن 'خود' چئني طرف نهاريو ۽ ڏٺو تہ اُتي هن کانسواءِ ٻيو ڪجهہ ڪين هو. تڏهن 'خود' رڙ ڪئي، '' اهو مان آهيان.'' ان آڪاڙيءَ ۾ وڏيڪ ٻڌايل آهي تہ 'خود' کي پنهنجي خبر پوڻ کانپوءِ هن لاءِ تنهائي بوريت بڻجي پيئي. هاڻي هن چاهيو تہ ساٿس گڏ ڪو ٻيو بہ هجي ۽ هو ٻن ٽڪرن ۾، پرش ۽ پرڪرتي (يا نر ۽ ناري) ٿي پيو. نر ۽ ناري هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾ ورجي ويا ۽ انسان ذات پئدا ٿي. پوءِ تہ نر سانڊ بڻيو ۽ ناري ڳانءِ ۽ ٻنهي جي سهواس مان ڍڳ پئدا ٿيو. نر گهوڙو بڻيو تہ ناري گهوڙي، نر ڪبوتر تہ ناري ڪبوتري، نر ماڪوڙو تہ ناري ماڪوڙي بڻي ۽ ان طرح ماڻهن، پسن پکين ۽ جيتن جا ڪٽڪ پئدا ٿيا. تڏهن پرش محسوس ڪيو، مان سرشٽا آهيان ڇاڪاڻ تہ مون مان ئي سڀ وهي نڪتا آهن، سارو جنسار مون مان وهيل/اوتيل يا 'سرشٽي' آهي. جيڪو بہ اهو سمجهي ٿو تہ سرشٽا مڙني ماڻهن، پسن - پکين، جيتن - ماڪوڙن ۾ آهي، اُهو پاڻ سرشٽا آهي، خلقڻهار آهي. پسون پکي ۽ جيت ماڪوڙا تہ اها ڳالهہ سهج پرورتيءَ جي سطح تي سمجهن ٿا. ننڍڙا ٻتڪڙا ڪجهئون ڀڻ جمندي ئي ماتا ڪهڻين، ماتا پرڪرتي ڏانهن موٽن ٿا. انساني ٻچن کي ئي جدا جدا مذهب، مالي حالت ۽ سماجي درجي جي سکيا ڏيئي اَسهج بڻايو ٿو وڃي. ليڪن الله ڏني جهڙا بي شمار شخص وري بہ سهج رهي سگهن ٿا، سهج رهن ٿا. انهن جي درشٽي ادوئت وادي يا وحدت الوجودي آهي.

موجوده وشيہ جي حوالي ۾ هتي مان هڪ ادوئت وادي سنڌيءَ، ۽ (مول روپ ۾) دوئت وادي بايزيد بسطاميءَ جي ڳالهہ ڪريان. اسانجي ان سنڌي ڀاءُ کي ضمير جي ننهي روپن - تون، هو ۽ مان - ۾ هڪ برهم يا حق جي هجڻ جي ڄاڻ هئي. هن اُپنشدن جي واڻي دوهرائيندي چيو،

۴

ورهاڱي جا راڱا

جيستائين اسين هيئي همت ڌاري
وقت جو ڪفن
جنهنکي مٿان اوڙهي
اسان پاڻ لڪايو هو
پنهنجا ننگا بدن ڍڪيا هئا.
سو ڦاڙي
لاهي ڦٽي به ڪريون،
تڏهن به
تون ۽ مان
اهو سچ ڪونه بڌائيسگهنداسين
ته آخر
سڀ ڪجهه ڪندي ورتيندي /
هڪ جان جسو هوندي
اسين ڌار ڌار ڇو ۽ ڪيئن ٿي وياسين.
سنسار
وقت جو لڳاتار ڦرندڙ وهڪرو
ان ڪفن کي
اسان کان ڪيترو بچائي ڪيترو بچائي ها ؟
جيڪڏهن اسين پاڻ اهو ڪفن
نه به ڦاڙيون ها.
تڏهن به
اهو وقت جي وهڪري ۾ جهيٽو پراڻو ٿي
ڇڃي تار تار ٿي وڃي ها....
تنهنجيءَ زندگيءَ ۾ آيل مرد کي
شايد خبر رهي آهي
ته هو تو ۾ ته ويندو رهيو آهي
ليڪن تنهنجي وجود ۾ داخل نه ٿي سگهيو آهي:

پوءِ ”جت ڪٿ وسين ٿو تون“ واري قول موجب هو پنهنجي مسلمان مهمان جي وحدت وجوديءَ ٿيڻ تي سندس عزت ۾ پاڻ وري مسلمان ٿيو هوندو. ساڳي ڪار سنڌ جي گهڻن هندن سان ٿي. جڏهن يارهين، ٻارهين، تيرهين ۽ چوڏهين صديءَ ۾ اسماعيلي داعي درويش سنڌ ۾ آيا ۽ هنن پنهنجن گنانن وسيلي ويدانت ۽ صوفي مت جي گڏيل سکيا ڏني ۽ گهڻيئي هندو سيني ۾ هڪ سرشتا ڏسي پنهنجي ليکي مسلمان بڻيا. هنن لاءِ پراڻ ۽ قرآن ۾ ڪو فرق نه هو. ڀارت ڀوميءَ جي اها وصف رهي آهي ته جيستائين اُنجي لوڪن جي روز مره جي زندگي جي طور طريقي ۾ ڪنهن دخل اندازي نه ڪئي آهي، تيستائين هنن لاءِ ”پريان سندي پار جي مڙيئي مٺائي“ آهي. ديش جو ڪير راجا / بادشاهه آهي، سندس ڪهڙو ڌرم ايمان آهي، ڀارتي لوڪ اُنجو خيال ڪو ڌيان ڪندا رهيا آهن، جيستائين سندن رهڻي ڪهڻي، ريت رواج سان هٿ چراند نه ٿي آهي. انگريز قوم پهريون دفعو وڏي پئماني تي سندن سنسڪرتي ۽ سڀيتا سان هٿ چراند ڪرڻ چاهي ۽ اُها قوم ڀارت ۾ نه رهي سگهي. ڀارتي لوڪ پاڻ مرادو ڀلائُو نه ڀلائُو ڌرم ايمان اختيار ڪرڻ چاهين ته واهه، پر جيڪڏهن ڪنهن قوم ساڻن زور زبردستي ڪئي ته اُها ڳالهه سندن سهڻ کان ٻاهر ٿي ويندي. سنڌ ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي زماني ۾ سنڌي هندن سان زبردستي ڪئي ويئي ته اُنهن ٿوري وقت لاءِ انگريزن جو راڄ قبول ڪيو. تهان پوءِ اُهي انگريزن کي آزمائي ڪين لوڏي ڪڍڻ ۾ مدد گار ٿيا. ١٩٤٧ ۾ هندستان پاڪستان ٿيڻ کانپوءِ سنڌي هندن کي اهو ئي خطرو معلوم ٿيو ته نئين ماحول ۾ سندن اصلوڪي ريت - رواج ۽ اُٿڻي ويهڻيءَ کي ڇيهو رسندو، سو اُهي ٻيو ڪو وسيلو نه ڏسي گهٽائيءَ ۾ لڏي اچي ڀارت ۾ وسيا.

اسانجو ڪٽنب پڻ ميءِ ١٩٤٨ ۾ ڪراچي سنڌ مان ايس. ايس علوي پاڻيءَ جهاز وسيلي پهريائين بمبئيءَ ۾ اچي رهيو.

□□

ڏينهن جو، چاهي رات جو ڪلنديون هونديون ته واقعي منجهائن لائون ڏسڻ ۾ اينديون هونديون. پوءِ ڀلي اُنهن ڏيائين ۾ تيل ٻچيل هجي يا نه. مان عجب گاڏڙ معصوميت ڀريل نِگاهون ڪٽي اُنهن بازاري عورتن/ويشيائن کي ڏِسندو هوس. ڪُجهه اَهڙيون نِگاهون ڪٽي (”ڪُجهه اهڙيون“ اِنڪري جو تِهان پوءِ منجهن معصومِيَت گهٽجندي رهي آهي) مون دنيا ڀر جي ريڊ لائيٽ ايريائن ۾ اُنهن عورتن کي ڏٺو جاچيو آهي - اِهي عورتون ڪير آهن، اِنهن وٽ ڪهڙا مرد وڃن ٿا، ڇو وڃن ٿا؟ جَگنناٿپوريءَ جي ديوداسي، ٽوڪيو جي گيشا، لنڊن جي ڪال گرل ۽ نيويارڪ جي اِسٽريٽ واڪر - اِهي سڀ جُدا جُدا هنڌن تي هِڪ ئي هنڌ سان واسطو رکندڙ، اِئين ڇو ۽ ڪيئن آهن؟ مون ڪين اُنهن هنڌن تي وڃي جاچيو پرکيو آهي. پنهنجي پهرئين ننڍي ناول ”اِهي رِشتا ناتا“ ۾ آگري جي هِڪ ويشيا بازار جو هِڪُ چِتر ڏِنو اَٿم، ٻئين ننڍي ناول ”پيلي بتيءَ تي“ ۾ سانتاڪروز، بمبئيءَ جي هِڪَ بلو فِلم اَڏي جو نقش چِٽيو اَٿم ۽ ٽِئين ننڍي ناول ”ڪوٽ“ ۾ نيويارڪ جي گراسنگرس ۽ ڪنڪارڊ هوٽلن جو ذڪر ڪيو اَٿم ته اهي هوٽلون پُرُش ويشيائن جا اَڏا آهن.

ويشيائون ته ظاهر ظهور، کُليَل بازار ۾ ويهن ٿيون، ليڪن ڪي اَهڙيون عورتون به آهن، جي پنهنجا پتي ۽ پريوار هوندي گهرن جي پردن پٺيان اَهڙي هلت هلن ٿيون. هائو، مَرد ذات نامُراد آهي، پر مان سوچيندو آهيان ته اهي مرد آخر عورتن سان ئي ته خراب ٿِيَن ٿا. جيترا جَهڙا مرد خراب آهن، اوتريون تهڙيون عورتون خراب هجن ٿيون. در اَصل اَزل کان ئي مرد کي عورت وٽان ۽ عورت کي مرد وٽان اَهڙي کوٽ مِليَل آهي. ڇا هرويرو خراب ٿيڻ جي اها کوٽ آهي؟ شايد نه. شايد اهڙي کوٽ ڪري هيءَ جيوتِ جيئڻ لائق بڻجي ٿي، اَسين اَڪيلائپ ۾ ويهي آب وهايون ٿا ۽ وري اَسان جي چپن تي مُرڪ مڙي اچي ٿي. پر مرد ۽

۽ منهنجي عورت پڻ شايد ڄاڻي ٿي
تہ هوءَ مون سان هم بستر تہ ٿيندي رهي آهي
پر اسان پنهي جا ساهہ
اُتي اُڪنديءَ ۾ ڳڏوڳڏ ڪين کاڄندا رهيا آهن -
مرد ۽ عورت - ٻيئي
پنهنجي پنهنجي نموني
ڪرتڻ ورتڻ جوڳہ ڪندا ورتندا رهيا آهن.
جيڪڏهن اسين
پنهنجي پنهنجي ''خود'' وارن نرڳن منجهان
ٻاهر نڪرڻ جو فيصلو بہ ڪريون،
۽ جدا جدا ڪيترن ۾ سرگرم بہ ٿي وڃون،
تڏهن بہ
اسانجون آتم ڪٿائون سچيون نہ هونديون -
تو ڪي ۽ مون ڪي
پنهنجي پنهنجي ليکي
داخلي طور جدا جدا سبب آهن
تہ اسين هڪ ٻئي جي زندگيءَ مان
ڇو ۽ ڪيئن ٻاهر نڪري وياسين.
(آتم ڪٿا جي ناليءِ ۾ سچ ڪٿي آهي ؟)

□□

It has been discovered that the universal favourite four-letter word has been used by the *Independent* and the *Observer* 232 times in one year, while the *Guardian* fell a bit short with 227 repeats of the *eff* word. The Booker Prize-winner James Kelman used 4,000 expletives. Who the (expletive deleted) bothers anyway? - from a report

□□

شايد اها داخليت آتم ڪٿا ڪي ئي آتم ڪٿا بڻائي ٿي اڄ جڏهن مان پنهنجي ٻالپڻ جي ڏينهن ڏانهن پٺيان نهاريان ٿو، تہ مونکي لڳي ٿو تہ منهنجي مامي ساڌورام جي پيٽرومئڪس گولن سان روشن ٿيل ويشيائن جي ڪوٺن اندر ڇوڏاري نهيل ننڍين ننڍين ڪوٺين ۾ اونده هوندي هئي. يا شايد نہ هوندي هئي. هاڻي سوچيان ٿو، انهن ننڍين ننڍين ڪوٺين ۾ تيل جون ننڍيون ننڍيون ڏيائيون ٻرنديون هيون. ڏنن هيئان اُهي ڏٻليون (اهو فقرو پوپٽي هيرانندائيءَ جي مهربانيءَ سان) جڏهن

هو نور محمد ...“ ان ڪانپوءِ هن صاحب پنهنجي ۽ موتي جڳتياڻيءَ جي رشتي تي ڪا وڌيڪ روشني نہ وڌي آهي. يا هري دلگير پنهنجي آتم ڪٿا ”چولو منهنجو چڪ ۾“ (١٩٨٧) ۾ ڄاڻايو آهي، ”ڪاليج جي دور ۾، اڪيلو ئي اڪيلو گهمندي، شهر جي بدنام ايراضيءَ ۾ وڃي نڪتس. هيڏانهن هوڏانهن نظر ڪري ڏٺم تہ جوان ۽ ڪرڙوڊ ويشيائون ڀاڻ ڪي سينگاري بالڪنين ۾، گهرن جي دروازن ٻاهران گراهڪن جي اِنتظار ۾ ويٺيون هيون. اُن وقت شام جا اٺ ڪن لڳا هئا، يعني اڃا سوير هئي، گراهڪ ڪجهہ دير سان ايندا هئا. مون هنن ڏانهن ڏٺو، تہ هنن بہ مرڪي اِشارو ڪيو تہ هليو آءُ، پر مان ڊپ جو ماريو پٺ ڀائي ڀڳس. مونکي تہ اهو بہ خوف هو تہ ڪوئي واقفڪار نہ ڏسي وٺيم. انهيءَ ڊپ جي باوجود، ٻہ دفعا وري بہ اوڏانهن اڪيلو گهمڻ ويو هوس ۽ هر بار، اڳي وانگر، ڊوڙي واپس آيو هوس.“ هتي هيءُ صاحب چوي ٿو تہ هو اڪيلو ئي اڪيلو گهمندي شهر جي بدنام بستيءَ ۾ وڃي نڪتو ۽ ڪيس اها بہ ڄاڻ هئي تہ ”(ويشيائن جا) گراهڪ ڪجهہ دير سان ايندا هئا“.

نئين ڀانڪ جي ڳالهہ ٻي آهي، پر پُراڻو ڀانڪ سمجهي ويندو آهي تہ حقيقت ۾ ڳالهہ ڇا رَهي هوندي. ليکڪ ۽ ڀانڪ جي اَهڙي سماڳم وقت پُراڻو آزمودگار ڀانڪ وَڌيڪ ڪُڇ ڄاڻڻ جي تقاضا نہ ڪندو آهي ڇاڪاڻ تہ ڪيس خبر آهي تہ اِهو اِئين ٿيندو آهي، اَهڙي وَقت تي ليکڪ ڀاڻ ڪڍائي ويندو آهي، سندسِ ترپتي ٻنهي جي سماڳم يا ”گڏوگڏ اَچڻ“ سان ٿي ويندي آهي. ڪيس ڄاڻ آهي تہ ليکڪ اِن کان وَڌيڪ ”اَچي“ نٿو سَگهي. اِهو نئون نئون ڀانڪ ئي آهي، جو مهاراشٽري پراڪرت ۾ لِکيل ”گاٿا سپتشتي“ ۾ وَرنن ڪَيل نوَوڍا (نئين نئين شادي ڪَيل) نائڪا وانگي اَڪين ۾ سوال کڻي ڏسندو رَهجي ويندو آهي. ڪيس وَڌيڪ ڄاڻڻ جي اُڪير هوندي آهي، پَرَ ليکڪ مهاشيہ اُن کان وَڌيڪ ٻڌائي نہ سگهندو آهي. اَهڙو ڀانڪ ڀاڻ ڪي

عورت جي اِن باهمي رِشتي ۾ اِهو ڏِسڻ گهُرجيئون تہ ڪنهن ٻئي مَرد سان يا ٻيءَ عورت سان دوکو نہ ٿِئي، يا اوترو دوکو ٿئي جيترو اُهو ٻيو مرد پاڻ بہ دوکو ڪري ٿو يا اُها ٻي عورت پاڻ بہ دوکو ڪري ٿي.

در اَصل، ڪنهن بہ آتم ڪٿا ۾ يا آتم ڪٿا جي ناليءَ ۾ ڪيل ڪنهن بہ رچنا ۾ آتم ڪٿا لِکندڙ جي زندگيءَ جو سمُورو سَچُ نٿو ٿي سگهي. ساهِتيہ جي ان شاخ جي اها محدودگي آهي تہ ان ۾ اَندر جو سمورو سَچُ، پوئين زندگيءَ جون سڀئي قبيح حقيقتون اُن ۾ درج ٿي نٿيون سگهن. اوڏانهن ڪي اِشارا ٿي سگهن ٿا. اَسين هر پَل، هرگهڙيءَ الاجي ڇا ڇا سوچيون ٿا، ڪريون ٿا، اِنڪري زندگيءَ جو سمورو اَحوال ان جي محدود صفحن ۾ اَچي نٿو سگهي. هرڪو ماڻهو پنهنجي من جي ورتين جي سمپورڻ ڪٿا ان ۾ڪونہ ٻُڌائي سگهندو. اِن ڏس ۾ موجوده زماني ۾ مهاتما گانڌيءَ جي آتم ڪٿا ”ستيہ سان منهنجا پريوگ“ جو نالو بار بار ورتو ويندو آهي. اِن ۾ هن صاحب گهڻو ڪجهہ ظاهر ڪيو آهي. ليڪن ان گهٽي ڪجهہ مان ڪجهہ ڪجهہ ائين لڳي ٿو تہ گهڻو ڪجهہ لڪايو پڻ اٿائين.

وڏي عمر ۾ اچي ڪن ماڻهن پنهنجين آتم ڪٿائن ۾ پنهنجي پنهنجي شخصي زندگيءَ جا ڪي سچا داستان ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر اُهي بہ عين وقت تي ”ستيم“ سان گڏوگڏ ”سندرم“ ۽ ”شوَم“ جو خيال ڪندي پاڻ ڪيائي ويا آهن. مثال طور، نارائڻداس رتنمل ملڪاڻيءَ پنهنجي آتم ڪٿا ”نرالي زندگي“ (١٩٧٣) ۾ لکيو آهي، ”تن ڏينهن ۾ ڪاليج ۾ انڪل ٽي سو ڇوڪرا هئا تن جي وچ ۾ فقط ٻہ ڇوڪريون هيون. هڪ ڪرستان ۽ ٻي پارسي. ڪلاس شروع ٿئي ۽ اُهي اڳئين بينچ تي اسان کي پٺيرو ڪري وهنديون هيون. اڪ ڪٽي يا اڪ ٽيڏي ڪري ساڻن اڪ وچرائڻ سٺي ڇوڪريءَ لاءِ ٺيڪ نہ هو، سو ڇوڪرا ڇوڪرن کي پيار ڪندا هئا. هڪ موتي جڳتياڻيءَ سان رستو هوم. پوءِ وچي مسلمان ٿيو ۽ سندس نالو

ڳ الڳ ڪنديون هيون ۽ گرميءَ جي مُند ۾ رات جو انهن
رڪن جي برامدن ۾ مڙني ڪٽنبن پريوارن جون کٽون ڪٽن
رسان وڇائجي وينديون هيون. ڀرسان واري گهر جي هيميءَ
ي کٽ ڀرسان منهنجي کٽ کي جڳهه ملندي هئي. هيميءَ جي
ي پاسي سندس گهوٽ ڏولوءَ جي کٽ هوندي هئي. اُتي ڏولوءَ
ي کٽ اِن ڪري پوندي هئي جو سندس (ڏولوءَ جي) ٻئي
اسي وري ڪنهن جوان جماڻ مرد جي کٽ هوندي هئي. سندس
ٽ ۽ هيميءَ جي کٽ جي وچ ۾ ڏولوءَ جي کٽ جو هجڻ
ضروري هو.

کٽ ڀرسان کٽ واري اها تصوير منهنجي ذهن ۾ اڃا تائين
ازه رهي آهي. اِن ڪري مونکي اِهو به ياد رهيو آهي ته اُنهن
ڏينهن ۾ مان هيميءَ کي گهر ۾ هندي پاڙهيندو هوس. نه ته
و نئين تڏهن مان گهڻن کي ئي هندي سيکاريندو هوس ۽ اُنهن
ا چهرا مونکان وسري ويا آهن. ڪمار نگر ڏوليا ۾ راشٽر ڀاشا
ڪوود جو اِمتحان پاس ڪري اسين ٻيئي- منهنجو ننڍو ڀاءُ نند
ل ۽ مان راشٽر ڀاشا هنديءَ جا ڪلاس هلائيندا هئاسين. اسان
و پتا راشٽر ڀاشا هنديءَ جا اِمتحان ڏيارڻ لاءِ ڪيندر وِيوَسٿاپڪ
و. هڪ دفعي راشٽر ڀاشا پرچار سمتي وردا جو پريڪشا منتري
ري راميشور ديال دبي ۽ پرانتڪ راشٽر ڀاشا سمتيءَ جو منتري
ري پنڊريناٿ مُڪُند ڊانگي اسانجي هندي اِسڪول ۾ آيا هئا
اسان جو ڪم ڏسي خوش ٿيا هئا. شري دُبي اِسڪول وزٽر
وڪ تي لکيو هو، ”ڪشور اوسٿا جي ڇائنٽ جي هِن پار ۽ هُن
ار وارا به ڇوڪر ذميواريءَ جو ڪم ڪيئن سنڀالي سگهن ٿا،
يءَ اِسڪول اُن جو آدرش نمونو آهي.“

هتي اِهو پرسنگ نڪتو آهي ته اُن کي پورو ڪريان.
نهن ڏينهن ۾ پوني مان شري پنڊريناٿ مُڪُند ڊانگي جي
مپادن هيٺ ”جنم ڀارتي“ نالي هندي ماهوار نڪرندي هئي.
ن جو اپريل - ميءِ ١٩٥١ انڪ ۾ منهنجي هڪ لَگهُوَ ڪٿا
”جهڙو سنگ، تهڙو رنگ“ شايع ٿي هئي. اُنم ۾ ڏيڪاريل هو ته

نوَوِدا وانگي ٽٽل - ٽٽل محسوس ڪندو آهي. ”گاٿا سپتشتي“ ۾ سندس چتر هِن ريت ڏنل آهي:

اِن ڪان آڻڃاڻ تہ اِهو سماگم
ڪيئن پوُرو ٿيندو،
نوَوِدا پاڻ ”اَچڻ“ ڪان پوءِ
مٿي نِهاريِ گويا ڪيس چوَندي هجي
”اَچا ڪرِ ..... اَچا اَچ.“

□□

پنهنجي زندگيءَ جون صحيح سچيون ڳالهيون آتم ڪٿا ۾ نہ، پر ڪٿا ساهِتيہ ۾ ٻليءَ ٻِت ڪَري سگهجن ٿيون. ڪهاڻي يا ناوِل لِکندڙ ڪَهاڻي يا ناوِل جي ڪِردارن جي ڏارين نالن ۾ ڀهرِيائين پاڻ کي لِڪائي غير شخصي بڻجڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ آتم ڪٿاڪار پنهنجيءَ رچنا ۾ نالا نہ بدلائي پڻ پورن ريت شخصي نہ رهي سگهندو آهي، گهٽين حالتن ۾ (خاص ڪري انهن حالتن ۾ جڏهن هو پنهنجي شخص کي وڏيڪ ۽ وڏيڪ اُگهاڙڻ چاهيندو آهي) نالا پڻ بدلائي ڇڏيندو آهي، ساڳئي ماڻ-ماپ جا گول مول ٿيل نوان نالا ڏيندو آهي. هتي بہ جيڪڏهن ڪيمي هيمي ٿي ويئي هجي يا لالو ڊولو بڻجي ويو هجي تہ ان کي آتم ڪٿا صنف جي تقاضا ڪري پائنيندا، ڇاڪاڻ تہ مان ڪيمي ۽ لالوءِ لاءِ اهڙيون اِسٿتيون پئدا ڪرڻ نٿو چاهيان، جن ۾ کين ڪا شرمندگي محسوس ٿئي. ڪي ڳالهيون گونگن جو ڳڙ آهن. گونگا کائين ڳڙ، کائين ۽ مشڪن، اُن جي مٺي سواد جو ورنن نہ ڪري سگهن ....

چوڏهن سادِن-چوڏهن سالن جي عمر ۾، ڪشور، اوسٿا ۾ ڪمارنگر ڏوليا جي ڏينهن واري ڳالهہ آهي. تڏهن مان لسراٽ ڇوڪرو هوس، اچا مچن جي ريهہ مس آئي هئي. اسين اُتي پرشارٿي ڪئمپ جي بئرڪن ۾ رهندا هئاسين. سنان گهر ۽ ڪاڪوس بئرڪن کان پريرو جدا نهيل هئا. ڪاٺ جي چوَڪٺن ۾ ٽاٽ لڳل ديوارون بئرڪن ۾ رهندڙ ڪٽنبن پريوار وارن کي

۾ ناول پڙهندي رهندي هئي ۽ هِتي ڀارت ۾ اَچي هِندي
سِکڻ لڳي. ملڪ جي وِرهاڱي کان پوءِ سِنڌ مان لڏ پلاڻ کان
اَڳ هيميءَ جي مائٽن پنهنجو بارُ هلڪو ڪرڻ واسطي
سندس شادي تڙ تَڪڙ ۾ ڏولوءَ سان ڪرائي ڇڏي هئي. ڏولوءَ
جي ڀھرين پتني؟ هوءَ هيميءَ جي وڏي ڀيڻ هئي. وَڏي ڀيڻ
مري ويئي تہ ننڍي ڀيڻ اَچي سنديس جاءِ ڀري وَرتي. ملڪ
جي وِرهاڱي ڪري سِنڌي جيوَت ۾ گھڻيئي وِڪار پئدا ٿيا.
هونئن اِهي ڳالهيون اَڳي پڻ هلنديون هيون. پر تڙ تَڪڙ ۾
پنهنجي پڙهِيل ڳُڙهيل، سهڻي سندر ڀين ڏيءَ کي پڻ ساڳئي
ماڻهوءَ کي سوُنپي ڇڏجي، سا اَهڙي وِڪرتي هئي، جا مُلڪ
جي وِرهاڱي ڪري پيدا ٿيل وِڪرتين ۾ پنهنجو متُ پاڻ
هئي. وِرهاڱي روح تي ئي زخم نہ ڪيو هو، پر تن بدن کي
پڻ گھائي ڇڏيو هو.

”اَڄ رات تون مون کي اَڪيلو نہ ڇڏ .... سيئي اَندرِ
ڪمرَن ۾ وَڃي سُمهيا آهِن،“ هيميءَ چيو. سندس آواز ۾
ڪڇ ريگستان جي پياس هئي.

”اڄ بہ ماسڙ پنهنجي ڇوڪري سان گڏ پنهنجي دڪان
۾ ڳوٺين جي پردي ڏنل پٺئين حصي ۾ ويو هو،“ مون چيو،
مان ڏولوءَ کي ”ماسڙ“ ۽ هيميءَ کي ”ماسي“ چوندو هوس.

ڏولوءَ جي معشوق ڇوڪري واري سوچنا هيميءَ جي تن
۾ ڪڇ ريگستان جي پکيڙ وڌائي ڇڏي. منهنجي آواز ۾ پڻ ٿر
رڻپٽ جي اُڄ پرگھٽ ٿيڻ لڳي، ڪن ۾ ڪڇ ۽ ٿر جا رڻ هڪ
ياڪر ۾ پرجي ويا.

ماڻهو چون ٿا، اُن رات اُن جڳهہ تي طوفان ۽ وسڪارا
نہ ٿيا هئا، ٻئي ڏينهن جي مڪاني اخبارن ۾ پڻ اهڙي ڪا
خبر شايع نہ ٿي هئي. تہ ڇا اُن رات وڻ کي اُکوڙي ڪيرائيندڙ
آنڌي نہ آئي هئي؟ تہ ڇا اُن رات نديءَ ۾ ٻوڏ آڻيندڙ برسات
نہ پيئي هئي؟ شايد اُها خيالات جي آنڌي هوندي، جا ٻن
دلين ۾ ٿي هوندي ۽ پوءِ ريت نيت جو وڻ ڪري پيو هوندو

سمنڊ جو ڪارو پاڻي ٻاڦ ٿي بادل ٿيءِ وڃڻ کان پوءِ آسمان جو سنگ ڪري ٿو ۽ مِٺو پاڻي بڻجي ٿو ... هيمي مونسان گڏ رهي ڪري ايتري هندي سکي ويئي هئي جو هن ”جئه پارتي“ ۾ اها ننڍي ڪهاڻي پڙهي، اِن انڪ جي صفحي نمبر ٢٢٣ کي الاجي گهڻا دفعا چميو ۽ وات جو ذائقو بدلايائين.

ڪمارنگر ڊوليا ۾ هڪ رات اوچتو ئي وڏو طوفان آيو ۽ وسڪارا پوڻ لڳا. ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ ڪامي رهي هئي. ڪن پل لاءِ اُجالو ٿي ٿي ويو. ليڪن وري ساڳي اونده! اُها اونده وڌيڪ گهري ٿي لڳي. اُن اونده ۾ سيني لاءِ گڏيل سنان گهرن ۽ ڪاڪوسن پرسان ۾ جٽا پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويا.

هيميءَ چيو، ”مان آهيان .... گهبراءِ نه ...مون توکي هن پاسي ويندي ڏٺو، ته تنهنجي پٺيان پٺيان هلي آيس ....“

مون چيو، ”گهور اونده آهي ...“ ۽ مان اُن رات اُن گهڙيءَ هونيءَ جو اِنتظار ڪرڻ لڳس. مون کي خبر هئي، هن پيري مان بچي نٿي سگهيس.

هوءَ پنجويهن ڇويهن سالن جي هئي، ڦوهه جوانيءَ ۾. سندرتا جي منهنجي ڪلپنا سان بنهه نهڪي ايندڙ! هوءَ ڊولوءَ جي ڀين پتني هئي. ڊولو ڦلعيءَ وارو هو، هو باسڻ ڦلعي ڪري اُنهن کي چمڪائي چڏيندو هو، پر پاڻ شڪل ۾ ملوڪ هوندي به ميرو ميرو رهندو هو. ڪجهه ڪُجهه صوفي طبيعت جو هو. جيئن نٿي جي رهاڪوُ سرمد جو اَپي چند نالي محبوب هِندوُ ڇوڪِرو هو يا روهڙي نِواسي بيدِل جو به هِڪ معشوق لوندو هو، تيئن ڊولوءَ جو به ڪو ڇوڪِرو هو جنهنکي هوُ ملائي ربڙي کارائيندو هو، پوءِ بيشڪ هوُ پاڻ بُکيو رهجي وڃي. ڇوڪري سان پيار واري ڳالهه اَصل ۾ يوناني هئي، پوءِ ايران ۽ ڀين هنڌن تي ظاهِر ٿي.

هِڪ دفعي هيميءَ ٻڌايو ته سندسِ پتي ڊولو رات جو آفيم کائي سُمهي پوندو هو. هيمي پاڻ اَهي اُجري، سيبي پرت ۾ هوشيار، حساس دِل واري هئي. هوءَ سِنڌيءَ

ڇا برهم آنند اُنکان ڪو الڳ آنند آهي؟ ڇا سيڪس
سماڌيءَ تائين واري ياترا اهڙي ئي ياترا آهي؟
□

اَڳتي هلي مون هيميءَ کي ڪٿي ''طوفان ۽ برسات
رات'' عنوان سان هڪ ڪهاڻي لکي، جا جڳت آڏواڻيءَ
''ڪهاڻي'' رسالي ۾ شايع ٿي. ليڪن جيئن ته اُن
ا ۾ ڪٿيه (Texture) ۽ شلپ (Structure) ڪير-نير جيان
ڏ ڪونه هئا، ٻئي ڪير جيان جُدا جُدا هئا، مون اُنکي
نجي پهرين ڪهاڻي ڪري ڪڏهن نه قبوليو، خارج ڪري
يو. ٻي ڳالهه اِها هئي ته اِن نام-نهاد ڪهاڻيءَ ۾
ميءَ جو اَصلي روپ ڪونه هو، ساهتيه جي آئيني ۾
ڙي آئيني ۾ جنهنتي منهنجي اَڻ-پوري اَحساس جي
وري چاندي چڙهيل هئي) ڏنلُ آدرشوادي روپ هو.
تازو، مان ورنداوَن ويو هوس. اُتي مون هڪ ڪٿا
..... ۽ اُها ڪٿا اَسان مان گهڻن ئي ٻڌي آهي. سنڌيءَ
نارائڻ شيام ۽ هنديءَ جي وِديا نِواس مِشر پڻ ٻڌي
ي. هڪ دفعي راڌا خوب سينگار ڪري پنهنجو چهرو
ني ۾ ڏسي رهي هئي ۽ سوچي رهي هئي ته مان
شن کي سُٺي لڳنديس يا نه. ايتري ۾ مٿان ڪرشن اَچي
۽ راڌا جي پٺيان بيهي ڪيس آئيني ۾ ڏسڻ لڳو. راڌا
ني مان ئي پٺيان بيٺل ڪرشن کي ڏٺو ۽ محسوس
ائين ته هوءَ ڪرشن کي ڏاڍي سُٺي لڳي رهي هئي.
ن گهڙيءَ راڌا کي اِهو اَحساس ٿيو ته هوءَ آئيني ۾
تد سندر (للت) آهي ته هوءَ پاڻ کي سنڀالي نه سگهي،
يا هيڻ (بي هوش) ٿي ويئي. ۽ هن لاءِ اُها گهڙي وقت
وَهڪري ۾ اُن هنڌ تي بيهجي ويئي، Freeze ٿي
ي. اُن گهڙيءَ راڌا لاءِ ڪرشن دئاران ڏنل سندس روپ راڌا
نه، للتا جو بڻجي پيو؛ راڌا للتا بڻجي پيئي. ۽
ن کان اُها للتا راڌا جي سکي يا ساهيڙي بڻجي پيئي.

۽ ٻن ڪنارن جي وچ وهندڙ نديءَ ۾ ٻوڏ آئي هوندي ۽ ڪنارا ٽٽي پيا هوندا. ۽ اُها طوفان ۽ برسات واري رات اُتي جلد جلد ايندي رهي هئي.

ليڪن مون هيميءَ کي اِهو ڪڏهن ڪين ٻڌايو ته مان ئي ڍولڻءَ جو اُهو محبوب ڇوڪرو هوس، جنهن کي هو پاڻ پنهنجي پيٽ تي پٽي ٻڌي ڏينهن جو ملائي ربڙي کارائيندو هو. مون ڍولڻءَ کي به اِها ڳالهه ڪين ٻڌائي ته هيميءَ سان منهنجو اهڙو رشتو هو. شايد ٻنهي کي ٻنهي ڳالهين جي سُڌ هئي. هونئن مان اِن باري ۾ پڪ سان ڪجهه چئي نٿو سگهان.

هاڻي پليان نهاري مان سمجهان ٿو ته اُهي ٻيئي مون کي ”يوز“ ڪندا هئا. ليڪن اُنهن ڏينهن ۾ اِئين لڳندو هو، مان ٻنهي جو بيحد فائدو وٺي رهيو آهيان؛ رنگه رنگيلي دنيا جا اُهي ٻئي رنگ هئا، جي مان ماڻي رهيو آهيان. منهنجي هڪ پاڻ ۾ پرش ۽ اِستري جا ٻيئي ڪردار گڏجي هڪ ٿي رهيا هئا. جيئن اَرڌ ناريشور (Androgyne) جي مورتيءَ جي ٻن اڌن ۾ شِو ۽ پارپتي ملي هڪ ٿين ٿا، تيئن منهنجي هڪ اڌ پاسي ڍولو هو ۽ ٻئي اَڌ پاسي هيمي هئي.

حقيقت ۾ اسين ٽيئي پنهنجي پنهنجي شرير مان ئي مزو وٺندا هئاسين. ڍولڻءَ ڪڏهن به مون سان ’سوڊومي‘ نه ڪئي، ڇاڪاڻ ته اُن لاءِ سندس انگه ۾ جيڪا چستي کپندي هئي، سا منجهس ڪڏهن نه آئي، ۽ هيميءَ مون سان ڪڏهن به ’انٽرڪورس‘ نه ڪيو ڇاڪاڻ ته هن لاءِ اهو ڪجهه ڪرڻ پاپ جي پريڀاشا ۾ ٿي آيو. اسين ڳل ڳلن سان لائي، ڇاتي ڇاتيءَ سان ملائي، ڇاتيءَ جون ٻنڊيون ٻنڊين سان ڇُهائي، دن هيٺان کي دن هيٺان سان گڏي، اُن ڪانپوءِ ڪڏهن ٻِهن تي بيهي ته ڪڏهن گوڏا ڪوڙي، واسنا ۽ پريم / تن ۽ من جي هڪ عجيب ميلاپ ۾ هيٺ لهي، مٿي اُڀرندا هئاسين. اُن جَهنجَهناهٽ ۾ اسان جون اکيون پوريل هونديون هيون ۽ مٿا مٿي مٿي ڪجهي اَڳتي ڍلتي ڪرندا هئا.

زمين تي رهندي به
زمين کي پنهنجي دل اَندر جاءِ نہ ڏيئي سگهيو آهيان
ديوارن جي اَندر محفوظ هوندي بہ
هميشہ پاڻ کي
کليل سڙکن تي سمهيل محسوس ڪيو اَٿم.
۽ ساڳئي نظم ۾ هڪ هنڌ چيائين.
نہ زمين تي پُختو آهيان
نہ هوا ۾ لٽڪيلُ
آهيان الاجي آهيان ئي ڪونہ
منهنجو وجُود ڇامي
نہ تصوف، نہ ويدانت
ڪوئي ساٿ نٿو ڏئي
تاريخ تہ ڇڻ
پنجن هزارن سالن جي تبديلين جو
وڏي ۾ وڏو بڪہ
مونکي بڻايو آهي.

لڪين ماڻهو پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي، سِنڌ مان لڏي ۾ آيا. هِڪ ئي اَڱڻ ۾ رهندڙ پاڙن مان ڪو ڪيڏانهن تہ ڪو ڪيڏانهن. سڀ پنهنجي ناڻي نِڪاڻي جي ڳولها ـلا هئا. ياد ٿو اَچيم، اَسين جڏهن ديولالي ڪئمپ ۾ ا هئاسين تہ منهنجي ماسي ميٺي مونکي مڌيہ پرديش ۾ ـور صاحب جي دربار ۾ وٺي ويئي. ”مامي نهروءَ“ جي جي ريل گاڏي هئي، ڪا ٽڪيٽ وغيره نہ ورتي هئائين. اَسين واپس ديولالي پهتاسين تہ هُن پاڻ لاءِ پَڌرائي ”مان تہ وڃي آنندپور ۾ رهنديَسِ ...“

ماسي ميٺي اُتي وڃي رهي ۽ ماسڙ مينگهراج هارن دهليءَ هليو ويو. ماسڙن مان ڪو ڪٿي، تہ ڪو ڪٿي. ءَ ريت، هڪ چاچو بنارس ۾ تہ ٻيو چاچو چيمبور بمبئيءَ ۾. ڪمار نگر ڌوليا ۾ هئاسين تہ منهنجي پتا پنهنجي

جيون ۽ ساهتيه ۾ پڻ ساڳيو ئي وگره آهي. جيوَن راڌا آهي. ساهتيه للِتا آهي. اِهوئي سبب آهي ته ساهتيه هڪ للِت ڪلا آهي. اَحساس جي آئيني اَڳيان اَچي ڪري جيون پنهنجي سنگيا (جيون) کوهي ۾ي سنگيا (ساهتيه) حاصل ڪري ٿو. راڌا للِتا بڻجي ٿي. اِهو جو چوندا آهِن ته ساهتيه سماج جو آئينو آهي، سو اِن ريت آئينو آهي.

مون وَٽ هيمي اَچا راڌا روپ ۾ آهي. هوءَ اَچا لِلتا روُپ نه بڻجي سگهي آهي.

□□

ديولالي ۾ ڪُمار نگر ڏولِيا وارِيُن پُرُشارٿي ڪئمپن ۾ اَسان پنهنجي زندگي ڪيئن گذاري، ڇا اُنجو سمورو سچُ بيان ٿي سگهي ٿو؟

جڏهن مهاتما گانڌي هِندستان جي سيني رهواسِيُن کي، سيني ڌرمن ۽ مذهبن کي هِڪَ سمان سمجهڻ جي سِکيا ڏيئي رهيو هو، تڏهن هِن مُلڪ جو ورهاڱو تنگ مذهب جي آڌار تي ٿيو. اَسان سِنڌيُن جي ڀونءِ صوفي سنتن جي واٽيءَ ڪري جڳان جُڳ مشهور هئي. ليڪِن اِها ڀونءِ ئي اِن ورهاڱي جو وڏو ٻڪرُ بڻي. پنجاب ۽ بنگال جا حصا ورهاڱي ڪانپوءِ ٻنهي مُلڪن ۾ رهيا، پر سِنڌ سموري هِڪَ ئي مُلڪَ پاڪستان جو حِصو بڻي. گهڻو پوءِ وِرهاڱي جي اِن درد کي ٻين سِنڌي شاعرن جيان پريوُ وفا ۽ اَرجن 'شاد' به واڻي ڏني. پريوُ وفا پنهنجي هِڪَ پنجڪڙي ۾ چيو،

جُدا ٿيل آهه اَنگ کان اَنگ
جيئن اڌ بيت جي هِڪڙي سِٽ
وئي وڇڙي جنهن کان ٻي سِٽ
ٽٽي ويو ٻن ڪافين جو سنگ
جُدا ٿيل آهه اَنگ کان اَنگ.

۽ اَرجن 'شاد' ڪُمارنگر ڏوليا ۾ ''ڪُليل سڙڪن تي سُمهڻ'' واري منظر کي منهنجي ذهن ۾ تازه ڪندي چيو،

ڪٿا جي نالي ۾'' هو. پنج سال کن اڳ ''سنگيتا'' مخزن جي جنهن جون-جولاءِ ١٩٩٢ واري انڪ ۾ هيءُ باب هِن ڪتابي صورت ۾ اچڻ کان اڳ شايع ٿيو هو، تنهن ۾ پڻ اُنجو اِهو سِرو ڏنل هو. اِهو تہ مون اَلاجي ڇا سوچي پريس ۾ هيءُ ڪتاب ڇپجندي ڇپجندي پروُف اِسٽيج تي اُنجو سِرو بدلائي ''وِرهاڱي جا راڱا'' ڪري ڇڏيو ۽ اُنجي پٺيان اُن سان ٺهڪندڙ هِڪ ٻي ٻالهہ جوڙي ڇڏيم.

اِن وچ ۾ ''سِپون'' مخزن جو جنوري-مارچ ١٩٩٣ پرچو پهتو اٿم. اُن ۾ هري دلگير پنهنجي دائري مان هِڪُ ورق ڏنو آهي، جنهن ۾ هن صاحب ڪارڊينل رچيليو جو رايو ڏنو آهي تہ ''جيڪڏهن توهين مونکي دنيا ۾ سڀ کان ايماندار شخص جون صرف ڇهہ لڪيل سٽون ڏيندا تہ مان اُنهن مان ايترو مواد ڳولهي سگهندس جو ڪيس سهوليت سان ڦاهيءَ چاڙهائي سگهندس.'' .... ۽ پوءِ 'سنگيتا' جي مذڪور انڪ ۾ منهنجو اُٿاريل سوال دوهرايو اٿائين، ''تہ ڇا جيڪي بہ آتم ڪٿائون آهن، سي سڀ ڪوڙيون آهن، يا اُنهن جي سڀ ۾ ڪوڙ جا بہ جُزا آهن؟''

□□

اسڪول جي اڱڻ ۾ چيٽي چنڊ (١٩٥٢) جي موقعي تي هڪ ننڍڙو مشاعرو آيوجت ڪيو. ان مشاعري ۾ اُلهاس نگر مان پرسرام روهڙا ”نماڻو“ ۽ پرسرام ”ضيا“ اچي ڀاڱو ورتو.

هڪ پرسرام (نماڻي صاحب) سنڌين جي ان وقت واري حالت جو نقش چٽيندي پيڙا وچان چيو،

جن ڏنو آزاديءَ ليءِ پيٽ تن من وطن،
دربدرا ۽ بي اَجهي رهندا اُهي ڪيسين ڀلا ؟

۽ ٻئي پرسرام (ضيا صاحب) نرواسي ڪئمپ جو هڪ چٽر پيش ڪيو. پوهوءَ ماه ناليءِ هڪ مائي ڪئمپ جي عام نل پرسان ويهي ڪپڙا ڌوئي رهي آهي ۽ سندس ڪپڙن ڌوئڻ جي سوٽيءَ جي سَٽ-سَٽ ضيا صاحب جي شعر جي رڪنن مان صاف ٻڌي سگهجي ٿي. هوءَ سوٽيءَ سان ڪپڙا ٻه ڌوئي رهي آهي تہ انهن اڳوانن کي بد دعائون بہ ڏيئي رهي آهي، جن صبر تحمل کان ڪم نہ وٺي ملڪ جو ورهاڱو قبول ڪيو ۽ سنڌين کي دربدر ڪيو:

پٽي ٿي پوهوءَ ماه !
يارهين وارو پير پڄندن، لال سائين ڪا اُبتي هٽندن،
ڪئمپ ۾ آٽي ڪٺو ڪيائون، ڏيئي اٽي جو پاءُ ......

سنڌي ماڻهو انهن ڪئمپن ۾ ڪونہ رهيا. ڪين ڀارت جي جنهن شهر ۾ ٿانئيڪو روزگار ملندو ٿي ويو، اُهي اُتي وسندا ٿي ويا. اُهي ڀارت جي جدا جدا پرانتن ۾ ٽڙيِ پکڙيِ ويا. ١٩٥٢ ۾ منهنجي پتا کي لاجپت نگر نئين دهلي واري سنڌي اڪيڊيمي جي هيڊماستر عهدي لاءِ مقرريءَ لاءِ آرڊر پهتو. اسان ڌوليا مان لڏي اچي دهلي وسائي. تڏهن اهو اسڪول نئون کليو هو. هاڻي اهو اسڪول ڪافي گهڻو وڌيو ويجهيو آهي. بابا نيپراج سينئر سيڪنڊري اسڪول جي ناليءِ سان دهليءَ ۾ واحد سنڌي اسڪول جي روپ ۾ مشهور آهي.

□□

هن باب جو اصلي سِرو هن ڪتاب جي سِري پٽيان ”آتم

پوءِ، گهڻو پوءِ ڇو پرويش ڪري ٿو.
ڀاشا جو ساڌارڻ آڌياپڪ.
ڀارتي سنسڪرتيءَ جو آچاريه بڻجي:
۽ ڪنهن مخزن جو اُپ-سمپادڪ
اُن جي سهايڪ سمپادڪ جو ويس ڌاري
اَوَتار وٺن ٿا
۽ اُهي گهوڙا
سياگهر جي ريس ڪورس ۾
پنهنجن گهوڙائي ڇهرن تي
عينڪون چاڙهي
اَکيون ڦوتاڙي ۽ نَسون تاڻي
ڊوڙن ٿا. سُنب کڙڪائين ٿا
اوستائين
جيستائين سندن سَهج پَهچ ڪانهي.
اُهي
اوچتوئي
هِڪَ ئي وقت ڪوِتا، ڪهاڻي، ناٽڪ
۽ مَقالو رچڻ جي اَسهج شوق وچان
ڪَوِتا جي نالي ۾ چُٽڪلو
ڪهاڻيءَ جي نالي ۾ آکاڻي يا پنهنجي اِردگرد جي وارتا
ناٽڪ جي نالي ۾ تماشو
۽ مَقالي جي نالي ۾ اَخباري ليک
پيش ڪن ٿا:
پوءِ ته/ڪيتا اِنڪري لوڪ پريه بڻجي پوي ٿي
جو دروُپديءَ جا پنج پتي
مهاڀارت ۾ لڌا آهن
۽ قرآن اِنڪري چاهنا جو باعث ٿي پوي ٿو
جو اوُ هِڪَ کان وڌيڪ شاديون ڪرڻ جي
اِجازت ڏئي ٿو.
ـــ

۵

منهنجا ڪي دوست

پرت جو ناٽيہ شاستر
اَڄ اُداس آهي، بيحد اُداس
سوُترَڌارن / ڪَلا جي واپاريُن
نيلام ڪري ڇڏيا آهِن
وڏي واڪ تي وڏي واڪي
مِنت ميڙ ڪري گهُرايلَ
ميڙن ۾
اُنجا سِڌانت.
— —
ڪَوتا تہ ٿهيو
جا اُلٽ ڪَوِتا تي پيئي آهي
اَڄ
کيڏي رهيا آهِن اُلٽ ناٽڪ پُڻ
اُهي اُنجي عين نَڪ هيٺان -
اُنہ ڪري رهيو آهي
هيرو جي ڀومِڪا
ڪڏهن سائيڊ هيرو تہ ڪڏهن وِلين
۽ نَڪٿو نامداري
محض سوچي ٿو،
ڳالهائي نٿو، ڪڇ ڪري نٿو،
درشڪ مُنجهي پيا آهِن
تہ مَنچ تي
ڪَٿا نائڪ

پنهنجي پرِوارَن سان ڳالهيون نہ ڪَري سگهان ٿو، پَر روح رَچنديون نہ؛ ساٿن گڏ ڏينهن ۾ پنڌ تہ ڪري سگهان ٿو، ليڪن رات جون رِهاڻيون نہ ! در اَصل پنهنجي منپسند همسفر سان ئي ڏينهن جو روح رچنديون ۽ رات جو رِهاڻيون ٿي سگهن ٿيون. اِهو همسفر مونکي اَڳتي ڏسي پاڻ پنهنجي وِڪَ اَڳتي وَڌائي ٿو ۽ مونکي پُٺتي ڏسي ڪنهن ڏنل هڏل ڳالهہ تي گفتگوُ ڪرڻ لاءِ ترسي بيهي ٿو. هوُ حبيب بہ آهي، تہ رقيب بہ. هوُ مونکي اَڳتي وَڌڻ جي پريرڻا بہ ڏئي ٿو تہ ڪڏهن لِلڪار جو اَحساس بہ ڪرائي ٿو. جيڪڏهن مونکي پنهنجي ساهِتڪ ياترا ۾ اَڃا تائين پنڌ لڪايو ڪونهي، مان اَڃا ٿڪو يا جُهڪيو ناهِيان، تہ هريش واسواڻيءَ پارَن حبيبن/ رقيبن ڪري. شاهہ صاحب چيو آهي:

”رهنما رقيب، ساٿر صحت سپرين.“

منهنجو همسفر هريش واسواڻي مون لاءِ اَهڙو ئي ”رهنُما رقيب“ ٿي رهيو آهي. جيئن اُپيندر ناٿ اَشڪ لاءِ سعادت حسن منٽو دوست بہ هو، تہ دُشمن بہ، تيئن هو پڻ مون لاءِ آهي. بلاشڪ، هوُ ۽ مان هِڪ ٻئي کان سَوَنِ ڪِلوميٽرن جي مُفاصلي تي، پري پري رهندا رهِيا آهِيون: هوُ آديپور ۾ ۽ مان دهِليءَ ۾. پر هوُ هُتي ويهي جيڪي ڪجهہ لکي ٿو، سو مان هِتي پڙهڻ بنا رَهي نٿو سگهان. اِها ڳالهہ ٻي آهي تہ مان اُن سان شامِل راءِ آهِيان يا نہ. ساڳيءَ طرح، هِتي ويهي مان جيڪي ڀَنا ڪارا ڪريان ٿو، لڳيم ٿو تہ هو پڙهي ٿو... ۽ اُن لِکيل مان ڪڏهن ڪجهہ قبولي ٿو، ڪڏهن ڪجهہ نہ. مِثال طور، لعل پُشپ جي ڪِتاب ”لعل پُشپ: شخص ۽ ساهتڪار“ ۾ هريش واسواڻيءَ پنهنجي اَنگريزي ليک ”هُن جي آتم جو موُت“ ۾ منهنجي گهڻو اڳ لِکيل اَنگريزي ليک کي نہ صرف پڙهيو ۽ ٽِبوليو آهي، بلڪ اُنجو استعمال پڻ (منهنجو نالو کنئين بنا) ڪيو آهي. اَدب جي شاهراہ تي، اَسين نہ سهين، اَسان جا پاڇا اَوَس اَسان سان گڏ هلندا رهن ٿا.

اُهي پاتر ڪُپاتر
پنهنجي -پنهنجي مُکوٽي پُٺيان
مُشڪل ٿا
اَندر سڙن پَچرن ۽ ٻاهر ڪيڪارين ٿا
تہ اُهي پنهنجي اَهڙي واقفيت پاڻ نہ.
بلڪ سندن سوُتردار ڪرائي رهيا آهِن.
— —
اَڄ
اُداس آهي. بيحد اُداس
ناٽيہ شاستر وارو پَرت
پر
ڪيس اِنتظار آهي سُياڻي جو
جڏهن سندس جيون ڪال ۾ ئي
ڪال چڪر پورو ٿري ايندو
۽ هوُ اَندر ئي اَندر
اُداسيءَ جا بادل ميڙي
ڪِرجي اُٿندو
تہ اِهو سڀ اِئين نہ هلندو.
اِئين نہ هلندو.
(پَرت جو ناٽيہ شاستر اُداس آهي)

□□

The first principle is not being afraid of who you are ...... To be a warrior on the sacred path is to learn to be genuine in every moment of your life.

- *Chogyam Thungpa*

□□

ڪي مونسان بنهہ گڏ، قدم سان قدم مِلائي گڏ هلي رهِيا آهِن تہ ڪي وَري مونکان اَڳتي يا پُٺتي ساڳئي سفر ۾ گامزن آهِن. پوءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن اِئين ٿئي ٿو تہ مان

۱۹۳۰ ۾ ڇاپيو. ڪتابن جي نالن ۾ پهريون انگ سنڌس جنم جي سال سان ۽ ٻيون انگ اُنهن ڪتابن جي اِشاعت جي سال سان واسطو رکي ٿو. اِن طرح هُن ڪوتا، ڪهاڻي ۽ آلوچنا جي کيترن ۾ چڱو ڀاڱو ملهايو آهي. اِنهن ڪتابن ڪانسواءِ، هن جا ڪي ڪتاب سمپادن ٿيل آهن - جهڙوڪ ”شبد ۽ سنسڪرتي“ ۽ ”اَدبي تنقيد“. هن لاءِ بي.ايڇ. آڏواڻيءَ مذڪور ڪتاب صحيح ڇاپايو آهي ته ”هو صاحب جُدا جُدا ساهتيه اَڪادميُن ۽ سرڪاري ۽ ٻين ساهتڪ سنسٿائن طرفان آيوجت ڪيل سيمينارن ۾ پيپر پڙهڻ لاءِ صِدق وچان سڏايو ويندو آهي.“

اَڄ ڪالهه ٻين ٻولين وانگي سنڌيءَ کي به پنهنجي وِڪاس لاءِ اِمداد مِلي ٿي. سرڪاري/غير سرڪاري سنسٿائن جي تحت ڪيترائي سيمينار ۽ ڪانفرنسون ٿين ٿيون. اسين ٻيئي پنهنجي پنهنجي سفر ۾ هِڪَ ٻئي کان اَڳتي يا پُٺتي هجون، پر انهن سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ پنهنجو قدم وڌائي يا گهٽائي هِڪَ ٻئي سان ملندا رهيا آهيون. سنڌس چهري تي اهائي مُرڪ، جا گهڻو ڪُجهه لِڪائي سگهندي آهي، نمودار هوندي آهي. آپسي ڳالهه ٻولهه ۾ ساڳيا ”ها“ يا ”نه“ ۾ جواب. پر پوءِ اِن ريت اُها بچايل طاقت سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ شرڪت جي دوران سنڌس جاچنائن مان ظاهر ٿيندي آهي. تقرير وقت سنڌس چهرو ڳاڙهو، ڳچيءَ جون نسون تاڻيل ۽ سنڌس جُملا ۽ اُنهن جُملن کي ٻاهر آڻيندڙ ساهه دوُر تائين ڪڇيل هوندا آهن. لڳندو آهي ته هو سموُرو ڀاڱ اوتي رهيو آهي. سنڌس تقرير مان سنڌس ڳوُڙهي اَڀياس جي جاڻ مِلندي. هر هِڪ ڪامياب تقرير پُٺيان ڪو نه ڪو راز هوندو آهي. هريش جي ڪامياب تقرير جو راز آهي ته ته هوُ گهڻو ڪري مڙني ڳالهائيندڙن کان پوءِ ڳالهائڻ پسند ڪندو آهي، جيئن پڇاڙيءَ ۾ اَچي پنهنجن حبيب رقيبن کي سِنڌيءَ ۾ اَنگريزي لفظن جي ڀرمار سان مُتاثر ڪري سگهي.

فضا سان مان هتي پاڻ نگر ۾ سياسي ۽/يا اَدبي اقتدار جي مٿي ڪٽندڙ اوزارن (Power Levers) جي ويجهو آهيان. اِتفاق سان، هو انهن ڪان پري، آديپور جهڙي هڪ قصبي ۾ آهي. هو سِنڌي ٻولي ۽ اَدب جو اُستاد پڻ ناهي. هو اُتي جنهن ’تولاڻي ڪاليج آف آرٽس اَئِنڊ سائِنس‘ ۾ راڄنيتي شاستر جو اَڌياپڪ آهي، اُهو وِشيه اڃوڪي زندگيءَ سان سِڌو واسطو رکي ٿو. اِنڪري هو اَدب سان اَڻ-سِڌي نموني وابسته آهي. پر پوءِ به سنڌي ٻولي ۽ ادب سان سندس واقفيت اَڻ-سِڌي ناهي. سچ پڇ ته اِها سُڃاڻپ سِڌي ۽ چِٽي آهي. ڪيس ڏِسي لڳندو اَٿم ته اسين ڪهڙي جڳهه تي به هجون، اُن جڳهه کي ڪائنات جو مرڪز بڻائي سگهون ٿا. بيوس اَسانکي ٻڌايو آهي :

منڊل ڪٽندا وتن تارا جُڳن کان خال ۾ ڪرندا،
جتي هر جاءِ مرڪز ٿيو، اُتي گهيرو وري ڇا جو؟

ڦوهه جوانيءَ کان، تز حقيقت طور ١٩٥٩ کان، هريش آديپور ۾ رهندو آيو آهي. آديپور سندس شخصي زندگيءَ جو ئي نه، بلڪ سِنڌي اَدبي سرگرمين جو پڻ مرڪز ٿي رهيو آهي. اُتي ڀن ڪانسِواءِ هوندراج دُکايل، هري درياني ’دِلگير‘ ۽ (هاڻي) لکمي کِلاڻي ۽ ستيش روهڙا به آهن. روايت ۽ جدت، ۽ روايت کي سُڌاريندڙ جدت ۽ جدت کي صحيح رستو ڏيکاريندڙ صحيح روايت - اُتي اهي سڀ موجود آهن.

هريش ليک کان هتيل سِنڌي اَديب آهي. ڪتابن جي مواد ۾ ئي نه، بلڪ ڪتابن جي نالن ۾ پڻ سندس ليکِ کان هتيل هئڻ جو اَحساس مِلي ٿو. سَندس رچيل پهريون ڪتاب آهي ”٤٠-٧٦“، جنهن ۾ سندس ڪَوِتائون (بي.ايڇ. آڏواڻيءَ جي ڪتاب ”سنڌي ساهتيه رتن“ (١٩٨٥) ۾ چوڪ وچان ’ڪوِتائن‘ بدران ’ڪهاڻيون‘ ڇاڻايل آهي) درج آهن. سندس ٻيا ڪتاب آهن : ”٤٠-٨٠“ ۽ ”٤٠-٨٤“ جن ۾، اُن سلسلي موجب، ڪهاڻيون ۽ آلوچنائون ڏنل آهن. هو صاحب

منهنجي سريرڪ قد جي ڳالهه ڪري رهيو آهين...!'' پوءِ ته اَگرن مَٿان رَکَ اُڏامي ڇُڪي هُئي، ٽانڊا ٻري رهيا هئا.. محفل ۾ رونق اَچي ويئي.

اُهڙن وقتن تي ڳالهيُن جي هلندي ائين به ٿيو آهي ته هريش پنهنجو پاڻ ۾ سِمِٽجي ويو آهي. اُنهن وقتن تي هو سفر ۾ بِنهه اَڪيلو لڳندو آهي، پاڻ ۾ ويڙهيلُ ويڙهيَلُ. ڪيس خود-مرڪزي (self-centred) چوڻُ سائنس اَنياءُ ڪرڻُ ٿيندو. زندگيءَ جو ڪجهه مال وقت آهي ۽ اُهو اَسان سيني لاءِ ساڳيو ۽ اوترو ئي آهي. اَسين اُنجو ڪيئن ۽ ڪيترو اِستعمال ڪريون ٿا، سو اَسان تي ڇڏيل آهي. هريش لاءِ اِهو به مشهوُر آهي ته هوُ ڏينهن جو ڪاليج ۾ ۽ ڪاليج کان ٻاهِر عام ماڻهن سان لههُ وِچڙ ۾ اَچڻ کان پوءِ شام جو پنهنجي ڪمري ۾ درپوُر بند ٿي ويندو آهي. ڪيس اُن وقت ڪي مُلاقي نه ڪپن. هوُ هوندو آهي ۽ سندسِ (هِڪ ئي مهِل دوست ۽ دشمن) ڪتاب هوندا آهِن، جِن سان هوُ وقتي رِهاڻيون ڪندو آهي ته وَقتي جنگيون جوٽيندو آهي. ڪانئسِ سندسِ ڪٽنب بابت پڇبو ته نهه پهه وَراڻيندو، ''ڪُٽنب بابت ٻڌائڻ لائِق ڪجهه خاص ناهي.'' مٿي ڪِٿي ذڪر ڪيل ڪِتاب ''سِنڌي ساهِتيه رتن'' ۾ هُن سان وابسته باب ۾ اِهو پڻ ٻڌايل آهي ته سندسِ شادي ۱۹۶۶ ۾ هِڪ ممتامئي عوَرت سان ٿي. اِن جملي ۾ ''عوَرت'' اِسم عام اَڳيان ''ممتا مئي'' صفت جو اِستعمال ڏُر معنيٰ آهي. تازو دهِليءَ ۾ لڇمڻ پاٽيا جي گهر ۾ هريش پنهنجيون ڪي پريم-ڪويتائون پڙهِيون. لڳيم ٿو، ڪيس پريم مئي عوَرت جي (ممتا مئي عوَرت جي نه) تلاش رَهي آهي يا ڪيس پريم مئي عوَرت مِلي ڪري به، نه مِليَ آهي. هِڪ فنڪار لاءِ پريم مئي عوَرت ڪنهن سريرڪ روپ ۾ نه به ٿي سگهي ٿي، اُها دراَصل ڪلپنا لوڪ ۾ هُجي ٿي.

جيئن عام گفتگوءَ ۾ سندس جواب نندا ٿين ٿا، تيئن

اَنگريزي لفظن جو گھڻو اِستعمال نہ صرف سنڌس تقريرن ۾، بلڪ سنڌس تحريرن ۾ پڻ ڏسي سگھجي ٿو. اِن لاءِ سنڌس چَوڻ آهي تہ سِنڌي ٻولي اِظهار جي وسيلي طور اَجا گھٽي اَڻ-ڪافي آهي. هونئن هروُڀروُ اِهو ائين ناهي؛ اَسين سهوليت پسنديءِ وچان اهو چَئون ٿا. اِن سلسلي ۾ هتي هڪ ٻي ڳالهہ پڻ ڪجي. سنڌس آلوچنا جي ٻوليءَ ۾ نِج سنڌيءَ سان گڏ عربي-فارسي، هِندي-سنسڪرت ۽ اَنگريزي، انهن ٽنهي سرچشمن مان هِڪ ئي وقت، ڪڏهن ڪڏهن هِڪ ئي جُملي ۾ پڻ لفظ هوندا آهن. اَسانکي اَجوڪي بدليل حالت ۾ هِندي-سنسڪرت تي ٻڌل نِج سِنڌي ٻوليءَ جو اِستعمال ڪرڻ گھرجي. اِن ۾ عربي-فارسيءَ جا ٻيڪن جھڙا ڳرا لفظ ۽ اَنگريزيءَ جا سَوَلا يا ڏُکيا لفظ نہ هُئڻ گھُرجن. نہ تہ منهنجي نالي ڀائي موتيلال ٻُڌاڻيءَ جھڙن سُڄاڳ سِنڌي پاٺڪن کي پڻ اِها سِنڌي ٻولي سمجھہ کان پري لڳندي.

سيمينارن ۽ ڪانفرنسن جي اِنهن ڏينهن ۾ اَسان کِن دوستن جون شامون ڪافي رنگين بڻجي پونديون آهن. مونکي ياد ٿيون اَچن ساڱس گڏ گذاريَل کي پُر لُطف شامون-شامون، جي ڏيري ڏيري راتيُن ۾ بدلجي وينديون آهن. ڊائنگ هال جي مئنيجر کي مانُ ميٽ ۾ نِياپو ڪيو ويندو آهي تہ هو ٻن-ٽن ماڻهن جو کانو جُدا ڪري رکائي ڇڏي، اُهي ٻہ ٽي ڪافر پوءِ اَچي کانو کائيندا. پيڳ جي ڀهرين سُرڪيءَ سان اَسان مان ڪو، ڪا ڳالهہ شروع ڪندو؛ پوءِ تہ بصر جي ڇِلڪن جيان ڳالهہ مَٿان ڳالهہ نِڪرندي ويندي. اِنهن ڳالهيُن ۾ اَسان سان فرايڊ، مارڪس، گانڌي، سارتر، ڪامو وغيره پڻ اچي ويهندا. هِڪَ ڀيري مون ڏٺو، ڳالهہ ۾ ڪا چُرپُر نہ ٿي هئي. مون هريش کي ڇيڙڻ جي خيال کان ڇيو، ”يار، تون پنهنجو قد اَجا ڪڏهن وڌائيندين؟“ هو قد جو ننڍو آهي، اَسانکي اِها ڄاڻ آهي، هو قد جو ڏاڍو وڏو آهي، اَسانکي ان جي پڻ پَروڙ آهي. هُن ترت وراڻيو، ”پڪ ئي پڪ، تون

ساڻس گفتگوءَ ۾ هريش جي پنهنجيءَ مرڪ ۾ پڻ گهٽيئي
ڪيفيتون لِڪل هجن ٿيون.
سندس ليکن جي سِلسِلي ”ڊارا“ جي تحت شايع ٿيل
ن ساڳئي ليک ”ٿاثر بنام ٿاثر“ ۾ هِن اڳتي هلي چيو،
’حاسد جي غزلن کي پڙهي.... اِئين ٿو محسوس ٿئي جڻ
سان جي چيتنا کي ڪنهن اَهڙي آگ جو سيڪ ملي رهيو
هي، جيڪا ڏسڻ ۾ نٿي اچي. اسين سيڪجي ٿا وَڃون،
نڪري جو شاعر اڳ ئي سيڪيل آهي. فرق ايترو آهي جو
ساعر کي زندگيءَ جي سچائن مان سيڪ مليو آهي، اسان کي
هوئي سيڪ بَ- راستا شاعري ملي ٿو.“
”رچنا“ ۾ اِهو ٽڪرو پڙهي مون اُن جي پرسان حاشيءَ
ر سوال جي نشاني لڳائي ڇڏي. مونکي لڳو، شاعرن وانگي عام
ماڻهن کي پڻ زندگيءَ جي سچاين مان سِڌو سيڪ ملي ٿو
هي بہ سيڪجي وڃن ٿا. پوءِ ٻنهي ۾- عام ماڻهن ۽ شاعرن
ر- فرق ڪٿي آهي؟ جتي عام ماڻهو ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ اِهو
سيڪ محسوس ڪري بہ ٻاهِر ٻاڦ ڪڍي نٿا سگهن، سلي نٿا
سگهن، اُتي شاعر اُنکي تز لفظن ۾ بيان ڪري سگهن ٿا.....
ڇاڪاڻ تہ شاعر تز لفظن ۾ سلي سگهن ٿا، اِن ڪري عام
ماڻهو سندن شاعريءَ ۾ ان سيڪيل حالت ۾ پنهنجو پاڻ کي
ڏسن ٿا، ان سان هِڪ ٿي وَڃن ٿا. منهنجو هم سفر هريش
واسِواڻي هِتي زرا ٿاٻڙيو آهي، پر پوءِ پلا اِن سفر ۾ اهِڙو ڪير
آهي جنهن اِهي نندِا وَڏا ٿاٻا نہ کاڌا هجن؟
ساڻس وابستہ هڪ ٻي يادگيري بہ آهي. ۱۹۸۷ ۾،
تاريخ ۱۸ کان ۲۱ مارچ تائين مڌيہ پرديش سِنڌي ساهِتيہ
اڪادميءَ طرفان مانڊوءَ ۾ سِنڌيءَ جي نَوَنِ ليکڪن لاءِ هِڪ
ورڪشاپ آيوجِت ڪيو ويو. اُن ورڪشاپ ۾ هِن بَندي کانسِواءِ
هريش واسواڻي، کيئَلداس فاني، اَرجن حاسد، واسديو نِرمل، گ
ووَرڌن ڀارتي، ايم. ڪمل ۽ لکمي کِلناڻي گائيڊ طور شريڪ
ٿيا. اَسان گائيڊ ليکڪن ۾ ڇا ڇا وهيو واپريو، اُنجو عڪس.

خطن ۾ پڻ سندس جواب مختصر هجن ٿا- هڪ ٻن گفتن ۾. پر اِنهن ٻن ٽن گفتن ۾ معنيٰ جي وڏي پکيڙ هوندي- ”هائو، اِهو قدم کڻڻ سان ئي اَسان جي وابستگي ظاهِر ٿيندي.“ يا ” ڏس، ڪڏهن ٿو اَهڙو موقعو ملي. پر جيڪڏهن موقعو نه مليو ته اِهو جهَنِٽو پوَندو.....“وَغيره. تازو ۱۹۸۷ ۾ ڇپيل سندسِ ڪهاڻي ”گهنٽي“ کي مون پارٽي گيان پيٺ وارن جي ساليانِي مجموعي ”پارٽي ڪهانيان ۱۹۸۸“ لاءِ چُونڊيو ته هُن دستُوري نموني اِجازت موڪِلي، پر اُن ڪهاڻيءَ سان گڏ شايع ٿيڻ لاءِ پنهنجي باري ۾ تفصيل نه موڪليا. ڇي، منهنجي واقفيت ڇا لکل آهي توکان؟ تنهنجي قلم مان ڪجهه به صحيح ئي آهي.“ سندسِ جوابي خط ۾ ڏنل راءِ ها يا نه ۾ نه اُلجهيل، حوالي اَندرِ صاف ۽ چٽي هوندي، پر پوءِ به اِهو ضروري ٿي پوَندو ته سندسِ اِهو جوابي خط پڙهڻ مهل پنهنجو اَڳ لِکيل خطُ پڻ وَري اَسانجي سامهون هجي. خط و ڪتابت جا ٻئي خط مِلي ڪري ئي ڪو اِرادو، ڪا ڪَمِٽمينٽ ظاهِر ڪري سگهندا. هوُ پاڻ خط لِکندو ته توريل- ماپيل لفظن ۾، پوءِ پلي اَسانجو جواب سندسِ سوالي خط کان وَڏو ٿي وَڃي.

گهڻو وَقت ڪونه ٿيو آهي جڏهن ”سِنڌي ٽائيمس“ ۽ ”رچنا“ ۾ اَرجن حاسِد جي ”ميرو سِڄ“ ڪتاب جي بهاني غزل وِشيه تي هري دِلگير ۽ هريش واسواڻيءَ جي وِچ ۾ بحث هليو. پنهنجن خطن جي اُبتڙ، هريش واسواڻي پنهنجن ليکن ۾ طويل آهي. انهن ليکن مان هڪ ۾ هِڪ هنڌ هُن لکيو، ”مرڪ لفظ بار بار پڙهي دِلگير تنگ ٿي سگهي ٿو، پر اِها مرڪ ئي حيا، بي حيائي، محبت، حقارت، عزت، بي عزتي، لاچاري، بي وَسي، سمرٿي، طنز، پڇتاءُ، اِظهار، لڪ لِڪاءُ، خود رحمي، پوشيده اِشاعت کان وَٺي وَحشانيت ۽ هِپوڪريسيءَ جون ڪيفيتون پاڻ ۾ سمائي هلي ٿي ۽ حاسد سِڄ ته اِنهن مختلف ڪيفيتن کي ڦولهيو آهي.“

اُردو شاعر مخمور سعيديءَ جي ڪويتائن جو هوبهو ترجمو
ن.

هيري نڪر اها ڳالهہ مونکان پهرين انند ڪيماڻيءَ ۽
ابيچندانيءَ کي ٻڌائي هئي. آل اِنڊيا ريڊيو، دهليءَ جي
نتين ۾ ٿوري گهٽي سبب ملڻ تي سنڌي ليکڪ اچي
يا آهن چاڪاڻ تہ اَهڙي گڏجاڻيءَ لاءِ گهربل ڪورم، سنڌي
ز سروس جي ميمبرن جي اُتي موجود هئڻ ڪري، سدائين
ندو آهي.

٢٠ مارچ تي آٿرس گلڊ آف اِنڊيا جي ڪاروباري
ميٽيءَ جي بئٺڪ ۾، اُنجي سيڪريٽري جنرل شري ڊي. آر.
ڪيڪر جي ڪوٺيءَ تي، واسطيدار سِنڌي شاعر(!) گڏيم.
ئس شهر ۾ هلندڙ سُس پُس بابت پڇيم. ورائيائين، ''اِئين
نٿو سگهي.... توهان سيني کان ڪا غلطي ٿي آهي....''
ڪن سندس آواز ۾ لڙ ڪڙاهٽ هئي، اَجائي هٺ ڪري
يراهٽ پڻ هئي.

اُهو سنڌي شاعر دوست ڪير هو؟ مان توهانکي سندسِ
و تيستائين ڪيئن ٻڌايان، جيستائين مان اَجا اُن اِسٽيج
ين نہ پهُتو آهيان، جتي مونکي پڪ ٿئي تہ اِهي ڪويتائون
عي ترجمو ٿيل آهن. اُن اِسٽيج کان اڳہ مون لاءِ اِها ڳالهہ
سڻ جهڙي نہ هئي. ڪيس اُن ڪتاب تي ساهتيہ اَڪادميءَ
ڪان اِنعام ملي چڪو هو. مون سوچيو، اِنعام ڏيارينڌڙن اِها
ڪ ڪيئن ڪئي هوندي؟ پر مون بہ تہ اِن سال جي سنڌي
امي ڪتاب تي تبصرو ڪندي ڪيس خوب ساراهيو هو، ڪيسِ
ڏيءَ جو نئون زوردار آواز ڪري سڏيو هو.

اِن ڏس ۾ ۵ اپريل ١٩٧٨ تي گهٽو ڪڇ ٿي گذريو: اُن
هن اسين ٻيئي - هيرو نڪر ۽ مان - نئشنل اُردو اڪادمي
اگنج، دهليءَ ۾ شري مخمور سعيديءَ سان ملڻ وياسين.
س لڇمڻ ڪومل جي مجموعي ''جيءَ جهروڪو'' مان ڪي
ن بہ ڪويتائون پڙهي ٻڌايونسين- اِن خيال کان تہ ٿي سگهي

مون اُن ورڪشاپ دوران لِکيل پنهنجي هڪ غزل ۾ پيش ڪيو. ان غزل جي هرهِڪ شعر جي تشريح ۾ هِڪ هڪ ننڍو مضمون لِکي سگهجي ٿو. پر اُنجي ڪا ضرورت ناهي. اهو غزل آهي -

حاسد فاني، ائين مڃن ٿا.
پُر خلوص ئي بقا رهن ٿا.
-روچو خوابي يي پل پهچي،
پهتل آجا آڳي پهچن ٿا.
-لِيڪُن ننديُن سان پيٽ ڪندي
ليڪا وڏا وڏيرا ٿين ٿا.
-وقت هِڪ آ ۽ رِٿائون گهٽيون،
هريش پارا هِت ڇا لهن ٿا؟
-پوليءَ جو واڌارو ڪونهي،
اَلِف بي نِرمل کان سِکن ٿا.
-پارٽيءَ جا ڪئنسٽ تہ هوندا،
هو هوندو، پڪ سان نہ چون ٿا.
-ايم.ڪَمَل جي شام رنگين آ،
ڏينهن جو هن تان رنگ لهن ٿا.
-خواب ڪٿي آيو آ لکمي،
ڳانديدام ۾ ڳڏجي رهن ٿا.
-موتي حقيقت جو آ حامي،
پوءِ بہ اُمي ڇا کان ڇرڪن ٿا؟

□□

١٩٧٨ جي مارچ مهني جي ڳالھ آهي. هيري نکر مونکي خبر ڏني ۽ منهنجا طاق لڳي ويا. مون ڪيس چيو، ”نہ يار، ائين ڪيئن هوندو؟ ...“

کيس اُها خبر اَجمير جي هِڪ دوست وٽان مِلي هئي، جنهن دوست ڪي وري اُتان جي ڊولڻ راهيءَ ٻُڌايو هو تہ اَسانجي دوست ... جي مجموعي ۾ بہ ڪوپيائون اهڙيون هيون،

ب ۾ جهروکو" ۾ ڏنل اڪثر ڪويتائن جي اُردوُ تان
هوبهو نقل هئڻ جي سوال تي) مات ڪئي، تن بابت
جو رايو؟"

جواب ۾ ڳالهائيندي ايم. ڪمل خوب وِڦليو. سندس
بي ٽڪرو پڙهي مان ڪيس تصور ئي تصور ۾ ڏسڻ
، هن اُن مهل پنهنجيون وڏيون وڏيون اکيون
ايون، پنهنجي گول مَٽول چهري تي شرير مُرڪ آندي
ي کي وراڪو ڏيئي اُن جي نوڙهه تي هٿ ڦيريو.
ب ۾ هن جو ڪجهه چيو، تنهن هيءَ ڳالهه لِکڻ لاءِ
ڙو سبب ميسر ڪيو.

ٻيون سبب اُن ٻهرئين سبب کان وڌيڪ اَهم
. اِن وچهر ڪافي وقت پئجي چڪو آهي. هونئن به
ي ماڻهو جنم ۽ موت جي وِچ واري عرصي اندر
جو پنهنجو صليب ٻيوئي رهيا آهِن. لڇمڻ ڪومل به
جو صليب پاڻ ٻيوئڻ جي هِمت رکي زندگيءَ جي
تي اَڳتي ۽ اَڳتي هلڻ جو طريقو چاڻي ويو
. هستيواد جي فيشن ۾ اَچي ڪري زندگيءَ کي
تو چوڻ هِڪ ڳالهه آهي، پر هستيواد کي صحيح
هي زندگيءَ ۾ سچ پچ پاراتو جيئڻ جي هِمت
پنهنجا سڀ اِنساني فرض نِباهِڻ ۽ حق حاصل
هِڪ بنهه ٻي ڳالهه آهي. لڇمڻ ڪومل اِها
ڳالهه ڪري ڏيکاري آهي. چوڪ ڪنهن کان نٿي
؟

اوهان چوندا،... ليڪن چوڪ چوڪ ۾ فرق آهي.
اوهان کي عرض ڪندس، جِن جون چوڪون سڳ
وت-پڪڙ ۾ اچي وڃن ٿيون يا جن جا گناهه
ت سميت گرفت ۾ اَچي وڃن ٿا، تن مان گهڻا چڻا
يت جو دامن پڪڙي پاڻ کي ڏنڊ کان بچائي
با آهِن؟ ڏنڊ آسان آهي. زندگيءَ ۾ ڏنڊ جا سبب

ٿو ته ڪومل جي مجموعي ۾ اَهڙيون ڪي ٻيون ڪويتائون به هجن، جي سعيدي صاحب جي ''آواز ڪا جسم'' (۱۹۷۲ع) ءُ اُن کان اڳ ڇپيل ٻن مجموعن تان، يا ماڳهين ڪن ٻين اُردو شاعرن تان به وَرتل هجن.

اسين سچ پچ ماٺ ۾ اچي وياسين، جڏهن اسانکي خبر پيئي:

(۱) ته مخمور سعيديءَ جي مجموعي تان صرف ٻه ڪويتائون نه، بلڪِ ڇهه ڪويتائون وَرتل هيون. اِها روئداد ڏسي سعيدي صاحب اُمالڪ چئي ڏنو،'' اڙي، يي ڪيا هوئا؟ اصلي شاعر ڪو تو اِنعام مِلا نهين، نقلي ڪو مِل گيا!....''

(۲) ته لڇمڻ ڪومل جي مذڪور مجموعي جي پهرين ڪويتا هِڪ ٻئي اُردو شاعر شهر يار جي 'ساتوان دَر' (۱۹٦۹ع) جي صفحي ۵۲ تي ڏنل ڪويتا جو سنڌي اُلٿو هئي. ليڪن اسانجي يار اُنجو محض عنوان بدلايو هو...

(۳) ته ان ڪويتا کان سواءِ ''ساتوان دَر'' جون گهٽ ۾ گهٽ ۱۹ ٻيون ڪويتائون (ڪُل مِلائي ۲۰) ''جيءَ جهروڪو'' مان برامد ٿيون. ڪُجهه ڪويتائن جا ته عنوان به ساڳيا هئا...

(۴) ته ''جيءَ جهروڪو'' جي تيرهين ڪوِتا جو عنوان ''رِشتو گونگي سفر جو'' مظهر اِمام جي مجموعي ''رِشتا گونگي سفر ڪا'' تان ورتل هو ءُ اُنجي سترهين ڪوِتا جو سِرو مخمور سعيديءَ جي ''آواز ڪا جِسم'' جي صفحي ۱۵ تي ڏِنل نظم ''انڌي گُـڦا ۾ موٽ'' تان کنيل هو ....

ته .... ته .... ته .... ته .... ته ....

....

هائو، هاڻي اِها سموري ڳالهه ٻڌائي سگهجي ٿي. اُنجا ٻه سبب آهن. هِڪ ته رچنا-۱۳ ۾ موهن ڪلپنا طرفان ايم. ڪمل سان ورتل اِنٽرويُوءَ جو ٽڪرو شايع ٿيو، جنهن اِنٽروِيوءَ ۾ موهن ڪلپنا کانئس پڇيو، ''جن (دهليءَ جي اَديبن) اِن سوال تي (لڇمڻ ڪومل جي

ڏهن معاف نہ ڪيو آهي). ليڪن ان ڪتاب ۾ شري جئرامداس
و مهاڳہ ڏسي مون لاءِ ڌرم سنڪٽ واري اِسٿتي بڻجي
بيئي. شري جئرامداس منهنجو گُرو هو. هوُ منهنجي پي.
ايچ. ڊي. مقالي (شاھ عبدللطيف : هِز لائيف ائنڊ ورڪ،
هِلي يونيورسٽي، ١٩٧٥) جي ٻن سپروائيزرن مان هِڪ اهِڙو
سپروائيزر هو، جنهن منهنجي مقالي جي هرهِڪ سِٽ پڙهي
ئي ۽ جوڳيون صلاحون ڏنيون هيون. سندس ناتي ڪري
يرو نڪر منهنجو گُروُ ڀائي هو. گرو ۽ گرو ڀائي منهنجي
امهون هئا. مان گونگہ ٻوڙ ۾ پئجي ويسِ، پر منهنجي من ۾
انڊاڻ متل هو.

هِڪ تہ هيري نڪر جي ڪتاب ۾ ڏنل سيئي قائم
يل پڙهڻيون نہ هيون. ٻيو تہ جيڪي قائم ٿيل پڙهِڻيون هُن
ن ڪتاب ۾ ڏنيون هيون، اُهي هن پاڻ decipher نہ ڪيون
يون. اُهي پڙهِڻيون اُهيئي هيون، جيڪي راجارام شاستريءَ
نهنجي وِدوانپڻي سان موُل دستخط تان پاڻ اُتاري منهنجي
دد سان ڪيون هيون. دستخط تان اُتارِيل اُهي پنا مون وٽ
ڄ بہ محفوظ آهِن. اڳم ئي ڪيترن بيتن جون پڙهڻيون
يءِ ٿي ويئون هيون. ڪي رهِيل هيون، جن تي اسان ٻنهين
و گڏيل ويچار ڪري رهِيو هو. اڳم ئي قاضي قادن جي
ياتيءَ بابت مواد ڪٺو ڪيو ويو هو. هاڻي اُنکي صرف
نجوئڻو هو. ليڪن اِن وچم ان ڪوجنا ۾ سهائڪ هيِرو نڪر
نجو سمپادڪ بڻجي ويو ۽ اهو ڪتاب سندس ڪتاب بڻجي
وڪن اڳيان ظاهِر ٿيو.

جن بيتن جي پڙهڻين تي ويچار ٿي رهِيو هو، سي
ڙهِڻيون اِن ڪتاب ۾ اُن ڪچيءَ صورت ۾ ئي ڏنل هيون ۽
هي سنڌي لوڪن اڳيان اُن نموني ظاهِر ٿيون. مونکان رهِيو
ويو ۽ مون شري جئرامداس سان روبروُ گڏجي ڪيس
نهنجي من جي پيڙا کان واقف ڪيو. اُنجي ٻئي ڏينهن ١٢
سيپٽمبر ١٩٧٨ تي مونکي سندس پوسٽ ڪارڊ پهتو، جنهن ۾

هوندي پڻ، نہ ڏٺڻ مشڪل آهي. اَڄوڪي اَدب ۾ اَلاجي ڇو ٽٽڻ کي اَهميت ڏيئي آسان راهہ جي حِمايت ڪيل هوندي آهي؟ جي شخص ٽٽن نٿا، تن کي هرو ڀرو ڇو ٽوڙجي؟ يا ڪين ٽٽل ڏسڻ جي خواهِش ڇو ڪجي؟ گناهہ جي قبوليت کان پوءِ ڪين زندگي جيئڻ جو پورو حق ڇو ڪين ڏجي؟

منهنجي ڪويتا سنگرهہ ”سنهنڊن جي سڙڪن تي“ (۱۹۸۲) ۾ ڏنل ”حادثو، جو نہ ٿئي!“ عنوان واري ڪويتا لاءِ وِڀاوَ (Objective Corelative) لڇمڻ ڪومل سان وابستہ ان واردات ميسر ڪريَ ڏنو هو.

هوندي لڇمڻ ڪومل ۾ پنهنجي اصلوڪي صلاحيت ڏاڍي گهٽي آهي. اوهان سندس لکيل سنڌي نثر پڙهيو آهي؟ يا سندسِ اصلوڪيون ڪويتائون پڙهيون آهِن؟

□□

ايڪ نہ شد، دو شد. سائِئي ۱۹۷۸ سال جي جولاءِ مهني ۾ لڳ ڀڳ اهڙو هِڪ ٻيو واقعو ٿي گذريو. هيري نکر جي سمپادن هيٺ ڏيڪاريل ”قاضي قادن جو ڪلام“ نالي هِڪ ڪِتاب ضاهِر ٿيو. اِهو ڪِتاب ڏسي منهنجي واتان اُمالڪ نڪتو، اَڙي، هيِ وريِ ڇا ٿيو آهي؟ جنهن ديوناگري دستخط ۾ قاضي قادن جو ڪلام ڏنل هو، اُهو دستخط هرياٽويءَ جي مشهور وِدوان راجارام شاستريءَ ڳولهي لڌو هو ۽ اُن ڏس ۾ هوُ صاحب ۱۹۷۵ کان وٽي مون سان لکہ پڙهہ/ لهہ وِچڙ ۾ رهِيو هو. ڪيس منهنجو ڏس پتو ساهِتيہ اَڪادميءَ جي شري ڪيمچندر سُمن وَٽان مليو هو. جيئن تہ سنڌي اَدبي ڪيتر ۾ اِها هِڪ اهم ڪوجنا هئي، مون ڪيس پورو ساٿ ڏنو هو ۽ شري جئرامداس دوُلترام سان ٻہ ڳ ڏجارايو هو. راجارام شاستريءَ هِن بنديِ جيِ سفارش ڪرڻ تي ۱۹۷٦ ۾ هيري نکر کي ان کوجنا ڪاريہ ۾ سهائڪَ طور لڳايو هو (۽ هن صاحب اهڙي سفارش ڪرڻ ڪري مونکي

Havelock Square
Kali Bari Marg
Near Gole Dak Khana
New Delhi -110001
14 9-78

پيارا موتي،

تنهنجو خط هاڻي ئي پهتو. دل کولي لکيو اٿيئي، چڱو ڪيو اٿيئي. مان اڄ ٢ بجي صبح جو ئي ڪي ڪم لاهي سمهيو آهيان. توکي جيڪو ڪارڊ لکيم سو بہ گهٽي ڪم ڪري ٽڪرن ۾. ۽ اِنڪري اڻپورو ئي ويو آهي. حقيقت وڌيڪ هيءَ آهي تہ مهاڳہ ٽڪرن ۾ پورو ڪري ڏيندي ميري نڪر ڪي چيو هوم تہ پروف ڏسندس، سي موڪلج. پاڻ پڪي ما ڪني هنائين. پر پروف ڪونہ آيا. اڄ وچ جي ڪري، وقت بچائڻ ڪري پاڻ ئي اجمير ۾ ڏنائين. پوءِ جڏهن موٽيو تہ اجمير ۾ ڇپيل صفحن جي ڪاپي ڏنائين. مون جڏهن پنهنجو مهاڳہ پڙهيو ۽ پهرين ئي سٽ پڙهي تہ چيومانس تہ منهنجي من تي اهو اثر هو تہ مون نالن ۾ پهريائين موتيلال وڌو هو ڇو تہ پهرين خبر مونکي وڻانس ملي هئي. چيائين تہ اوهانجي دستخط ۾ نالا اوئين لکيل هئا جيئن ڇپيل آهن. چيائين تہ بچو تہ اوهانجو دستخط ڪٿي اچي ڏيکاريانو. مون سمجهيو تہ منهنجي ئي ڀُل ٿي ٿي ڏسجي. پر هي بہ هڪ ڀُل ڏسان ٿو. الي اٿم. منهنجي لکتيءَ مان اِئين پيو لڳي تہ ڄڻ تنهنجي مونسان ڳالهہ ڪرڻ بعد ئي رامجارام شاستري مونکي گڏيو. پر حقيقت ۾ جڏهن شاستريءَ کي تون مون وٽ وٺي آئين تنهن کان اڳہ نہ، پر پوءِ ئي ميري جو هٿ هن ڪم ۾ پيو. هنن ڀُلن ڪري منهنجو معافي گهرڻ ضروري هو ۽ آهي. پر هيءَ ڳُوڙهي ڳالهيون روبرو ئي ڪري سگهبيون.

پنهنجن لاءِ پيار،
دادا.

آهڙي صاپرش جا اهڙا بہ خط اچڻ کان پوءِ منهنجي پارين آنند هو. اِنڪري جڏهن ٢٨ سيپٽمبر ١٩٧٨ تي راشٽرپتي

لکيل هو :

New Delhi 1
11 9 1978
(2 Minutes to Midnight)

پيارا موتي،

تنهنجي وَڃڻ بعد من تي بار پئي لڳو آهم تہ مون توسان ، بنا مراد جي، پر تہ بہ حقيقت ۾، بي اِنصافي ڪئي آهي جو پنهنجي مهاڳہ ۾ صاف نہ ڪيو اهم تہ پهريائين پهريائين تو مونکي ٻڌايو تہ قاضي قادن جي ۱۰۰ ڪان مٿي بيتن جو ڀنڊار لڌو آهي، ۽ تون ئي هئين جنهنجي معرفت راجارام شاستريءَ سان واقفيت ٿي. منهنجي گهر ۾ اسان تنهي ڪجهہ سوچيو تہ ڪيئن اُهي بيت ڇپائجن. مهاڳہ مون مِڪ رات ويهي تڪڙ ۾ لکيو هو ۽ ٻيو پيرو بہ ڪونہ پڙهيو هوم. اِن ڪري ڀُل ٿي ويئي. سو هيءَ غلطي معاف ڪج. معافي وَٺڻ بنا مغز ننڊ ۾ پيو ڏوراپا ڏيندو. سو سمهڻ کان پنج منٽ اڳہ توکان معافي وَٺڻ صحيح قدم ٿيندو. پيار تو لاءِ، گهرَ ۾ سينئي لاءِ.

دادا.“

مهاتما گانڌيءَ جي سچي پوئلڳہ شري جئرامداس جو اِهو خط پڙهي منهنجي اکين ۾ نير ڀرجي آيو ۽ سندس چرڻ وندنا ۾ منهنجو سِر جهڪي ويو. مون ڪيس خط لکي معافي گهري تہ مون سائنس اِها ڳالهہ ڪري کيس پيڙايو آهي. کيس اِهو پڻ لکيم تہ اهڙو ڪم اِن طرح ڪرڻ ڪري هيري نکر کي پراشچت ڪرڻ کپي. اُنجي نهہ پهہ جواب ۾ سندس ٻيو خط آيو، جنهن ۾ لکيل هو :

پُراڻي نوڪر ٻلي رامَ منهنجي گهر اَچي پٽ جي پيءُ ڏانهن غلط ورتاءَ جو اَهڙيون ڳالهيون ڪيون هيون، جي منهنجي وسهڻ کان ٻاهر هيون. سندس ٻه مانسِڪ پٽ پڻ نالائق نڪتا هئا. هِڪ ڄڻي ٻئي ڄڻي تي ڪيس ڪيو هو. سندسِ سڱتي مهاڀارت جي ڀيشم پتامهه وانگي هئي. هِڪ ڄڻي ٻئي ڄڻي جو حق ڦٻايو هو. پر هُوَ صاحب اُن هِڪ ڄڻي سان هو، ٻئي ڄڻي سان سهانڀوتي رکندي پڻ ساڻس گڏ نه هو، ڇاڪاڻ ته هن راشٽرپتيءَ کان ٢٨ سيپٽمبر ١٩٧٨ تي اُن ڪتاب جو مهورت ڪرايو هو ۽ ٢٨ سيپٽمبر ١٩٧٨ جي تاريخ وَٺڻ لاءِ، اِن کان اڳ اِن باري ۾ سندسِ لهه وچڙ ۾ رهيو هو. اِن طرح هُوَ راشٽري سطح تي هيري لکر سان گڏ هو. هيڏانهن مونتي ۽ راجارام شاستريءَ تي گڏيل مقدمو دائر ڪري هيري لکر اَسان ٻنهي کي روڪي ڇڏيو هو ته اَسان سندس ڪتاب بابت گهٽ ۾ گهٽ اُن مقدمي دَوران عوام اَڳيان ڪا صفائي پيش نه ڪريون. ليڪن هاڻي اَسين ٻيئي پنهنجي اِرادي تي محڪم هئاسين ته ڪورٽ ۾ هلي اِهو معاملو صاف صاف رکنداسين.

شري جئرامداس جي دکدائي موت کانپوءِ هيري لکر اهو مقدمو پاڻيهي واپس ورتو. هن ڇو واپس ورتو، اُنجا ڪارڻ منهنجي آڏو صاف نه آهن. ڇا شري جئرامداس پنهنجي موت کان اَڳ ڪيس ڪُجهه چيو هو؟ ڇا سندس وڪيل ڪيس اهڙي صلاح ڏني هئي؟ مونکي ان ڏِس ۾ ڪا خبر ناهي. مقدمو واپس وٺڻ واري ڏينهن يا صُلح واري ڏينهن مون جيڪو بيان ڪورٽ ۾ ڏنو، تنهن ۾ مون اِهو ٻڌايو ته - اُها پريس پڌرائي ڪڍڻ وقت مونکي اِها خبر ڪا نه هئي ته راجارام شاستريءَ جو مٿس ڪو مُقدمو اَڳ ۾ ئي هلندڙ هو ۽ اِها پريس پڌرائي ڪڍڻ جو بُنيادي حق مون پاڻ وٽ محفوظ رکيو. پاڻ ۾ صُلح ڪري اَسان ٻنهي، (هيري ۽ مون) گڏجي شري جئرامداس جي سمرتيءَ کي اِن طرح شردانجلي ڏني هئي.

شري سنجيو ريڊيءَ راشٽرپتي ڀون ۾ اِن ڪتاب جو مهورت ڪيو، تہ ڇئن پنجن ڄڻن جي اُن بئنڪ ۾ مان بہ شريڪ ٿيسِ. اُن مهورتي بئنڪ کان پوءِ هيري نڪر چاتو گويا ڪيس ملڪ جي بالاترين اختياريءَ وَٽان اُن ڪتاب جي باري ۾ پروانو ملي ويو هو. هاڻي سندس وِويڪ شيشي جيان نہ هو، جنهنجي آر پار هوُ ڀين ڪي بہ ڏسي ٿي سگهيو. شيشي تي اُن پرواني جي ليپ ڪري اوُ آئينو ٿي پيو هو، جنهن ۾ هن محض پاڻ کي ٿي ڏٺو. هِن ۾ اهنڪار اچي ويو هو. نيٺ مون ١٧ نومبر ١٩٧٨ تي هِڪ پريس پڌرائي جاري ڪئي، جنهن ۾ ڪتاب جي آٿرشپ تي سوال جي نشاني لڳائي ڇڏي. ليڪن جيئن تہ دادا جئرامداس وچم ۾ پيل هو، مون اُدارتا ڏيکاريندي ان ۾ هيري نڪر لاءِ لِکيو تہ اُنهن سڀني ڳالهيُن جي باوجود هو ان ڪتاب مان هِڪ ودوان ٿي اُڀريو آهي. اِها پڌرائي ڪڍڻ وقت مونکي چاڻ نہ هئي تہ راجارام شاستريءَ مٿس اَڳم ۾ ئي ڪو مقدمو دائر ڪيو هو. هاڻي هيري نڪر مونتي ۽ راجارام شاستريءَ تي ڪيس ڪيو تہ اها پڌرائي ڪڍي اَسان ٻنهي اَڳم ۾ هلندڙ ڪيس جي فيصلي تي اَثر وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اِن طرح ڪورٽ جي بي اَدبي ڪئي آهي. مون لاءِ اِهو ڪافي دلچسپ معاملو هو. پر مان ڀُليان نِهاري ڏِسي سگهان ٿو تہ شري جئرامداس کي اِن معاملي ڪري گهڻو مانسِڪ ڪَشٽ رسيو هو.

جيتوڻيڪ مون لاءِ اِهو چَوڻ سراسر غلط آهي ۽ هوئٺهار سان اَجايو مُهاڏو اَنڪائڻ آهي، تہ بہ جيڪر مان چوان تہ شري جئرامداس جهڙو ڪرم يوگي پُرُش اَجا گهٽا سال وڌيڪ جيئي ها. هو پنهنجي هِڪ جئوِڪ (biological) پُٽ اَرجن ۽ پنهنجي ٻن مانسِڪ پُٽن (موتي ۽ هيري) جي اَڻ-صحيح وهنوار ڪري پنهنجي زندگيءَ جي آخرين ڏينهن ۾ ڪافي پريشان هو. اَرجن کي پنهنجي پيءُ لاءِ، ۽ سندس نِسوارٿ سَماج شيوا لاءِ عزت نہ هئي. چاڪاڻ تہ شري جئرامداس ڪا جائداد نہ ناهي هئي ۽ پنهنجي پُٽ ارجن کي پنهنجي وڏي مانَ مَرتبي ڪري اُن وقت جي هليءَ چليءَ مُطابق ڪو فائدو وٺڻ نہ ڏنو هو، اُهو پُٽ پنهنجي پيءُ تي ناراض هو، هن سان وڙهندو ڪندو هو. ياد ٿو اچيم، شري جئرامداس جي چالاڻي بعد هڪ دفعي سندس

پئرس مان (جتي هوُ صاحب پاڪِستان پاران يونيسڪو جي ڪنهن بئنڪ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويو هو) ٢٥ اپريل ١٩٧٩ تي هِن بندي کي پنهنجي خط ۾ لکيو (اِهو خط انگريزيءَ ۾ آهي، اُنجي واسطيدار ٽڪري جو سنڌي ترجمو ڏيان ٿو) :

”جيسيتائين قاضي قادن جي ڪلام جو واسطو آهي، هڪ سٺي پرمانڪ ڪِتاب جي جوڙ ٿيِ سگهي ٿي، جيڪڏهن سمورو بنيادي مواد ميسر ٿئي. مسٽر راجارام شاستريءَ لکيو اٿم تہ اهڙا ٽي دستخط آهِن، جن ۾ قاضي قادن کي منصوب ڪيل بيت ڏنل آهِن.“

آخر ۾ سنڌي ٽائيمس جي سمپادڪ نارايڻ ڀارتيءَ کي مون لکيو تہ مون هيري ٺڪر کي ڏنل موُجوده جواب ۾ هن وانگي ڏڏڙ ۾ پير نہ هنيا آهِن ۽ نوس زمين تي بيهي قاضي قادن جي ڪلام جو دستخط هٿَ ۾ ڪٿي اِهو حلفہ بيان ڏنو اٿم. اِئين برابر آهي تہ ان وچ ۾ هيري ٺڪر جي ان ڪم جي هِند سِنڌ ۾ خوب ساراهہ ٿيِ آهي. اِن ڪم تي جنهن شخص پنهنجو نالو ڏنو آهي، اُن ڪم ڪري اُن شخص جي ساراهہ تہ ٿيڻي هئي!

□□

اسان دوستن جي وچ ۾ هڪ ٻيو گرماگرم بحث ڇڙ اُٿيو. ٽائيمس آف اِنڊيا جي ١٥، ١٦، ١٧ ۽ ١٨ سيپٽمبر ١٩٩٢ وارن پرچن ۾ هريڪانت جي ڪويتا سنگرهہ ”سوچ جون سورتون“ تي اِهو بحث ظاهِر ٿيو. مان نٽو سنيران تہ هن مهل تائين ڪنهن سنڌي ادبي سوال تي ڀارت جي مکيہ انگريزي اخبارن مان ڪنهن هِڪ ۾ اِئين لڳاتار چار ڏينهن بحث هليو هجي. دراصل اِن ڪتاب تي بحث راڄنيتڪ ڪويتا جو سُوَروپ سمجهڻ ۾ ڇڙ مدد ڏئي ٿو. اسانکي پروُڙ پوي ٿي تہ اِها ڪويتا ڪيستائين ۽ ڪيئن اڄوڪن نيتائن ۽ اڄوڪين سِياسي سماجي حالتن تي پنهنجو غصو ظاهِر ڪري.

ٿيو اِئين تہ آگسٽ ١٩٩٢ جي وچ ڌاري ڪنهن انگريزي

ان ڪانپوءِ مون اِن شرڌانجليءَ جي ڇَپيل واري پاونا جو آدر ڪيو ۽ هيري لڪر ڏانهن اُدار نظريو اپنايو. ليڪن هُن اُن ذميواريءَ جو پنهنجو حصو ڪين نباهِيو. لڳ ڀڳ هِڪ سال ڪان پوءِ جڏهن مان ست سمنڊ پار، هزارين ميل پري هارورڊ ائميريڪا ۾ هوس تہ هُن سنڌي ٽائيمس جي ٣ فيبروري ١٩٨٠ واري پرچي ۾ مونتي پٺيرو وار ڪيو. ليڪن اُن ڪروڪيٽر ۾ پنهنجي هِڪ سچي دوست جينت ريلواڻيءَ جي وقتائتي مدد سان مون هيري لڪر تي سامهون وارو جوابي وار ڪيو. جينت ريلواڻيءَ پنهنجي ٦مارچ ١٩٨٠ واري خط سان گڏ سنڌي ٽائيمس مان واسطيدار ڪٽِنگ موڪليندي لکيو، ''قاضي قادن بابت تنهنجي پريس پڌرائيءَ جي سلسِلي ۾ اُٿيل وِواد آهي ۽ هيري لڪر جي آتم پرشنسا!''

اُنان مون سنڌي ٽائيمس جي سمپادڪ کي هڪ وڏو ليک لکي موڪليو. اُن ۾ اِهو بہ لکيو تہ ننڊ، بيماري، آڻڄاڻائي ۽ بي ايمانيءَ ۾-- بي ايمانيءَ ۾ اِنڪري جو ڪوڙ کي سچ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ وڏيڪ ڪوڙ ڳالهائڻا پوندا آهن- ساڳيو ولندو آهي ۽ مان اُن پرچي ۾ هيري لڪر جو وِلڻ ''پڌري'' رکيو آهيان. مون کيس اِهو بہ لکيو تہ ڳالهہ اوتري نہ آهي، جيتري هيرو لڪر سمجهي ٿو. ڳالهہ صرف اِها نہ آهي تہ قاضي قادن جي وڌيڪ بيتن بابت سنڌين ۾ سڀ کان پهرين پتو ڪنهن کي پيو ۽ راجارام شاستريءَ کي هيري لڪر جو ڏس پتو ڪنهن ڏنو. ڳالهہ اِها بہ آهي تہ ڪو بہ عالماڻو ڪم ڪيئن ڪجي ۽ اُن ڏس ۾ جيترو جنهن ڪم ڪيو آهي، اوترو کيس شرف ڏجي ۽ لڪ چوريءَ ڪم ڪري، ٺڙ ٺڪڻ ۾ نہ ڇپائجي. هيري لڪر جي ڪتاب ۾ ڏنل پڙهڻين مان ڪيترييون پڙهڻيون اجا ڪچيون آهن، جيئن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ''مهراڻ'' رسالي جي ٻن پرچن ۾ شايع ٿيل تبصري مان پڻ ظاهِر آهي. هيرو اِن ڳالهہ تي ڪُڏي ٿو تہ ڊاڪٽر بلوچ پٺرِس مان کيس مبارڪن جو خط لکيو ليڪن سائُڻي بلوچ سائيٺي هنڌ

ٽائيمس آف اِنڊيا جي ١٥ سيپٽمبر واري پرچي ۽ نَوڀارت ٽائيمس جي ١٦ سيپٽمبر واري پرچي ۾ مون لِکيو تہ پنجابي ڪتاب ”جهنا دي رات“ کي ١٩٩١ ۾ ساهتيہ اَڪادمي اِنعام ڏنو ويو هو. پر اُن ڪتاب ۾ شريمتي اِندِرا گانڌيءَ ڏانهن اِشارو ڪندي سندس قاتل بيِ‌اَنت سِنگهہ جو اَڌ-سِڌي نموني جسُ ڳايو ويو آهي. اِن باري ۾ ڳالهائيندي ساهِتيہ اَڪادميءَ جي پرڌان ڊاڪٽر ويريندر ڪُمار ڀٽاچاريہ قبول ڪيو آهي تہ انعام لاءِ اِن ڪِتاب جي چوُنڊ ۾ غلطي ٿي آهي.

هِڪ ٻي غلطي پڻ ٿي آهي. اِن ساڳئي سال ١٩٩١ ۾، ساهِتيہ اَڪادميءَ اِنعام هريڪانت جيٺواڻيءَ جي ڪويتا سنگرهہ ”سوچ جون صورتون“ کي ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ راشٽر وِروڌي ڪويتائون درج ٿِيل آهن.

موجوده ليکڪ جِتي ساهِتيہ اَڪادميءَ جي سُوَتنتر رهڻ جي فائدي ۾ آهي (ڇاڪاڻ تہ اَڪادميءَ جو سوتنتر رهڻ يا سرڪار جي سِڌي اَڌِڪار ۾ نہ هئڻ، ليکڪ جيِ سوتنترتا سان ميل کائي ٿو)، هوُ اُتي پڻ اِهو چاهي ٿو تہ ساهِتڪ ڪتابن جي صحيح چونڊ ۾ وڏيک ۽ وڏيک جوابداري نِباهڻ گهرجي.

جڏهن ”جهنا دي رات“ پنجابي ڪتاب تي بحث اچا جاري آهي، تڏهن ”سوچ جون صورتون“ سِنڌي ڪتاب تي بحث شروع ڪرڻ نيک ناهي. ليکن اِها ڳالهہ ڌِرياڳ پورن آهي تہ هِڪ ٻئي ’راشٽر وروڌي‘ ڪتاب کي راشٽري سطح تي اِن نموني اِنعام ڏنو ويو آهي. مُلڪ جي ورهاڱي ڪانپوءِ سِنڌي هِندو ڀارت ۾ اچي رهيا آهن ۽ هنن ملڪ جي هر کيتر جي وڪاس ۾ پنهنجو يوگدان ڏنو آهي. ليکن اِن ڪتاب ۾ سِنڌي جاتيءَ جي ديش ڀڳتي ڀاونا کي ٺيس رسائي ويئي آهي ۽ اُن کي جهنڊي اَڳيان پنهنجو سِر نہ جُهڪائڻ لاءِ ڀڙڪايو ويو آهي. ڪوي ’حوالو‘ عنوان واري ڪوتا ۾ چوي ٿو : جنگي/مليو ئي مليو آهي .سڀ ڪجهہ/مُفت ۾/ گهر ويٺي/ پل / شيِ ڪري ملهائين

ساهتڪ رسالي مونکي ۱۹۹۱ ۾ ساهتيه اڪادميءَ پاران سنڌي اِنعام ڪٽندڙ ڪتاب ''سوچ جون صورتون'' تي هِڪ سمالوچناتمڪ ليک لکي ڏيڻ لاءِ چيو. مون هريڪانت جو اِهو ڪتاب سِٽ سِٽ ڪري پڙهيو ۽ لڳم ته منجهس ڪا گڙ بڙ آهي. وري ڏيان سان انجون ٻه ٽي ڪويتائون، جن لاءِ منهنجي من ۾ مونجهارو پيدا ٿيو هو، پڙهيم. انهن کي پنهنجي مطالعي لاءِ هندي ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏٺم. ترجمو ڪندي مُول پاٺ سان وڙهڻو پوي ٿو، اُنجي جسم جي چمڙيءَ اندر گهِڙي اُنجي آتما ۾ جهانڪڻو پوي ٿو. مون لاءِ هريڪانت جا پويان ٻه ڪويتا - سنگره ''اُگهاڙا آواز'' ۽ ''لپ ڀري روشني'' ٻيهر اُٿلائڻ پڻ ضروري ٿي پيا.

آگسٽ ۱۹۹۲ جي پوئين هفتي ۾ هريڪانت ۽ مان ٻيئي هِڪ ريل گاڏيءَ ۾ گڏجي بنگلا ۽ سنڌي ساهِتيه سيمينار لاءِ ڪلڪتي وَڃي رهِيا هئاسين. سندس ڪويتائن تي ڳالهِ نڪتي. مون چيو، ڪن ڪويتائن ما بغاوَت ۽ ديش دروهه جي بوُءِ اچي ٿي. جيئن ته اِن ڪتاب کي قوُمي سطح تي اِنعام مليو آهي، اُن تي قوُمي سطح تي بحث ٿيڻ کپي. هن مهل تائين ڪيترن سنڌي ڪتابن کي ساهِتيه اڪادميءَ پاران اِنعام مليو آهي ۽ اُهي ڪتاب محض سنڌي دنيا تائين محدود رهجي ويا آهِن.'' هريڪانت وراڻيو، '' هائو، تو مونکان اڳه اِها ڳالهه پرم ابيچنداڻيءَ سان پڻ چوري آهي..... ۽ پرم جي معرفت جيٺلي کي ٻه اِها ڄاڻ آهي ته تون اِن ڪتاب تي ڪجهه 'خوفناڪ' لکي رهِيو آهين.... يار، ٿي وڃي اِها ڳالهه. اِها ڳالهه ٿيڻ سان منهنجي ڪتاب ڏانهن ماڻهن جو ڌيان ڇڪبو ۽ اُنکي مشهوري ملندي.''

اُن وقت مونکي رابرٽ فراسٽ جا لفظ ياد آيا: ''ڪويتا گلي ۾ (ڀاونا جو) ڳنڍو اَنکي پوڻ سان شروع ٿئي ٿي. هِڪ پوُرن ڪويتا اُها آهي، جنهن ۾ ڀاونا ويچار کي ڳولهي لڌو آهي ۽ ويچار شبد کي ڀاتو آهي.'' ليڪن هتي ته ڪوي ۽ ڪويتا ۾ اُبهرائي هئي.

انڪري لڳيم ٿو، پنجابي ڪتاب ''جهنا دي رات'' وانگي هن ڪتاب کي پڻ چڱيءَ طرح پڙهڻ بنا ساهتيہ اڪادميءَ جي ٽِن آخرين ججن اِنعام لائق سمجهيو آهي. اُهي ٽي جج آهن - سِنڌي ڪهاڻيڪار شريمتي سُندري اُتمچنداڻي، سِنڌي شاعر ڊاڪٽر اَرجُن شاد ۽ سِنڌي ليکڪا ۽ ساهِتيہ اڪادمي سِنڌي صلاحڪار ڪاميٽيءَ جي سنيوجڪا ڪُماري پوپٽي هيراننداڻي.

هنن ان ڪويتا سنگره ۾ ڏنل هريڪانت جي ڪويتا ''ڪُراچ'' ۾ شريمتي اِندرا گانڌيءَ لاءِ ''وڌوا'' ۽ شري راجيو گانڌيءَ لاءِ ''اَنات'' سنڪيتن/اشارن کي يا تہ سمجهيو ئي ڪونهي يا اهو ڪتاب پورو پڙهيو ئي ڪونهي. اِن ڪويتا جي حوالي ۾ ''وڌوا'' ۽ ''اَنات'' لفظن جو استعمال شريمتي اِندِرا ۽ شري راجيو گانڌي (ماءُ پُٽ) لاءِ ڪيل آهي. هريڪانت چوي ٿو، ''وڌوا جي ورلاپن / يا اَنات جي آليڻن اَکين تي تِرڪي / سچو ديش / دان ۾ ڏيئي ڦٽو ڪرڻ / ٿيندي آهي ڪٿانجي ديش ڀڳتي؟ / ... هتيا جي ڏوھ ۾ / ڦاهيءَ چاڙهي ساھ ڪڍڻ / اِنصاف آهي جيڪڏهن / جوڙڻ جي اَدا ۾ مٽي ڪچيل هٿ/ گردن مروٽڻ لڳن حرفت سان / بي اِنصافي ڪانہ ليکبي/ ٽوڙي ڦٽو ڪرڻ انهن کي/ حالانڪ ڪافي ڪانہ ٿيندي ڪابہ سزا هتيارن لاءِ / ڪيون آهن جن هتيائون / سِين جون / ڳولهي ڳولهي وٺنديون آهن بدلو اَکيون/جنجي ڳوڙهن مٿان/اُڇلايا ويندا آهن ٽانڊا/ ....''

شاعرن ۽ ليکڪن کي پنهنجا موضوع چونڊڻ لاءِ ۽ اُنهن موضوعن کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ ڪدسن-علامتن جي چونڊ ڪرڻ جي آزادي آهي. ليڪن اِن آزاديءَ جو غير فنائتو، شخصي نموني اِستعمال ڀارتي عام مرد ۽ عام عورت دئاران سويڪار ڪيل سڀيہ آچار ۽ راشٽري پرمپرائن جي وِروڌ ۾ نہ ٿيڻ گهرجي. اِها ڳالھ چوڻ جي ضرورت ناهي تہ هڪ سٺي ڪويتا ۾ چرتر ناس لاءِ ۽ مڃتا حاصل ڪيل روايتن جي خاتمي لاءِ ڪا جڳھ ناهي. ڪويتا ۾ پڙڪائڻ ۽ شخصي پسندي-ناپسنديءَ کي اِظهار ڏيڻ واسطي بہ ڪا جاءِ ناهي. گذريل سال دوردرشن تان ديش ۾

اڄوڪو ڏينهن/ ڏنپ ڏيئي جنڪي/ پڄايو ويو هجي پونءِ تان/ جُهڪائيندا ڪونه پنهنجو ڪنڌ/ جَهنڊي اَڳيان/ سندن ئي رت سان/ رڱيو ويو آهي جنهن ۾ (قربانيءَ لاءِ مهر مچيندي)/ باغيءَ جو خطاب/ بهتر پيو پاسي/ ديس پريميءَ جي ڳار بجاءِ/ اَڄوڪي حواليءَ ۾!''

ڪجھ سِنڌي ساهتڪ مخزنن ۾ هريڪانت جي ڪويتا کي پهرين راڄنيتڪ طنز واري ڪويتا ڪري ڪوٺيو ويو آهي. راڄنيتڪ تنز ادب جي هِڪ صنف آهي. ليڪن ان ڪويتا سنگره جون ڪي ڪويتائون ان صنف ۾ شُمارڻ لائق ناهن، ڇاڪاڻ تہ اِها طنز کان راڄنيتڪ ماڻهن جي چرتر-ناس (character assassination) تائين محدود رهجي وڃي ٿي. ائين ٿو لڳيم، ''سوچ جون صورتون'' ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ڏنل سِنڌي اَدبي سنگت ڪراچيءَ پاران ''لپ پر روشنيءَ'' تي ڪرايل ورڪشاپ ۾ پڙهيل مضمون ۾ (اِهو مضمون روزانہ 'هِلال پاڪِستان' ڪراچيءَ جي ١٤ ڊسمبر ١٩٨٨ واري پرچي ۾ شايع ٿيو هو ۽ هاڻي ''سوچ جون صورتون'' ڪتاب ۾ ڏيئي اُن کي اِن ڪتاب جو حصو بڻايو ويو آهي) هريڪانت جي انهن ويچارن جو پرچار پاڪستان ۾ پڻ ٿيو آهي. ان مضمون ۾ لِکيل آهي، ''جمهوريِ سرشتي اندر راجائي ذهنيت کي هريڪانت ''راڄ ليلا'' نظم ۾ واڳُڪو ڪري ٿو جنهن ۾ اِندرا گانڌي سندس زد ۾ اَچي ٿي.

هريڪانت نهرو-گانڌي پريوار لاءِ پنهنجي من ۾ ڪو شخصي بغض رکي ٿو، جو سندس ڪوِيتائن مان ظاهر ٿي بيهي ٿو. اهڙو بغض رکڻ ۽ ڪويتائن ۾ ظاهر ڪرڻ ليکڪ جي سوتنترتا ۾ شامل آهي. ليڪن جڏهن اسين هيٺيون سِٽون پڙهون ٿا تہ پيو نہ، تہ بہ وات جو ذائقو اَوس خراب ٿئي ٿو: ''ماءُ جي چنيءَ ڪائي/ پُٽ کي پيري پوڻ وارا پيادا/ پوکجي ويندا آهن جڏهن راڄ دربار ۾ / ببلو بادشاه وٽ روزگار حاصل ڪري ڪنهن طرح/ بيروزگاري وڌي ويندي آهي/ ڪاٽڪن / ۽ هاٽڪن ۾.'' (اِن ڪتاب ۾ ڏنل 'وندي ماترم' ڪويتا جو هڪ حصو).

اجي. جو جيڪا معنيٰ ڪڍندو، تنهن تي مدار آهي.... ڪيس خبر
مي تہ ”هر هڪ علامت جي شخصي سمجهاڻي ٿئي ٿي. جيڪڏهن
وهانڪي اهو ٽِرنگو جهنڊو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تہ ظاهر آهي تہ
وهانجي من ۾ اهو جهنڊو ڪتل آهي“.

هن هِتان هُتان جون گهٽيئي ڳالهيون ڪيون، جن ۾ هن
روڌ ڪرڻ جي پنهنجي اڌيڪار جو بچاءُ ڪيو. هن چيو ڪيس
ڪته چيني ڪرڻ جي آزادي آهي ۽ ڪيس ڪو قانون، ڪا
سينسرشپ‘، ڪا ’ايمرجنسي‘ اِن حق کان محروم نٿي ڪري
گهي. هن چيو هيءُ پارت آهي، پاڪستان ڪونهي، جنهن ۾
نڌي شاعريءَ جي اول ترين شاعر شيخ اياز کي پارتي شاعر
رايڻ شيام جي خلاف هٿيار نہ کڻڻ جي مجبوريءَ جو اِظهار
ڪرڻ ڪري سزا ملي هئي.

ٽائيمس آف اِنڊيا جي ١٧ سيپٽمبر ١٩٩٢ واري پرچي
هريڪانت جي ڪتاب تي آنڌل منهنجي تهمت جي جواب ۾
اهتيہ اڪادمي انعام جي سفارش ڪندڙ ٽن ججن - سندري
تمچنداڻي، ارجن شاد ۽ پوپٽي هيرانندڻيءَ، ۽ دهليءَ جي
ن ليڪڪن پرم اَبيچنداڻيءَ ۽ مُرليڌر جيٽلي ڏوڙيو وسايو ۽
وچڻ سمجهڻ کانسواءِ ئي (سوچڻ سمجهڻ کانسِواءِ ڪيئن، انجو
لاصو اَڳتي هلي ڪيو ويندو) بي‌لغام ڳالهايو. اُن ڏينهن
نوتما سين گپتا سان ڳالهيون ڪرڻ مان پتو پيُم تہ اُن ڏينهن
ايع ٿيل رپورٽ پٺيان ٽائيمس آف اِنڊيا جي دهلي ڇاپي ۾
م ڪندڙ هِڪ سِنڌي اخبار نويس جي جفاڪشي هئي؛ هُن نٿي
اهيو تہ ان ڳالهہ مٿان ڪو پردو هٽايو وڃي تہ گذريل سالن ۾
مذڪور سال ۾ سِنڌيءَ لاءِ اِنعام ڪيئن ڏنا ويا آهن. ويچاريِ
نوتما کي اِن ڳالهہ جي پس‌منظر جي ڄاڻ نہ هئي، ليڪن
يس پنهنجي ساٿي ڪم ڪندڙ جي اِن ڏس ۾ ڪيل ڪوشش جو
تو هو. ان رپورٽ ۾ ٽنهي ججن اهو پڌايو تہ هنن اهو ڪتاب
حيح نموني پڙهيو هو ۽ ان لاءِ ساهتيہ اڪادميءَ کي اِنعام
يڻ لاءِ يڪراءِ سفارش ڪئي هئي. اَرجن شاد ڪتاب بابت

پاوناتمڪ ايڪتا کي هٿي ڏيڻ لاءِ ”ميرا ديش مهان“ جو نعرو ڏنو ويو هو. هريڪانت اِن ڪتاب جي هِڪ ڪويتا ”منهنجو مُلڪ مهان“ ۾ ديش جي اَجوڪين حالتن کي ڌيان ۾ رکي ڏنل ان صحيح نعري جو پڻ مذاق اُڏايو آهي. هو چوي ٿو، ”مداريءَ جي باندر وانگر / چوندن جي ڏُهلڙيءَ تي / بيوقوف بڻائڻ لاءِ / اَڻپڙهيل اَنبوهه کي / شڀ مهورت جي اِنتظار ۾ / ڪُنواريون رهجي ويل يوجنائون / ڪنديون رهنديون آهن ورلاپ / ندين مٿان / اَڻ ٻَڌل پُليُن تي / منتر سان / ڪئنسر مان مُڪتي ڏيارڻ جون داعوائون / هٿي ٿينديون آهن / صرف هٿي / منهنجو ملڪ مهان !“

سڀ کان وڌيڪ گنڀير ’حوالو‘، ڪنهن ٻي ڪويتا جي بيت ۾ وڌيڪ گنڀير ’ڪُراچ‘ ۽ گنڀير ’منهنجو ملڪ مهان‘ ڪويتائن واري ڪتاب مان صاف ظاهر آهي تہ اُنکي اُنجي اَدبي ڪٿ ڪرڻ ڪانسِواءِ ئي اِنعام ڏنو ويو آهي.

ٽائيمس آف اِنڊيا جي ١٦ سيپٽمبر ١٩٩٢ واري پرچي ۾ اِن اَخبار جي رتنوتما سين گپتا هريڪانت کان اِنٽرويو وٺي شايع ڪيو. هُن صاحِبہ هريڪانت لاءِ لِکيو تہ هو صاحب سنڌي ڪويتا جو ”ڪروڌي آواز“ آهي ۽ هريڪانت قبوليو تہ هن لاءِ ”شاعريءَ ذريعي بدلو وٺندڙ“ واري تُهمت ڪا نئين ناهي ۽ سندس شاعري سنسٿا/سرڪار وِروڌي آهي. ليڪن هن اِهو پڻ چيو تہ اِن ۾ ڪنهن خاص ماڻهوءَ يا ڪنهن خاص جهنڊي هيٺ ڪنهن خاص گروهه جي خلافت ڪيل ناهي. ”جُهڪائيندا ڪونہ پنهنجو ڪنڌ/ جهنڊي اَڳيان“ ۽ ”پل (اُهي) شڀ ڪري ملهائين اَجوڪو ڏينهن“ مان پئدا ٿيندڙ تهمت جو جواب ڏيندي هن وراڻيو تہ ڪيئن ڪهڙي معنيٰ ڪڍجي ٿي، اِن ڳالهہ جو ان سان واسطو آهي. هن ڪنهن هڪ خاص اُتسو واري ڏينهن جي ۽ جهنڊي جي ڳالهہ ڪئي آهي. پر ڪٿي بہ قومي جهنڊي جي ڳالهہ نہ ڪئي اٿس. هو شايد راشٽري سويم سيوڪ سنگهہ جي جهنڊي جي يا ڪنهن ٻي پارٽيءَ جي جهنڊي جي ڳالهہ ڪندو

ﺒﺎر جي نام نِگار رتنوتما سين گپتا جي پُڇڻ تي مون
ﺑﺬانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪين ڪيون. ڪيس ٻڌايم ته
ﺑﮑڏهن انهن لنهي ججن اهو ڪتاب چڱيءَ طرح پڙهي،
ﻨﺠﻲ صحيح ڪيچ ماپ ڪري انعام ڏنو آهي، ته پوءِ ائين
ﻜﺒﻮ ته اُهي لنيئي هريڪانت جي ظاهر ڪيل ويچارن سان
ﻤﺖ آهن ۽ انعام ڏيئي اهڙن ويچارن جو پرچار ڪرڻ/
ﺮائڻ چاهين ٿا. اُنجي برعڪس، پنجابي ليکڪا امرتا پريتم
ﺟﻬﻨﺎ دي رات'' ڪتاب تي اُٿيل طوفان جو لوڏو انڪري
ﺴﺎئي ويئي هئي جو هُن چيو هو ته هُن اُهو ڪتاب سموري
پ ۾ پڙهيوئي ڪين هو ۽ اِنڪري سندس ڏيان اَعتراض
ﻮﮔﻲ ڳالهه ڏانهن وِيوئي ڪين هو. پر اَسانجن لن ججن جو
ﻦ سنڌي ڪتاب تي رايو آهي هنن اوُ يليءَ يت پڙهيو آهي.
ﺮﺗﺎ پريتم 'اوميشن' جي شِڪار ٿي هئي ۽ اسانجا جج
ﻜﻤﻴﺸﻦ' جا شڪار ٿيا آهن. اَرجن شاد کي جواب ڏيندي مون
ﻴﻮ ته هريڪانت جون ڪويتائون هونئن ئي راجنيتڪ آهن ۽
ﻦ اُنهن کي ڪهڙو وڏيڪ سياسي رنگ ڏيئي سگهان ٿو؟
ڏهن خود شاعر چوي ٿو ته ''باغيءَ جو خطاب / بهتر پيو
ﺴﻲ/ ديش پريميءَ جي ڪار نجاءِ/ اَجوڪي حوالي ۾'' ته ڇا
ﻮ ديش پڪتيءَ جي ياوئا تي حملو نٿو ڪري؟.... هرڪا
ﻮﻳﺘﺎ کي اِشارا ڪري ٿي/ ٻڌي ٿي، جن جي آڌار تي
ﻠﮏ پنهنجي من ۾ معنيٰ حاصل ڪن ٿا.... رتنوتما سان ڳالهيون
ﻨﺪي مون کيس ٻڌايو ته بند بند سنڌي دنيا ۾ اسين پل هڪ
ﻲ کي 'پرسڊ' وغيره چئون، جيئن اَيمچندالِيءَ ١٧ سيپٽمبر
ﺮي پرچي ۾ ڏنل رپورٽ ۾ چاڻايل آهي ته هو هڪ ''پرسڊ
ﻮﭼﮏ'' آهي، پر راڻوي ۽ اَنتر راشٽري سطح تي اسانجن انهن
ﺮﺳﮉ ماڻهن' کي شير ڪوته شڪالي جينوئڪ سهنجي انٽريزي
ﻮاڌ ۾ 'جهنڊي' اَگيان 'ڀسي' ليڪ ڪوني، لڏهن به اُن 'پرسڊ
ﻮﭼﮏ' ان رپورٽ ۾ اَڻ-چاڻائيءَ ويچان اٿين چاڻايو آهي.
ﻜﻦ ان ڪويتا 'حوالي' کي حوالي ۾ پڙهڻ سان شڄاڻ/ سُڃاڻ

منهنجيءَ اِن راءِ تي ته اهو ڪتاب سِنڌي جاتيءَ جي ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا کي ٺيس پهچائي ٿو ۽ اُنکي جهنڊي اڳيان نه جهڪڻ لاءِ ڀڙڪائي ٿو، ڳالهائيندي چيو ته مون پنهنجي جائزي ۾ ڪنهن خاص پارٽيءَ کي ڌيان ۾ نه آڻيندڙ ۽ هڪ عام سياسي ڏيک کان اُتساهه پائيندڙ ڪويتائون جي عام قسم واري طنز کي سوڙهي معنيٰ ڏني آهي، ليڪن ان ڪتاب جي مراد خالص ادبي آهي. هن وڌيڪ چيو ته مون اِنعام جي پڌرائيءَ کي سياسي رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندري اُتمچندانيءَ ڳالهه جو ڳانو هضم ڪندي، خاص نڪته کي ڇڏي عام نڪته تي ڳالهائيندي چيو ته جيڪڏهن هريڪانت ملڪ جي ڪن ڳالهين ۽ وارداتن جي نڪته‌چيني ڪري ٿو ته ان ۾ ڪهڙي خطا آهي؟ جيڪڏهن اسانکي ڪي ڳالهيون نٿيون وڻن ۽ اَسين ائين چئون ٿا ته نٿيون وڻن، ته ان سان ڇا اسين گهٽ راشٽر وادي ٿي پونداسين؟ پرم اُتمچندانيءَ ٽنهي ججن جا ڳڻ ڳائيندي ۽ کين خوش ڪندي منهنجو رد عمل ظاهر ڪيو ته ججن جي ايمانداريءَ ۾ شڪ ڪندڙ ذهن روڳي ٿي سگهي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته مون 'حوالو' ڪويتا جي نه صرف غلط معنيٰ ڪڍي آهي، بلڪ اُن ۾ 'جهنڊي' اڳيان 'قومي' لفظ پنهنجي پاران وڌو آهي. مرليڌر جيتلي چيو ته ''ڪُراچ'' ڪويتا ڀارت جي راڄنيتڪ حالتن سان واسطو نٿي رکي. اِها ڪويتا تڏهن لِکي ويئي هئي جڏهن اَجوڪي سِنڌ پرانت ۾ راڄنيتڪ حالتن ۾ وڌيڪ بگاڙو آيو هو. اُن رپورٽ ۾ هريڪانت کي اهو چوندو پڻ ٻڌايو ويو ته مون ساهتيه اَڪادميءَ جي خلاف ڪم ڪندڙ گروهه (لابي) کي پنهنجو ساٿ ڏيندي ساهتيه اَڪادميءَ کي بدنام ڪيو آهي ۽ اُهو گروهه منهنجو ناجائز اِستعمال ڪري ساهتيه اڪادميءَ سان پنهنجي دشمني نِباهي رهيو آهي ... وغيره.

□□

ٽائيمس آف اِنڊيا جي ١٨ سيپٽمبر واري شماري ۾ ان

پارت ۾ اُنجو بيان
جنهنجو پورو مطلب آهي سَچائي
جنهنجي پوري ڪوشس آهي بهتر اِنسان

اُنکي ڪا تڪڙ ناهي
تہ اُها اِشتهارن وانگي چنبڙي
جلوسن جيان نِڪري
نعارن وانگي لڳي
۽ چوندن جيان جيتي

اُها آدميءَ جي پاشا ۾
ڪِتي ڪنهن طرح زنده رهي، ۽ بس.

□□

پانڪ ڪي هڪ ئي معنيٰ مِلنديءَ ته اسين قومي جهنڊي اڳيان سِر نه نوايون. ڪَويتا اُهو ئي ڪُجھ ظاهر ڪري ٿي جيڪو ڪجھ ڪوي ظاهر يا باطن نموني اُن مان ظاهر ڪرائڻ چاهي ٿو، ٻڌائڻ چاهي ٿو. ٻي ڪويتا ”ڪُراچ“ بابت مون چيو ته ”مُرليڌر جيٽلي جو اهو خام خيال آهي ته اِن ڪويتا جو واسطو اَڄوڪي سِنڌ پرانت جي حالتن سان آهي. پڪ ئي پڪ، هريڪانت ڌارئي ملڪ پاڪستان جي اندروُني معاملات ۾ دخل ڏيڻ نه چاهيندو. هريڪانت اِندرا گانڌي ۽ راجيو گانڌيءَ ڏانهن ئي اشارا ڪيا آهن ۽ پارٽي اِنصاف تي سوال جي نِشاني لڳائي آهي.... ۽ ڪورٽ جي مانَ هاني ڪئي آهي جنهن پارٽي انصاف موجب ڪنهن ماڻهوءَ کي ڦاهيءَ چاڙهڻ جو حڪم (هتيا جي ڏوهه ڪري) ڏنو هو. مون اُن ڏينهن واري رپورٽ ۾ اِهو پڻ ٻڌايو ته منهنجو ساهتيه اَڪاڊميءَ جي خلاف ڪم ڪندڙ ڪنهن گروهه سان واسطو ڪونهي ۽ مون ساهتيه اَڪاڊميءَ جي هر صحيح ڪاريه ۾ سهيوگ ڏنو آهي. اِن حالت ۾ مان ساهتيه اَڪاڊميءَ کي ٻين جي نظرن ۾ ڪيرائڻ جو جتن ڇو ڪندُس؟ هريڪانت پڻ منهنجو شخصي دوست رهيو آهي، ڪيس هيٺ ڪيرائڻ جو جتن ڇو ڪندس؟ هيءَ ته هِڪ نظرياتي ڪشمڪش آهي.

اڄ ڪالهه ڪويتا تي ڪيترن ئي همعصر ڪوِيُن ڪويتائون لِکيون آهن. ڪويتا ڇا آهي؟ ان موضوع تي مون به ڪويتائون لکيون آهن ته هريڪانت به لکيون آهن. ليڪن ان ڏِس ۾ هِندي ڪوي ڪُنور نارايڻ جي ”ڪويتا“ عنوان سان ڪوِتا آهي:

ڪويتا وڪتويه نه، شاهد آهي.
ڪڏهن اسانجي سامهون
ڪڏهن اَسانکان اڳ
ڪڏهن اَسان کان پوءِ.
ڪوئي چاهي به ته روڪي نٿو سگهي

ياترائون اڪثر سفرناما
۽ ڏسڻ جهڙن هنڌن جي گائيڊ بوڪن ۾ ختم ٿين ٿيون
۽ ياترائن دوران آنتر ياترائون آهن
ڪويتائون، ڪهاڻيون ۽ پيون رچنائون.
تنهنجو، هُن جو ۽ منهنجو جُدا جُدا آتم آهي
پر اُن جدا جُدا آتم ۾
اَلف ننگو الف ڳنيڙ سان اسين هڪ ئي آتما آهيون
ائين، جيئن اسين هڪ ئي گهڻنا/دُرگهڻنا آهيون.
اَلف ننگو الف ڳنيڙ سان
آتم بڻجي ٿو آتما
ديهه جي چولي سان واسطو ٽوڙي
ليڪن پورو نٿو ٽوڙي/ نٿو ٽوڙي سگهي
۽ اوترو ئي اَڌپورو / اَڌورو سچ رهجي وڃي ٿو.
(اَلف ڳنيڙ سان)

□□

Genuine poetry can communicate before it is under-
stood.

- T.S. Eliot, Dante

مون ديس وِديس جون انيڪ ياترائون ڪيون آهن.
پر منهنجين ساليانين ڊائرين ۾ اُنهن ياترائن جا
تفصيلوار احوال ڪونه ليندا. منجهائن صرف ايتري خبر
پوندي ته مان ڪهڙي تاريخ تي پنهنجي ديس/دنيا جي
ڪهڙي هنڌ هوس ۽ اُتي ڪنهن سان مليم. بس، ڪي
خاص اشارا هوندا. ائين ڪرڻ ڪري اهو نقصان رسيو
آتم ته اِنهن خاڪن جي مدد سان انهن بابت ٿورو ڪجهه
رچناتمڪ لکي سگهيو آهيان. ائين ته سفرنامي جي طرز تي
انگريزي ۽ هِنديءَ ۾ ڪي ليک - جهڙوڪ هندستان ٽائيمس ۾

٦

ڏاريو ڪوبہ ناهي

(هِڪ ياترا دورُان ڏهہ اَنترياترائون)

منهنجيون ڪوِيتائون
آتم سنگهرش ڪانپوءِ آهن آتم ساڪياتڪار
جنهن ۾ ظاهر ٿي پوي ٿي
منهنجي اُها اُگهاڙپ
جاهوند منهنجيون ڪهاڻيون پڻ ظاهر نہ ڪري سگهن.
ڪهاڻيون وري بہ ڍڪيل-ڍڪيل رهن ٿيون
ٻين ويَڪتين جي نالن ۾
ڏارين استين جي حوالن ۾.
ڍڪيل تہ ڪوِتائون بہ هجن ٿيون
پر اُنهن جو لِباس پيو آهي
باٿ روم جي ڪُوال يا بيڊروم جي نائيٽيءَ جيان.
گهر وارا ۽ گهر ڪان ٻاهر وارا گهٽيئي لِباس آهن
جيئن آهن گهٽيئي آئينا.
روم يا بيڊروم ۾ رکيل آئينو
۽ دالان ۾ گهر ڪان ٻاهر نڪرڻ وقت
پاڻ کي هِڪ دفعو وري ڏِسڻ لاءِ پِٽ ۾ ٽنگيل آئينو-
پِنهي ۾ عڪس اندوز ٿين ليون الڳ الڳ گهٽنائون
پوءِ بہ آئينو آئينو آهي ۽ لِباس لِباس آهي.
سچ تہ ڪنهن بہ حالہ ڪي اُنجي ڪُل اثر ۾ ڏِسڻ
سويڪار ڪرڻ آهي گهٽنا تت ڪي
۽ بہ‌جي نشا سگهون اسين گهٽنا ڪان، نہ گهٽنا ڪان.

ڪنهن ڪانفرنس / سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻ ويندو آهيان تہ وات تي مسافريءَ ۾ 'بريڪ' ڪري ٻيا بہ شهر ڏسندو آهيان، تيئن مان وديش ياترائن ۾ پڻ ڪندو آهيان. جيتوڻيڪ مان يورپ جا گهڻو ڪري سڀ مکيہ شهر اڳ ۾ گهميو هوس، تڏهن بہ مون هن ڀيري اُهي شهر وري گهميا. هائو، هن ڀيري اولهہ جرمنيءَ (هائي جرمنيءَ) جو ميونخ شهر مون لاءِ نئون هو. ان يورپ ياترا لاءِ ڀارت سرڪار جي وديش ياترا يوجنا هيٺ پنج سؤ ائمريڪي ڊالر وني خرچ ڪيم ۽ ان ياترا دؤران انگريزيءَ ۾ ڏھ ڪويتائون لکيم. پنج سؤ ڊالرن ۾ ڏھ ڪويتائون مليون، ڪو مهانگو سؤدو تہ ڪونہ هو!

اسپين ڏانهن ويندي وات تي آسٽريا ملڪ جي وِيَنا شهر ۾، ۽ اولهہ جرمنيءَ جي ميونخ ۽ بان شهرن ۾ لٿم، ۽ اسپين کان واپس ايندي وات تي اِٽليءَ جي روم، گريس جي ائٿينس ۽ ٽرڪيءَ جي استنبول جي ياترا پڻ ڪيم. موٽڻ مهل ٽرئنزٽ پئسينجر طور هڪ رات دبئي هوائي اڏي تي پڻ گذاريم.

سڀني شهرن ۾ منهنجا ڪي نہ ڪي دوست ۽ واقفڪار هئا. مثال طور، ميونخ ۾ مهروان مامتاڻي ۽ بان ۾ هارورڊ پروفيسر اناميري شيمل. اِهو تہ هاڻي جرمنيءَ جا ٻيئي ڀاڱا اوڀر جرمني ۽ اولهہ جرمني گڏجي هڪ ٿي ويا آهن، تڏهن اُهي جدا جدا هئا. ليڪن ان وقت ٻنهي ڀاڱن کي گڏ ڪري هڪ ڪرڻ واري هلچل زور شور سان هلي رهي هئي. ان هلچل دؤران گهڻن ئي جوانن قرباني ڏني هئي. سندن ٻليدان وئرٿ ڪين ويا. هيٺ ڏنل ڏهن ڪويتائن جي ان هڪ سلسلي ۾ ٽيون نمبر ڪويتا ''لڊ يا آرائجو لاءِ'' ان اتهاسڪ گهٽنا ڏانهن اِشارو ڪري ٿي.

اِن يورپ ياترا دؤران جدا جدا شهرن ۾ منهنجي من جي اک آڏو جيڪي منظر اُڀريا، سي مون انهن ڪويتائن ۾ قلم بند ڪيا. گهڻو وقت اڳ شري رَوِيندر نات ٺاڪر پنهنجي هڪ گيت ۾ لکيو هو:

يورپ ۽ ائمريڪا ياترائن تي شايع ٿيل ليک ’’پوئيٽس‘‘ ٽري
اِن وِيَنا ۽ ’’ٽريٽ مي اِئز اي پرسن‘‘ ۽ ڊِنمان ۾ منيلا ياترا
تي ظاهر ٿيل ’’خوني سوله ڳهنٽي‘‘ لکيا هئم، جي اڳتي هلي
پنهنجن ڪتابن ’’آف گراس ائنڊ روٽس‘‘ (١٩٨٧) ۾ ۽
’’هم سب کي وراثت (١٩٨٩) ۾ درج ڪيا هئم. ’’ٽورو ڪج
رچناتمڪ‘‘ ۾ منهنجو هڪ ننڍو ناول ’’ڪوٽ‘‘ (١٩٨٥) ۽ مول
انگريزيءَ ۾ لکيل منهنجين ڪويتائن جو مجموعو ’’ايلين
ڊ يئير اِز نن‘‘ (١٩٨٩) اچي وڃن ٿا.

هن باب ۾ نموني طور، مان پنهنجيءَ هڪ وديش
ياترا جي حاصلات بابت لکي رهيو آهيان. انٽرنئشنل
رليجس فائونڊيشن، نيو يارڪ جي سڏ تي، ان فائونڊيشن
جي رليجس يوٿ سروس نالي هڪ يوجنا جي تحت مان
هندو ڌرم جي مکيه صلاحڪار طور جولاءِ ١٩٨٨ ۾ اسپين
ويو هوس. ان موقعي تي مون پارٽي ڌارمڪ ويچار ڌارا
۾ انيڪتا (Pluralism) وشيه تي ڀاشڻ ڏنو هو ۽ اُتي آيل پين
آچارين ۽ وديارٿين سان جدا جدا عالمي مذهبن / ڌرمن تي
ويچار جي ڏي وٺ ڪئي هئي.

جيئن هوائي جهاز جون ايڪانامي ڪلاس
ايڪسڪرشن ٽڪيٽون منزل واري هنڌ تي گهٽ ۾ گهٽ
پندرهن ڏينهن رهڻ لاءِ هونديون آهن ۽ جدا جدا عالمي
مذهبن / ڌرمن جا اُهي صلاحڪار اسپين ۾ ايترا ڏينهن
ڪونه رهڻا هئا، اسان سڀني صلاحڪارن کي سموري ڀاڙي
واريون ايگزيڪيوٽو ڪلاس ٽڪيٽون موڪليون ويئون هيون.
سموري ڀاڙي جون غير رعايتي ٽڪيٽون ملڻ جو اهو مطلب
هو ته اسين مقرر ميلن جي مفاصلي اندر يورپ ۾ ڪٿي
به وڃي ٿي سگهياسين. ليڪن اُنجو اهو به مطلب هو ته
اسين اهي يورپي شهر گهمڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي هڙان
پڻ خرچ ڪريون.

جيئن مان پنهنجي ديش ۾ به ڪنهن ڏورانهين شهر ۾

۽ ننڊ ۾ ٻڙ ٻڙائيندي ڏٺو هو -
بسترو
جو امڙن ئي ياڃ ڪاڏل
جوانن جي بسترن سان ڳنڍ
پاڙي جي هڪ ڪمري ۾، پَٽَ تي وڇايل هو.
مون ڪيس ننڊ ۾
رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي ڏٺو هو.
....
هِڪُ ته پڇي آيل،
پيو اُن پونءِ جي منتان ته!
پوءِ پلا، هوُ ڪيئن ٿي ٻچي سکيو
اُتان جي نسل پرست موالين کان؟
گذريل ڏينهن
هوُ سندن وڙ چڙهي ويو هو -
جڏهن هوُ ويچارو
اوپيرا هائوس جي انڊرگرائونڊ مارڪيٽ ۾
مالِڪن پاران ڏنل
اَخبار جو اِشتهاري لِباس پائي
اَخبار جا پرچا وڪڻي رهيو هو
ته هنن موالين اچي سندس گهيرائو ڪيو هو
۽ ماري ماري ٻنون بٽايو هنائونس.
....
اَلوداع وقت
رينويگ اِسٽيشن تي
ڪيشوَ رام ڪي خبر ڪا چاڻ هئي
ته اُها مُسڪراهٽ
سندس چهري تي اوڪڙوُ اوڪڙوُ وينئي هئي.

”جڏهن ڪو ماڻهو
توکي سچائي ڏي،
تہ پوءِ (هُن لاءِ) ڪو ڏاريو ناهي
ڪو دروازو بند نٿو رهي.“

”توکي سچائي ڏي“ لفظن ۾ ”توکي“ سان شري رويندر ناٿ ٺاڪر جو مطلب ايشور يا الله سان هو، پر مون لاءِ اُنجو مفهوم انسان سان پڻ وابستہ رهيو آهي. جڏهن ڪوبہ اِنسان، اِنسان کي سچائي ڏي، تہ پوءِ ڏاريو ڪوبہ ناهي. اِنسان ذات هڪ آهي. اِنسان جا مسئلا هڪ جهڙا آهن ۽ اُنهن مسئلن جا حل بہ هڪ جهڙا ئي آهن. اڄ دنيا ۾ نسل پرستي، بنياد پرستي، نقلي مال / ملاوٽ، الڳاوَ پرستي وغيره جا مسئلا هوبهو هڪ سريکا آهن. منهنجيون اِهي ڪويتائون اسانجن انهن ساڳين اِنساني اِستٿين سان روبرو آهن :

ا اُداس چهرو

وِينا (Vienna) ۾
رينويگ اِسٽيشن تي
ڪيشورام مونکي ڇڏڻ آيو :
سندس چهري تي نمودار هئي
هڪ خوشنما مسڪراهٽ
جنهن منجهان هن چوڻ چاهيو
تہ مان
پنجاب ۾ ويٺل سندس مائٽن کي وڃي ٻڌايان
تہ هوءُ
اُتي، اُن ملڪ ۾
سالم بالم ۽ خوش راضي آهي.
....
گذريل رات
مون ڪيس بستري تي پاسا ورائيندي

جلد ئي
اُن چترڪار دوست جي درشنيءَ
ڪيس سڌي ليڪ تان موڙي
ڇاتل - سڇاتل چڪر ۾ آندو -
چڪر،
جو هڪ ئي وقت ڪانئڱان ملاوٽي گوري به آهي
نه سهاڳڻ جي مٿي جي بندي
۽ شونيه به آهي.

٣ - لِبديا آرئجو لاءِ

اَوائلا (Avila) جي پڪوڙي ريستوران ۾
ڪافيءَ جي پيالي مان سرڪ ڀريندي
مون
اَچانڪ ئي
لبديا کان سندس خاوند جي باري ۾ پڇيو.

....

هن چيو،
هو هاڻي روحاني دنيا ۾ آهي
اُتي اِنتظار ڪندو هوندو
نه هوءَ وٽس وڃي اِها خوشخبري ٻڌائي
نه جرمنيءَ جا ٻئي ملڪ گڏجي هڪ ٿي ويا آهن.
۽ هو پنهنجي اينڊڙ جنم ۾ ملي سگهي ٿو
برلن ديوار جي هن پار وڃي
پنهنجي ٻالپڻ جي ساهيڙيءَ سان.
سندس اَک ۾ چمڪي اُٿيو
هڪ آنسون،
جنهنجي روپي پردي تي
مون ڏٺو
١٩٨٥ وارو اهو منظر -

٢ - ڪانئگان پيڙهي

مون ڪيس
ميونخ (Munich)جي هڪ انبر گرائونڊ ٽرين ۾
پاڻ سان گڏ سفر ڪندي ڏٺو
۽ محسوس ڪيم
تہ انسان ذات جو سفر اڃا اڌورو آهي ....
سندس پانهون ننڍيون،
۽ هٿ ڪلهن تان
ٻنيءَ جي ڪنهن اوٺوءَ وانگي
لٽڪي رهيا هئا.
....　....

هونئن مهروان مامئاٽي تنتر واري چڪر ورشٽيءَ جو مالڪ آهي
پر هِن پيري
هو سِڌي ليڪ ۾ پٺيان ويو
۽ پڌايائين،
اَهڙا ڪيترائي جوان پار
اُنهن مائٽن جي سنتان آهن
جي هِتان جي انگريزي باغ ۾
آدم ۽ حوا جون پومِڪائون نِباهيندا رهيا
بي وَستر عياشي ڪندا رهيا،
پر
انهن حوائن
ڪانئگان نالي نقلي گرپ - نروڌڪ گوريون
ورتايون هيون
۽ اهڙن پارن کي جنم ڏنو...
اَڄ اُهي اَڌو گا بڙا پارڙا
ان انگريزي باغ ۾ ڪڏهن بہ پير پائي نہ سگهندا!
.....　.....

ذهن ۾ هڪ خيال چمڪاٽ ڪري اُٿيو
تہ منهنجو نالو
هِتي هُتي درج آهي --
وڏن وڏن هوائي اَڏن تي،
۽ دنيا ڀر جي نگرن - مهانگرن
وسيع اسيمبلي هالن
۽ پنج - ستارا هوٽلن ۾ ...
پر پوءِ بہ
مان پنهنجي ملڪ ۾
هڪ ڀارتي ڀاشا جي اَڌياپڪ ناتي
جنهن سنسٿا ۾ ڪم ڪريان ٿو
ڀاشا،
جا قومي ٻولين جي فهرست ۾
پندرهين نمبر تي آهي،
اُها انگريزي ناهي.
جائي سچ پچ اَج ڪالھ مکيہ ڀارتي ڀاشا بڻجي پيئي آهي
اُتي
اُتي منهنجو نالو ڪٽڻ وارو
مونکي ياد ڪرڻ وارو شايد ئي ڪو آهي !
....
نام نهاد ڀارتي ٻوليون
بند آهن
پڃرن ۾ -
پڃرا، جي ڀرانت آهن ...
۽ مان
اُن سنسٿا جي ڪنٽين ۾
پيلي اَڪيلي ڪُنڊ ۾ ويهي
پنهنجي حياتي
چانهن جي چمچن سان
ماپيندو رهان ٿو.

هينرڪ
جدا جدا ۲۱ ملڪن مان آيل جوانن مان
هڪ جوان
برلن ديوار جي خلاف
مظاهرو ڪري رهيو هو
پر
اُگھتي هلي
اُتان موٽندي
فرئنڪ فرٽ هوائي اڏي تي
هو بم گولي جو بَکُ بڻيو هو.
ڪنهن
جنهنجو وشواس
اِنسان کي اِنسان کان جدا ڪندڙ ديوارن ۾ هو
تنهن مٿس اُهو بم گولو اُڇلايو هو.

....

آوائلا جو شهر
اِسپين ۾
سڀ کان وڌيڪ اونچائيءَ تي آهي
ليڪن ان وقت
اُتي ڪافي پيئندي
لڳو هوم
اِنسان
پنهنجين ڪارگذارين ۾
اجا گھڻو مٿي اُيري سگھي ٿو.

□□

۴ - پيلي اَڪيلي ڪُنب ۾

ليو ناردو دا ونچي (Leonardo da Vinci) هوائي اڏي ٻاهران
اندر شهر ۾ وڃي وڃڻ واري بس جو
انتظار ڪندي

آسمان ۾ مٽي اُڏري
اُنجي روپي نيري روپ ۾
سمائجي وڃي ٿو.

٦ - مائيڪل انجيلو جي ''ڪروُٽا''

ڇا اِهو عيسيٰ آهي
جو امر جوانيءَ واري ڪماري منڊونا جي
گوڏن تي
آخرين ننڊ ۾ سُتو پيو آهي
يا اِها مرٽينگ اِنسانيت آهي
جنهنکي قدرت
ڪروُٽا وچان تاتي رهي آهي؟

٧ - اَٿينس ڪڏهن سمهيو ناهي

ائڪروپولِس جي سدا جاڳرت پهاڙيءَ هيٺ
اَٿينس (Athens) ڪڏهن سمهيو ناهي
اِهو پاڻ سان ۽ پين سان
پيڙهي در پيڙهي
سنڪلپنائن ۽ سنسٿائن تي-
جيئن تہ ارسطوءَ افلاطون ڪي
۽ افلاطون وري سقراط ڪي سُڌاريو، وَڏايو-
گفتگو جاري رکندو آيو آهي
۽ ريستورانن ۾ بيئر ڏوگهيندو رهيو آهي
يا سُرڪيون ڀري ڀري ڪاري ڪافي پيئندو رهيو آهي.

....

ڪانسٽيٽيوشن اِسڪواير جي هِڪ ريستوران مان
مان
اَپولونوس اِسٽريٽ جي هِڪ هوٽل ۾

٥ - هڪ چِٽ / چِٽَ هيٺان

وئٽيڪن (Vatican) ۾
سينٽ پيٽر جي
بصر واري ڳنڍ جيان / روپهي نيري گُنبذ ڏانهن
نهاريندي،
اَز خود
مائيڪل انجيلو جي ياد گيري اچي ويم ...
هُن برهمانڊ کي اِن انڊ ۾ آٿي
اطالين ڪلا جو جوهر ڏيکاريو هو ...
ياد آيم،
ايل ايسڪوريال ۾ فرئنسس ڪلارڪ
جنهن چيو هو
تہ هڪ مذهب جو پليءَ پٽ مطالعو
اسان ۾
ٻين مڙني مذهبن لاءِ، ٻين سيني ماڻهن لاءِ
عزت جو جذبو پيدا ڪري ٿو ...
۽ ياد آيو فرئنڪ گراوَ
جنهن اسانجي دلائي لاما جو حوالو ڏيندي
ٻڌايو هو
تہ هڪ طرف ضرورت آهي
ڌرم جي مخصوصيت جي
۽ ٻئي پاسي درڪار آهي
اُن مخصوصيت جي
ڌرمن جي عواميت ۾ گم ٿي وڃڻ جي ...
هرڪا شيءِ
جا اوناهين اُپري ٿي
سا پنهنجي اوناڇائيءَ تي پهچي
ٻين اوناڇاين سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿي.
اهو گُنبذ

باسفورس پُل تي
اولهه ۽ اوڀر وارين ٻنهين سيپتائن تي
ٻه- لانگهو بيهي
مون اِنسان ذات جي ماضي ۽ مستقبل کي
ڪاري سمنڊ ۽ مارمرا سمنڊ جي
ڪنارن سان ٽڪرائيندڙ ڇولين ۾
صاف صاف ڏٺو،
۽ ڏٺو
ته اُفق جي ليڪ ۾ ٽِڪن جيان
مسجدن جي مُنارن تان
ڪٽرپنٿي معذنن جي آوازن ۾
زمان حال غـرق هو.

....

مون چاهيو،
ڪاش، ترڪ سلطان محمد
سياٽپ جي ديوي سوفيا جي گرجا گهر کي
رُوميءَ جي مثنويءَ ۾ ڪيل اِشاري کي نظر انداز ڪري
مسجِد ۾ نه بدلائي ها
۽ ٻنهنجي ۽ اسانجي آئينده لاءِ
وڏو مسئلو نه ڪـڙو ڪري ها.

....

۽ آلا!
نماز لاءِ اذانن جي باوجود
تقسيم جو اِهو اُپ- نگر
پاپ جو گهر بڻيو آهي.

٩-ٻنهنجي پاڙ تي مڙهيل جلاوطنيءَ دوُران
اِستنبول اوردو سڙڪ تي
هِڪ هنڌ

پنهنجي ڪمري ۾ ويس
مون
بستري تي ميٽروپولس گرجا-گهر جي گهنڊ جا
ٽي ماپيل آواز ٻڌا
۽ ٽنهين ديوين کي ياد ڪيم -
سوچ ۾ دهشت ورائي ويم
تہ مان اُن ڏينهن ٽوري تان بچيو هوس
آتنڪوادين جي شڪار ٿيل
اُنهن بدنصيب ماڻهن مان / مان هڪ ٿي سگهان ها
جيڪڏهن ساڻن گڏ سئر سفر لاءِ
سائگئي آگبوٽ تي چڙهيل هجان ها....
آتنڪواد
گمراهہ فردن جو خواهہ گمراهہ حڪومتن جو ڇو ڪين هجي
علاج نامي
اُن من روڳ جو
جو در اصل پاڙ اندر ڪنهن ڊپ کي
پين کي ڊپ ڏيڻ ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

□

٨-اناطوليه ڏانهن سمنڊ رستي ويندي

ڊبليو. بي. ييٽس اچ ڪلهہ واري اِستنبول (Istanbul) ڏانهن
سمنڊ رستي ويو هو
(ڇيو هنائين ، اِهو ٻين جو ملڪ نامي)
۽ مان اِستنبول کان
اَناطوليه ڏانهن سمنڊ رستي ويس
اَناطوليه، جتي ٻڌا وڏيڪ ٻڌا نڻي ٿيا:
جلال الدين روُمي اچا اُتي شان مان سان هو،
هوُ اَچا ڪونہ مئو هو.

....

جا نڪ تي ڪنهن عمل معرفت
مغز جي خاص رد عمل ۾
ظاهر ٿني ٿي
۽ نندي خواه وڏي قومي ياد ڏياري ٿي.

....

دُبائي (Dubai) هوائي اَڏي جي
فلاءِ باءِ ڪامپليڪس ۾
پرسان بيٺل ماٿهوءَ جي پگهر جي بوءِ مان
مونکي لڳو.
هوُ ڪو ڌاريو نه. پر منهنجو ڪو هم وَطن آهي
جنهنجي اُٽٺي - ويهٺي مون واري آهي.
مون نظر ڦيرائي ڏٺو.
هو پارت جو ڪو ڪارپينٽر/ پلمبر هو
جو پنهنجي ڪٽنب جي ڀلائيءَ لاءِ
مٽ جو پورهيو وڪڻڻ سانگي اوڏانهن ڪيڏانهن ويو هو
جيئن مون پڻ
ڪم و بيش جدا ڪم وِچان
وڏا وڏا مفاصلا طيءِ ڪيا هئا.

□□

پراڻين جهونين ديوارن مٿان
دوستلر نرگليءِ سلونوءَ ۾ ويٺل
شرازي جمال کان
اچانڪ ئي / وِسري ويو
ڪاري ڪاري چانهه جي گلاسڙيءَ مان سُرڪ پرڻ
۽ حقي مان چلم پيئڻ.
مِن اِجهو ماڻ
ترڪي روزاني اخبار ۾ پڙهيو
تہ ايران - عراق جي اعلان ڪيل جنگبنديءَ
دنيا - ڀر جي
موت جي سوداگرن/هٿيار فروشن ۾
گهبراهٽ جي لهر پئدا ڪئي آهي:
اُنهن مان هِڪ
اِسراعيل جي يعقوب نمروديءَ
افسوس ظاهِر ڪيو آهي
تہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اٺ سال پراڻي جنگ
بند ٿي آهي!

....

هوءَ پنهنجيون اکيون
شونيہ مان الاجي ڪٿان مٿي ڪري ٿو
۽ سندس نظرن ۾ هِڪ سوال ٽنگجي بيهي ٿو:
ڇا يعقوب نمرودي
لکها ماڻهن جي تڪليفن تي سائو ستابو ٿيڻ ڇڏي ڏيندو؟
ڇا مان پنهنجي ملڪ ايران واپس وَري سگهندس؟

١٠-خاص بوءِ پگهر جي

جيئن عطر خوشبوءِ آهي،
۽ ساڳيو عطر ساڳيءَ فطرت جي ماڻهن کي مِلائي ٿو.
تيئن پگهر خاص بوءِ آهي

- ٽريڊنگ ؟ ايڪسپورٽ ۾ چا چا آهي ؟
- اِميٽيشن جيولري ۽ ريشم / ريشمي ساڙهيون تہ آهن ئي
ڳڻوڳڻ آهن ڪي خوشگوار، اڻ-وسرندڙ يادون پڻ
۽ مان اڄ ياد ڪريان ٿو -
موجوده نرم گرم بستري تي
اُن ڏورانهين هنڌ تي گُداز بدن وارو هنڌ بسترو
۽ منهنجي رت جي هارمون سطح ۾
اوچتو ئي ڦيرو اچي وڃي ٿو ...
اسانجي ڪرمنڊل ۾
وقت جا منڊل آهن
دائري ۾ دائرا آهن ...
....
ڪرڻ لاءِ ڪريان ٿو
۳۱ جنوري ۱۹۸۴ واري صفحي تي
اُن دِائريءَ ۾ ٿي داخلائون :
- مرليڌر جيٺلي کي ريڊر بڻائڻ لاءِ
دهلي يونيورسٽيءَ جي سليڪشن ڪاميٽيءَ جي بيٺڪ لاءِ
ايڪسپرٽ طور آيل جهمٽمل ياوناڻي اسانجي گهر ۾ اچي ٿو.
- گهر ۾ هڪ عجيب وَ غريب اِتفاق/هڪ عام پيچ اُپت
منهنجي فرنڪچر زده پٽنيءَ سان ملڻ آيون -
منهنجي ماءُ ۽ منهنجي ڌرم / ارٿ / ڪام پيڻ
- شام جو ۵ بجي
سائوٿ دهليءَ جي روٽري ڪلب ۾ منهنجو ڀاشڻ
موجوده زماني ۾ تصوف جو سنيهو .....
۽ سوچيان ٿو
ڌرتي پنهنجي / ۽ سورج جي / چوڌاري / چڪر لڳائي
پيدا ڪري ٿي .... هڪ سٽي ليڪ ۾
سيڪنڊن، منٽن، ڪلاڪن، ڏينهن، هفتن، مهنن ۽ سالن ۾
غير شخصي سطح تي وراهيل

لڳ ڀڳ هِڪ ئي وقت الڳ الڳ شخص

جڏهن اڄ رات جو مان
دهليءَ ۾
سِيول ڏکڻ ڪوريا ۾ آيوجت/ هِڪ ڪانفرنس جي موقعي تي
ٻڌ ڌرم جي ٿائي پروفيسر سڌي پٽر اِندر وٽان
گذريل ٢١ ڊسمبر تي
تحفي طور مليل نئين سال جي ڊائريءَ ۾
پهرين داخلا پرڻ ويٺو آهيان - ڊائريءَ جو
اِستعمال ڪرڻ واسطي
تہ هُن ٻوڌيءَ جو مون اڳيان ٻهڪي اُٿي ٿو
ڪامنائن ۽ واسنائن کان پري
نِرمل شانت چهرو ...
۽ ايتري ۾ جَڙجي وڃي ٿو اُن چهري مٿان
سِيول جي هڪ وڏي چوراهي واري
زير زمين مارڪيٽ ۾
اوچتو ئي ڳڏجي وِيل هڪ ڪوريائي ماڻهوءَ جو
مُکوٽو ڏاريَل چهرو ....
ڇي، مان ڀارت ۽ نيپال ۾
روزگار سانگي ڪيترا ئي ورهيہ رهيو آهيان
۽ منهنجو نالو ٻڻ ڀارتي - نيپالي -ڪوريائي آهي....
۽ هو مسڪراهٽ سان ڳڏوڳڏ مونڏانهن وڌائي ٿو
پنهنجو وزٽنگ ڪارڊ : ڪرشن بهادر پارڪ /
ايڪسپورٽ پروموشن ڊپارٽمينٽ / ڪوريا انٽر نئشنل
ٽريڊنگ ...

پرمونسان گڏ منهنجي ڪاليج ۾ هجي ها. ته هجي ها
مون وانگي ڪڏماڪر
گهٽ ۾ گهٽ گنريل يارهن سالن کان
سينير ليڪچرر، ريڊر گريڊ ۾، وڏي پگهار سان...
۽ ماءُ، پتني ۽ پريمڪا - ٽي ڇٽيون
هڪ، جنهن مونکي ڇٽيو
ٻي، جنهن کان مون ڇٽايو
۽ ٽين؟
ٽين اُها، جنهن ڇٽڻ ڇڏي ڏنو، صرف ماٽيو ۽ ماٽايو،
جنهن کي ڏسي
آچاريہ واتسياين ڪام سوتر جي منگلاچرڻ ۾
ڪڏهن چيو هو
ترمارت ڪاميپيو نمه- ترم، ارٿ ۽ ڪام کي نمسڪار.

....

ٻيءُ ماءُ لاءِ پٽ، پتنيءَ لاءِ پتي، ڀيڻ لاءِ ڀاءُ ۽ پريمڪا
لاءِ پريمي
مان لڳ ڀڳ هڪ ئي وقت ۾ الڳ الڳ شخص آهيان
مان ڇا اڄوڪي ڏينهن
اڄوڪو ڏينهن ئي جيئندو رهيو آهيان؟
سائوٿ دهليءَ ۾ ئي رهيو آهيان؟ سائوٿ ڪوريا ۾ نہ؟
مان ڇا اڄوڪي ڏينهن
گهٽ مان ئي پرايوُٽڪ / پوُٽڪ
شخصي/غير شخصي وقت مان وابستہ نہ رهيو آهيان؟-
پروفيسر اندر، ڪرشن بهادر پارڪ، ڪماري ڏکڻ ڪوريائي
۽ ڊاڪٽر جيٽلي مان سندن غير حاضريءَ ۾
۽پروفيسر پاوناٽيءَ، گهر جي پاتين، شريمتي پارتيءَ ۽ روٽري
ڪلب جي ميمبرن مان
روبرو نہ گڏيو آهيان؟

پوئٽڪ وقت
پر اِن پوئٽڪ وقت جي انهن ٻن دائرن منجهه آهن
دائرن اندر دائرا
۽ اِهي دائرا تلاءُ ۾ پٿر اُڇلڻ سان
پئدا ڪن ٿا شخصي وقت/ پراپوئٽڪ وقت .. يادگيريون !
پروفيسر پاوناٿي پنهنجي اِن دهلي ياترا جا ٻه ڏينهن
رهيو مونوٽ مهمان طور
۽ ڳالهين ڪندي مون ڪئي ڪيس ڀرپور سفارش :
هو هر طرح ريبر ٿيڻ جي لائق آهي
چا ٿي پيو،
جيڪڏهن هو يونيورسٽي ڊپارٽمينٽ ۾ رهي ڪري ٻه
سنڌيءَ ۾ بي. اي. (آنرس) ۽ ايم. اي. جا ڪورس
مشروع ڪرائي نه سگهيو آهي ؟ ...
هو هر طرح ريبر ٿيڻ جي لائق آهي
وڏي ڳالهه نامي،
جيڪڏهن پارتي پاشا وياڪه ۾ صرف سنڌيءَ
جو هڪ ليڪچرر هوندي ٻه
هو پاٽڪي دهلي يونيورسٽيءَ ۾ /
جدا ڪنهن غير موجود سنڌي وياڪه جو
پرمکه سڏائي ٿو...
هو هر طرح ريبر بڻجڻ جي لائق آهي
اِتفاق سان، هو منهنجي تحقيقي مقالي جي
ٻن سپروائيزن مان هڪ هو
۽ هن اُهو پورو پڙهڻ ته درڪنار
اُنجي هڪ ٻه سٽ ڪانه پڙهي مني
۽ پوءِ ٻه هو مونکي پنهنجو رسرچ وديارٿي چوڻ ۾
فخر وٺي ٿو ...
هو هر طرح ريبر بڻجڻ جي لائق آهي
منجهس فخر لائق پنهنجو گهٽو ڪجھ آهي

هئي سرڪاري ميڙ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ گواليار ويندس... اوهان نيڪ آهيو نه؟''

''هائو، هو پنهنجي پروگرام موجب هليو ويو. هڪ ڏينهن لاءِ هتي دهليءَ ۾ آيو هو. هڪ رات لاءِ به نه، صرف هڪ ڏينهن لاءِ... پر تون مونسان اوهان .... اوهان ڇو ڪري پيو ڳالهائين؟''

''تون ساڻس گڏ احمدآباد ۾ رهندي آهين نه؟ پوءِ ائين...''

''نه، مان هتي دهليءَ ۾ اڪيلي رهندي آهيان....''

''۽ توهانجون ڊيئر؟''

''جيڪڏهن تنهنجي سوال ۾- توهانجون ڊيئر- سان تنهنجو مطلب هريش جون ۽ منهنجون گڏيل ڊيئر آهن ته مان توکي ٻڌايان هريش سندن پتا آهي، ليڪن منهنجون ڊيئر مونکي ئي پنهنجو پتا ماتا سمجهنديون آهن. پر ٽيليفون تي اهي سڀ ڳالهيون ڪيئن ڪري سگهبيون..... ڊئريڪٽريءَ مان فون نمبر ڏسي مون توکي اِن ڪري فون ڪيو جو مان توسان ملڻ چاهيان ٿي....''

''اَڙي، ڊئريڪٽريءَ مان ڇو؟.... هريش وَٽ ته منهنجو فون نمبر آهي... اَجا ٽيون ڏينهن صبح جو بئنڪ لاءِ گهر مان نڪرڻ کان اڳ، هِن مونکي ٽيليفون ڪيو هو ته مان ڪيئن به ڪري ايجنڊا جي هِڪ خاص اِسم تي سندس حمايت ڪريان....''

''تنهنجو فون نمبر سندس شخصي ڊائريءَ ۾ لکيل هوندو.... تون گهر ۾ آهين نه؟... مان اچان ٿي.''

منهنجي اَکين آڏو ڪنهن جنگي داستان مان اُهو منظر ڪڙو ٿي وِيو، جنهن ۾ ٻن راجائن جي وِچ ۾ هلندڙ جنگ دوران هِڪ راجا جي راڻي ٻئي راجا جي چاهت ۾ ڦاسي سندس خيمي ۾ پهچي وڃي ٿي ۽ اِهو ٻيو راجا اُن ڏينهن جنگ جي مئدان ۾ پنهنجي لشڪر جي مهندار کي سامهون نه ڪري اُن راڻيءَ کي اڳيرو ڪري ٿو. پنهنجي راڻيءَ کي پنهنجي جگري دشمن وٽ ڏسي اُن پهرئين راجا جا حوصلا خطا ٿي وڃن ٿا، هوُ ٽٽي پوي ٿو، 'ڦان' ٿي هيٺ ڪري ٿو ۽ وَري نه اُٿي ٿو...... مون پاڻ سنڀالي گل کي چيو،''ڇو ڪين، بيشڪ هلي آءُ. مان تنهنجي گهر کان گهڻو پري ڪونه رهندو

چا ڊائري ۾ هڪ ڏينهن ڊائرن ۾ ڊائرن جو ڪو پيو- پيو
ڏينهن ناهي ؟

(٣١ جنوري، ١٩٨٤)

□□

The whole world is doing things.

- George Santayana, *Winds of Doctrine*

ڪيتريون ئي ڳالهيون پڌائڻ لاءِ آهن. ڪيتريون ئي ملاقاتون قلم بند ٿيڻ لاءِ آتيون آهن - ملاقاتون، جي ڪيترا ئي دفعا ٿيون ۽ جي صرف هڪ ٻه دفعا ٿيون.

هڪ دفعي پنهنجي گهر ۾ ٽيليفون جي گهنٽي وڄڻ تي مون اُن جو رسيور کنيو ته ان مان ڪنهن عورت جو آواز آيو، ”تون موتي ٿو ڳالهائين ؟“

مان تيرس ۾ پئجي ويس. هڪ وڏي عرصي کان پوءِ منهنجي زال کي ڇڏي ڪنهن ٻيءَ عورت مون لاءِ پنهنجائيءَ وچان ”تون“ لفظ ڪم آندو هو. مون لاءِ پڻ پنهنجائي ڏيکارڻ ضروري ٿي پيو. مون ڪانئس پڇيو، ”تون ڪير آهين؟“

جواب ڏنائين، ”مان گل آهيان ... شريمتي گل هريش چاپڙيا ... “

اِهو ٻڌي تيرس جي جڳهه تي ڪو اڻچاتل ڊپ ويڙهي ويم. شال منهنجي رقيب جي خيمي ۾ خئريت هجي. هونئن

ته گل ڪڏهن ڪو ٽيليفون نه ڪيو آهي. ليڪن سندس لهجو ڪنهن بدخبر جو احساس ڪرائيندڙ ڪو نه هو. سندس سچاٽپ ملڻ ڪانپوءِ مون هُن لاءِ ازخود ئي دستوري ضمير ’اوهان‘ ڪم آڻيندي چيو، ”اوهان گل چاپڙيا آهيو؟ ... اچا ٽيون ڏينهن ته هريش ۽ مان ڪنهن هڪ سرڪاري بئنڪ ۾ گڏ هئاسين .... چيائين ٿي، مان اَڄ رات جو ئي ڪنهن

ٻاهرئين شانت مکوٽي اندر سندس اصلي اِنتقامي چهرو لِڪل هوندو آهي ۽ هو مونکي هيٺ ڪيرائڻ لاءِ پاڻ نچاڻ ڪيترو هيٺ ڪري سگهي ٿو. مون سوچيو مان گهر جي پهرئين روم - ڊرائنگ روم - جو دروازو ڪليل رکندس... اهو دروازو ڪليل هئڻ سان به ڪو فرق نه پوندو. موجوده شهري سيپتا ۾ گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ ڪانسواءِ ڪو ٻيو ماڻهو ٻاهرئين ڦاٽڪ تي لڳل گهنٽي وڄائڻ ڪانسواءِ گهر جي دروازي اندر ڪاهي نه پوندو... ۽ ان وقت گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ جي اچڻ جي اُميد ڪانه هئي ۽ وري جيڪڏهن ڪو آيو به ته ٻاهرئين ڦاٽڪ جي کلڻ جو آواز ته ايندو ئي.

ايتري ۾ ٻاهرئين ڦاٽڪ وٽ آٽو رڪشا جي اچي بيهڻ جو آواز آيو ۽ جلد ئي وري ڦاٽڪ تي لڳل گهنٽي اندر گهر ۾ وڳي. ٻاهر نڪري مون ڦاٽڪ کوليو، سامهون گل بيٺي هئي. هوءَ لو -ڪٽ بلائوز ۽ ان بلائوز سان مئچ ڪندڙ ريشمي ساڙهيءَ ۾ ملبوس هئي. سندس چهرو ۽ وار ائين سينگاريل ۽ سجايل هئا گويا هوءَ ڪنهن بيوٽي پارلر مان ٿيندي آئي هجي. پر پوءِ به مون ڏٺو، اها بناوت، سجاوت سندس چهري تي وڌندڙ عمر جي گهنجن کي لڪائي ڪانه سگهي هئي. هوءَ مون ۾، منهنجي چهري ۾ الاجي ڇا ڳولهي رهي هئي.

مون سندس ڏيان ڀنگ ڪندي چيو، ”اچ، ڀلي ڪري آئينءَ.“

ڊرائنگ روم جي اندر اچي هڪ سوفي تي ويهڻ سان ئي چيو، ”تون ته ڪافي بدلجي ويو آهين. منهنجين اکين ۾ ته پنجويهه سال کان اڳ واري تنهنجي مورت سمايل آهي.“

مون به شرارت ڪندي چيو، ”ڇاڪاڻ ته تون هر روز ڀاڪي آئيني ۾ ڏسين ٿي، انڪري توکي پاڻ ۾ وقت آهر آيل ڦيرو ڏسڻ ۾ نٿو اچي...“

هن هڪ ٿڌو ساهه ڀري چيو، ”ها، ائين برابر آهي.“

هاڻي سندس نظر چوڌاري ڪمري ۾ ۽ ڪمري کان ٻاهر

آهيان، ليڪن.....''

هن مونکي اَڌ ۾ ڪٽيندي چيو،'' مون تنهنجو گهر ڏٺو آهي. هڪ دفعي اِتفاق سان هريش ۽ مان تنهنجي گهر ٻاهِران لنگهي رهِيا هئاسين ته مون تنهنجي نالي جي تختي پڙهي ڪري تو بابت ڪانئس پڇيو هو....ليڪن تو مونکي اَچڻ لاءِ چوڻ وقت ان ۾ 'ليڪن' ڇو وِڌو؟''

''مون 'ليڪن' انڪري وڌو ته جيڪڏهن چاهين ته تون هاڻي بروقت اچين. چاهين ته ٿوري دير کانپوءِ هڪ بجي ڌاري اچ... هڪ بجي تائين منهنجي شريمتي پنهنجي ڪم تان موٽي ايندي آهي. ان وقت تون ساڻس پڻ گڏجي سگهندين؟...'' مون وراڻيو.

هن چيو،''نه، مونکي تو ۾ ڪم آهي... مان هاڻي اچان ٿي.''

اهو ٻڌي منهنجي ڪن جون پاپڙيون ۽ لونڊڙيون اوس ئي ٻاڙهيون ٿي ويئون هونديون. منهنجي آواز ۾ پڻ لالائي لهي آئي. مون کيس چيو،''پوءِ ته تون آٽو رڪشا ڪري جلدي اچ.''

اسين ٽيليفون تي اُن وهڪري ۾ هڪ ئي گڏيل اِنتها تائين پهتاسين. اسان ٻنهي پنهنجو پنهنجو رسيور هڪ ئي وقت رکي ڇڏيو.

....

جيسيتائين گل اچي اچي، تيستائين مون تڪڙ تڪڙ ۾ ڊرائنگ روم، بيڊ روم وغيره جي سنوت سنوارت ڪئي ۽ ڏاڙهي لاهي سنان ڪيو. سوچيم، هريش ۽ منهنجي وچ ۾ جا رقابت هئي، ان رقابت هڪ ٻي صورت اختيار ڪئي آهي. جلد ئي ان ٻي صورت جو خيال ايندي ئي منهنجي ذهن ۾ جاسوسي گروهن ۾ ڪم ڪندڙ يا 'بلئڪ ميل' ڪندڙ عورتون تري آيون. مون پنهنجو پاڻ کي آگاهه ڪيو ته ٿي سگهي ٿو ته مونکي هيٺ ڪيرائڻ لاءِ هريش جي اها هڪ نئين چال هجي. سندس

۾ وري ڪچن ۾ وڃي ڪافي ناهڻ لاءِ گئس اِسٽوو تي پاڻي
ڳاڏڙ کير رکيم. واپس آيم تہ ڏٺم، ان وچ ۾ هن پنهي گلاسن
۾ بوتل مان پاڻي اوتيو هو ۽ بسڪوٽن جي دٻي تان ڍڪڻ
لاٿو هو...

گلاس مان پاڻي ڍڪ پيئندي چيائين، ”موتي، توسان
اها ڳڏجاڻي مون کان ڪڏهن بہ وسري ڪانهي... هتي دهليءَ
۾ ئي، اسان جي گهر ۾ ادبي ڪلاس هلي رهيو هو... تون
ڪانئس عمر ۾ ڪي قدر ننڍو آهين... اهي سڀ مهارٿي پاڻ ۾
ڀِٽُ ٿي ڪري توتي چڙهت ڪري آيا هئا. هريش تنهنجي
ڪنهن هندي ڪتاب تي ڪيمچند آنندائيءَ جي چرچ تي
سنڌيءَ ۾ ڪو ليک لکيو هو ۽ توتي ايپاس جي اُچاتڙائي
وغيره جا ڪوڙا الزام لڳايا هئا..“

هوءَ ماضيءَ ۾ کوهجي ويئي هئي ۽ مان ماضيءَ کان
حال جي هر پل ۾ ڪڏهن بہ پنهنجو پاند ڇڏائي نہ سگهيو
آهيان ۽ حال کي مستقبل جو ماضي ڄاڻندو رهيو آهيان؛ مونکي
پڻ سڀ ڪجهہ ياد هو.

هن ڳالهہ جاري رکندي چيو، اُن وقت تو ڪين منهن ٽوڙ
جواب ڏنو هو. تو چيو هو تہ تنهنجي اُن هندي ڪتاب ۾
سنڌيءَ بابت اُهائي معلومات ڏنل هئي، جيڪا ان وقت تائين
وڏن وڏن سنڌي عالمن جي ڪتابن ۾ درج ٿيل هئي ۽ تو هندي
پاٺڪن لاءِ اهائي ميسر ڪرڻ ٿي چاهي ۽ ڪنهن بہ طرح ڄاتل
- سڃاتل حقيقتن کي مروٽو ڏيڻ نٿي چاهيو. هريش ۽ ڪيمچند
يهودي نموني کليا هئا ۽ ڪنهن پراڻي انگريزي چوڻيءَ جو
سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪندي چيو هئائون، پيار ۽ لڙائيءَ ۾ سڀ
ڪجهہ روا آهي ۽ سندن هڪ ئي ڳڏيل مقصد آهي تہ توکي نيچو
نوائجي...“

مونکي لڳو منهنجي گهر ۾ خود تاريخ لهي آئي هئي ۽
اُها تاريخ پنهنجن سڳن رشتيدارن کي پڻ بخشڻ لاءِ تيار نہ
هئي. منهنجي وچ ۾ نہ ڳالهائڻ ڪري اُن تاريخ پنهنجو شروع.

ڪاٺ جي ڦَٽَن تي قريني سان لڳل ڪتابن تي ويئي. سوفي پرسان هڪ ڪيٽ ۾ هڪ سموري لانڊ ۾ سنڌي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ لکيل چاليهارو کن ڪتاب هئا، جن جي ڪرنگهن تي انهن جا نالا ۽ ساڻ ساڻ منهنجو نالو پڻ ڇپيل هو. انهن ڪتابن ڏانهن اشارو ڪندي هن پڇيو، ”جن ڪتابن جي ڪرنگهن تي انهن جا نال ڏنل ناهن ۽ گڏوگڏ تنهنجو نالو ڇپيل ناهي، سي ڪتاب پڪ ئي پڪ سنڌيءَ ۾ هوندا.“

مون وراڻيو، اسين سنڌي ليکڪ هتان هتان دان هٿ ڪري يا اِشتهار گڏ ڪري، سوَ/ سوا سوَ صفحن جا ننڍا ننڍا ڪتاب ڇپايون ٿا... اسان جي سنڌي ساهت جو ڪرنگهو ڪٿي آهي؟ سنڌي پانڪ ڪٿي آهي؟“

کن لاءِ اسان ٻنهي کي اُداسي ويڙهي ويئي. هن چيو، ”ننڍي هوندي مونکي پاڻ لکڻ پڙهڻ جو گهڻو شوق هوندو هو، ليڪن شاديءَ کانپوءِ هريش ان لاءِ مونکي ڪڏهن ڪين همٿايو...“

مون ڏٺو هاڻي سندس اُداسي غير شخصي نہ، بلڪ شخصي ٿي پيئي هئي... ۽ اها گهري اُداسي هئي. اُن ۾ لهڻ مون نٿي چاهيو، ڳالهہ بدلائيندي کانئس پڇيم، ”تو هاڻ ٢٥ سال کن اڳ واري منهنجي مورت جي ڳالهہ ٿي ڪئي... اسين ڪڏهن ڪٿي مليا هئاسين؟“

ليڪن اوچتو ئي مونکي لڳو مان گهر آئي مهمان جو دستوري آدر ڀاوَ ڀُلائي ساڻس ڳالهين ۾ اُلجهي ويو هوس. مون پنهنجي ڳالهہ کي اُتي ڇڏي کانئس ٻيون سوال ڪيو، ”چا پيئنديـنءَ؟ ٿڌو يا گرم؟“

هوءَ منهنجي پهرئين سوال کانپوءِ ڪنهن ٻئي لوڪ ۾ پهچي ويئي هئي. پر هن ان ٻئي لوڪ ۾ پڻ منهنجو ٻيون سوال اَوس ٻڌو هو - هن وراڻيو، ”گرم.“

مان اندر وڃي فرج مان ٿڌي پاڻيءَ جي بوتل، ڊائننگ ٽيبل تان نمڪين بسڪوٽن جو ڏٻو ۽ ٻہ خالي گلاس ڪٽي آيس

۽ اَڄ هوُ پاڻ کي وِلائتي رنگ ڍنگ سان هلائي رهِيو
. اُهو جڏهن اَسانجي گهر ۾ ايندو آهي تہ هريش سان
ي توکي اندران ئي اندران ڪاٽ هڻڻ جا گهاٽ گهڙيندو
. سندسِ نالو وَٺڻ جي ضرورت ڪانهي.... خبر ناهي
مونکي اِن ڳالهہ جي پڪ آهي تہ توکي سندسِ حقيقي
جي ڄاڻ آهي.... اوهان ٻنهي جي وِچ ۾ دوستيءَ جو
الڳہ ڪمينو روُپ ڏسڻ ۾ ايندو آهي....''

اوچتو ئي مونکي محسوس ٿيو، ڪمري ۾ جيئن گل
سڻ تي هئي، ڪچن ۾ تيئن ڪافي ناهِڻ لاءِ رکيل پاڻي
ڙ ڪير پڪ ئي پڪ اُپامڻ تي هوندو. شايد اُهو اُپامجي
جي بہ ويو هجي. پنهنجن ٻنهي سٿرن تي پنهنجا ٻيئي
هٽي، اُٿندي چيُم،'' اُتان، ڪافي ناهي ڪٽي اَچان.''

مان تڪِڙو تڪِڙو ڪچن ۾ پهُتس، وقت تي پهتو
ي. اِسٽوَ تان پتيلو ٽي لاٿم تہ ڏٺم، گل پڻ منهنجي
ان پٺيان آئي هئي. اوچتو ئي پڇيائين، ''ٽيون ڏينهن
سرڪاري بئنڪ ۾ اهِڙو ڇا ٿي گذريو، جو هريش گهر آيو
ڪافي پريشان ٿي لڳو؟''

مون وَراڻيو،'' ڪا خاص ڳالهہ تہ نہ ٿي. هونئن ئي
ن ٻنهي جي وِچ ۾ تاڻ تناءُ رهندو آيو آهي.''

هوُءَ مون سان سهمت نہ ٿي. چيائين،''نہ، ڪا خاص
ه اوَس ٿي هوندي. نہ تہ جيڪر هوُ گهر ۾ پير پائڻ سان ئي
وتي موتي'' چئي وِٺلي نہ ها ..... پوءِ هن اُن سرڪاري
تر ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي ٽيليفون ڪيو ۽ کيس تاڪيد ڪيائين
هو سندس پريل ٽي.اي/ڊي. اي. بِل رڪارڊ تي نہ رکي،
يش ان ماڻهوءَ کي چيو تہ هو جلد ئي اُتي اچي ٻيو بل
ندو .... ۽ سچ پچ هو پنهنجي بئگ تيار ڪري گهر مان
تو. چيائين تہ هو اُتان ئي اِسٽيشن ڏانهن ويندو ....''

هاڻي مونکي سربستي ڳالهہ ياد اچي ويئي. مون کيس
و، ''هائو، برابر ... اِها ڳالهہ ٿي هئي .... تون هل، مان اُتي

ڪيل اهو باب پورو ڪندي چيو، ”ان کان پوءِ ان گروهه جا ڪي ٻيا ميمبر بڻ بڻيا، بڻجندا ويا. هنن سنڌي مخزنن ۽ سنڌي سنسٿائن تي قبضو ڪري گروهه جي پنهنجن ميمبرن جي غير معياري ڪم جي ساراهه ۾ پنا ڪارا ڪيا. ڪين انعام اعزاز ڏياريا ۽ سندن سايي هيٺ نڪرندڙ مخزنن جي سمپادڪي ليڪن ۾ هنن لاءِ پارٽي گيان پيٺ وغيره انعامن جي سفارش ڪئي. پر مان ڏسان ويٺي، صحيح قسم جي ساهتڪار جو پنهنجو هڪ الڳ اِستان آهي.“

مان گل جي اڪين ۾ نهاريندو رهيس. جلد ئي هن منهنجين اکين مان پنهنجيون اکيون ڪڍي شونيه ۾ نهارڻ شروع ڪيو. هوءَ هاڻي تاريخ مان بدلجي آپ بيتي بڻجي ويئي ۽ چيائين، ”مان هريش جي گهر ۾ سالن کان رهندي آئي آهيان. مونکي خبر آهي ته هريش، ڪيمچند ۽ انهن جا گروهه بند - دوست توسان ڪيڏو نه حسد پاليندا رهيا آهن... جڏهن جڏهن تنهنجو ڪو نئون ڪتاب شايع ٿيندو آهي ته سندن ننڊ ڦٽي پوندي آهي ۽ پوءِ ... اهي هڪ ٻئي ڏانهن خط ڊوڙائيندا آهن ته تنهنجي ان ڪتاب جو ڪو نوٽيس نه ورتو وڃي...“ *

مونکي سندس اِها ڳالهه ڪيتري قدر دِل سان لڳي هئي، اِهو چاڻڻ لاءِ گل جون اَکيون شونيه مان لڙي اچي سامهون بيٺيون. ايتري ۾ اَلاجي ڇا ياد ڪري هُن چيو، ”اِن گِروهه ۾ هِڪ اُهو به ماڻهو آهي جنهنجي دوستيءَ جي تون هام هڻندو آهين ۽ جنهن تنهنجي دوستيءَ جو ڍونگ ڪري تو مان گهڻيئي فائدا وَرتا آهِن. تنهنجي سفارِش ڪري هُن پهرِيون دفعو ڪنهن پرڏيهي ڀونءِ تي، شايد ڪولمبو ۾، قدم رکيو

* I would rather be attacked than unnoticed. For the worst thing you can do to an author is to be silent as to his works.

- Samuel Johnson,

ڪ جي ڳالهه ٿي ڪئي ... اُها بئنڪ پوري ٿيڻ ڪانپوءِ
ل منهنجي ڪار ۾ چڙهي لاجپت نگر تائين آيو. ٻڌايائين
و دير شام واري ڳاڏيءَ ۾ گواليار اُسهندو. انڪان اڳ
ڪ جي دوران هن وڏي شان سان ٻڌايو هوم ته هو بئنگلور
نهن سرڪاري ميڙ ۾ شرڪت ڪرڻ ڪانپوءِ اُتي پهتو هو،
س زندگي ڏاڍي مصروف هئي. اسان ٻنهي گڏجي دهليءَ
، ان بئنڪ جا ٽي.اي/ڊي.اي. بل ڀريا. ڪار ۾ مونکي ياد
ته هن پنهنجي بل ۾ احمدآباد کان دهليءَ، ۽ دهليءَ کان
آباد لاءِ ڀاڙو ڀتو وٺڻ لاءِ ڊائريءَ مان انگ اکر ڏسي ڀريا
....''

''پوءِ ڇا ٿيو؟'' گل اِنتظاريءَ وچان پڇيو.

مون چيو، ''پلا، ڪار ۾ ٻيون ڪهڙيون ڳالهيون ڪجن؟
ب ڳالهه ڳالهه ۾ هريش کي چيو، 'تون اهو نيڪ نٿو
ن .... هن ڀيري تون پنهنجي سنسٿا جي نمائندي طور
ور ۽ دهليءَ جي اهڙين سرڪاري بئنڪن ۾ شريڪ ٿيو
ن ۽ اڃا گواليار واري اهڙي بئنڪ ۾ شريڪ ٿيندين، جن
تاريخون هڪ ٻئي پٺيان آهن .... ۽ تون ٽنهي بئنڪن لاءِ
آباد کان بئنگلور ۽ واپس احمداباد، احمدآباد کان دهلي
پس احمدآباد، ۽ احمدآباد کان گوالير ۽ واپس احمدآباد لاءِ
جدا ريلوي فرسٽ ڪلاس ڀاڙا ۽ ساڻ ٻه - ساڻ ڀتا ورتا آهن
ندين .... ۽ وري سيڪنڊ ڪلاس ۾ سفر ڪري تون سدائين
ٽ ڪلاس ڀاڙو وٺندو آهين؟' ''

''تنهنجو اهو وار ته سِڌو هو، پٺيرو نه هو. پوءِ ڇا
'' هوءَ وڌيڪ ڄاڻڻ لاءِ منتظر هئي.

''پوءِ ڇا ٿيڻو هو؟ هن گهڻئي سمجهاڻي ڏني. ليڪن
ن جيئن هو سمجهاڻي ڏئي، تيئن تيئن هو وڌيڪ ۽ وڌيڪ
ن ۾ ڦاسندو وڃي....''

''مان به چوان، هو اُن ڏينهن پريشان ڇو هو... هن ۾
ي گهڻيون خاميون آهن.''

اڇي ٻڌاياڻءِ ٿو... پر اِهو ته ٻڌاءِ، توکي پنهنجي ڪافي ڪيئن وڻندي - تيز يا هلڪي؟''

''اَڄ مان بدلو وٺڻ جي جنهن تَنَءَ مَنَ اِسٿتيءَ ۾ آهيان، اُن ۾ مونکي پنهنجي ڪافي تيز تيز وڻندي،'' هن وراڻيو.

مون سندس مونهن ۾ نهاريو. ڏٺم، سندس چهري تي شرارت رقص ڪري رهي هئي. گهٻراهٽ وچان ڪافيءَ جي هڪ خالي پياليءَ کي منهنجو هٿ لڳي ويو ۽ اهو پيالو سنگمرمر جي سلئب تان هيٺ ڪري چڪناچُور ٿي ويو. ٻئل پياليءَ جي ٽڪرن کي پير سان 'سِنڪ' هيٺان ڪري ٻيو خالي پيالو کڻڻ لاءِ ڪچن مان ٻاهر نڪتم، ته هوءَ به پويان پير ڪري ڊرائنگ روم ڏانهن هلي ويئي.

مان تيز ڪافيءَ جا ٻه پيالا کڻي ڊرائنگ روم ۾ ويس ته ڏٺم ته هوءَ اُتي نه هئي، هيڏانهن هوڏانهن نهاريم، هوءَ ڏسڻ ۾ نه آئي. مون پرسان واري بيڊروم ۾ ليئو پائي ڏٺو. هوءَ بستري تي وڏي اطمينان سان ليٽي پيئي هئي. سندس مونهن ڪنهن مخزن ۾ ڏنل هو. مان اواڪ، اڇل رهجي ويس. ليڪن مونکي اندر ئي اندر لڳو، هوءَ واقعي ان راجا جي راڻي لڳي رهي هئي، جا دشمن راجا ۾ الاجي ڇا ڏسي سندس مدد لاءِ سندس خيمي ۾ آئي هجي. هن دشمن راجا ۾ اهو ڪجھ ڏٺو هجي، جيڪو ڪجھ پنهنجي راجا کان بدلو چڪائڻ لاءِ ڪافي هجي. جيئن ته سندس ڌيان منهنجي اچڻ ڏانهن لڳل هو، هن منهنجي موجودگي محسوس ڪئي ۽ اُها مخزن بستري جي هڪ ڪناري رکي ڇڏي. هوءَ بستري تي اڌ اُٿي ويٺي.

مون اڳتي وڌي ڪيس ڪافيءَ جو پيالو ڏنو. ڪانئس ڪچن ۾ پنهنجو پڇيل سوال هاڻي وسري ويو هو. ليڪن انجو جواب ڏيڻ ئي مون لاءِ هڪ ڪليل رستو هو. مون پري کان هڪ ڪرسي سيري بستري لڳه آندي. ان تي ويهندي ۽ سپاويڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي مون پڇيو، ''گل، تو ٽيون ڏينهن اڳه واري

س سڃاڻن. اجمير جو ديپ چندر ڀيلاڻي ٻه ڪيس چڱيءَ
ح ڄاڻي سڃاڻي. پر اسانجن زميندارين گهرن ۾ عورت
ي عزت نه هوندي هئي. اُهي گهرن ۾ ٻڌيون ٻانهيون
نديون هيون. انڪري مون ننڍي هوندي ئي فيصلو
يو هو ته مان ڪنهن غريب گهر جي ڇوڪري سان
دي ڪنديس، پوءِ چاهي هو ڏهل ڇولا ڇوڪين وڪڻندو
جي ...''
گل جو من ۾ريل هو ۽ هن ان جو اظهار ڪي چاهيو.
ٻڌانهن مونکي هريش جي ٻنهه شخصي زندگيءَ جي
ندن ڪنارن جي ڄاڻ گهر ويٺي ملي رهي هئي. مون
سڪتا وچان ڪانئس پڇيو، ''جڏهن اوهان ٻنهي جي
دي ٿي، تڏهن هريش ڇا ڪندو هو؟''
سندس خيالن جو سلسلو جڙيل ئي رهيو. چيائين،
تڏهن هو راشٽر ڀاشا هنديءَ جا ننڍا ننڍا ڪلاس وٺندو هو
مان هڪ اسڪول ۾ ماسترياڻي هئس. اسان جي شادي
ب وچڻ ڪانپوءِ ئي هن انٽر، بي.اي.، ايم.اي. جا
تحان پاس ڪيا. اسين ٻئي ماستر ماسترياڻي هئاسين.
پڙهڻ سانگي جنهن شهر ۾ وڃي، مان پنهنجي پراڻي
ڪري ڇڏي ان شهر ۾ نئين نوڪري ڪريان، نئين هنڌ
سترياڻي ٿيان ۽ گهر هلايان... ۽ وري هڪ ٻئي پٽيان
ر ٽيئر آيون ته انهن منهنجو، مون اڪيليءَ جو ڪهڙو
ه هو؟''
هوءَ اچانڪ چپ ٿي ويئي. ڏٺم، سندس گلو
جي آيو هو ۽ سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا هئا. هوءَ
ن لاءِ شونيه ۾ سمائجي ويئي هئي. ان مان نڪرڻ بعد
بائين، ''هريش پونا ۾ جڏهن پي-ايڇ.ڊي ٿي ڪئي ته
ن وقت هڪ ٻئي پٺيان ٽئني ڏيئرن کي اچي ماتا
ڪتي. مان اسڪول ۾ وڃان، نيا گهر ۾ ڏيئرن جي پر گهور
ان ... مان سڀ ڪم ڪريان. هاڻي احمدآباد ۾ هو جنهن

”پبلڪ جيون شيشي جو گهر آهي ۽ اهڙي گهر ۾ رهڻ واري کي سمجهڻ کپي ته عام ماڻهو ڪيئن ڏسي جاچي رهيا آهن .... عام ماڻهن سندس جيون ۾ پڻ اهو پڻ ڏٺو آهي ته هو جنهن ڏاڪڻ تي مٿي چڙهندو آهي، اُها ڏاڪڻ مٿي چڙهڻ ڪانپوءِ هيٺ ڪيرائي ڇڏيندو آهي، جيئن ٻيا اوستائين نه پهچن .... ۽ اجا به مٿي چڙهڻ لاءِ ڪنهن وڏيڪ وڏي ڏاڪڻ جي تلاش ۾ رهندو آهي ....“

”تون ٺيڪ ٿو چوين،“ هن ازخود شاملراءِ ٿيندي وڏيڪ گهٽو ڪجهه چوڻ چاهيو. سندس من ۾ ڪا ڳالهه هئي جا اُهڙڪو ڪائي نڪرڻ واري هئي. مون ڪيس اڏ ۾ ڪٽي چيو، ”مون وٽ اهڙا گهڻيئي ڪاغذ پٽ آهن، جن مان سندس اصلي منورتيءَ جي چاڻ پوي ٿي .... مون وٽ هڪ اهڙو خط آهي جو هن سرڪاري سنڌي يوجنا جي پنهنجي چاتل سچاتل عملدار مسٽر امر کي لکيو هو ته ڪيئن به ڪري سندس پراڻا ڪتاب ان سال ڪتابن جي ٿوڪ خريد ۾ ڪٽائي. هن ڪيس اهو به لکيو هو ته ڪنهن کي ڪهڙي خبر پوندي ته سندس اهي ڪتاب مقرر ڪيل مدي اندر ڇپيا هئا يا نه. جڏهن مسٽر امر ان يوجنا جي صلاحڪار جي حيثيت ۾ مون اڳيان سندس اهو خط رکيو هو ته مونکي هريش تي گهڻو ترس آيو هو. ٻاهران شرافت جو جامو پائي گهمندڙ اهو شخص ايڏو هيٺ ڪري سگهي ٿو!“

گل ڪافيءَ جي پيالي مان ننڍو ڍڪ ڀريندي چيو، ”مونکي سڀ خبر آهي، مون ان ماڻهوءَ سان هن مهل تائين هيڏي زندگي ڪاٽي آهي....“

ڪن رکي وري چيائين، ”مون هن لاءِ هرڪا قرباني ڏني آهي، پر ونس منهنجو ڪو قدر ناهي. مان ساهتيءَ پاسي نوابشاهه جي وڏي زميندار جي ڌيءَ آهيان. منهنجو پيءُ ڪانگريسي هو. اُن وقت وارا گهڻيئي ڪانگريسي

٨

انوادَ ۾ سرجڻ جو سُک

چور نِيو سامان
ڇڏي ڪڙڪيءَ تي ويو
چنڊ ۽ آسمان

(هڪ جاپاني هائيڪوءَ جو انواد)

□□

Would we not shatter to its bits - - and then remould it nearer to the heart's desire.

- *Edward Fitzgerald*

□□

هِن ڪتاب جي حوالي ۾ مونکي مٿي ڏنل جاپاني هائيڪو ڏاڍو وڻيو ۽ مون اُنجو سنڌي ترجمو ڪيو. وقت جي چور گهر مان سڀ ڪجهه نِيو (ڪنيو)، پر اوُ ڪڙڪيءَ تان چنڊ ۽ آسمان - اسانجا خواب ۽ اَسانجون يادگيريون - پاڻ سان گڏ کڻي وڃي نہ سگهيو.

اَنواد هڪ وڏي زميواريءَ جو ڪم آهي. اُنہ ڏاري ٻوليءَ جي مول خيال جي پنهنجي ٻوليءَ جي صحيح سياويڪ عبارت ۾ ادائگي ٿئي ٿي. انواد ڪاريہ جي سلسلي ۾ مونکي ياد اچي ٿو تہ هڪ دفعي ساهتيہ اڪادميءَ وارن مونکي پروفيسر ايل.ايچ.اجواڻيءَ جي انگريزي ڪتاب ''هسٽري آف سنڌي لِٽريچر'' (١٩٧٠) جو هندي ترجمو ڪرڻ لاءِ چيو. ليڪن مون ١٩٧٣ ۾ ڪين لکي موڪليو تہ جيئن تہ انواد هڪ اُپ-سنسڪرتيءَ کان ٻي اُپ-سنسڪرتيءَ کي واقف ڪري ٿو، سندس اهو فرض بڻجي ٿو تہ اُنجي صحيح صحيح ڳالهين جي نمائندگي يا ترجماني ڪري ۽ مول ڪتاب جي ظاهر ظهور

سنسٿا جو ڊائريڪٽر بڻجي ويو آهي، اُتي اُن سنسٿا ۾ پيا سڀ ماڻهو پنهنجي پنهنجي گهر پريوار سان گڏ رهن ٿا. هڪ هيءَ آهي جو اُتي اڪيلو رهي ٿو... اِها غنيمت آهي، مون وٽ دهليءَ ۾ ٻاهران ڍيئر پنهنجن گهوٽن پريوارن مان گڏ ايندا آهن ۽ گهمي ڦري ويندا آهن. مان به وٽانئن گهمي ڦري ايندي آهيان. ليڪن اُهي احمدآباد ۾ پڻ اچي سگهن ٿيون ۽ مان وٽن احمدآباد پڻ وڃي سگهان ٿي. هريش گڏ رهڻ لاءِ مونتي ڪڏهن به ڪو زور نه پريو آهي... مان ماسترياڻيءَ جي پنهنجي ڪمائيءَ مان پيئي هلان، هتي دهليءَ ۾ اڪيلي اڪيلي پيئي گذاريان....''

هوءَ روئڻ تائين پهچي ويئي هئي. مون ڏنو ڳالهيون وڌي ويئون هيون. شايد منهنجي سنڀالڻ کان ٻاهر هيون. مون ڪيس چيو، ''گل، تون پاڻکي اَڪيلو نه سمجهه. منهنجي گهر جو هيءُ دروازو تو لاءِ سدائين کُليل رهندو. چڱو، هاڻي تون اهو ٻڌاءِ، تون منهنجي شريمتيءَ جي اچڻ تائين ترسنديئَ يا وڃڻ چاهينديئَ؟''

اکين ۾ اڪيون ڪُپائي هن مون ڏانهن نهاريو. منهُيون اکيون ڪن لاءِ به هيٺ ڪين جهڪيون. هن پيالي ۾ باقي ڪافي هڪ ڍُيٽ ۾ پيتي. بستري تان اُٿي پنهنجي بدن تي ساڙهي نيڪ ڪيائين ۽ چيائين، ''هاڻي مان هلنديس. ڪڏهن وري موقعو مليو ته تنهنجي شريمتيءَ سان پڻ گڏبس.''

۽ مان ڪيس گهر جي ٻاهرئين ڦاٽڪ تائين ڇڏڻ ويُس.

□□

ان انسان (ليکڪ) جي وري سرجيل سنسار کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ وري جوڙي ٿو تہ ڪيس بہ اهي ڪميون ۽ خاميون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. سچ پڇ تہ هرڪا رچنا/ هرڪا جوڙ ترجمو ئي آهي. جنهن کي اسين مول رچنا چئون ٿا، در اصل اها پڻ خيال (Idea) ۾ ويڙهل سنسار جو ترجمو آهي ۽ جنهن کي اسين ترجمو چئون ٿا، سو ان ''ترجمي'' جو ترجمو آهي. اِهو ترجمو (يا اِها ترجماني) ڪرڻ مهل ان ۾ مول ۾ ڏنل ڪيترين خاميون درست ٿين ٿيون ۽ ڪيترا خال پرجن ٿا. اهوئي سرجڻ جو سک آهي. هونئن بہ سک ڇا ۾ سمايل آهي؟ ڪنهن ڪميءَ کي پورو ڪرڻ ۾ يا خال کي پرڻ ۾ يا جا گهربل شيءِ جتي ناهي، اُتي اُها شيءِ پئدا ڪرڻ يا سرجڻ ۾ سک سمايل آهي. سک سرجڻ ۾ آهي: هڪ مان انيڪ ٿيڻ ۽ انيڪ مان موٽي هڪ ٿيڻ ۾ آهي. ٻين لفظن ۾ انيڪاڪار (انيڪ جمع آڪار) ۾ ايڪاڪار (ايڪ آڪار) ٿيڻ ۾ آهي.

سرجڻشيل ليکڪُ جيون جي جدا جدا اِسٿتين ۾ رهي انهن سان هڪ ٿئي ٿو، ايڪاڪار ٿئي ٿو. هو ايڪاگر هجي ٿو. ''ايڪاگر'' جي لفظي معنيٰ آهي (انيڪ هوندي بہ) ايڪ، اگر (اڳہ). اها لفظي معنيٰ ليکڪ جي اصلي سڀاءُ کي اُجاڳر ڪري ٿي ڇاڪاڻ تہ هو انيڪ (اِسٿتين ۾) رهي ڪري بہ (سڀ کان اڳيہ) ايڪ (هڪ) آهي، سندس نظريو هڪ آهي. جتان ۽ جنهن مهل هو اها نظرثاني ڪري ٿو، اهو هنڌ ۽ اهو وقت هن لاءِ هڪ هجي ٿو. هو ان وقت جي اڳيان پٺيان وچي جائزو وٺي ٿو پر اهو هنڌ ۽ اهو وقت هڪ آهي، هو ايڪاگر آهي ۽ جڏهن جڏهن سندس ايڪاگرتا ٽٽي ٿي، تڏهن تڏهن سندس رچنا ۾ خاميون ۽ خال رهجي وڃن ٿا، اِسٿتيون پرماڻڪ (authentic) نٿيون رهن.

□□

۱۹۸۵ ۾ هِن بندي نئشنل بڪ ٽرسٽ واسطي ڪرشڻ ڪنواڻيءَ جي ناول ''يادِ هِڪ پيار جي'' جو هِنديءَ ۾ ترجمو

غلطين جو پنھنجي انواد ۾ پنھنجي ذميواري ڏيکاريندي سڌارو ڪري. پروفيسر اجوائڻيءَ جي مول ڪتاب ۾ گھڻيئي غلطيون آھن، جنجو ھندي انواد ۾ سڌارو ٿيڻ گھرجي. اُن وقت ساھتيہ اڪادميءَ وارن ڪي منھنجي ڳالھ راس نہ آئي ۽ مون اھو ترجمو ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اھا سربستي ڳالھ پنھنجي انگريزي ڪتاب ''سنڌي لٽريچر ائنڊ سوسائٽي'' (١٩٨٩) ۾ ڏني اٿم. اڳتي ھلي، ١٩٧٨ ۾ پروفيسر اِندرناٿ چوڌريءَ جي اَيامڪاريءَ ۾ ساھتيہ اڪادميءَ وارن مونکان پروفيسر اجوائڻيءَ جي مذڪور ڪتاب جي غلطين جي ھڪ لنبي فھرست جوڳو اُجورو ڏيئي ٺھرائي. مونکي خبر نہ آھي تہ ھنن اُنجو فائدو ورتو آھي يا نہ.

ھِن ڪتاب ۾ ڏنل ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ ڪويتائن ڪانسواءِ ھِن بندي ٻين ٻولين جي ڪنھن رچنا جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪونہ ڪيو آھي. ھائو، ڪڏھن ڪڏھن من جي ترنگ ۾ اچي مون ٻھريائين مول انگريزي يا ھنديءَ ۾ لکيل پنھنجي ئي ڪنھن تخليق جو اُلٿو پنھنجي مادري ٻولي سنڌيءَ ۾ ضرور ڪيو آھي.

سنڌيءَ مان ھنديءَ ۽ انگريزيءَ ۾ - خاص ڪري سنڌي ڪٿا ساھتيہ جو ھنديءَ ۾، ۽ سنڌي صوفي ڪلام جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو اٿم. اھو انواد - ڪاريہ ڪرڻ سان (قومي سطح تي) ٻين ٻولين جي اڳڻ ۾ سنڌڙيءَ جي ڪِڙڪي کلي آھي ۽ (شخصي سطح تي) مونکي ان مان سرجڻ جو ئي سک مليو آھي.

☐☐

سرجڻ يا تخليق ڪرڻ ۾ ھڪ عجيب سک ملي ٿو. جيئن چون ٿا تہ خالق ھيءُ سنسار خلقيو، تيئن ليکڪ پڻ سنسار جوڙي ٿو. ليڪن ھر تعميري بناوت جيان سنسار جي ان جوڙ ۾ بہ ڪي خال ۽ نقص رھجيو وڃن. سرجڻ شيلتا ڪي ھر موجوده جوڙ يا نظام ۾ ڪي خال ۽ نقص رھجي ويل، ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انسان جڏھن اڳ سرجيل سنسار ڪي وري سرجي ٿو تہ ڪيس ان ۾ اھي ڪميون ۽ خاميون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ ترجمان

تي ڪجهه رڪارڊس ۽ مخزنون ڦهليل هيون ڊائننگ ٽيبل تي ٽري ۾ ڪجهه ميوو چاريءَ سان ڍڪيل رکيو هو. پٽ تي غاليچو وڇايل هو. مان هڪ صوفا تي ويهي رهيس. ڇوڪريءَ ريگيوليٽر کي ڦيرائي پنکي کي تيز ڪيو پوءِ هُن مُڙي مون ڏانهن نهاريو. سندس ڊگهي چوٽي وراڪو ڪائي، ڇاتيءَ وٽان ڦري هيٺ ساڙهيءَ جي پلئه سان گڏ لٽڪڻ لڳي. هن مون ڏانهن نهاريو. سندس اکين جي اندران سنڪوچ ظاهر ٿيو ۽ چپڻ اُن کي لڪائڻ لاءِ چيائين: توهانجو نالو ٻڌل پيو لڳيم. شايد آنٽيءَ ڪان ٻڌو هجيم. مان نندنيءَ جي ڀائٽي آهيان.

اِن مٿئين ٽڪري ”رڪارڊس ۽ مخزنون“ ۾ لفظن مان رڪارڊس انگريزي روپ ۾ مخزنون سنڌي روپ ۾ لکيل آهن ... آيل مهمان (ستين) ۽ اُها ڇوڪري (ديپا) هڪ ٻئي لاءِ اجنبي آهن. ديپا ته ڪيس پنهنجي پڦي نندنيءَ جو هم ڪلاسي متر سمجهي اندر وٺي ويئي. ملاقات جي اها اِستٿي پنهنجين اکين آڏو وري جوڙي ڏسجي ته لڳندو ته ستين اندر گهڙڻ سان ئي وائڙن يا بي صبرن جيان ڪمري جو جائزو نه وٺندو، هو ڀريائين شاستگيءَ سان سوفا (صوفا؟) تي وڃي ويهندو. ليڪن هتي ڏيکاريل آهي ته هو نه صرف ڪمري جو قسم (ڊرائنگ-ڊائيننگ روم) ڏسي ٿو، بلڪ اُنجي خاصيت (گهٽو سجايل نه)، اُن ۾ سامهون سيٽيءَ تي ڦهليل رڪارڊ (س) ۽ مخزنون، ان ۾ ڊائننگ ٽيبل تي رکيل ٽري ۾ چاريءَ سان ڍڪيل ميوو ۽ ان ۾ پٽ تي وڇايل غاليچو پڻ ڄاچي ٿو. هائو، سوفا تي ويهڻ ڪانپوءِ سندس ڌيان انهن ڳالهين لاءِ اَوَس وڃي سگهي ٿو. ان ڪان پهرين سندس ڌيان کي ان ريت پٽڪيل ڏيکارڻ ستين جهڙي حساس دل، پر فضيلت واري ماڻهوءَ سان بي انصافي ڪرڻ آهي. هڪ ٻي ڳالهه هتي ڏيکاريل آهي ته ديپا ستين ڏانهن ٻه دفعا نهاريو. هونئن هوءَ ڪيترائي ڀيرا به هن ڏانهن نهاري، پر ان اِستٿيءَ ۾، ڏيپا پنکو تيز ڪرڻ ڪانپوءِ مُڙي هڪ دفعو نهاريو هوندو ۽ ستين جي نهار ۾ پنهنجي ڇاتيءَ تي وراڪو

ڪيو ۽ اُن هندي ڇاپي لاءِ پوُمڪا پڻ لکي. ان ۾ مون ڄاڻايو تہ اڄ ڪالهہ جڏهن رومانت کي اهميت نٿي ڏني وڃي تڏهن بہ اِها پرورتي پنهنجي نئين سنسڪار ۾ موجود آهي. اُن ۾ اَديت، ڀاونا ميءَ ۽ رهسيہ پورڻ استتيُن جي جديد حوالن ۾ نقاشي ڪيل آهي ۽ شخص کي اهم ترين مڃي ان جي معرفت سماج کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. ”يادِ هڪ پيار جي“ ۾ ماضيءَ سان وابستہ منظرن، وارداتن ۽ ڪردارن جي عڪاسي ڪيل آهي جنهن ۾ کنڊهر، مندر، مورتيون، پيار ۾ مدهوشيءَ جون استتيون، سامونڊي ڪنارا ۽ اِنساني رِشتا ناتا عيان ٿيا آهِن. اِن جو نائڪ ”مان“ (ستين/ستيندر) ۽ نائڪا نندِني قدرت ۽ اِنساني جيوت جا ستيہ-درشي آهِن. نندني وڏيڪ ٺوس ڪردار آهي ۽ ستين پنهنجي ڪٿا پاڻ بڌائيندي بہ ڪيس پنهنجي پنيان لِڪائي نہ سگهيو آهي. حقيقت ۾ نندنيءَ جي پس منظر ۾ ئي ستين پاڻ کي سمجهي سگهيو آهي. هاڻي هوُ محض اُهو ناهي، جيڪو هوُ پاڻ کي سمجهي ٿو. هوُ اُهو بہ آهي جيڪو نندِني ڪيس سمجهي ٿي. هوءَ ناول جي پڇاڙيءَ ۾ ستين کي چوي ٿي، ”اُن رات، اڪيلي رستي تي، آڪاس ۽ ڌرتيءَ وچ ۾، تارن هيٺان تو اُن عوُرت کي نہ اَپنايو هو جنهن کي تون چئي رهِيو آهين تہ تو پيار ڪيو هو.“

مون اِهو ناوِل هنديءَ ۾ ترجمو ڪندي سرجڻ جو سک پاتو هو ۽ مان پاڻکن سان اِهو سُکہ ونڊڻ جي تحت ان ناوِل مان کي ٿورا مثال ڏيندس. توهان ان ناوِل جي ٻهرِئين ڇاپي (شوڀا پبليڪيشن، بمبئي- جون ١٩٨٧) جي ٻڌايل صفحن تي نظرثاني ڪريو. هِتي پاٺ ۾ ڪِن لفظن/ جملن جي هيٺان ليڪ ڏيئي انهن کي ٿلهي ڪاري ٽائيپ ۾ سهوليت خاطر ڇپايو ويو آهي.

(١) صفحا نمبر ١٠-١١ : هوءَ مونکي اندر وَٺي هلي. نندِو ڊرائنگہ- ڊائننگہ روم هو. گهٽو سجايل نہ. سامهون سيٽيءَ

ست سال اڳ ۾ ٿي هئي. مان انکي وساري نه سگهيو هوس، جڻ ڪجهه ڏينهن اڳ ڏٺل ڪنهن فلم جو درشيه هو...''

مون نئشنل بوڪ ٽرسٽ کي ان سنڌي ناول جي هندي ڪاپي پيش ڪرڻ کان اڳ اُنجي ليکڪ کي خط لکيو: ڇهه ست سال اڳ ٿيل پوئين ملاقات ستين جي ذهن ۾ ''ڪجهه ڏينهن اڳ ڏٺل فلم جي درشيه'' وانگر تازي آهي ۽ هو انکي وساري نه سگهيو آهي، پر ليکڪ جي ذهن ۾ ڪنهن اَڻ ڇٽائيءَ سبب اها اهم ملاقات صحيح حساب ۾ نه اچي سگهي آهي، انڪري هو ستين کان (نندني ۽ انل جي جدا جدا وقتن تي ڪيل سوالن جي جوابن ۾) چوڪ ڪرائي ويهي ٿو. انل ته نهيو پر نندني ڇا سوچيندي؟ ڇا هوءَ پڻ اُن اهم فيصلہ-ڪُن ملاقات کي وساري سگهي هوندي؟ جڏهن ستين ۽ نندني ٻئي اُن کي وساري نه سگهيا آهن ۽ وساري نه سگهندا، ته ليکڪ اُنکي ڇو ۽ ڪيئن وساريو آهي؟ ڪٿي ڪا الجهائي ليکڪ جي ذهن ۾ آهي. هن پنهنجن ڪردارن کي ڇٽيءَ ريت conceive نه ڪيو آهي.

منهنجي خط جي مختصر جواب ۾ ليکڪ لِکيو، ''ائين جيئن ڪتاب ۾ آهي، هلڻ ڏي.'' مون هندي ڪتاب ۾ ائين ئي هلڻ ڏنو. پر انجي ڀومڪا ۾ ان بابت جو ڪجهه لکيو، تنهن مان سڄاڳ پاٺڪ کي تسڪين نه ٿي هوندي. مون ليکڪ جو بي-فائدي بچاءُ ڪندي لکيو، ''ستين ۽ نندنيءَ جي اها (ڇهه سال اڳ ٿيل) ملاقات وقت جي اکنڊ وهڪري (جنهن ۾ ستين ڪڏهن اوپارو ته ڪڏهن لهوارو ترندو رهي ٿو) ۾ کوهجي ويل ڏسجي ٿي، تيئن ستين به ڪڏهن حال ۾ ته ڪڏهن ماضيءَ ۾ اچي وڃي ٿو... ليکڪ هڪ جڳهه تي لکيو آهي ته وقت ڪڏهن ماپ جي حساب سان نٿو هلي. ڏينهن، مندون، سال ۽ ڪئلينڊر گويا انسان جي ٻاهرين زندگيءَ سان واسطو رکن ٿا، اُهي گويا اندرين زندگيءَ کان مات کائيندا رهن ٿا...''

(٣) صفحو ٢٣ : ''ميز تي ڪجهه رکڻ جو آواز آيو. منهنجي سامهون ديپا بيٺي هئي. هن هڪ ننڍي ٽري ۾ پاڻيءَ جو گلاس ۽ ڪجهه بسڪيٽ ميز تي رکيا.''

ڏيئي آيل چوڻيءَ کي ڏسي پنهنجو سنڪوچ لڪائڻ خاطر ڳالهائڻ شروع ڪيو هوندائين. لڳي ٿو، ليکڪ ان اسٽيءَ کي صحيح نموني ڏنو ڪونهي، انکري اُنکي غلط نموني پاٺڪن کي ڏيکاريو آهي.

(٢) صفحو ١٢ : ”مان (هر) روز رات جو ڪئڊبري وٺي ايندو هوس ۽ هٿ مٺي ڪري سڏ ڪندو هوس، ڏيپا. تون ٻڪندي ايندي هئينءَ ۽ اچي منهنجي گود ۾ وهندي هئينءَ. مان پهريون ٽڪر پنهنجي هٿن سان تنهنجي منهن ۾ وجهندو هوس، تنهنجي منهن تي خوشي ڦهلجي ويندي هئي.“

پهرين ڳالهه ته اتي صرف ”ڪئڊبري“ نه پر ”ڪئڊبري چاڪليٽ“ هئڻ گهرجي. ٻين ڳالهه ته ”پنهنجي هٿن سان“ بجاءِ ”پنهنجي هٿ سان“ ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ڪوبه ماڻهو ڪنهن جي به (ڪنهن ٻار جي به) وات (منهن نه) ۾ ڪئڊبري چاڪليٽ جو ٽڪر ٻنهي هٿن سان (يا ٻنهي هٿن ۾ جهلي) نه وجهندو. ليڪن ڇو ڪين ”پنهنجي هٿ سان“ لفظ نه ڏنا وڃن؟ اهي لفظ غير ضروري آهن، ڇاڪاڻ ته وات ۾ چاڪليٽ پنهنجي هٿ سان ئي ته وجهبو؟

(٣) هاڻي صفحا نمبر ١٩، ٢٢ ۽ ١٧٩ ڏسو. صفحي ١٩ تي نندنيءَ جي اِن پڇڻ تي ته ”ڪڏهن آئين؟“ (جنهنجو سادو مطلب هو ته ”تون اچ ڪڏهن آئين؟“) ستين جواب ۾ النڪارڪ وڪڙ ڏيئي چوي ٿو ”پندرهن سالن بعد“. هو سڌي نموني اِشارو ڏئي ٿو ته نندنيءَ سان سندس ملاقات پندرهن سالن بعد ٿي آهي. صفحو ١٧٩ تي ناول جي لڳ ڀڳ پڇاڙيءَ ۾ نندنيءَ جو گهوٽ اَنِل سندس پراڻي پريمي ستين کان جڏهن اِهو پڇي ٿو ته هو نندنيءَ سان گهڻن سالن بعد گڏيو آهي، ته به ستين وراڻي ڏئي ٿو ”ڪئين سال گذري ويا. شايد پندرهن سال.“ اتي اَنل جو سوال ”ٻڌاءِ گهڻن سالن بعد نندنيءَ سان گڏيو آهين؟“ ۽ ستين جو جواب ”ڪئين سال گذري ويا. شايد پندرهن سال“ غور طلب آهن. هاڻي اِنهن ٻنهي صفحن ١٩ ۽ ١٧٩ جي وچ ۾ هڪ ٻيو صفحو ڏسو :

صفحو ٢٢ : ستين ماضيءَ ڏانهن نظر ورائيندي ياد ڪري ٿو ”مونکي ياد آئي اسانجي پوئين ملاقات جا ڇهه

و آهن يا هڪ ٻه پاو آهي (اتي چاٿايل آهي ته منهن تي پاوَ
هن) ته اوس ئي اُتي ڪجهه نه ڪجهه ظاهر ٿيندو. هائو
يڪڏهن منهن/ چهرو پاو- هيڻ آهي يا ظابطي هيٺ منهن /
ري تي پاو اچڻ ئي نه ڏنا ويا آهن ته پوءِ ڳالهه ٻي آهي
اُها ٻي ڳالهه چِٽي ناهي.

(٨) صفحو ٣٩ : ''هن جو ٻالپڻ گذريو هو ڪيرالا جي
ندر ساوڪ ۽ ندين نالن وِچ ۾ ڊگها ڊگها ڪجيءَ جا وَڻ
هن هيٺان هِتي هُتي جهوپڙين نُما جايون، ننڍين ٻيڙين ۾
سافِريون ....

ڪيرل ۾ گهڻا تڻا ڪجيءَ جا وَڻ نه، پر ناريل جا وَڻ
هِن. ڀوگول جي جاڻ- اَڻڄاڻ سان وابسته اِها ڳالهه آهي.

(٩) صفحو ٥٠ : ''مون ڪئين دفعا لهندڙ سج جي لالائي
ن نديءَ جي پاڻيءَ ۾ ڏٺي هئي. ڄڻ سانجهيءَ ويل
هاڳڻين جو سارو سِنڌور اِن پاڻيءَ ۾ وَهي ايندو
و...''

ليڪڪ جو اِرادو سُهاڳڻين جو سارو سنڌور ان پاڻيءَ ۾
هائي ڪين ڏهاڳڻيون ڪرڻ جو ناهي. پر سندس اُتپريڪشا
لنڪار جي پريوگ ۾ سُهاڳڻين سان بي-اِرادي (un-intended)
نياءُ ٿي ويو آهي. جيڪڏهن ليکڪ جي ذهن ۾ ان وقت
هندڙ سج جي لالائيءَ وَقت) سهاڳين جي سِنڌور جو منظر اُڀري
يو آهي، ته اِهو منظر سالم رهڻ گهرجي. پر ڪيس اِن منظر
ي ٻين لفظن ۾ ادا ڪرڻ ڪيي جيئن ته گويا سانجهي ويل
هاڳڻين جو سارو سنڌور اِن پاڻيءَ ۾ جهلڪا ڏيئي رهِيو هجي.

(١٠) صفحو ٥٥ : ''سمنڊ جي ان نرم واريءَ تي
سانجها ڇڏيل اهي نشان هاڻ نه هوندا.''

بهتر ٿيندو، جيڪڏهن اتي ''سمنڊ جي نرم واريءَ''
دران سمنڊ ڪناري جي نرم واريءَ'' لکجي. جڏهن ننڊني ۾
تين سمنڊ جي ڪناري تي واريءَ جا محل ناهيندا هئا، سمنڊ
ڪناري تي هلندا هئا، تڏهن جيُ ڳالهه آهي.

اِتي ”ميز تي رکيا“ بجاءِ ”آٽي ميز تي رکيا هئا“ ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ جنهن حوالي ۾ اهو ڏنو آهي، ان ۾ سامانيہ ڀوت ڪال نہ، پر پورن ڀوت ڪال آهي. موجوده حالت ۾ پاٺڪ جي من ۾ مونجهارو پيدا ٿئي ٿو. جيڪڏهن ميز تي ڪجهہ رکڻ جو آواز آيو ۽ ديپا سندس سامهون بيٺي هئي تہ اُن ڪانپوءِ ڇا سندس هٿن ۾ ميز تي رکڻ لاءِ اهي شيون - پاڻيءَ جو گلاس ۽ ڪجهہ بسڪيٽ - هيون؟ نہ، بلڪل نہ. ڇو تہ جيڪڏهن اهي شيون ديپا پوءِ رکيون تہ ميز تي ڇا رکڻ جو آواز آيو هو؟

(۵) صفحو ۲۵ : ”اُن نُنڊيءِ ميز تي ويٺي ويٺي مان ششدر ٿي رهيو هوس.“

ظاهر آهي تہ سٽين نُنڊي ميز تي نہ، پر نُنڊي ميز اڳيان ويٺو هو. ساڳئي صفحي تي ٽي چار سٽون اڳ ”ٽيبل اڳيان“ ٺيڪ لکيل آهي. اِتي ٺيڪ نہ لکڻ ڪري (”نُنڊي ميز تي ويٺي ويٺي“ لکڻ ڪري) پاٺڪ جي من ۾ واسطيدار تصوير صحيح نٿي اُڀري ۽ ناول لس پڙهڻ ۾ دقت پيدا ٿئي ٿي.

(٦) صفحو ٢٦ : ”نمستي، نندنيءَ چيو هو، ٻئي هٿ مٿي ڪٽي. مونکي ڪل اچي ويئي هئي. هيءُ ڪهڙو نمونو ڏيندو آهي، ويڄهن سان گڏجڻ جو... هيءُ تہ اوپرن جو آدر ڀاوَ ڪرڻ جو طريقو آهي. پر نندنيءَ جي آواز ۾ ڪجهہ هو، جو مان ڪلي نہ سگهيس.“

ان ٽڪريءَ تي وڌيڪ رائزني ڪرڻ بنا چئجي تہ اِتي ”مونکي ڪل اچي ويئي هئي“ بجاءِ ”مونکي ڪل اچي رهي هئي“ لکڻ گهرجي.

(٧) صفحو ٣٠ : ”نندني اُٿي بيٺي هئي. هوءَ پنهنجي شال ناهي رهي هئي. منهنجو جواب هن الائي ٻڌو يا نہ، سندس منهن جي ڀاون مان ڪجهہ بہ ظاهر ڪونہ ٿي ٿيو.“

نندني پنهنجي بدن تي شال ٺيڪ ڪري (ناهي) رهي هئي، اهو وڌيڪ صاف ڏيڻ گهرجي. ٻيو تہ جيڪڏهن منهن تي

٩

منهنجي رچنا پرڪريا

شبد ۽ ڪرم -
هڪ ''آنند مٺ'' آهي ته ٻيو آزاد هند فوج،
هڪ ''انڪل ٽام'س ڪئبن'' آهي
ته ٻيو غلام رسم - رواج جو خاتمو.
شبد
اِهو سوچي ته اُن وٽ درشٽي آهي، ڪتي نه،
اڪيون آهن، پير نه -
اوُ پنهنجي بنيادي ڀومِڪا ۾ اثردار هوندي به
سماج لاءِ تيستائين پورو اثردار ڪونهي
جيستائين پاڻ ڪي ڪرم سان ڳنڍي
اردڌ ناريشور وانگي
هِڪ نه ٿيو آهي
اوُ پارٽي ٽڪيٽ وٺڻ جي مراد سان
قطار ۾ رِڙهندو رهِيو، رِڙهندو رهِيو.
ڏٺائين، انڌا ڪرموان
فئيٽ ڪار يا مارو'تي يان
مٿانئنس ڊوڙائيندا، مٿان لنگهي وِيا هئا.
۽ ٻڌايائين، اتي شبد جو نه،
پر شبد ناد يا نعري جو بول بالا هو
۽ اُن نعري جي گونج
پنج سال رهڻ واري هئي....
سوچيائين، جيوت جي راهه
گهٽو ٽٽو اپورن رهڻ واري آهي :

(۱۱) صفحو ۷۰ : ”...پر مونکي خبر نہ هئي تہ سندس بيڊروم ۾ وچي ڪپڙا مٽائڻا پوندا. مونکي لڳو نندنيءَ جي بيڊروم ۾ وڃڻ لاءِ اڇا منهنجو من تيار نہ هو. ظاهِري تہ ڪوبہ فرق ڪونہ هو، فليٽ جي ڪمري مان ٻئي ڪمري ۾ وڃڻو هو...“

اِتي ”اڇا“ لفظ جي اِستعمال ۾ هِڪ پرڪار جي اَشليلتا (obscenity) آهي ۽ اِها اَشليلتا ناوِل جي موجوده اِسٿتيءَ سان واسطو بنهہ نٿي رکي. اِن ناوِل جون ڇپايل ڪاپيون سيني پاڻکن وٺان گڏ ڪري اِهو ”اَڇا“ لفظ ڪٽي ڇڏڻ گهرجي ۽ ڪين اِهي ڪاپيون واپس ڪندي افسوس جو اِظهار ڪرڻ گهرجي تہ ڪين اڳم اسٿتيءَ سان اڻ ٺهڪندڙ ”اڇا“ لفظ پڙهڻو پيو هو ۽ هڪ بگڙيل، اڻسپاويڪ اِسٿتيءَ مان لنگهڻو پيو هو.

مان هتي بس ٿو ڪريان. جيئن اڳم لکيو اٿم، ان ناول مان اهي ڪي ٿورا مثال آهن. هرهڪ رچنا ۾ ڪي محدودگيون رهن ٿيون. ليڪن اهي محدودگيون اهڙيون ڪُروپ نہ هئڻ گهرجن جهڙيون ان ناول جي صفحہ ۷۵ تي بيان ڪيل تلاءَ جون آهن.

(۱۲) صفحہ ۷۵ : ”ان تلاءَ جون **حدون** بہ **محدود آهن**.“ ڪنهن ڪي بہ بس ڪرائڻ لاءِ، ٿڪائڻ لاءِ اهو لکڻ ڪافي آهي تہ ”حدون بہ محدود آهن.“

□□

سنگيتا (بڙودا) جي ”ڪرشن کٽواڻي : فن ۽ شخصيت پرچي (۱۹۸۷)“ ۾ منهنجو هيءُ ليک پڙهي ڪرشن کٽواڻيءَ ۲۵ ميءِ، ۱۹۸۸ تي مونکي هڪ خط لکيو، جنهن ۾ هن صاحب مذڪور ليک بابت پنهنجو رايو هن ريت ظاهر ڪيو، ”سنگيتا جي خاص پرچي ۾ تنهنجو ’ياد **هڪ** پيار جي‘ تي ليک پڙهيم. مان تنهنجو ٿورائتو آهيان جو تو مونکي پنهنجين لکڻين ۾ پورو سجاڳ نہ رهڻ کان آگاهہ ڪيو آهي.“

اِن مان سندس مهانتا جو درشن ٿئي ٿو.

□□

ي ديش بنڌو ڪاليج ۾ اَڌياپڪ سنتداس جهانگياڻي هوندو
۽ هاڻي اُتي اَڌياپڪا وِشوُ ٻيلاڻي آهي ۽ مان شامُواري
ليج ۾ رهِيو آهِيان. اُتي مان اِنڪري ڏاڍو خوش آهِيان جو
ڪي سمورو ڏينهن لِکڻ پڙهڻ ۽ سپنا لهڻ لاءِ ملي ويندو
ي. مان اِن ڪاليج ۾ ايترو خوش رهِيو آهيان، جو مون
وڏي عرصي دورا‌ن ٻن هنڌن کان سواءِ ڪنهن ٻئين هنڌ
نهن ٻي نوڪِريءَ لاءِ درخواست نہ ڪئي آهي. هِڪ ڀيري
هِتيہ اڪاديميءَ جي سيڪريٽريءَ پد لاءِ درخواست ڪيم.
لاءِ چئن پنجن جڻن جا نالا شارٽ لسٽ ڪيا ويا، جن
منهنجو نالو هو. پر هِندي لابيءَ جو زور هئڻ ڪري
وفيسر اِندرناٿ چوڌريءَ کي چونڊيو ويو. ٻئين ڀيري نئشنل
ڪ ٽرسٽ جي ڊائريڪٽر پد لاءِ منهنجو بہ اِنٽرويو ٿيو ۽
ي اروِند ڪمار کي ڪنيو ويو ڇاڪاڻ تہ هوُ پاڻ هِڪ وڏو
لشر رهِيو هو ۽ ڪيس خبر هئي تہ نئشنل بوڪ ٽرسٽ جا
ايل ۽ گُدامن ۾ پيل ڪِتاب مارڪيٽ ۾ ٻاهِر ڪيئن آندا وڃن.
خئر، مان صبوح جي اَٺين ٻجي کان منجهند جي ڏيڍ
ي تائين، ۽ منجهند جي اَڍائي ٻجي کان شام جي ساڍي
ين ٻجي تائين پنهنجي لکڻ پڙهڻ واري ڪمري
نهنڪي مان پنهنجي آفيس ٻڌ چوندو آهِيان) ۾ هوندو
يان. ڪاليج ۾ تہ هفتي جا ٻہ ڏينهن ڇنڇر ۽ آرتوار
ڪلون هجن ٿيون. پر منهنجي پنهنجي آفيس ۾ تہ هفتي
ست ئي ڏينهن ڪم رهي ٿو. پوءِ مون لاءِ اِهو ٻنهہ
وري ناهي تہ مان اِهي ڪلاڪ لفظن پٺيان لفظ لکڻ ۾ ئي
اريان. اخبارون، مخزنون ۽ ڪتاب پڙهڻ، پڙهندي
ڏهن ڪٿي پاڻ ۾ ئي گم ٿيڻ، ڏينهن ڏِني جو ئي خوابن ۾
طان ٿي وڃڻ، ڊائريءَ ۾ ٻن ٽن سٽن جا نوٽ لِکڻ، ٽپال ۾
ل خطن جا جواب ڏيڻ وغيره سڀ ڪجهہ گڏوگڏ هلندو رهندو
ي. لفظن پٺيان لفظ لِکي پنا ڪارا ڪرڻ کان بهتر آهي
اسين ٿورن بامعنيٰ لفظن لاءِ ڪي پنا ڪتب آڻي باقي پنن

مِتي تہ ڪو وِرلو لنگڙو
ڪنهن انڌي جي پٺيءَ تي چڙهي
هِڪ شخص بڻجي
جيوت جي پورن راهہ ڳاميندو....
۽ هوُ ور وڪڙ قطار مان
تڪڙو تڪِڙو رِڙهي ٻاهِر نِڪري آيو.
(لنگڙو ۽ انڌو)

□□

I believe that the characters we create are an intricate part of us . Yes Juanillo Ponce is in some ways my other self.

-Napoleon Baccino Ponce DeLeon

□□

مون ”لنگڙو ۽ انڌو“ عنوان واري ڪويتا ڪڏهن، ڇو ۽ ڪيئن لکي؟ هونئن مون اڪاڊيمڪ ڪارڪ جي تحت سنڌي، هِندي ۽ انگريزيءَ ۾ انيڪ تحقيقي مقالا لکيا آهِن، جي ديش- وِديش ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا آهِن. اُهي مقالا بہ تخليقي آهِن. پر خالص سنڌي تخليقي ادب ۾ ٽيھہ کن ڪهاڻيون، ڏهہ ٻارهن مِني ڪهاڻيون، ٽي ننڍا ناول ۽ هِڪ سوَ کان مٿي ڪويتائون لکيون اٿم. مٿي لکيل ڪويتا هِن مهل تائين سڀ کان پوئين آهي. هتي مان پنهنجي سنڌي تخليقي ادب جي مثالن مان اِن ڪويتا کان سواءِ پنهنجي سڀ کان پهرين ڪهاڻي ”چار جڻا : وقت ۽ ٽي دوست“ ۽ هِڪ ننڍي ناوِل ”ڪوٽ“ بابت ڪي ڳالهيون ڪندس. پهريائين ٿورو پرڀرو وڃي اِهو ٻڌائي ڇڏيان تہ مان دهلي يونيورسٽيءَ جي ديش-ٻنڌو ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو هِڪ ”فل ٽائيم“ اڌياپڪ هوندي بہ، دراصل هِڪ ”فل ٽائيم“ ليکڪ ئي آهِيان. سو ڪيئن؟ ۽ ”فل ٽائيم“ حيثيتون هِڪ ڄڻي جون ڪيئن ٿينديون؟ منهنجي حالت ۾ اِهي انڪري آهِن، جو مان آگسٽ ١٩٦٥ کان دهلي يونيورسٽيءَ جي شام واري ديش ٻنڌو ڪاليج ۾ آهِيان. صبوح

ڪري ڇڏڻ نہ گهرجي، مان اُها ڪهاڻي هيٺ ڏيان ٿو.

گهڻن ئي موقعن تي اُها ڪهاڻي ۽ اُن ڪهاڻيءَ جي ڪماري سدرشن ياد آيون آهن. جڏهن جڏهن ڪا گهر ڌياڻي هر ۾ جوان نوڪرياڻي نہ رکندي آهي يا ڪا زال پنهنجي مڙس جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي حسين ساهيڙيءَ ي نہ همٿائيندي آهي؛ جڏهن جڏهن ڪو مرد رستي تي پنهنجي زال سان گڏ هئڻ سبب هيٺ زمين ۾ نِهاري هلندو آهي، تڏهن تڏهن اُها ڪهاڻي ۽ ڪماري سدرشن ذهن تي تري ايندي‌ون آهن.

اڄ ڪالهہ ان ڪهاڻيءَ ۾ ورنن ڪيل منهنجو دوست ديسراج پانيا دهلي هاءِ ڪورٽ جي ڊپٽي رجسٽرار عهدي تان رٽائر ڪري هڪ چڱو خاصو وڪيل بڻجي ويو آهي. اڄ بہ ڪڏهن ڪڏهن محفل ۾ اسين ٻيئي ڪماري سدرشن کي ياد ڪندا آهيون. اسانجي جيون ۾ گهٽيئي شخص اچن ٿا. پوءِ اُهي ڇو ۽ ڪيئن وڇڙجي وڃن ٿا؟ اڄ ڪالهہ اِها سدرشن ڪٿي آهي؟ جتي بہ آهي، پنهنجي خاوند ۽ ٻارن سان گڏ خوش راضي تہ آهي؟

□□

جنوري ١٩٥٨، اسٽئنڊرڊ ڪاليج، لاجپت نگر، نئين دهلي، بي. اي. جو ڪلاس روم، انگريزيءَ جو پيريڊ، درسي ڪتاب: ڊيسڪ بوڪ آف شارٽ اسٽوريز.

انگريزيءَ جو اڌياپڪ گپتا ڪتاب جي ڏهين ڪهاڻي ''A Cup of Tea'' پاڙهي رهيو هو. ان ڏينهن بہ هُن صاحب جا، انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندي ڳالهائيندي ٻہ دفعا ٻہ جملا پورا نہ ٿي سگهيا، انهن جملن ۾ لفظ ڪٽي پيا. عين وقت تي ضروري لفظ پهچائڻ، انهن اڌورن جملن ۾ لفظ پري انهن کي پورو ڪرڻ منهنجي شرارتي سڀاءَ جو حصو بڻجي چڪو هو. ٻيئي دفعا هم ڪلاسي ڇوڪرن داد ڏنو، ڇوڪرين هڪ ٻئي کي نونڪ هڻي مون ڏانهن ڌيان ڇڪايو ۽ ڪماري سدرشن ڪنا مون لاءِ وات ۾ پٽڪيو، ''هلندڙ ڦرندڙ ڊڪشنري!''

جو دستو اِئين ئي سفيد سفيد رهڻ ڏيون. پاڻ لِکڻ کان وَڌيڪ ٻين عيوضي ليکڪن کي پڙهڻ ۽ اِنهي عيوضي ليکڪن جا ڪتاب پڙهڻ کان زندگيءَ جو ڪليل ڪتاب پڙهڻ وَڌيڪ اهميت ڀريو آهي. منهنجا اِهي ڪلاڪ منهنجي هوندي مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي جٽي جي حاضر هئڻ سان ڀريل هوندا آهِن. مان پنهنجي ظاهِر ظهور وجود کان سواءِ هِڪ ٻيو جٽو هوندو آهِيان ۽ اصل ۾ ٻيو هجڻ جي پيڙا مون کان ڪجهه ڪجهه، ڪجهه جو ڪجهه لِکارا ئيندي آهي.

زندگي پر اِسرار آهي ۽ اِن وسيع، پر-اِسرار زندگيءَ ۾، ڪنهن خاص ليکي ۾ نہ ايندڙ منهنجي شخصي زندگيءَ جي هِڪ دِلچسپ واردات اِها آهي تہ منهنجي پهرين ڪهاڻي سنڌيءَ ۾ نہ، ليڪن هنديءَ ۾- ”مڪتي“ عنوان سان ١٩٥٥ ۾، دهِليءَ مان نِڪرندڙ اخبار ”وِير اَرجن“ ۾- شايع ٿي هئي. سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل منهنجي پهرين ڪهاڻي ”چار جٽا : وقت ۽ ٽي دوست“ آهي، جا پرم ابيچنداڻيءَ جي سمپادن هيٺ نِڪرندڙ مخزن ”رابيل“ جي جولاءِ ١٩٦٥ واري انڪ ۾ شايع ٿي. ١٩٥٥ کان ١٩٦٥ دوَران مون گهڻيئي ڪهاڻيون هنديءَ ۾ لکيون، پر انهن مان ڪي محفوظ رهي نہ سگهيون، ڪن تان مون پاڻ هٿ کڻي ڇڏيو.

جن ڪهاڻين کي مون خود خارج ڪيو، تن ۾ ”چانهہ جي پيالي“ نالي هِڪ ڪهاڻي هئي، اها هِڪ سچي وارتا آهي. ڪلاس روم ۾ ڪئٿرين مئنسفيلڊ جي ڪهاڻي “A Cup of Tea” پڙهندي پڙهندي مون پنهنجي شخصي زندگيءَ ۾ اُن ڪهاڻيءَ جي سمان انتر تي هِڪ ٻي ڪهاڻي هلندي ڏٺي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ساڳئي عنوان ”چانهِ جي پيالي“ سان ٻنهي ڪهاڻين کي هِڪ ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ قلم بند ڪيم. جيئن تہ پنهنجي من جي وِڪاس کي سمجهڻ لاءِ يا پنهنجي انيوتيءَ کي اَڪندت رکڻ لاءِ اِهو ضروري آهي تہ ڪنهن بہ خيال کي غير اهم سمجهي يا اُن خيال جي ڀراڻ کي اڻپورو ڄاڻي خارج

ڏيون وڏيون قيمتون چڪائي شيون خريد ڪري اچي گهر پهچندي
ئي. هڪ ڏينهن جوان ۽ شاهوڪار روز ميريءَ جي دل ۾ سماج
سيوڪا جو جذبو، يا ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيل سماج وادي اصول
ي هلڻ جو اِرادو جاڳيو. ٿڌ جي موسم هئي. ڪرزن سٽريٽ
ي روز ميريءَ ڪان هڪ جوان جماڻ ڇوڪريءَ گرم گرم چانهه
جي پياليءَ جي قيمت جيترا پئسا گهريا. روز ميري ڪيس
چار پنج پينس ڏيڻ بجاءِ پنهنجي گهر وٺي آئي.

ڪاليج ۾ ٻئين ڏينهن -

ٻن هم ڪلاسي ڇوڪرين ۾ ساڳيو ٽاڻ ڇانيل هو.
سدرشن کي پنهنجي ساهيڙيءَ تي اَلاجي ڪهڙو غصو هو؟ مون
ي پڻ ڪوئي هلڪو، اڻ لکو، سوکيم ناراضپو هوس.

انگريزيءَ جو اڌياپڪ گپتا پاڙهي رهيو هو. ڪهاڻي
ڳتي وڌي. روز ميريءَ ان ڇوڪريءَ جي شيوا ڪرڻ جا خوب
نسنا ٻڌا. هن سوچيو، هوءَ افساني کي سچ بڻائيندي. ايتري
ر روز ميريءَ جو گهوٽ فلپ اچي سهڙيو. هن ان ڇوڪريءَ کي
لس جي اجنتائي مدرا ۾ ڏٺو. هن پنهنجي زال کان پڇيو،
'هيءَ ڇوڪري ڪير آهي؟.... ڏاڍي سندر آهي... ڇا اڄ رات
سان سان ماني کائيندي؟''

روز ميريءَ ته اِهو سوچيو ئي ڪو نه هو ته اِها ڇوڪري
مس سمٿ) هڪ موهيندڙ دوشيزه هئي. اڙي، هي ڇا ٿي
هيو آهي؟ نه نه..... روز ميريءَ جلد ئي ڇوڪريءَ کي
نجن - پنجن پائونڊن جا ٿي نوٽ ڏيئي ٻاهر جو رستو ڏيکاريو.
وز ميريءَ پنهنجا وار ٺاهيا- سنواريا، اکين ۾ ڪاجل لڳايو،
وتين سان پاڻ سجايو- سينگاريو. هوءَ پنهنجي مڙس وٽ آئي
نه پهه سندس گوڏي تي اچي ويٺي. فلپ کي چيائين، ''مس
سمٿ وڃڻ ٿي چاهيو ۽ هوءَ هلي ويئي. مون ڪيس مدد طور
ڪجهه پئسا ڏنا.'' اِهو ۽ ٻيو جيڪي ڪجهه روز ميريءَ اُن وقت
نهنجي پتار کي چيو، اهو سڀ پڇ اُهو ڪجهه نه هو جو هن
يس چوڻ ٿي چاهيو. هن فلپ جو مٿو پنهنجي ڇاتيءَ ۾

سدرشن ۾ هنجي هڪ ساهيڙي (جنهنجو نالو مونکان هينئر وسري ويو آهي) ٻيئي سدائين گڏ رهنديون هيون. مون هڪ ڏينهن کين گڏ ڏسي ''Q'' ۽ ''U'' چيو هو. ان ڏينهن کان ڪاليج ۾ سندن اهي نالا پئجي ويا هئا. انگريزي ڀاشا ۾ ''Q'' جي پٺيان ''U'' اکر ايندو آهي. ڪاليج ۾ سدرشن جي پٺيان/ پرسان اها ڇوڪري ضرور هوندي هئي. سدرشن پنهنجي نالي انوسار ڏسڻ ۾ سٺي هئي ليڪن ٿوري سانوري هئي.

سندس ساهيڙي گوري گوري، سنهي سنهي، ڊگهي هئي. ٻه ڏينهن اڳ ڳالهه ئي ڳالهه ۾ مون کيس چيو هو، ''بي ۽ اي. اهي ٻه اکر حاصل ڪرڻ لاءِ تون سندر اکين جي جوت ۽ سون ورني بدن جو جادو خرچ ڪري رهي آهين. توکي ته ايئر هوسٽيس ٿيڻ کپي....'' سدرشن پنهنجي ساهڙيءَ کي ڏنو هو. سندس اکين ۾ بدن ڏانهن ڀرپور نظر سان نهاريو هو.

ڪلاس ۾ انگريزي اڏياپڪ گپتا پاڙهي رهيو هو. مان سوچ ۾ هوس ته اڄ سدرشن مونکي ''ڊڪشنري'' چئي چيڙائڻ سان گڏوگڏ پنهنجي ساهيڙيءَ کي نوٽ ڇو ڪين هنئي. ٻن ڏينهن کان ڏسي رهيو هوس ته هوءَ ڪانئس دور دور هئي. ڇا نوٽ لڳي ساهيڙي ڀڳي ؟

سدرشن جي ساهيڙي ته سدرشن تي ساهه ڏيندي هئي. پوءِ ڪهڙي سبب سدرشن مٿس ڏمري هئي؟ ڇو ناراض هئي؟ مون هم-ڪلاسي دوست ديسراج ڀاٽيا کان پڇيو، ''هيءَ ڇا ماجرا آهي؟'' هن پنهنجي سڀاويڪ نوع ۾ حاضر جواب ڏنو، ''عشق جي هڪ ادا آهي.''

اُن ڏينهن مان اُن اُلجهن مان نه نڪري سگهيس. اُن ڏينهن اَڏياپڪ گپتا، ڪئٿرين مئنسفيلڊ جي ڪهاڻي A Cup of Tea ڪلاس ۾ پوري نه ڪرائي سگهيو. ڪهاڻي رواجي لڳي - روزميري فيل نالي هڪ جوان ۽ شاهوڪار جي ڪهاڻي. کيس شادي ڪئي ٻه سال ٿيا هئا. پنهنجي گهوٽ جي لاڏلي زال هئي. دوڪاندارن جي ٿوري گهڻي خوشامد ڪرڻ تي

اِن ڪهاڻيءَ ۾ جئرام ڪردار ۾ جينت ريلواڻي لياڪا پائيندو محسوس ٿئيم ٿو ۽ انجي هري پرڪاش ۾ لڇمڻ دبي جي ڪردار جا ڪي انگ انگوڙا ۽ پاڇا - پاڇولا ڏسڻ ۾ اچنم ٿا. ڇا اُنجي راجيندر ۾ مان پاڻ به ڪٿي ڪٿي نمودار ٿيو آهيان؟ در اصل، ڪنهن به ليکڪ جو ڪٿا ساهتيه آتم ڪٿاتمڪ ئي هجي ٿو، اُنجي بنياد ۾ سندس شخصي زندگي ئي هجي ٿي. اُها بنياد ۾ هجي ٿي، مانداڻ ۾ نه. اِهو اِئين آهي جيئن ڪو هوائي جهاز ڪنهن هوائي اڏي تان 'ٽيڪ آف' ڪري، اُڏامي ٿو، پر پوءِ اُن لاءِ سمورو آڪاسُ هجي ٿو، آڪاس جا ڀانت ڀانت جا نظارا هجن ٿا ۽ آخر ۾ ڪٿي ٻئي هنڌ منزل ڪري ٿو. جينت، لڇمڻ ۽ موتي پڻ اِن ڪهاڻيءَ جو هوائي اڏو آهِن. وَڏيڪ ڪجهه نه.

اِها ڪهاڻي ٽن ڀاڱن ۾ آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ اِن ڪهاڻيءَ جا ڪردار جئرام، هري پرڪاش ۽ راجيندر پنهنجين جدا جدا پومڪائن ۾ پيش ٿيل آهِن. هرهڪ جا مسئلا ۽ اُنهن مسئلن ڏانهن سندن رخ پنهنجا پنهنجا علحدا آهِن. اُنجي ٻئين ڀاڱي ۾ پهرئين ڀاڱي جي گهٽنا کان ٽي سال پوءِ جون ڪي گهٽنائون ''فليش فارورڊ'' ۾ ڏيکاريل آهِن. اِن ۾ اِنهن ٽن سالن دوران اِنهن ٽنهي ڪردارن ڪي سندن ''اِن-وِزيبل لائيف پارٽنر'' وقت، ساڻن الاجي ڇا ڇا ڪري، ڪٿي جو ڪٿي پهچايو آهي، اِن جو ورنن آهي. اُن جي ٽئين ڀاڱي ۾ ٻڌايل آهي ته اُن جي پهرئين ڀاڱي جي پڇاڙيءَ ۾ ڪهاڻيءَ جو سلسِلو وقت جي وَهڪري ۾ ڇڄي پيو آهي ۽ ان ۾ جنهن ڏينهن جي ڳالهه ڪيل آهي، اُن ٽئين ڀاڱي ۾ اُن جي ٻئين ڏينهن صبوح جو ان ڳالهه جو سِلسِلو جاري رهيو آهي. وقت هونئن به اسانجو هڪ ظالم ساٿي آهي، اسانکي ڪا خوشي ڏيندو ته اُن خوشيءَ جو رنگ پوپٽ جي رنگن جيان اڻ-جٽاءُدار هوندو ۽ ڪو دک ڏيندو ته اُن دک تي مرهم پڻ لڳائيندو، پر اُن جا نِشان اسانجي روح تي باقي رهڻ ڏيندو.

لڪائي ڇڏيو ۽ ڪانئس آهستي پڇيائين، ”فلپ، ڇا مان سندر آهيان؟“

اُن ڏينهن اڌيايڪ گپتا ڪلاس ۾ ”A Cup of Tea“ ڪهاڻي پوري ڪئي. ڪهاڻي غير رواجي لڳي. اُن ڏينهن مان سدرشن پاران پنهنجي ساهيڙيءَ تي غصو ڪرڻ جو رهسيہ سمجهي ويس. هم ڪلاسي دوست ديسراج پاڻيا نيڪ چيو هو، ”عشق جي اِها هڪ ادا آهي.“

مون سدرشن جي ساهيڙيءَ ۾ دلچسپي ڇو ڏيکاري؟ ڪيس مون ڇو چيو تہ هوءَ بي. ۽ اي.- اِهي ٻہ اکر هٽِ ڪرڻ لاءِ سندر اکين جي جوت ۽ سون ورني بدن جو جادوُ خرچ ڪري رهي آهي؟ مون جڏهن ڪيس اِئين چيو هو تہ سدرشن ڏانهس پرپور نِگاهہ ڪٽي نِهاريو هو، سندس اکيون ۽ بدن ڏنو هو.

□□

۱۹٦۵ ۾ شايع ٿيل منهنجي سِنڌي ڪهاڻي ”چار چٽا: ۽ ٽي دوست“ جو گهٽنا - اِسٿل (locale) راجڪوٽ آهي. مان آڪاشواڻي راجڪوٽ ۾ ۱۹٦۲ کان ۱۹٦۴ تائين پروگرام آفيسر هوسِ. اِنهن ڏينهن ۾ منهنجي ڏيٽ - ويٽ راجڪوٽ جي جينت ريلواڻيءَ ۽ جهوناڳڙهہ جي لڇمڻ دبي سان ٿي. جينت ريلواڻي تہ اسانجي ساهِتيہ ڪيتر ۾ سڃاڻپ ڪرائڻ جو محتاج ڪونهي. لڇمڻ دبي پڻ، دبي هئڻ جي باوَجود، سنڌي آهي. هِن صاحب سنڌي ۽ هِنديءَ ۾ ڪيترا ئي غزل لکيا آهِن، پر ڇپايا ڪونہ آهِن. اڄ ڪالهہ بمبئيءَ ۾ هوُ هِڪ وڏو واپاري ٿي پيو آهي. اِهي ٻہ دوست ۽ ٽيون مان- اسين ٽيئي خوب لهہ- وچڙ ۾ آياسين. ۱۹٦۴ جي پڇاڙيءَ ڌاري مون ريڊيو جي نوڪري ڇڏي اچڻ تي ۽ راجڪوٽ مان واپس دهليءَ اچي ٽانئيڪو ٽيڻ تي ، مون اِها ڪهاڻي لکي. اِن ڪهاڻيءَ ۾ چٽن چٽن مان هِڪ چٽو، هِڪ entity وقت آهي. وقت اسان سان گڏ هلندو رهي ٿو، جيتوڻيڪ اسين اُنکي ڏسي نٿا سگهون. اوُ اسانجو ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ جيون ساٿي (invisible life partner) آهي.

چڪاس ۾ مول روپ جون گهٽيون رهيل کهيل اُوڻايون بہ نکري وينديون آهن ۽ ترجمي وارو روپ نکري بيهندو آهي. مون انکان بہ ٽي سال پوءِ پنهنجي اِن سنڌي ڪهاڻيءَ کي هنديءَ ۾ آندو. اِها ڪهاڻي هنديءَ مان ڪيترين ٻي ڀارتي ٻولين ۾ بہ ترجمو ٿي.

ادب ۾ انسان جون پراڻيون سمرتيون بقا پائينديون آهن. اڄ مان اِها پراڻي ڪهاڻي پڙهڻ وقت راجڪوٽ ۾ گذاريل پنهنجي زندگي وري جيئندو آهيان، اُهي ٿي هنڌ ۽ ماڻهو ذهن ۾ اُڀري ايندا آهن. منهنجي ننڍي ناول ”ڪوٽ“ ۾ وري ائميريڪا ۾ گهاريل منهنجي پنهنجي زندگي اُجاگر ٿيل آهي. مون هتي اڳ ۾ ٿي چيو آهي تہ ڪنهن بہ ليکڪ جو ڪٿا ساهتيہ گهڻو تڻو آتم ڪٿائي هوندي بہ، اُن ۾ٿي ڇٽي (The Other) جي ڪٿا پڻ ٻڌائيندو آهي، جو سندس لکڻ پڙهڻ واري ڪمري ۾ سندس هوندي موجود هوندو آهي. اِن ننڍي ناول ”ڪوٽ“ کان اڳ مون هڪ ننڍو ناول ”اِهي رشتا ناتا“ لکيو هو. جڏهن شيام جئسنگهاڻيءَ جو ”ڪاهيءَ جي چوطرف“ ۱۹۷۶ ۾ ڇپيو ۽ مون اُهو پڙهيو تہ مونکي لڳو مان انجي ڪردار مدن لال سان گهٽيئي دفعا ملي چڪو آهيان. ليکن جنهن نموني مان ڪيس سڃاڻان ٿو، اُهو ان نموني اُتي ڪونهي. ان ۾ اهڙا نفي پهلو ڪونهن. منهنجو مدن لال تہ زندگيءَ کان ڪٽيل محسوس ڪندي بہ ان سان ڳنڍيل رهيو آهي. وڏي شهر واري زندگيءَ جي دٻاءَ هيٺ هو بيشڪ ڀاڙکي ويچار جي سطح تي ڀاڙکي الڳاءَ وادي ڇوي، پر سنسڪار جي سطح تي هو پنهنجي آس پاس واري زندگيءَ کان منڪر ڪونهي. پوءِ تہ جيئن ڪنهن اُردو مشاعري ۾ مصرع طرح ڏيندا آهن ۽ الڳہ الڳہ شاعر پنهنجي پنهنجي انيوتي ۽ درشٽيءَ انوسار پنهنجا پنهنجا شعر پيش ڪندا آهن، تيئن مون اهو ننڍو ناول ”اِهي رشتا ناتا“ لکيو. ان ۾ هڪ بلڪل الڳہ ڪٿا - ياترا آهي، جنهن ۾ جيون جي ارٿ کي سويڪرتي ملي آهي.

”اِهي رشتا ناتا“ کان اڳہ مون ”پيلي بنيءَ تي“ لکيو

ڇاڪاڻ تہ پاٺڪ ڪهاڻيءَ جي ٽنهي پاترن ۾ جئرام، هري پرڪاش ۽ راجيندر جي جيون جي جدا جدا روپن کان واقف ٿئي ٿو، هوُ انهي ٽنهين پاترن ۾ ناٽڪي وينگ (dramatic irony) جو آنند ماڻي ٿو ۽ کيس محسوس ٿئي ٿو تہ وقت جي ڏاڍائيءَ اڳيان اِنسان جا انسنا ڪيڏا نہ اَڻپورا ۽ اجايا آهِن.

پنڌيان نهاريندي مونکي لڳي ٿو، اها ڪهاڻي لکڻ کان چار پنج سال اڳ، انگريزيءَ ۾ ايم. اي. ڪرڻ دوران، مون جي. بي. پريسٽلي جا جيکي Time Plays پڙهيا هئا، تن جي واستو شلپ(architectonics) جو اثر ان ڪهاڻيءَ تي اوس ڪجهہ آيو هوندو.سنڌيءَ ۾ لکيل منهنجي اها ڪهاڻي ڪافي مقبول رهي. ”رابيل“ جي سيپٽيمبر ١٩٦٥ واري پرچي ۾ پوپٽي هيرانندانڻيءَ اُن جي باري ۾ لکيو: ”رابيل جي جولاءِ ١٩٦٥ واري انڪ ۾ ’چار چٽا: وقت ۽ ٽي دوست‘ ڪهاڻي ڏاڍي وڻي. وشيہ واھ جي آهي! تارا جي ڪهاڻيءَ جو وشيہ پيار جو ٽڪنڊو نئون نہ هئڻ ڪري اهڙو دلچسپ نہ آهي. ليڪ ٻوليءَ ۾ تشبيهون بہ سهڻيون ٿو جَڙي: اهڙن موقعن تي خاموشي شيش نانگ جي هزار جِڀن سان ٻوليندي آهي، وغيره. ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌڻ لاءِ ننڍڙا واقعا چترن جي روپ ۾ پيش ڪري تز لفظ وجهڻ جي طرز: ’دروازي مان ايندڙ روشنيءَ ۾ هڪ ماڻهوءَ جيڏي رڪاوٽ پئدا ٿي ويئي - دروازي تي شايد ڪير بيٺو هو...‘ وغيره ڪهاڻيءَ ۾ خوب نکري بيٺي آهي.“

جيئن ننڍي هوندي ڪلاس ۾ ماستر صاحب جوڙڪٽ (يا ضرب وند) سيکاريندي رقمن جي جوڙ (يا ضرب) جي صحيح حساب جي چڪاس رقمن جي وري ڪٽ (يا وند) ڪرائڻ سان ۽ رقمن جي ڪٽ (يا وند) جي صحيح حساب جي چڪاس رقمن جي وري جوڙ (يا ضرب) ڪرائڻ سان ڪندو هو، تيئن مان پڻ سنڌيءَ ۾ لکيل پنهنجين رچنائن کي هنديءَ ۾ يا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري يا هنديءَ ۾ مول جوڙيل پنهنجين رچنائن کي سنڌيءَ ۾ يا انگريزيءَ ۾ آڻي چڪاسيندو آهيان. اهڙيءَ

ورُڏن ۾ ميلاپ ڪرائي، هڪ جوڙ هڪ رچنا ۾ آڻي بيهاري ٿي.
”ڪوٽ“ ۾ُ ائمريڪا ۽ ڀارت، پورب ۽ پڇم، ليڊا ۽ پرونٽگانسٽ
جي پتني راڳني هڪ ٻئي جي ضد ۾ هوندي به هڪ رچنا ناهين
ٿيون، ٻوبدو هوندي به روبرو آهن. ان ۾ موهن لال ارڏناريشور
جي ڀارتي ويچار هيٺ ناري سوتنترتا آندولن تي نظرثاني
ڪري ٿو. ان جي نائڪا ليڊا پنهنجي پتيءَ کان ڌار ٿي وڃڻ
ڪانپوءِ، ڦهريون ڀيرو محسوس ڪري ٿي ته گهر ۾ سندس ننڍو
پٽ آهي، جنهن ڏانهن پڻ سندس جوڳو ڌيان وڃڻ کپي. اسانجو
ڪو به فيصلو پنهنجي آس پاس جي رشتن جو ڌيان ڪرڻ
ڪانسواءِ ٿيندو، ته اوُ زندگيءَ ۾ بي-بندوبستگي آڻيندو.

ائمريڪا ۾ منهنجي ڏيٺ - ويٺ ڪئروليسا نالي هڪ
نوجوان عورت ۽ ايلينور گيبڊان نالي برڌ اوسٿا واري عورت سان
ٿي. انهن ڪانسواءِ سُزان بيلوٽ، مسز (جيمس) نارٽن، روٿ فان
ڊورين، ڊوروٿي اسڪائين، ايليزبيٿ اسٽيلر عورتن سان به
سڃاڻپ ٿي. مان سمجهان ٿو، اهي سڀ عورتون - خاص ڪري
ڪئروليسا ۽ ڊوروٿي اسڪائين - ليڊا جي ڪردار ۾ گڏجي-
مسجي ويئون آهن. مارٿاوس ونيرڊ ۾ مان ڊوروٿيءَ جي گهر ۾
لڳو هوس ۽ ڪئروليسا ۽ مان گهڻا ئي ڏينهن گڏ رهيا هئاسين.
پر پوءِ به انهن ٻنهي جي ڪردارن کان ليڊا جو ڪردار علحدو
آهي. ليڊا ۾ چتائي آهي ليڪن اُهي ٻئي ڌارمڪ قسم جون
عورتون هيون. واقعي، جيئن ”ڪوٽ“ ۾ ڏيکاريل آهي، ڪئروليسا
سان منهنجي واقفيت هڪ ٻوڌي لاما جي پروچن جي موقعي تي
ٿي هئي. ان ڪانپوءِ هوءَ منهنجي اپارٽمينٽ ۾ ايندي رهندي
هئي ۽ اسين ٻئي گڏجي ائمريڪي ۽ ڀارتي کانا ٺاهيندا ۽
کائيندا هئاسين. هوءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ گهٽيئي ٿاپا کائي
چڪي هئي ۽ ڪيس ڀارتي ماڻهن جو پتي-پتني رشتو ڏاڍو سٺو
لڳو هو. در اصل، سندس للڪار جي جواب ۾ ئي مون پنهنجي
پتني راج ۽ ننڍي پٽ دنيش جي ائمريڪا ياترا جو بندوبست
ڪيو هو ۽ ڪئروليسا کي ٻڌايو هو ته مان پنهنجي موجوده اسٿتيءَ

هو. ان ۾ انجو نائڪ منوهرلال هڪ شام جو ڪافي دير سان پنهنجي گهر موٽي ٿو. گهر اچي، ڪانو ڪائي ٻاهر نڪري وڃي ٿو ۽ اڌ رات تائين الاجي ڪٿي ڪٿي گهمندو وتي ٿو. تڏهن سندس پتنيءَ کي محسوس ٿئي ٿو ته انن سالن ۾ ئي سندس شادي شده زندگيءَ جي روشني جهڪي ٿي رهي آهي. جلد ئي، منوهر لال روشنيءَ جي راهه تي موٽي اچي ٿو.

''ڪوٽ'' بابت ڳالهيون ڪندي سون پنهنجين اڳين ٻن ننڍن ناولن جو ذڪر انڪري ڪيو آهي جو اِهي ٽيئي گڏجي سنڌيءَ جي پهرين ٽرائلاجي ناهين ٿا. ٽنهي ۾ هڪ قسم جو پاڻ ۾ اندريون سنٻنڌ آهي. ٽنهي جا ٽي ڪردار مدن لال، منوهر لال ۽ موهن لال آهن (اِهي ٽيئي ايم. لال آهن) جنجي زندگيءَ جي چوويهن ڪلاڪن جي نمائندگي انهن ننڍن ناولن ۾ ڪيل آهي. ٽيئي ناول جدا جدا هوندي به هڪ ئي ڪٿا ياترا جا ٽي پڙاوَ آهن، جن ۾ انساني جيوت جون ٽي اوستائون انساني رشتن-ناتن جي نوَن حوالن ۾ نمايان آهن. ڇا مدن لال ۽ منوهر لال ۽ موهن لال هڪ ئي شخص کي، يا اُن هڪ ئي شخص جي ٽن جدا جدا جيون ڪنڊن کي پيش نه ٿا ڪن؟ ڇا ايم لال هڪ ويڪتي هوندي به سموري سماج کي ظاهر نٿو ڪري؟ هو پاڻکي ڪا ويرم ڪنهن چوُراهي تي بيٺل محسوس ڪري ٿو، پر جلد ئي نيمائتو ٿي ڪري درگهٽنائن کان بچي ٿو ۽ پنهنجي صحيح ڏسا ڏانهن قدم وڌائي ٿو. در اصل هڪ ڪٿاڪار پنهنجي ڪٿا ساهتيه دئاران پنهنجو پاڻکي به صحيح صحيح سمجهي ٿو ۽ پاڻ سڃاڻي ٿو.

ڪنهن به رچنا جي مول ۾ سمرتي ۽ ڪلپنا هجن ٿيون. سمرتي ماضيءَ مان ڳالهين جا ڍير آڻي سامهون رکي ٿي ۽ موجوده کن ۽ اسٿتيءَ سان وابسته هوندي به ماضيءَ جي انيڪ کنن ۽ اسٿتين جو ڳوڙرو آڻي پلٽي ٿي. انهن ۾ ڪيترا ئي کن ۽ ڪيتريون ئي اسٿتيون هڪ ٻئي جي اُبتڙ هجن ٿيون. ڪلپنا انهن جدا جدا کنن ۽ مختلف اسٿتين کي هڪ هنڌ گڏ ڪري،

پنهنجي لکيت ۾ اها درستي ڪندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن تہ
رات جو سپني ۾ ان لکيت جو اُهو خاص غلط هنڌ ڏسڻ ۾ ايندو
آئم ۽ مان صبوح جو ننڊ مان جاڳڻ سان پهريون ڪم اهو ڪندو
آهيان تہ اُن لکيت ۾ اُهو ئي هنڌ وري پڙهي اُن ۾ ترميم
ڪريان.

هاڻي مان پنهنجي ڪويتا ''لنگڙو ۽ انڌو'' تي اچان. اها ڪويتا ڪڏهن، ڇو ۽ ڪيئن لکي ويئي؟ ڳالهہ هن ريت آهي تہ مان دهلي اسيمبليءَ لاءِ ١٩٩٣ -چوندن واسطي ٢٥ سيپٽيمبر ١٩٩٣ تي هڪ راجنيتڪ پارٽيءَ جي ٽڪيٽ وٺڻ خاطر ان پارٽيءَ جي دفتر ٻاهران قطار ۾ وڃي بيٺس. خبر ناهي، مونکي ڪهڙي شوق اچي ورايو، جو مون ٽِين ڪيو. جيتوڻيڪ ان قطار ۾ گهٽيئي ڏسٽا وائسٽا ماڻهو هئا، تڏهن بہ اهو سڀ ڪجهہ مونکي عجيب عجيب لڳو. هونئن مون سنڌي اڳوانن ۾ هڪ آچاريہ جي. بي. ڪرپالاڻيءَ کي ڇڏي، باقي سڀني سان - ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ، جئرامداس دولترام، شري ڪي. آر. ڪرپالاڻيءَ ۽ آچاريہ ڀڳوان ديو سان گڏجي ڪم ڪيو هو ۽ ساڻن گڏ ڪم ڪندي محسوس ڪيو هوم تہ شبد سان گڏوگڏ ڪرم کي ٻڻ وڏي اهميت آهي، ساهت ڪيتر سان گڏ و گڏ راجنيتي ڪيتر کي ٻڻ مهتوَ آهي ۽ اُهي نيتا ٻنهي ڪيترن جا هئا.

ساهتيہ وٽ درشٽي آهي، ليڪن اُن درشٽيءَ موجب جيون کي سنوارڻ سجائڻ جا ساڌن ڪونہ آهن، ان درشٽيءَ کي گتي ڏيڻ لاءِ پير ڪونہ آهن. هوڏانهن وري راجنيتي درشٽي - هيڻ هوندي بہ ساڌن - سمپن آهي. ان وٽ ساڌن آهن، پير آهن. جيئن تہ اِهي ٻيئي کيتر گڏجي ڪري ئي گهڻو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا، انڪري مان ان قطار ۾ وڃي بيٺو هوس. ليڪن اُتي بيهندي مونکي لڳو، هاڻوڪين حالتن ۾ مون جهڙي ماڻهوءَ جي دال نہ ڳرندي. اهو زمانو ٻيو هو، جڏهن چوندن ۾ بيهڻ لاءِ پئسي جي ضرورت ڪانہ هئي. هاڻي پئسي جي ئي نہ، گهڻي پئسي جي درڪار آهي... ۽ گهڻو پئسو خرچ ڪري چوندجي آيل

۾ گهٽو گهٽو سُڪي آهيان، ان ۾ ڪا ڦير بدل ڪرڻ نٿو چاهيان.

نندڙو ناول ''ڪوٺ'' هڪ هئي پرسان لکيل ٽن ڪهاڻين جي روپ ۾ لکيو هوم. انجو پهريون ڀاڱو هڪ ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ هندواسيءَ جي ٧ آگسٽ ١٩٨٣ واري پرچي ۾ ڇپيو هو. ان ڇپيل روپ ۾ هڪ هنڌ مون لکيو هو: ''سمنڊ جي پاڻيءَ جي چادر وڇايل هئي. ڪناري تي اُن چادر جي اڇن ڏاڳن ۾ ڦندڻن واري اُڻت هئي ۽ وچ سمنڊ ۾ انجو رنگ گهاٽو نيرو ۽ دور اُفق وٽ هلڪو نيرو هو.''

انجي گهٽن مهنن ڪانپوءِ انجو هندي ترجمو ڪندي مونکي اچانڪ ئي لڳو تہ ان ڪهاڻيءَ ۾ ڏينهن جي جنهن وقت جو ذڪر ڪيل آهي، ان وقت اُتي سرديءَ جي موسم ۾ ڏينهن جو اُجالو ڪونہ هوندو آهي، ۽ جيڪڏهن اُجالو نہ هوندو آهي تہ پوءِ ''اڇن ڦندڻن واري اُڻت يا وچ سمنڊ ۾ گهاٽو نيرو رنگ ۽ دور اُفق وٽ هلڪو نيرو رنگ'' ڏسڻ جو سوال ئي ڪٿي ٿو اُٿي؟ اِها ڳالهہ ذهن ۾ واضع ٿيڻ سان، پوءِ تہ ان ڪهاڻيءَ ۾ گهٽيئي ڦير بدل ڪرڻا پيم. پوءِ تہ بوسٽن مان ڪار جي نڪرڻ بعد ڪار جون هيڊ لائيٽس ٻريل ڏيکاريم وغيره وغيره. هونئن، ڪابہ رچنا ڪرڻ وقت سمرتي ۽ ڪلپنا سان گڏوگڏ انتر چيتنا بہ هڪ عجيب نموني ڪم ڪري ٿي. اُها بہ رچنا ڪرڻ وقت استٿيءَ جي صحيح نمائندگيءَ لاءِ صحيح لفظ چونڊڻ ۾ مدد ڪندي هلي ٿي. مونسان تہ ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيو آهي تہ مان ضروري حاجت لاءِ باٿ روم ۾ آهيان ۽ لکجي رهيل ڪنهن ڪهاڻيءَ يا ليک ۾ اُن هڪ هنڌ ڏانهن ئي منهنجو ڌيان هليو ويندو آهي، جنهن هنڌ تي لفظ (لفظن) جو غلط استعمال ٿيل هوندو آهي. ايڏي وڏي لکيت جو صرف اُهو هنڌ ڪيئن چمڪاٽ ڪري اُٿندو آهي؟ گويا ڪو ڪمپيوٽر ڪا غلط ڳالهہ ڏسي اُتي بيهي وڃي ۽ flicker ڪري ڇڏائي تہ پهريائين ان هنڌ تي درستي ڪر ۽ پوءِ اڳتي وڌ. باٿ روم مان نڪري مان

ڪرائي سگهي ها چاڪاڻ تہ جنتا پارٽيءَ وارن جي پارليامينٽ
ٿورائي هئي. شري جئرامداس شريمتي اندرا گانڌيءَ کي
چايو تہ ڪانگريس پارٽيءَ جي پارليامينٽ ۾ گهٽائيءَ ڪري
نڌي ٻولي ڀارتي وڌان جي آئين شيڊول تي اچي سگهي ٿي.
ڪ ساهتيڪار تہ ٻيو راڄنيتڪ نيتا - هن پاسي مان، 'هُن
اسي ڊاڪٽر جيسواڻي، هڪ جٽي ظاهر ڪيو تہ هاڻوڪين
التن جي باوجود سنڌي ٻولي ختم نہ ٿيندي تہ ٻئي جٽي
اڄنيتڪ واعدو ڪيو تہ هو سنڌي ٻوليءَ جي وڪاس لاءِ
رڪاري سطح تي مدد وٺي ڏيندو وغيره.

لنگڙو ۽ انڌو، ڀارت ۽ آئمريڪا، بنڪم چندر چٽرجي ۽
ريمتي هريئيٽ ايليزبيٿ اسٽوو، سڀاش چندر بوس ۽ ابراهم
نڪن، ڀوپال سيمينار جو صدر ۽ اُنجو مکيہ مهمان -اُهي سڀئي
ڪس سمرتيءَ ۾ ظاهر ٿيا ۽ ڪلپنا انهن سڀني عڪسن کي هڪ
ئٽرن ۾ آندو. دنيا ڀر جي ساهتيہ جا ٽي وشيہ آهن - پريم،
فرت، ۽ اُميد. سمرتي ۽ ڪلپنا گڏجي ڪرِي انهن ٽن وشين
ان وابستہ جدا جدا استٿيون ۽ پاتر خلقين ٿيون ۽ هڪ نئين
يون درشٽي ڏين ٿيون. اِن ڪويتا مان پڻ هڪ اڻ - سڌي اُميد
اڳي ٿي تہ جيتوڻيڪ هن وقت حالتون سٺيون ڪينهن، تڏهن
ہ اڳتي هلي ڪو لنگڙو ڪنهن انڌي جي پٺيءَ تي چڙهي، ٻہ
خص هوندي بہ هڪ شخص ٻڻجي جيوت جي ڀورن راهہ
اهيندو.

جڏهن اِها ڪويتا سنڌيءَ ۾ فيئر ڪيم تہ اُن ساڳئي
ينهن ٢٦ سيپٽيمبر ١٩٩٣ تي اُنجو هندي ترجمو ڪيم. مون
هو ترجمو دهليءَ مان نڪرندڙ هندي روزاني اخبار ''هندستان''
ي اشاعت لاءِ موڪلي ڏنو. چاڪاڻ تہ ڪويتا وقتائتي هئي،
هليءَ ۾ ۽ ٻين هنڌن تي اسيمبلي چونڊن جو ماحول هو، اها
ڪويتا ان اخبار جي آرتوار واري مخزن سيڪشن ۾ ١٠ آڪٽوبر
١٩٩ تي ڇپجي پڻ ويئي.

□□

ماڻهو ان ڪانپوءِ پنهنجو خرچ ڪيل گهٽو پئسو وصول ڪن ٿا ۽ گهٽيءَ ۾ گهٽو پئسو گڏ ڪن ٿا. اِهو سوچي مان قطار مان ٻاهر نڪري آيس.

اُنجي ٻئي ڏينهن جڏهن منهنجي جذبي ۾ ٺار آيو ۽ اُنکي مون پنهنجي لکڻ پڙهڻ واري ڪمري ۾ ويهي ياد ڪيو تہ اِها ڪويتا پنهنجو پاڻ هڪ رف پني تي لهندي ويئي. منهنجي لکڻ پڙهڻ واري ڪمري ۾ هڪ وڏي لفافي ۾ هڪ پاسي ڪم آندل پراڻا پنا ۽ بوڪ پوسٽ رستي موڪليل دعوت ناما وغيره رف پنن جي صورت ۾ هڪيا تڪيا ميسر هوندا آهن.

ساهتيہ درشٽي وان هوندي بہ ساڏن - هيڻ آهي ۽ راڄنيتي ساڏن - سمپن هوندي بہ درشٽي - هيڻ آهي. ذهن ۾ هڪ لنگڙي ۽ هڪ انڌي سان وابستہ هڪ آڳاٽي لوڪ ڪٿا چمڪاٽ ڪري اُٿي. جلد ئي وري ساهتيڪارن بنڪم چندر چٽرجي ۽ شريمتي هريئيٽ ايليزبيٿ اسٽووَ جون تصويرون اُڀري آيون، جن ''آنند مٺ'' ۽ ''انڪل ٽام'س ڪئبن'' ناول لکي پنهنجي پنهنجي وقت جي سماجي حالت تي اثر وڌو ۽ راڄنيتڪ نيتا سڀاش چندر بوس ۽ ابراهم لنڪن ياد آيم، جن مان هڪ جٽي پنهنجي ليکڪ کان متاثر ٿي ڪري آزاد هند فوج برپا ڪئي ۽ ٻئي جٽي پنهنجي ليکڪا کان پرڀاوت ٿي ڪري پنهنجي ملڪ ۾ غلامن جي رسم جو خاتمو آندو. اِها ڪويتا لکڻ وقت مونکي اِهو پڻ ياد آيو تہ مان ١٢ - ١٣ جون ١٩٩٣ تي ڀوپال ۾ هوس ۽ اُتي مون ''ڀارت ۾ سنڌي تعليم'' وشيہ تي سنڌو يون ٽرسٽ ڀوپال پاران سڏايل سيمينار جي صدارت ڪئي هئي. اُن سيمينار جو مکيہ مهمان هو نڙياد (گجرات) مان چونڊجي آيل پارليامينٽ ميمبر ڊاڪٽر ڪي.ڊي. جيسواڻي، جنهن پنهنجي ڀارتي جنتا پارٽيءَ جي نڪتہ نگاهہ کان سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ بابت اُن وقت وارو پس منظر پيش ڪيو. مون ڪيس ردڪد ڏنو ۽ اُتي حاضر لوڪن کي هدايو تہ اُن وقت شري اٽل بهاري واجپيئي ڪيترو بہ ڪوشش ڪري ها، هو صاحب سنڌي ٻوليءَ کي تسليم

منهنجي پَٽ راڻي پِنگلا اهو اَمرت ڦل کائي
۽ مان جيستائين آهِيان
تيستائين ڪيس ماڻيندو رهان
پوڄيندو رهان؟

✡ ✡ ✡

مائو، مان پَٽَ راڻي پِنگلا
راجا پرترهري جي لاڏلي آهِيان
هوُ مونکي جيءَ جان سان پائئي ٿو
دنيا جي ڪنهن بہ وٿ جي پيٽ ۾
مونکي ئي وَڌيڪ چاهي ٿو
ليڪن منهنجو پيار تہ رشٽ پشٽ مرد
اُجين نگريءَ جي ڪوتوال سان آهي
سندس ٻن ٻانهن جي ڪنارن وِچ ۾
مان هِڪ نديءَ وانگي وَهندي آهِيان، ترل ترل
چو ڪين
منهنجو اِهو ڪوتوال اَمر ڦل کائي
جنهن بنا مان هِڪ پل بہ صحيح صحيح جالي نہ سگهندي آهِيان؟

✡ ✡ ✡

مان اُجين نگريءَ جو ڪوتوال
عهدن جي سِياست خاطر
راڻي پنگلا وَٽ ايندو ويندو آهِيان
ڏاڪا ڀِڏي لهندو چڙهندو آهِيان
ليڪن مِن ڳهيليءَ کي ڪهڙي خبر
تہ منهنجي پريمِڪا
کيپرا نديءَ جي ڪناري واري ڦول وَتي وِشيا آهي؟
چو ڪين
نديءَ تي نار، نار ۾ ندي
منهنجي ڦول وَتي اَمرڦل کائي
سدا نوُبني، سدا جوان ۽ سدا حيات رهي ڪري

١٠

هوءِ منهنجي شرمندگي

مان ڀَڳيَہ دت، هڪ غريب براهمڻ
پنهنجي ڪٽنب پريوار جي اِها سقيم حالت
سدائين سدائين لاءِ
ڪيئن ڏسي سگهندس ؟
گهور تپسيا جي وَردان طور مِليَلُ
اهو اَمَر ڦل
ڏکن - ڏوجهڙن ڀريَلَ منهنجي روزاني جيوت ۾
ڪهڙي مدد ڪري ڪهڙي مدد ڪندو؟
چو ڪين
اهو مان ديش جي راجا ڀرترهريءَ کي ڏيان
ءُ موٽ ۾
گرهستيءَ جو ڳاڏو هلائڻ لاءِ ڪجهہ ڌن ميٽ ڪريان؟

✡ ✡ ✡

ڀارت ورش جي راجڌاني اُجين جو سوامي
مان راجا ڀرترهري
اِهو ڪيئن ڏسي سگهندس
تہ منهنجي مامهون
منهنجي سوامِني ڀِنگلا
اِنسان ذات جا ٽي سراپ
اَگهائي، ٻُڍاپو ءُ موٽ سهي ؟
چو ڪين

۽ هڪ آهي ڪوتوال ڪري وئشيا جو ....
مان هڪ ئي وقت
يگيہ‌دت، پرترهري، پنگلا،
ڪوتوال ۽ وئشيا آهيان -
هڪ ۾ انيڪ/انيڪ ۾ هڪ آهيان
پنهنجي پريتل هوند ڪي
پنن تي خالي ڪندي ڪندي
اڻ هوند پڻ مان ئي آهيان -
اڻ هوند،
يا شونيہ، جو پاسي ۾ پين انگن جي اَچڻ سان
ڏهہ، سوُ، هزار، ڏهہ هزار، ۽ لک بڻجي ٿو
اُهو مان آهيان.
"مان" کان منهنجو بچڻ ناممڪن آهي.
(هڪ ۾ انيڪ، انيڪ ۾ هڪ)

□□

When I'm good, I'm very very good, but when I'm bad I'm better.

- Mae West, I'm No Angel

□□

ڪٿي پڙهيو اٿم ته يادگيرين جي معاملي ۾ اِنسان ڪروڙپتي هوندو آهي، ليڪن انهن کي قلمبند ڪرڻ جي معاملي ۾ ڪنگال. يادگيرين جي ڪتاب مان لڳ ڀڳ هر چيز رهجي ويندي آهي. بچندا آهن صرف ڪي ٽڪرا ۽ ڪو هڪ سپنو.

هڪ پيري صبح سوير جي خوشگوار ننڊ ۾ مون هڪ سپنو لڌو. اُن سپني ۾ مون ڏٺو ته هوءَ دلڪش نئن نقش واري عورت ڪاري سنگمرمر ۾ تراشيل ڪا مورتي هجي ۽ سندس اکين ۾ ملبار ساموندي ڪناري جون پتڪڙيون پتڪڙيون مڇيون چوڳي لاءِ تڙڦنديون هجن. سپني ۾ مان

مون سان پاڻ نباهي؟

✡ ✡ ✡

مان سدا سُهاڳڻ ٿول وَتي سمجهان ٿي
تہ سدا سُهاڳہ ۾ ئي منهنجو درياڳہ آهي
مان ڇو پنهنجي جهوليءَ ۾
سدائين
پاپ جا اِهي گهڙا اوتيندي رهان؟
ويچاري ڪوٽوال کي ڇاڻ ناهي
تہ مان مٿس اوتري ئي اکن ڇڪن آهيان
جيتري سندس هِڪ ادنيٰ سپاهيءَ تي
پوءِ ڇو ڪين
اِهو اَمر ڦل، جو مونکي منهنجي ڪوٽوال ڏنو آهي
ديش جو راجا پرترهري وَرتا ئي؟
هونئن بہ اَهڙي اعليٰ چيز تي سندس ئي اَڌڪار آهي.

✡ ✡ ✡

لڳہ ڀڳہ ٻہ هزار سال اَڳہ
هاٿي راجا پرترهري سوچي ٿو.
آتما بيمار نہ ٿي پوي
پُڍي نٿي ٿِئي، نٿي مري
نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ آتما
ڏسڻ ۾ ايندڙ اِهو امر ڦل آهي
جو سرير ساڻ هوندي سرير نٿو وَرتا ئي،
نٿو ورتا ئي سگهي.
آتما (Soul) هڪ آهي، آتم (selves) انيڪ آهن :
منهنجو هِڪ آتم پنگيدت جو آهي،
جنهن مونکي اهو اَمر ڦل ڏنو.
پِنگلا جو هڪ آهي جنهن کي مون وري ڏنو اهو
وڏي چوچ مان
هڪ آهي ڪوٽوال جو پِنگلا ڪري

ڪري مون جوکم کڻي پنهنجن ٻنهي هٿن جون آڱريون ڏهن ۾ ڳنڍي، ڪيس ڏنڊ ڏنڊ ۾ چيو، ”پاروتي، ڪالهه وانگي اڄ بہ ڏهين بجي کن اچج....“ هن ڪجهہ ڪين چيو، صرف مون ڏانهن نِهاريو. اُن نِهار مان لڳم، هن منهنجي ڳالهہ صحيح صحيح سمجهي هئي. هوءَ ان ڪمري ۾ پوچو لڳائي چڪي هئي. پوچو ۽ پوچي واري بالٽي کڻي ٻئي ڪمري ۾ هلي ويئي. مان پير هيٺ لٽڪائي پلنگ تي ئي ويٺو رهيُس ۽ اهو سپنو ياد ڪري وري ڏسڻ لڳس.

سپني جي ان ”ڪولاج“ ۾ سندس سڀ تصويرون ڳنڍجي مِسجي و يئون هيون. ساڳئي ڳنڍ هيون منهنجي تحت الشعور واريون منهنجيون پنهنجيون تصويرون! تصويرُن جي ان جهنگل ۾ ڏٺم تہ هوءَ مينڪا هئي ۽ مان وشوامتر. پُراڻن ۾ ورنن ڪيل آهي تہ وشوامتر جي جوڳ تپ کان ڊڄي ديوتائن جي راجا اِندر پنهنجو آسڻ ڏڏندو محسوس ڪيو هو. ليڪن مونکي لڳو، اها ڳالهہ ائين نہ هئي. جيڪڏهن اِندر ديوتا ائين ڪيو هو، تہ چئبو تہ ديوتا پڻ ايرکا کان آجا ڪونهن.

سپني ۾ ڏٺم وشوامتر جي مَنَ ۾ سُنائيءَ سان ڳنڍ ويٺل برائيءَ پاڻکي هار کائيندو ڏِسي آخرين هِڪ دفعو پنهنجو پورو زور لڳائي سُنائيءَ تي فتح پائڻ لاءِ مينڪا جي موهڻي صورت اختيار ڪئي هئي ۽ پوءِ ... ۽ پوءِ بُرائي پنهنجيءَ ڪوشش ۾ ڪامياب ويئي هئي. انسان جي پنهنجي من جي برائي ٻاهرين ڪنهن سهڻي صورت ۾ ٻگاڙو آڻيندي آهي ۽ اها ٻاهرين سهڻي صورت لُيائيندڙ- لالچائيندڙ بڻجي پوندي آهي ...

ايتري ۾ ڏٺم، هوءَ هِڪَ جوان سهڻي عورت بڻجي پيئي ۽ مان رِڇ بڻجي ويس. ’دي بيوٽي ائنڊ دي بيسٽ!‘ رڇ جوان سهڻي عورت کي تڏهن ٥٠-٥٠

اُن ڪلاتمڪ مورتيءَ جي ڪنن ۾، نڪ جي ناسن ۾ ۽ ڏُن ۾ آڱريون وجهي ڇُهاءَ جو آنند ماڻي رهيو هوس ته اوچتو ئي منهنجي سرير تي ڪنهن شخص جي ساڀيا ۾ هلڪي ڇُهاءَ سبب منهنجي ننڊ کُلي پيئي.

مون ڇرڪجي اکيون کوليون، ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو سپني واري سندر مورتيءَ ۾ ساهه پئجي ويو هو. منهنجي بيڊروم ۾ هوءَ ساڪيات موجود هئي ۽ جُهڪي جُهڪي ڪري منهنجي پلنگ هيٺان فرش تي پوچو لڳائي رهي هئي. شايد سندس ئي هٿ منهنجي سرير سان ڇُهجي ويو هو. مون سندس اکين ۾ جاچي ڏٺو، اُنهن مان پڪ سان ان ڳالهه جو پتو نه لڳي سگهيو. اُهي هيٺ جهڪي ويئون هيون. ليڪن سندس ڳلن جي ريشمي ڪاراڻ ۾ لالاڻ ڊوڙي آئي هئي. اِنڪري اِنهن هيٺ جُهڪيل اکين پڻ گهڻو ڪُجهه ڏيکاريو هوم.

پلنگ تان اُٿڻ کان اڳ مون ننڊ جي حالت ۾ پاجامي کان مٿي چڙهي ويل پنهنجو ڪرتو هيٺ ڪري پاڻ کي ڏٺو. ڏٺم، منهنجو اهو پاڻکي ڏکڻ پوريءَ ريت ڏکڻ نه هو، ڪجهه اَهڙو هو جو ڏکڻ ڪانپوءِ به ظاهر ظهور بيٺو هو. هن فرش تي رکيل منهنجي چمپل هيٺان پوچو لڳائڻ لاءِ اهو چمپل هٿ ۾ کنيو ۽ وري اُتي ناهي رکيو، جتان منهنجي پيرن ۾ سولائيءَ سان سِڌو پئجي تي سگهيو. سوچيم، ناري يا ته شرڌا آهي يا وري ڳهرڻا ! ... مون ڏانهن اِهو سندس شرڌا ڀاءُ هو ....

اُها ڪهڙي ماجرا هئي؟ ’’جي جاڳندي مَنَ ۾ سُتي پڻ سيئي.‘‘ منهنجي من ۾ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي اها سِٽ پڙاڏو ڪري اُٿي. مون سندس اَکين ۾ نِهاريو. هِن پيري مون ڏٺو، سندس اَکين ۾ لال لال ڏورا تري رهيا هئا. اُنهن ۾ نجاڻ ڪجهه پيو به اهڙو هو جنهن

هي ٻنڌن سماج کي ٽٽڻ کان بچائيندا. ليڪن هڪ
حد کان پوءِ لاحد ۾ پهچي ڪري اهي ٻنڌن نٽا رهن.
تي اسين سڀ ٻنڌن-مڪت ٿي پئون ٿا.

ياد آيم تہ سپني ۾ مون پاڻکي انساني رشتن جي پريوگ
شالا ۾ نانا پرڪار جا پريوگ ڪندي ڏٺو ۽ سماج ۾ توازن آڻڻ
لاءِ بي-توازن رهيُم. ڪلا جو جنم پاپ ۾ ٿئي ٿو. ڪيچڙ ۾
ڪمل ٽڙي ٿو. جڏهن ڪاري ٻاٽ رات ۾ چنڊ ۽ ڪيچڙ ۾
ڪمل جا عڪس پاڻ ۾ ٽڪرائيندا رهيا، تڏهن مان سنگتراش
بڻجي پيُس ۽ پاروتيءَ جي مورتي ڇيٽيءَ سان تراشيندو
رهيُس ... ۽ منهنجي ننڊ منهنجي سرير سان پاروتيءَ جي
ڇهاوَ ڪري اوچتو کُلي پيئي.

□□

پاروتي گذريل رات منهنجي سپني ۾ ڪيئن آئي؟ ’جي
جاڳندي من ۾، سُتي پڻ سيئي‘، اهو ڪيئن ٿيو؟ حقيقت
۾ منهنجي من تي انڪان هِڪ ڏينهن اَڳ واري پاروتي چڙهي
بيٺي هئي. اُنڪان هڪ ڏينهن اَڳ، صبح سوير گهر ۾ ڪم ڪار
ڪري وڃڻ کانپوءِ هوءَ اچانڪ ئي وري ڏهين بجي کن آئي
هئي. هن مونڪان ٥٠ رپيا گهريا هئا. مون کيس ڏنا هئا.
اُهي پنجاهہ رپيا منهنجي سپني ۾ سندس پنجاهہ تصويرون
بڻجي پيا هئا.

اُن وقت مان پريس ۾ ڇپجندڙ پنهنجي هِڪَ
ڪِتاب جا پروف پڙهي رهيو هوس. هوءَ ٻاهريون ڦاٽڪ
ڏيري کولي ۽ بند ڪري ڪمري ۾ ڪڏهن گهڙي آئي
هئي، مونکي ان جي سمڪ ئي ڪانہ پيئي هئي. اوچتو
ئي لڳو هوم سندس منهنجي مٿان اچي بيهڻ ڪري
ڪتاب جي پروفن تي در-درين مان ايندڙ روشنيءَ ۾
سندس قدبُت جيڏي رُڪاوٽ پئدا ٿي ويئي هئي. مون
ڪنڌ مٿي ڪٽي کيس ڏٺو هو تہ اُمالڪ ڇيو هئائين،
”پنهنجي گهر جو راشن ڪارڊ ڏيو تہ مان اُن تي
پنهنجي گهر لاءِ چانور وٺي اچان ...“ جيئن تہ مان
اِن اِسڪتيءَ لاءِ تيار نہ هوس، وائڙو ٿي ڏانهس نِهاريو هوم.

رپياڪڏي ڏنا. جڏهن جڏهن سندس چلور چاتيءَ سان لڳي جوان سهڻي عورت ڪيس پنهنجي جسم ۾ جاءِ ڏني. رڇ پنهنجين اڳين ٻن ٽنگن کي ٻانهون بڻائي، اُنهن جي پنجن کي هٿ ناهي جهانجهه وڄائڻ جي مُدرا ۾ هوا ۾ ڦهلائي رهيو هو ۽ پنهنجين پوين ٽنگن تي بيهي، نچي نچي تماشو ڏيکاري رهيو هو. تماشبين ڏانهس پئسا اُڇلائي رهيا هئا ۽ رڇ اُهي پئسا ميڙي ٥٠-٥٠ رُپين جي ڍڳين ۾ ناهي جوان سهڻي عورت جي حوالي ڪري رهيو هو.

وري ڏٺم، اُهو واسنا مئيءَ رڇ اُن جوان سهڻي عورت جي دائري کان ٻاهر، هنس بڻجي ويو. هنس، جو سفيد-سفيد، بيداغ ۽ پوتر آهي، جنهنجي کير نير جُدا ڪرڻ جي لياقت جو قدر سڀ ماڻهو ڪندا آهن. رڇ ۽ هنس، جانور ۽ پکي، رڇ، هنس ۽ عورت، برائي ۽ سنائيءَ ۾ ادوئت استاپت آهي... ڇا مون ۾ ۽ پاروتيءَ ۾، وشوامتر ۽ مينڪا ۾ يا رڇ ۽ جوان سهڻي عورت ۾ وجودي وحدت نہ آهي؟ ڇا هو هڪ (پُرش) اسان ٻنهي کي ايڪتا ۾ آڻي مونکي پنهنجي جڳهه تي رکي مينڪا - جوان سهڻي عورت (پرڪرتي) سان ماياوي راند ڪري آنند ماڻي رهيو آهي؟ ڪرڻ-ڪرائڻ وارو هو پاڻ آهي... سڀ ۾ هو آهي.

جلد ئي ڏٺم، گهرن ۾ باسڻ ٻهاري پوچو ڪرڻ واري پاروتي ڏوهڻ سسئي بڻجي ويئي. مان نام-نهاد آڪاهتو ڍنهون بڻجي ويس. هوءَ ڪُنيارڻ سهڻي ٿي پيئي تہ مان وڏين وڏين سيائن سوسائٽين ۾ مضمون، مقالا پڙهڻ وارو عزت بيگ ٿي پيس. پوءِ تہ اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪي سنڌا ۽ تفاوتَ نہ هئا. سُهڻي پنهنجي خاوند ڏم جو خيال نہ ڪري سندس بستري تان آڌي رات جو اُٿي، نديءَ پار پنهنجي ميهار سان مِلڻ ويندي رهي ٿي.

.... ايتري ۾ سپني ۾ مون ڏٺو، گهٽيئي سهٽيون هيون ۽ گهٽيئي ميهار هئا ۽ ويچارا ڏم ويڳاڻا هئا... هونئن

مائيءَ وارو جُدا گلاس کڻي رکيو هو ۽ مائيءَ جي سامهون ئيمون کي چيڀيي چيو هئائين، ”توهانکي ايتري بہ خبر ڪانهي تہ مائيءَ جو جُدا گلاس آهي؟“

مون پُڻ پُڻ ۾ کيس جواب ڏنو هو، ” هوءَ ٻين برتنن سان گڏ اَسان جا گلاس رَکَ سان مَلي، توئي صاف ڪري سگهي ٿي، ليڪن ڇا انهن مان ڪنهن هِڪ ۾ چانهہ پيِ نٿي سگهي؟“

وڏي واڪي وراڻيو هئائين، ” نہ ... ان ۾ اونچ نيچ جي ڪا ڳالهہ ناهي. ڳالهہ آهي تہ گهر ۾ ڪير پنهنجو پاتي آهي ... ڳالهہ آهي تہ گهرو جيون جي پَوترتا ڪيئن قائم رهي سگهي ...“

راشن ڪارڊ ڏيڻ کان منهنجي اِنڪار ڪرڻ جي باوجود پاروتي مُنجهيل مُنجهيل بيٺي رهي هئي. هوءَ باسڻ ٻهاري پوچو ڪرڻ واري مائي هئي تہ اُن ۾ ڇا ٿي پيو؟ هوءَ منهنجين ننڍڙين ننڍڙين ضرورتن جو پڻ خيال رکندي آهي. هوءَ ٻريل سِگريٽ پڇڙين سان منهنجي ائش ٽري ڀريل ڏسندي آهي تہ اُها ٻاهر گند جي دٻي ۾ صاف ڪري ايندي آهي. صبح جو سوير اَخبار وارو گهر ٻاهران اَڱڻ ۾ اَخبار ڦٽي ڪندو آهي تہ هوءَ اُها اَخبار اُتان کڻي اَندر اَچي مونکي آڻي ڏيندي آهي. کيس خبر آهي تہ صبح جي پهرين چانهہ پيئڻ مهل مونکي اَخبار پڙهڻ ۽ اُنجا پَنا ورائڻ وڻندو آهي ...

هاڻي سندس ڪا گهرج هئي. پر مون کيس پنهنجي مجبوريءَ کان واقف ڪندي چيو هو، ”هوندڻ جيڪر مان توکي راشن ڪارڊ ڏيڻ کان انڪار ڪين ڪريان، ليڪن ....“

شايد کيس اَڳيہ ئي ڄاڻ هئي تہ مان اِنڪار ڪندس. منهنجو همدردانہ رُخ ڏسي چيو هئائين، ” مان مهني جي پگهار مان ڪٽائينديس. توهين مونکي ٥٠ رپيا ڏيندا؟ راشن ڪارڊ تہ مون اَڳيہ ئي ڪنهن ٻئي گهر جي بيبي جيءَ

ڪن ۾ ئي ياد آيو هوم. اَسين راشن دڪان تان صرف ڪڻڪ وٺندا آهيون ۽ گهر ۾ ڪم ڪرڻ واري مائي چانور وغيره وٺندي آهي... ليڪن مان مائيءَ کي راشن ڪارڊ ڪيئن ڪٽي ڏيان؟ مونکي پنهنجي پتنيءَ جي سُياءَ جي پڻ ڄاڻ هئي. هوءَ ڪڏهن به اهو نه چاهيندي هئي ته پاروتي سندس غير حاضريءَ ۾ مون سان ڪو واهپو رکي. راشن ڪارڊ وٺي وڃي اُن تي چانور وغيره وٺي ڪري، وري اهو موٽائي ڏيئي وڃي. پنهنجي گهر لاءِ چانور وٺڻ وقت اسان جي گهر لاءِ پڻ ڪڻڪ وٺي، ڪڻڪ وٺڻ لاءِ مونکان پئسا وٺي وڃي ۽ اُنجو حساب مون سان نوَنِ پئسن جي ريزگاريءَ تائين ڪري، وغيره وغيره.

مون پاروتيءَ کي چيو هو، ”هونئن ته تنهنجي ڳالهه ٺيڪ آهي.... ليڪن اهو ڪاٿو تنهنجي بيبي جيءَ جو آهي... تنهنجي بيبي جيءَ کي اها ڳالهه اَصل ڪين وڻندي. هوءَ اسڪول مان موٽي اَچي، ته تون هن ڪان ئي راشن ڪارڊ وٺج...“

هيترن مهنن کان هوءَ اَسانجي گهر ۾ ڪم ڪندي آئي آهي. ڪيس اسان جي گهر جي چڱي خاصي ڄاڻ آهي. ڄاڪاڻ ته راجو هڪ اِسڪوُل ۾ ٽيچر آهي ۽ ڪيس ساڍي ستين بجي تائين گهر جو ڪم لاهي، نيرڻ وغيره ناهي وجهڻو پوندو آهي، هوءَ گهر ۾ اُها مائي رکندي آهي، جا صبح سوير ڇهين بجي اَچي سگهي ۽ سوائي - ساڍي ستين بجي تائين پنهنجو ڪم پورو ڪري وڃي سگهي ۽ وري منجهند جا ٻاسڻ مَلڻَ لاءِ شام جو ڇئين بجي ڪن اَچي سگهي ... مائي صبح سوير وقت تي اَچي، اِن لاءِ هوءَ ڪيس صبح جي چانهه پڻ پياريندي آهي...

هڪَ دفعي جا ڳالهه هو ... مون گهر ۾ سيني لاءِ - راجو، دنيش، پاروتي ۽ پاڻ لاءِ - شيشي جا گلاس ڪٽي اُنهن ۾ چانهه ڇاڻي هئي ته راجوءَ هڪدم گلاس ڪٽي اُنجي جڳهه تي

پاسي چمپل لاهي ڪچن طرف هلي ويئي هئي. هاڻي منهنجو اِن ڳالهه ڏانهن ڌيان ويو ته هوءَ چمپل پائي اَندر آئي هئي. هونئن ته هر روز صبح جو ڪم تي اَچڻ مهل هوءَ چمپلون ٻاهر اَڱڻ ۾ لاهي ايندي هئي.

سندس ڍِنيان ڍنيان مان به ويو هوس. هن ڀريائين ته ٻن ڇٽن جيترو پاڻي ڀري گئس تي رکيو هو. تيلي ٻاري گئس ٻاري هئائين. هن فرج مان کير جو پتيلو ڪڍي اُن مان ٿورو کير اُن پاڻيءَ ۾ گڏيو هو ۽ پتيلو واپس فرج ۾ رکيو هو. ڪيس ڪنڊ ۽ چانهه جي جدا جدا دٻن جي پڻ جاڻ هئي. هوءَ هر روز اَسانجي گهر ۾ چانهه ٺهندي ڏسندي هئي...

مان ڪِچن جي سامهون پيل ڊائننگ ٽيبل واري ڪرسيءَ تي ويهي ڪيس ڪِچن ۾ ڪم ڪندي ڏسي رهيو هوس. مونکي ڏاڍي خوشي ٿي رهي هئي ته هوءَ هڪ سُگهڙ گهرڌياڻيءَ وانگر لڳي رهي هئي. اِهو محض اِتفاق هو ته هوءَ اِن پنهنجيءَ موجوده هيٺي حالت ۾ هئي.

ايتري ۾ پاروتيءَ شيشي جا ٻه خالي گلاس ڪنيا هئا. مون لاءِ ڌوتل برتنن مان هڪ گلاس پاڻ لاءِ هيٺ ٿلهي تي رکيل جدا گلاس. مون ڪرسيءَ تان يڪدم اُٿي، سندس هٿ مان ٿلهي تان ڪنيل گلاس وٺي واپس ٿلهي تي رکيو هو ۽ هن لاءِ ٻيو گلاس ڌوتل برتنن مان ڪڍي ڪيس ڇيو هو، ”ڇو، تون جدا آهين؟ گهٽ ۾ گهٽ هاڻي ته تون پنهنجي اُن جدا گلاس ۾ چانهه نه پيئندينءَ.“ اِهو ٻڌي هوءَ منهنجي سيني تي ڪري پيئي هئي. مون سندس مٿي تي، وارن ۾، نرڙ تي هٿ گهمايو هو ته هوءَ اندر تائين جهڙي پيئي هئي. هاڻي سندس اکين ۾ ڪي به نندڙيون مڇيون نمايان نه هيون، بلڪ هوءَ خود به هڪ وڏي مڇي بڻجي پيئي هئي، جا منهنجين ٻانهن ۾ تڙڦي رهي هئي. مان هڪ ڏينهن اَڳ وارن پنهنجن

ڪان ورتو آهي.''

اَڙي، راشن ڪارڊ تہ هن اَڳ ۾ ئي هٿ ڪيو آهي! مون ڳالهہ کي سمجهڻ چاهيو هو ۽ سندس اَکين ۾ اَکيون وجهي کانئس پڇيو هو، ''پنجاهہ رُپيا؟ ليڪن جيڪڏهن تون مهني جي پنهنجي پگهار مان اهي رپيا ڪٽائيندينءَ تہ بہ ڳالهہ ساڳي نہ ٿيندي؟ تنهنجي بيبي جيءَ کي خبر نہ پوندي؟''

''دراصل مان مهني جي پگهار مان بہ اهي رپيا ڪٽائي نہ سگهنديس... ستن اَٺن مهنن کان مُنهنجو مرد بيڪار ويٺو آهي. هو فئڪٽريءَ ۾ ڪم ڪندي پنهنجي هِڪ ٽنگ وڃائي ويٺو... هاڻي تہ ڏاڍو چِڙچِڙو ٿي پيو آهي، ٿوري ٿوري ڳالهہ تي مارڪُٽ ڪندو آهي. گهر جو سمورو خرچ مونکي ئي سنڀالڻو پوندو آهي.'' پاروتيءَ جي اَکين ۾ ڳوڙها تري آيا هئا.

مون سندس ڀرپُور جوانيءَ ڏانهن ڏٺو هو. اُن وقت ئي مونکي لڳو هو، منهنجي همدرديءَ جي ڏسا غلط هئي. پاڻ سنڀالي چيو هو مانس، ''پاروتي، تون اَهڙي ويدن ۾ ڦاٿل آهين ۽ اَسانکي ڪا خبر ناهي. اَسان پاڻ ۾ ئي پورا آهيون... پوءِ تون ڪيئن ڪندي هوندينءَ؟''

سندس خاموشي سندس ڇهري تي ڏکويل آواز بڻجي وئيي هئي. ڪن ۾ ئي مون ڪيس چيو هو، ''چڱو، تون هيئن ڪر، مان هونئن ئي هن وقت چانهہ ناهي پئندو آهيان. تون ڪِچن ۾ وڃي ہ ڪوپَ چانهہ ناهِہ. تون بہ پيءُ، مونکي بہ پيار... گئس تي چانهہ ناهڻ ايندي اَٿيئي نہ؟''

مون ڪيس اَهڙي نموني چيو هو، جو هن يڪدم ڪنڌ لوڏي ''ها'' ڪئي هئي ۽ ڊرائنگ روم ۾ هِڪَ

راجوءَ بي صبريءَ وچان ڪانئس پوري ڳالهه ڪين
ڇهي هئي. وري چيائينس، ''پر راشن ڪارڊ تي ته ڊيڪاريل
ونهي ته ڪالهه جي تاريخ ۾ ڪجهه ورتل آهي... ڇا
ڪي چانور ڪونه مليا؟''

ڪن پل لاءِ پاروتيءَ کي ڪجهه ڪين سُجهيو ته هوءَ
ا جواب ڏئي. هن هڪ نظر مون ڏانهن ڏٺو. مون من ئي
ن چيو، خدا خير ڪري! ليڪن ان مهل ئي پاروتيءَ جي
هين حواس ڪم ڪيو. هن ٺهر سان وراڻيو، ''نه، ڪالهه
اشن دڪان تي چانور ڪونه هئا...''

''چڱو، مان ته هلان ٿي... اڳ ۾ ئي ڪافي دير ٿي
يئي آهي،'' چئي راجو هلڻ لڳي ته پاروتيءَ پٺ
ويان پير ڪيا. مون به سامت جو ساهه ڪنيو ۽ من ئي من
پاروتيءَ جي من جي ڦڙتائيءَ کي ساراهيو.

ليڪن راجو ٻه قدم هلي وري بيهي رهي. منهنجي
مهون سامهون ٿيندي چيائين ''توهان رات جو دير
ئين اها بيهودي ٽي.وي. ڏسندا رهندا ته هن گهر جو
ئم ڪيئن هلندو؟ ڪُجهه ڏينهن کان گهر جو ٽائيم ٽيبل
ي بگڙي ويو آهي. ٻارَ دِنيش تي ڪهڙو اَثر پَوَندو؟
. هونئن توهان ڪيس صبح جو سوير اُٿاري، وقت تي
اليج اُماڻيندا آهيو... اَڄ هو به دير سان اُٿيو ۽
ڳابرو ناشتو ڪري نِڪري ويو. چيائين ته يونِيورسٽي
سپيشل بس نڪري ويندي...''

هاڻي مون بي ڊپو ٿي ڪيس وراڻيو، ''ڏس، راجو،
هنجو اسڪول صبح جو آهي ۽ منهنجو ڪاليج شام وارو
هي. تنهنجي منهنجي ٽائيم ٽيبل ۾ صبح شام جو فرق
هي... پوءِ ايڏو ڏمر ڇو؟''

''نه، مونکي توهانجون کي عادتون نٿيون وڻن...''
ن درديتا سان چيو.

''پوءِ ٻڌاءِ، ان ڏس ۾ اسين ٻيئي ڇا ڪريون؟''

خيالن ۾ ئي غلطان، پلنگ جي ٻانهينءَ تي ويٺو هوس ته مون ڏٺو، پاروتي پنهنجو ڪم لاهي واپس وڃي رهي هئي، ويندي ويندي هن هڪ ڀرپور نِگاهه مون تي اُڇلائي. هوءَ ٻاهر پهچي وري اَندر آئي. سندس هٿن ۾ ٻاهر اَڱڻ ۾ پيل اَخبار هئي. ايندي ايندي هن هر روز جيان اَخبار جي پهرئين صفحي تي ڇپيل فوٽو ڏٺو، گويا اهو هڪُ فوٽو ڏسڻ سان هن اُن ڏينهن وارا سڀ سماچار پڙهي ڇڏيا هجن. اَچا اَخبار منهنجي هٿ ۾ ڏنائين مس ته راجو آئي. سندس هٿ ۾ 'پرس' هئي. هوءَ اسڪول وڃڻ لاءِ تيار ٿي چڪي هئي. اَچڻ سان وڏي واڪي پاروتيءَ کي چيائين، ''تو ئي هن صاحب کي اَهڙو سُستُ بڻائي ڇڏيو آهي؛ آئينده اَخبار کڻي ڏيڻ جي ڪا ضرورت ناهي، هي پاڻيهي اُٿي اُٺان کڻندو. تون پنهنجي ڪم سان ڪم رکُ.''

پاروتي هِڪ کن لاءِ مورتيءَ جيان اِستاپِت ٿي ويئي. سندس منهن جو رنگ لهي ويو. ''چڱو بيبي جي'' چئي هن پويان پير کيا ۽ مُڙي ڏٺائين اَسان مان ڪنهن هِڪ ڏانهن به نه نهاريائين. هوءَ ٻاهريون ڦاٽڪ کولي وري بند ڪري وڃي رهي هئي. ايتري ۾ راجوءَ کيس سڏ ڪيو. کيس ڪا ڳالهه ياد اَچي ويئي هئي.

پاروتي ڦاٽڪ وٽ رُڪجي وِڃي بيهي رهي ته راجوءَ کيس چيو، ''پاروتي، هيڏانهن ته اَچُ... هڪ ڳالهه ته ٻڌاءِ...''

هوءَ اندر ۾ ڏنل ڏنل هئي، ليڪن ٻاهران پنهنجا قدم صحيح سنڀالي اَچي سامهون بيٺي. ''ڪهڙي ڳالهه، بيبي جي.''

راجوءَ کيس چرب ڏيندي چيو، ''هونءَ ته تون مونکان ئي راشن ڪارڊ وٺي ويندي آهين... ليڪن ڪالهه شام جو مون کي هن پاڙيسرياڻيءَ ٻڌايو ته تون ڪالهه صبح جو گهر ۾ آئي هئينءَ ۽ صاحب کان راشن ڪارڊ وٺي ويئي هئينءَ...''

نٿا رهي سگهن؛ جيون ڪال ۾ پنهنجي پنهنجي جيون ساٿيءَ لاءِ چاهنا ختم نہ ٿيڻ جي باوجود ڪي بيا جُنون پئدا ٿي سگهن ٿا. اهي جنون شمار ۾ ڏهاڪو ڪن واهہ جا ٿين ٿا. ڪنهن بہ جنون جو باعث ڏارئي مرد يا ڏاري عورت جو خوبصورت هئڻ ئي ناهي، سندس خاص آواز، مُسڪراهٽ، ڏسڻ جو ڍنگُ، اوچتي فاحش حرڪت وغيره ڪشش جا گهٽيئي سبب هجن ٿا. مرد لاءِ ڪا ظاهري طور بدصورت عورت ۽ عورت لاءِ ڪو ظاهري طور بدصورت مرد سيڪسوئل جُنون جو مرڪز ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ سندس اونچ-نيچ يا سماجي درجو ڪا معنيٰ نٿو رکي. مرد ۽ عورت جو هڪ بئي سان اَفلاطوني پيار هجڻ ڪوڙ ۽ مٿيا آهي؛ بنهي جي وچ ۾ سرير کان پري واري دوستي هجڻ ويسهہ ۾ اَچڻ واري ڳالهہ ڪانهي ... ۽ اجوڪي زماني ۾ پڻ مرد ۽ عورتون بدليا ڪونهن ۽ عورتن جي ايگزيڪيوٽو ۽ مئنيجنگ ڊئريڪٽر وغيره بڻجڻ ڪانپوءِ بہ سندن عمل بلڪل ساڳيا، اُهي ئي آهن، وغيره وغيره.

اها وارتا پڙهڻ ڪانپوءِ لڳم، ان ۾ مردن ۽ عورتن جي باري ۾ لکيل ڳالهيون صحيح صحيح آهن. ليڪن صحيح صحيح ڳالهيون تصوير جو هڪ پاسو نہ آهن؟ چا تصوير جي ٻئي پاسي اسانجي سماج ۾ جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو آهي، اهو اسان مان ڪنهن هڪ ڪان بہ لڪل آهي؟ ... شايد تصوير جو ٻيو پاسو بہ ڏيکڻ ان ڪتاب جي مقصد جي دائري ڪان ٻاهر آهي ... مون اخبار هڪ پاسي رکي ڇڏي ۽ مان پنهنجي آس پاس واري جيون تي سوچيندو رهيس.

اُن ڏينهن مونکي آڪاشوائيءَ لاءِ هڪ وارتا لکڻي هئي. مان ڊرائنگ روم ۾ پنهنجي لکڻ پڙهڻ واري جڳهہ تي اچي ويٺس. انٽ- شنٽ لکندو پڙهندو رهيم. پر ان وارتا جا ڪَچا نوٽ ورتل لکيل پنا پڻ ڪولي نہ ڏٺم. من ۾ ڪٿي ڪو ڪندو لڳو هوم. وقت جي پير ۾ پڻ ڪو ڪنڊو چڀيو هو. وقت پنهنجي پير مان ڪنڊو ڪڍڻ لاءِ بيهجي ويو هو. وقت اَڄ ڏهہ وڄائڻ ۾ ڪافي دير ڪري ڇڏي هئي ...

مون سندس اَکين ۾ نِهاري ڪانئس جواب طلبيو.

”ڇا وري ڇا ڪريون؟“ چئي هوءَ هلي ويئي. ائين ناهي تہ راجوءَ ۾ هڪ عام عورت جي لاچاري آهي يا هوءَ هڪ اَلڳ شخص ڪانهي. هن منهنجي بدن کي آدم-قد آئيني آڏو ڏنو آهي، منهنجي من کي نہ. جيڪڏهن من کي ڏسي سگهي ها تہ ڪيس منهنجي پوري پَروُڙ پَوي ها ۽ هوءَ منهنجي جيون مان ’واڪ آئوٽ‘ ڪري وڃي ها. اَهڙيءَ طرح مون بہ سندس بدن ڏٺو آهي، مَنُ نہ.

هوءَ هلي ويئي. پر منهنجي لاءِ هڪَ ڪلِن اسٽتي پئدا ڪري ويئي. مان پوءِ بہ ڪُجهہ منٽن لاءِ پلنگ تي ئي ويٺو رهيس. مونکي لڳو، اَڄُ پاروتي ڏهين بجي کانہ ايندي. اَهڙيُن حالتن ۾ ڪيئن ايندي؟

مون اُٿي گهڙي مان گلاس پاڻيءَ جو ڀري پيتو ۽ باٿ روم ۾ ويُس. ضروري حاجتون پوريون ڪري ڪِچن ۾ وِيُس. گهڻي دير کان رکيل چانهہ هاري پنهنجي لاءِ هِڪ ٻي ڪڙڪ چانهہ ناهيم. اَخبار کڻي ويٺُس. سياسي خبرُن ۾ منهنجي ڪا گهڻي دلچسپي ناهي. ٽئين صفحي تي ڏينهن ڏٺي جو ڪنهن گهر ۾ ڌاڙو لڳڻ جي خبر پڙهيم. ٻارهن سالن جي ڪنهن ڇوڪريءَ سان بلاتڪار ڪرڻ جي خبر پڙهيم. مونکي اِن اَخبار جو ٽيون ايڊيٽوريل ڏاڍو وڻندو آهي، اُهو پڙهيم.

اِنٽرنئشنل صفحي تي ڏٺم، ”مرد ۽ عورتون“ نالي ڪتاب تي هِڪ وارتا شايع ٿيل هئي. فرانس جي هِڪَ ليکڪ ۽ ليکڪا (يعني هڪ مرد ۽ هِڪ عورت) مردن ۽ عورتن جي باهمي رشتي تي ٻاڻ ۾ هڪ وڏي گفتگو ڪئي هئي ۽ اها ڪتابي صورت ۾ ڇپائي هئي... ان وارتا ۾ ٻنهي طرفان يا ٻنهي مان هڪ ٻاران اهو ڄاڻايل هو تہ هڪ جيون-ڪال ايڏو تہ وڏو آهي، جو ان ۾ گهڻيئي عورتون ۽ مرد پنهنجي پنهنجي جيون ساٿيءَ سان وفادار

وٺان ٿو؟ هونئن ڪير به ڪنهنکي به وٺي سگهي ٿو...''

هوءَ اُمالڪ منهنجي ڪُرسيءَ اڳيان وڌي آئي ۽ منهنجي گود ۾ ويهي پاڪر ۾ ڀرجي ويئي.

''ليڪن ...'' منهنجيءَ ان ''ليڪن'' منهنجيءَ ڪنهن مجبوريءَ کي ظاهر ڪيو هو.

هن اکيون مٿي ڪري اَکين سان ئي پڇيو، ''ليڪن ڇا؟''

مون سندس وارن کي سهلايو ۽ کيس پنهنجيءَ گود مان اُٿاريو. مون کيس چيو، ''ليڪن تو لاءِ ڪو صحيح رستو ڪُلڻ کپي...''

هوءَ اُتي سامهون ٿي بيٺي ۽ مون پنهنجي ڳالهه پوري ڪندي چيو، ''مان سوچيان ٿو، تو لاءِ ائين ڪرڻ ٺيڪ ٿيندو. مان توکي هينئر هڪ هزار رپيا ڪڍي ڏيان ٿو. تون پنهنجي مرد کي چئُه، ائين ئي ڪوڙ ۾ چئُه، ته توکي بيبي جيءَ هڪ هزار رپيا اُڌارا ڏنا آهن ۽ تون هر مهني پنهنجيءَ پگهار مان اڍائي اڍائي سوَ رپيا ڪري ڪٽائيندي رهنديءَ.. تنهنجو مرد هڪ هزار رپين مان سگريٽ پان يا ڪنهن ٻئي وکر جي پڙي کولي سگهي ٿو...''

هوءَ مون ڏانهن تڪيندي رهي. شايد کيس وشواس نٿي آيو.

''مان سچ ٿو چوان، ائين هو هر روز ٿورو ئي سهين، ڪجهه ڪمائيندو ته پاڻ ۾ سندس وشواس موٽي ايندو،'' اهو چئي مان اُٿيس ۽ ڪتابن جي الماريءَ مان هڪ هزار رپيا ڪڍي مون کيس ڏنا. هن اهي ورتا. پر جلد ئي مونکي واپس ڪندي چيائين، ''نه، هاڻي نه کپن. پهرين مان هن کان پڇنديس ته هو پڙي لڳائڻ لاءِ تيار آهي، ته هو ائين ڪندو... اوهان جا ڏنل هڪ هزار رپيا هو ڏُف ڪري ڇڏي ته؟''

''ٺيڪ آهي، تون پهرين پنهنجي مرد کان پڇ...''

خبر ناهي، مون اها ڳالهه ڪهڙي نموني چئي، جو هن واقعي

اُن وچ ۾ مون اُتي ٻاهريون ڦاٽڪ پاروتيءَ جي ڳهڙي اچڻ جيترو، کولي ڇڏيو، جيتوڻيڪ لڳو هوم تہ هوءَ اڄ نہ ايندي. جيڪڏهن هوءَ سچ پچ آئي ۽ پاڙيسرياڻيءَ يا ڪنهن ٻئي شخص کيس ڏسي ورتو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ ...

پاروتيءَ جي ڪرائيءَ ۾ ڪا گهڙي ٻڌل ناهي، پر پوءِ بہ اَلاجي ڪيئن هوءَ ٺيڪ ڏهين بجي آئي. ٻاهريون ڦاٽڪ جيئن جو تيئن کليل ڇڏيندي آئي.

هاڻي بہ هن پنهنجو چمپل ٻاهر اَڱڻ ۾ لاهي ڪين رکيو. چمپل سان ئي اَندر آئي. اَچڻ سان ئي چيائين، ”توهان چيو، مان آئي آهيان ... ليڪن مان وڃان ٿي. اڃا تہ صبح وارا بہ گهر ڪرڻا اَٿم...“

” ساموهون ديوان تي ته ويهہ ...“ مون سندس اَکين ۾ پنهنجيون اکيون کُپائيندي چيو.

پر هوءَ ڪانہ ويٺي، ڪافي منجهيل ٿي ڏٺي.

”ڇا توکي ڪنهن اندر ايندي ڏٺو؟“ مون ڪانئس پڇيو.

هن ڪنڌ اِن طرح ڌوڻيو جنهن مان لڳم، کيس خبر ڪانہ هئي تہ ڪنهن کيس اندر ايندي ڏٺو هو يا نہ. منهنجي بدن ۾ هڪ هلڪي ڏڪڻي ڦهلجي ويئي.

”مان ڪالهہ کان تنهنجي ۽ پنهنجي باري ۾ سوچيندو رهيو آهيان ... “ مون چيو ۽ مونکي رات وارو سپنو پڻ ياد آيو.

”ڇا؟“ هاڻي سندس منهن مان نِڪتو.

”تون منهنجي شرمندگي آهين ... ٿورو بہ ڍِلتي پيل اِنسان، ٿورو بہ اڳتي وڌيل اِنسانَ لاءِ هِڪَ شرمِندگي آهي ... ٻنهي کي قدم سان قدم مِلائي جيون جي راهہ تي هلڻ گهرجي ...“

مونکي لڳو مان پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي رهيو هوس. اها ڳالهہ پاروتيءَ نہ سمجهي هئي. شايد مان کيس نہ، ليڪن پاڻکي سمجهائي رهيو هوس. مون ڳالهہ کي بدلائيندي چيو، ”پاروتي، تون مونکي ڏاڍي وڻين ٿي ... ڇا مان بہ توکي

جت ڪٿ وسين ٿو تون-٢

آد ويدن جي واٽي، ياڻي آڏواٽي،
تو تہ ناهي ڇاٽي!
سريوءُ*جي ساحل تي اڄ سنڌوءُ لڇاٽي،
تو تہ ناهي ڇاٽي!
وِراثت وَحدت وجود، تو ڪڏهن نہ ماٽي،
تو تہ ناهي ڇاٽي!
اَبو علي سنڌي ڏني، "تت توم اسي" ٻاٽي،
تو تہ ناهي ڇاٽي!
ڄا شاهہ، سچل سرمست، ساميءَ واڪاٽي،
تو تہ ناهي ڇاٽي!
فضا جنهن ۾ سُٺي وَ مِٺي ساماٽي،
تو تہ ناهي ڇاٽي!
ساٽي ساٽي تاريخ، ٿي تهذيب ساٽي،
تو تہ ناهي ڇاٽي!
هاڃي: مسلمان پاٽي، جدا هِندو پاٽي،
تو تہ ناهي ڇاٽي!
پروفيسر ڪلياڻ جي بہ ذات آڏواٽي،
تو تہ ناهي ڇاٽي!
ويڱاٽو رام مندر تہ مسجد ويڱاٽي،
تو تہ ناهي ڇاٽي!
نوان جناح! ڏني صدا تو تفرقي هاٽي،
تو تہ ناهي ڇاٽي!

---

*ايوڌيا شهر سريوءُ نديءَ جي ڪناري تي آهي.

نيڪ سمجهيو تہ مان سندس هڪ دوست آهيان. هن پنهنجو هٿ اڳتي وڌايو ۽ مون سندس اهو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليو.

... ۽ پوءِ هوءَ هلي ويئي.

منهنجي لبن تي اَزخود ڪِٿان احمد نديم قاسميءَ جو هڪ شعر اَچي ويٺو :

پوُڇ بيٺا مون تُجهسي تيري ڪوُچي ڪا پتا
تيري حالات ني ڪئسِي ميرِي صوُرت ڪر دي.

ايتري ۾ مان جڏهن اِهو شعر گُنگُنائڻ لڳس تہ اِن ۾ ''صورت'' لفظ بدران ''سيرت'' لفظ پنهنجو پاڻ اَچي ويو. پوءِ مون سوچيو، ''صورت'' لفظ پڻ پنهنجي جڳهہ تي نيڪ آهي، اُنکي بدلائڻ جي ضرورت ڪانهي.

□□

اسين مسلمان ٿيا آهيون تہ ڇا اسان پنهنجو ڌرم بہ بدلايو آهي؟''
اسان ڀنهي کان ڪل نڪري ويئي. پروفيسر سندس موڪل جي درخواست منظور ڪرڻ لاءِ پنهنجي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ کي ٽيليفون تي چيو ۽ پوءِ وچي اقبال ڪمري کان ٻاهر نڪتو.
در اصل، هڪ اقبال تہ ڇا، گهڻن ئي اقبالن هندن مان مسلمان ٿيڻ کان پوءِ پنهنجو ڌرم ڪين بدلايو آهي. ڌرم معنيٰ جيوت جي راهہ، Way of Life . هندو ڌرم هندي/ ڀارتي جيون جي راهہ آهي. اوَ religion يا مذهب جي سوڙهي معنيٰ ۾ نڪو اچي، نڪو ماپي. اقبال ڪرشن ليلا ۽ رام ليلا ۾ حصو وٺندو رهيو آهي، جيئن اسين سڀ هر عيد، گرپرب ۽ عيسائين جي وڏي ڏينهن تي خوشيون ملائيندا رهيا آهيون. اسين ڀارتواسي وجود جي وحدت ۾ وشواس رکندا آيا آهيون ۽ مڙني عقيدن ۾ هڪ ئي نور پسندا رهيا آهيون.
اُن ڏينهن مون سان انواد پيلينڊي ۽ انگريزي انواد کي سنواريندي ڪافي دير ٿي ويئي هئي ۽ پروفيسر مجيب مون کي پنهنجيءَ ڪار ۾ مون واري ديش ٻنڌو ڪاليج تائين ڇڏڻ هليو. چي، ''هڪ اُستاد کي پنهنجي ڪلاس ۾ ڪيئن بہ ڪري وقت تي پهچڻ کپي.'' اُن وقت مان سنڌيءَ جو هڪ ادنيٰ ليڪچرر هوس ۽ هو صاحب هڪ يونورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو. پر پوءِ بہ ٻنهي ۾ وجود جي هيڪڙائي هئي.
ساڳئي سال ١٩٧٠ ۾، ١٦ ميءِ تي P.E.N. دهلي گروپ جي ڪنوينر ماڌو سنگهہ ديپڪ سپرو هائوس دهليءَ ۾، جتي P.E.N. جون بئٺڪون ٿينديون هيون، اُتي مون کي ''آزاديءَ کانپوءِ سنڌي ساهتيہ'' وشيہ تي ڳالهائڻ جو موقعو عطا فرمايو. ان موقعي تي حاظر شخصن ۾ خوشونت سنگهہ ۽ پروفيسر مجيب پڻ هئا.
مان پروفيسر مجيب جي شخصيت ۽ لکيت کان ڪافي متاثر ٿيو آهيان. سائس منهنجي پهرين ملاقات ٢١ مارچ ١٩٦١ع

شرمندگي شرمندي آهه، مسنتي ساٿي،
تو تہ ناهي ڇاٽي!
(٦ ڊسمبر ١٩٩٢ تي)

□□

A great writer is, so to speak, a second government in his country. And for that reason no regime has ever loved great writers, only minor ones.

- Alexander Solzhenitsyn, *The First Circle*

□□

١٩٧٠ ۾ جنوري مهني جي ٨، ١٥ ۽ ٢٧؛ فيبروريءَ مهني جي ٦ ۽ ٢٦؛ مارچ مهني جي ٦ ۽ اپريل مهني جي ٢ تاريخن تي جاميہ مليہ اسلاميہ، دهليءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ايم. مجيب سان هن بندي سنڌي صوفي شاعر شاهه عبدالڪريم جي رِسالي جي انگريزي انواد جي سلسلي ۾ بئٺڪون ڪيون، ساڻس گڏ ويهي پنهنجو اهو ترجمو سنواريو سڌاريو. هوليءَ کان ڪجهه ڏينهن اڳہ واري هڪ ڏينهن هڪ عجيب واقعو ٿي گذريو.

پروفيسر مجيب جو خاص چپراسي اقبال اسان ٻنهي لاءِ چانهه جا ٻہ ڪوپ ۽ هڪ پليٽ ۾ بسڪيٽ رکي اُتي ئي لٽڪيو بيٺو رهيو. پروفيسر مجيب کانئس پڇيو، ”ڇو اقبال، ڇا کپيئي؟ ائين ڇو بيٺو آهين؟“

اقبال چيو، ”عبدالحق صاحب منهنجي موڪل واري درخواست منظور نٿو ڪري. مان هوليءَ جي موقعي تي چار ڏينهن وڏيڪ موڪل تي وڃڻ چاهيان ٿو...“ عبدالحق صاحب پروفيسر صاحب جو پرائيويٽ سيڪريٽري هو.

”پر اقبال، توکي هولي - ٻوليءَ سان ڇا ڏيٽو ونٽو آهي؟...“ پروفيسر کانئس پڇيو.

”حضور، مان هر سال پنهنجي ڳوٺ جي ڪرشن - رادا ليلا ۾ ڀاڱہ وٺندو آهيان،“ هن وراڻيو.

”پر تون تہ مسلمان آهين نہ؟“ پروفيسر نڪ تي ڳهرڪي آيل عينڪ مٿان نهاري کانئس پڇيو.

اقبال پنهنجن وڏن کي ياد ڪري نهہ پهہ جواب ڏنو، ”سائين،

اهو تہ انگريزن جي 'divide and rule' واري پاليسيءَ کري اُڻويهين ۽ ويهين صديءَ ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ تہ ڇا، هندن جي جدا جدا سماجي ايڪائن ۽ مسلمانن جي جدا جدا فرقن جي وِچ ۾ نفاق پئدا ٿيو آهي ۽ ويدانت ۽ صوفي مت ڪي وڏو ڇيهو رسيو آهي. مثال طور اوَهان، انگريزن جي آدمشماري طريقي تي نظر ثاني ڪريو. ارڙهين صديءَ ۾ جڏهن ڪان سندن پنهنجي ملڪ برطانيہ ۾ آدمشماري ڪئي ويئي تہ صرف هڪ دفعو ١٨٥١ ۾ آدمشماريءَ واري سوال نامي ۾ ڌرم/ مذهب بابت پڇا ڳاڇا ڪيل هئي. هونئن انگريزن جي عيسائي مذهب ۾ پڻ گهڻيئي تفرقہ آهِن. ليڪن هنن ڀارت ۾ جڏهن آدمشماري شروع ڪرائي، تڏهن ڌرم/ مذهب بابت سوال تي خاص زور ڏنو. اسان وَٽ جدا جدا مکيہ چار جاتيون جدا جدا پيشيور گروهہ آهِن، پر هُنن اُنهن کي جدا جدا قوميتن جي صورت ۾ پيش ڪيو. نہ صرف ايترو، سِکن کي هندن کان ڌار رکيو. هِندو ڪير آهي، اُن جي پريڀاشا ۾ ڪافي گهڻين دقتن جي باوجود اِئين ڪيو ويو. پنجاب جي پهرين آدمشماريءَ ۾ سکن کي هندن ۾ شمار ڪيو ويو هو، ليڪن پين آدمشماريءَ جا اُتي ١٨٦١ ۾ ڪرائي ويئي، اِن ۾ کين هندن کان ڌار ڏيکارِيو ويو.

اسانکي خبر آهي تہ ڀارت جا هندوُ، مسلمان، سِکہ ۽ عيسائي هِڪ ئي ڀارتي سنسڪار يا سنسِڪرتيءَ جا وارث آهِن. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي تہ Habits die hard (عادتون مشڪل سان مِٽجنديون آهِن). پر اِن چوڻيءَ کي اڳتي وڌائي چئي سگهجي ٿو :Pcychic impressions die harder (سنسڪار تهائين وَڌيڪ مشڪل سان مِٽجندا آهِن). هندن مان مسلمان ٿيل ڀارت جي مسلمان گهڻا ئيءَ جا سنسڪار ڀارتي آهِن. اسين اڄ ڪالهہ ڀارت- پاڪِستان اُپکنڊ ڏانهن نظر وَرائي ڏسون تہ اسانکي خبر پوندي تہ ڌرم/مذهب

تي رٿيل هند - پاڪستان ڪلچرل ڪانفرنس ۾ ٿي هئي. شام جو ڀارت جي راشٽرپتيءَ ڪانفرنس جي ڊيليگيٽن کي چانهه تي گهرايو هو. ڀارت مان شري جئرامداس دولترام، ڊاڪٽر تاراچند ۽ پروفيسر مجيب ۽ پاڪستان مان شري اي. ڪي. بروهي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ ننڍو جهنڊ ٺاهي بيهي ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ گڏجي چانهه پي رهيا هئا. مان به هٿ ۾ چانهه جو پيالو کڻي وڃي اُن جهنڊ مٿان لڳل پئبند جيان بيهي رهيس ۽ سندن ڳالهيون ٻڌندو رهيس.

پروفيسر مجيب تصوف جو ڄاڻو ماڻهو هو ۽ سنڌي صوفي شاعرن ۾ پڻ سندس گهڻي دلچسپي هئي. هن صاحب پنهنجي جڳ پرسڌ ڪتاب The Indian Muslims (١٩٦٧) ۾ سنڌ ۽ سنڌي صوفي شاعر شاهه عبداللطيف تي پڻ گهڻو ڪجهه وزندار لکيو آهي. سندس عقيدو هو ته جيڪي ماڻهو هندن مان مسلمان بڻيا، سي پڻ پنهنجي منورتي/ذهنيت ڪري ڀارت جا مسلمان ٿي رهيا، ڀارتي ٿي رهيا. هن پنهنجي ڪتاب جو نالو Muslims of India نه رکي ڪري The Indian Muslims ڇو رکيو؟ ڪيس خبر هئي ته ڀارت ۾ هندن ۽ مسلمانن جي اڳوان طبقن جي وچ ۾ (عام ماڻهن ۾ نه) تاڻ تڻاءُ هوندي به اُهي ٻيئي قوميتون گڏ رهي هڪ قوم ٺاهي سگهيون آهن، هڪ گڏيل تهذيب جوڙي سگهيون آهن. هن صاحب ان ڪتاب ۾ سنڌي لوڪن بابت لکيو آهي ته اُهي نديءَ ۽ وڻن ٻوٽن ۾ وشواس ڪن ٿا. نديءَ کي پرش جو زرخيزي اُصول ۽ وڻن ٻوٽن کي استريءَ جو پئدائشي اُصول ڄاڻي ميڄتا ڪن ٿا. ساڳيو ئي جل ديوتا سنڌي هندن لاءِ اُڏيرو لال آهي ته مسلمانن لاءِ خواجه خضر آهي. اُهي نديءَ ڪناري ۽ وڻن ٻوٽن اڳيان ديپ دان ڪن ٿا، ڏيئا ٻارين ٿا. ”سر ساموندي“ ۾ شاهه عبداللطيف چوي ٿو:

جا جر ڄاڻون نه ڏني، ڏيئا نه موهي،
سڌون ڪوهه ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون.

سنڌ جي سمون گهراڻي جي آخرين جام نندي جي زماني ۾ بکر جو قاضي هو ۽ ساڻ بساڻ بکر قلعي جو رکپال هو. پنهنجي وطن قندار ۾ بابر کان هار کائي آيل شاه بيگ ارغون بکر جي قلعي تي حملو ڪيو ۽ بيقصور ماڻهن جو خون وَهايو. قاضي قادن ڏٺو تہ هوُ پنهنجي نندي لشڪر سان حملاور شاهہ بيگ ارغون جي وَڏي لشڪر سان مقابلو نہ ڪري سگهندو ۽ اجائي گهڻي رتوڇاڻ ٿيندي. هن پنهنجي قلعي جون ڪنجيون شاه بيگ جي حوالي ڪري ڇڏيون ۽ ان طرح پنهنجن ماڻهن کي قتلام ٿيڻ کان بچايو. ان ڪانسِواءِ، کيس پڙون پئجي ويا تہ شاه بيگ جو لشڪر بکر تائين ڪونہ بيهي رهندو ۽ سِنڌ جي گادي ٺٽي طرف وڌندو. ترت ئي پوءِ هو بکر مان لڏي اچي ٺٽي پهتو ۽ جام کي آگاه ڪيائين. ۱۵۲۰ ۾ شاه بيگ صحيح اِمڪان موجب ٺٽي تي پڻ حملو ڪيو. ترخان نامي ۾ ڄاڻايل آهي تہ سندس لشڪر ٺٽي شهر ۾ ڏينهن جا ڏينهن ڦُر لُٽ ۽ خونريزي ڪئي. جام نندي جو وارث جام فيروز اُتان ڀڄي نڪتو. آخر قاضي قادن دٺاران شاه بيگ کي خط لکڻ تي ئي اها ڦرلٽ ۽ خونريزي بند ٿي.

هاڻي، ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ ''مهراڻ'' جي ۱۹۷۷ سال واري پهرئين ۽ ٻئين گڏيل شماري ۾ بيشڪ ائين چوي تہ قاضي قادن جو اهو عمل غداريءَ وارو هو. ليڪن اِن عمل کي ڀارتي منووِگيان / نفسيات جي پس منظر ۾ ئي ڏسڻ گهرجي. قاضي قادن کان اَڳ هندن ۽ ٻوڌِين پڻ ائين ڪيو هو. ڀارت جو اِتهاس ٻڌائي ٿو تہ هِتان جي ماڻهن بي ڏوهين جو خون وهائڻ بجاءِ پريم ۽ اَهنسا جي واٽ ورتي ۽ حملاور قومن کي پڻ ادوئت (وحدت اَلوجود) جي فلسفہ جي تحت پنهنجو ڪري ڄاتو. اُهي حملاور قومون هِتان جون ٿي ويئون. ليڪن اَسان وٽ راجا ڏاهر جهڙا وير پُرُش بہ هئا، جن حڪومت هلائڻ جي گرامر کي ڄاتو سڃاتو هو ۽ آخرين دم تائين دشمن سان لڙائي

جي آڌار تي جدا راشٽر هجڻ واري (انگريزن دئاران ڪيل) ڳالهه غلط ثابت ٿي چڪي آهي. ساڳئي مذهب جي گهڻائيءَ جي باوجود بنگلا ديش پاڪستان کان ڇڄي ڌار ملڪ ٿي چڪو آهي ۽ سنڌ جا مسلمان پنهنجيءَ سِنڌ ۾ مجاهر مسلمانن جي ڀيٽ ۾ ڀارت جي سنڌي هندن جي وڌيڪ ويجهو هئڻ جو احساس رکن ٿا. ڌرم/مذهب جي نسبت ۾ ڀاشا ۽ سنسڪرتيءَ کي وڌيڪ مهتا حاصل آهي. ڀاشا ۽ سنسڪرتي ئي ڪنهن قوم جي صحيح ۽ سچي سڃاڻپ آهن. اِن سوال تي مون پنهنجي انگريزي ڪتاب ”آف گراس ائنڊ روٽس : ائن اِنڊينسٽ’س رائيٽنگس“ (١٩٨٧) جي صفحن ١٩٩-٢٠٥ تي وَڌيڪ تفصيل سان لکيو آهي.

اِنهن بئلڪن ۾ پروفيسر مجيب سان گهٽيئي ڳالهيون ٿينديون هيون. هُو صاحب اَلڳاوَ-وادي بنهه ڪين هو ۽ ڀارت کي هِڪ راشٽر ڪري مڃيندو هو. پوءِ به ويدانت ۽ تصوف جي الڳه-الڳه ڪيفيت ۾ وِشواس رکندو هو. هن لاءِ پڻ هارورڊ يونيورسِٽيءَ جي پروفيسر اناميري شيمِل جيان تصوف اِسلامي رهسيه-واد (Mysticism) هو. ليڪن مان ”رهسيه واد“ اَڳيان ”هِندو“ يا ”اِسلامي“ صفت لڳائڻ جي پکش ۾ نه رهِيو آهِيان ڇاڪاڻ ته منتظم مذهب (Organised Religion) کان مٿي اُڀري ڪري ئي ڪو ماڻهو رهسيه وادي ٿئي ٿو. پنهنجي هِڪ وَڌيڪ دليل جي صورت ۾ هِڪ ڳالهه اِها به چوان ته اِسلام ۾ شريعت جي پابند لوڪن کي صوفين کان دور رکيو ويو آهي. صوفين کي اِسلام ۾ آرام ديه مقام حاصل ٿيل ڪونهي.

پروفيسر مجيب لاءِ اِها پڻ هِڪ دلچسپ ڳالهِه هئي ته مڏيه ڪال ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وِچ ۾ تاڻُ ۽ تناوَ هوُندي پڻ صوفي شاعر پنهنجيِ عملي جيوت ۾ تصوف-ويدانت جيئندا هئا. سنڌيءَ جو پهريون مکيه صوفي شاعر قاضي قادن

وڏا نقصان بہ ٿيا آهن. پر اُهي نقصان عارضي آهن. دائمي طور اسين فائدي ۾ رهيا آهيون ۽ جڳہ کي پريم ۽ اَهنسا جو سنيهو ڏيئي سگهيا آهيون. جيڪڏهن اسان اَهنسا ڪري ڪنهن وقت پنهنجو مُلڪ وڃايو آهي تہ اَهنسا جي هٿيار سان ئي پنهنجو مُلڪ ڌاريِ طاقتور اَنگريز قوم کان حاصل بہ ڪيو آهي. هين غلام مُلڪن کي پڻ اِهو هٿيار ڏيئي آزادي حاصل ڪرڻ جو اُتساهہ بخشيو آهي.

اسان رڳو ڪتابن ۾ ئي پريم، اَهنسا ۽ اِنساني ڀائيچاري جي ڳالهہ نہ ڪئي آهي، بلڪ پنهنجي عملي جيوت ۾ پڻ اَپنائي آهي. ويدانت ۽ تصوف اسان جيِ رڳہ رڳہ ۾ سمايل آهي. جيڪڏهن شاهہ لطيف پنهنجيُن ستن سوُرميُن دئاران اَدوئت يا وحدت اَلوجود جو سنيهو ڏيئي سگهيو آهي تہ اِن مان ظاهر آهي تہ سندس پنهنجي عملي جيوت ۽ اُنهن سورمين جي عملي جيوت ۾ ''اُهو ڪجهہ'' هو، جنهنڪري اَهڙي سنيهي جي پڌرائي ممڪن ٿي سگهيِ.

□□

خدا جي هِن بندي سِنڌي شاعريءَ تي ويدانت ۽ تصوف جي اثر تي ٿورو گهڻو ڌيان جوڳو لکيو آهي. ايترو ۽ اَهڙو ڌيان جوڳو، جو جڏهن هارورڊ يوُنيورسٽيءَ کيس سال ۱۹۷۹-۱۹۸۰ ۾ پنهنجي انڊو-مسلم ڪلچر ڊپارٽمينٽ ۾ ڀارتي سنت ۽ صوفي شاعريءَ جي مطالعيِ جي سلسلي ۾ گهرايو، تہ انڪان اڳ۾ ئي سندس ٽي ڪتاب ''شاهہ عبدالڪريم : اي مسٽڪ پوئٽ آف سنڌ'' (۱۹۷۰)، ''شاهہ عبداللطيف : هِز لائيف ائنڊ ورڪ'' (۱۹۷۵) ۽ ''سنڌي لٽريچر ائنڊ سوسائٽي'' (۱۹۷۹) اُتان جي وديارٿين جي مطالعي لاءِ هلنڊڙ هئا. ازانسواءِ، اُن ڊپارٽمينٽ جي پروفيسر اناميري شيمل جي اُن سال تائين ڇپيل ڪتابن مان ٽن ڪتابن ۾ ''سنڌي لٽريچر'' (۱۹۷۴)، ''مسٽيڪل

ڪري وير گتي پراپت ڪئي هئي. عام ماڻهن ۾ اِها ڳالهه ڪا اهميت واري نہ هئي تہ سندن حاڪم ڪير آهي، ڪٿان جو آهي ۽ سندس ڪهڙو ڌرم/مذهب آهي، جيستائين اُن حاڪم سندن نظر حيات ۽ طرز حيات ۾ دخل نٿي ڏنو. هنن سڀني لاءِ اصلي حاڪم تہ ايشور آهي، ٻيا مڙيوئي ڇوٽا ڇوٽا راوَ آهن. قاضي قادن، جنهن مڙني سِنڌي صوفين کان اڳ پنهنجي ڪلام ۾ ''جوڳي'' لفظ جو استعمال ڪيو، تنهن پڻ چيو، ''راڄ تنهنجو راڄيا، ٻيا راوَ ئي راوَ.'' هڪ ٻئي هنڌ وري چيائين ''لوئي ڏِيَئہ پارچي لاک نہ چڙهي رنگ.'' اَرٽات، ڀلي لوئي ڇڃي تار تار ٿي وڃي، پر اُها پنهنجو لاک رتو رنگ ڪانہ ڇڏيندي آهي.

اَسان ڀارت واسِيُن پريم ۽ اَهِنسا وارو پنهنجو ''لاک رتو رنگ'' هر حال ۾ قائم رکيو آهي ۽ پيڙهي در پيڙهي اُنجو پيغام ڏنو آهي. قاضي قادن جو ڏوهِٽو (سندس نِياڻي بيبي فاطمہ جو فرزند) ميان مير پنهنجي وقت جو وڏو صوفي ٿي گذريو ۽ سندس تڪيو لاهور ۾ هو. اورنگزيب جو هڪ ڀاءُ دارا شڪوهہ هن صاحب جو مريد هو ۽ پنهنجن وحدت الوجودي خيالات ڪري پنهنجي ڀاءُ جي سازش هيٺ مارايو ويو. دارا شِڪوهہ پنهنجي وات نہ ڇڏيِ ۽ موت جو مشاهدو ماڻڻ پسند ڪيائين. ميان مير گُروُ نانڪ کان پوءِ پنجين سِک گرُوُ اَرجن ديو جي چوڻ تي اَمرتسر ۾ سوني مندر جو بُنيادي پٿر رکيو ۽ اِن طرح هو صاحب مذهبي ايڪتا جو هڪ وڏيڪ مثال بڻيو ۽ ''سرب ۾ هِڪُ سائين'' جو هڪ وڏيڪ درشٽانت ٿيو. ميان مير صوفي شاعر ڪين هو؛ هو صوفي عملي ماڻهو هو، عملي جيوت ۾ وحدت جو حامي هو.

ويدانت ۽ تصوف جي وات هلندي سڀني ۾ هڪ ايشور جو مشاهدو ماڻڻ واري نفسيات ڪري اسان جا وڏا

وندي روهڙيءَ ۾ پنهنجي دوست محمد سان گڏ 'وار بارڪ' واري ميلي ۾ ويندو هوس. اُتي هڪ هنڌ سلمانن جي نبيءَ جو پاڪ وار رکيل آهي ۽ اُن ميلي ۾ نڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جا هزارين مسلمان ۽ هندو رڪت ڪندا هئا. محمد وري مون سان گڏجي چيٽي چنڊ ڪالڪا ديويءَ جي ميلن ۾ هلندو هو. اُنهن موقعن تي موين دڪان کلي ويندا هئا ۽ اسين ٻار گهمي ڦري اچي گهر ڀيرا ڏيندا هئاسين. ملڪ جي ورهاڱي ڪانپوءِ دهليءَ ۾ پڻ خدا جي سڀني عبادت گاهن ۾ وڃڻ ڏيندو هو. ڪيرت مهرچنداڻيءَ کي ۽ مونکي الاجي ڇاجي تلاش هوندي هئي جو اسين ٻئي ڪڏهن پارليامينٽ اسٽريٽ واريءَ ديول ۾ ته ڪڏهن چاندني چوڪ واري گردواري سيس گنج ۾ ته ڪڏهن برلا مندر ۾ ويندا هئاسين. اسين ٻئي روزگار ۾ لڳل هئاسين ۽ بسين ۾ گهمي ٿي سگهياسين. ـر پوءِ به موڪل واري ڏينهن، دهليءَ جي سڙڪن تي ڪري پوندا هئاسين.

جنهن ڏينهن صبوح جو عليءَ جي موجودگيءَ ۾ سوال امي وارو اهو واقعو ٿيو، تنهن ڏينهن منجهند جو مون عليءَ واري ڪلاس ۾ سمنوَيہ واد (syncretism) تي ڳالهائيندي شاه عبداللطيف جي جيون مان ٻن گهٽنائن جو ذڪر ڪيو. مون ڪلاس ۾ وديارٿين کي ٻڌايو ته شاه صاحب اڃا ويهن ڪن سالن جو هو، جو هو جوڳين جي سنگ ۾ آس پاس ملڪ ۾ رٽن ڪرڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ هِنگلاج پڻ ويو. جڏهن رٽن ڪري واپس وريو ته پٽس شاه حبيب هڪ ٻيءَ جي سياويڪ پومڪا ۾، کانئس پڇيو، ''پٽ، ڏٺي هن هنڌ ـہ آهي، اُهي ڪاپڙي اَجايو هِنگلاج ويا!'' هُن وراڻيو، ''هائو ابا، ڏٺي هِن هنڌ به آهي ته هُن هنڌ به آهي. ڏٺيءَ لاءِ سڀني هنڌن تي جوڳين نِهاريو. هُنن ڏٺيءَ کي هِنگلاج ۾ پاتو.''

ڊائمينشنس آف اسلام'' (۱۹۷۵) ۽ ''پين ائنڊ گريس'' (۱۹۷٦) ۾ - هِن بنديءَ جي اِن ڪيتري ۾ ڪيل ڪاريهءَ جو ذڪرِ خير هو.

مان اُتي هوس ته ڪنهن سوال ناميءَ ۾ مون کان پڇيو ويو ته مان ڪئمبرج / بوسٽن جي عيسائين، هندن، مسلمانن، ٻوڌين ۽ سِکن مان ڪنهن ڌرم/مذهب جي ڀوئلپڻ جي سرگرمين ۾ ڀهرو وٺڻ چاهيندس، جيئن هارورڊ يونيورسٽيءَ جي دفتر وارا انهن سرگرمين بابت مونکي وقت سِر اِطلاع ڪري سگهن. اُن وقت منهنجي پرسان اُن ڊپارٽمينٽ جو هڪ سينير وديارٿي علي سلطان علي آساڻي ويٺو هو. سندس وڏا اصل ڪڇ جا هئا، پر ان وقت ڪينيا ۾ رهندا هئا ۽ هو پاڻ هارورڊ ۾ پڙهندو هو. هن اڳتي هلي ۱۹۸۴ ۾ ڪوجڪي دستخط ''بُجهه نِرنجن'' تي مقالو لکي پي.ايڇ.ڊي. جي ڊگريِ حاصل ڪئي. ان سوال ناميءَ جو اهو سوال منهنجين اکين ۾ ڪجهه ڪنن لاءِ ٽنگجي ويو هو. عليءَ چيو، ''ائين ئي، دستوري نموني، پڇندا آهن: سيڪيولر ائمريڪا ۾ ان سوال کي ڪا جڳهه ناهي... جو ماڻهو جنهن مذهبي گروهه جو فرد هوندو، سو پنهنجي ليکي ئي اُنکي ڳولهي ليندو...''

منهنجي پنهنجي ملڪ ۾ 'سيڪيولر' هئڻ جو اهو ارٿ نه هو، جيڪو پڇمي ملڪن ۾ آهي. سيڪيولر زم ڌرم نِرپيکتا ناهي، سروَ ڌرم سم ڀاو آهي. مون نجاڻ ڇو ان سوال جي سامهون ڏنل عيسائي، هندو، مسلمان، ٻوڌي، سک وغيره ڌرم/مذهب سان وابسته سيني خانن ۾ 'ٽِڪ' نشان لڳائي ڇڏيا. عليءَ کي اُن وقت اوس ئي تپرس لڳو هو. پر پوءِ هڪ سال جي دوَران سندس عجب جي اها ڀاوَنا ويندي رهي هئي ۽ هن مونکي صحيح سڃاتو هو.

اُن وقت ان سوال جي سامهون سيني خانن کي 'ٽِڪ' ڪندي منهنجي تحت الشعور ۾ رهيو هوندو ته مان ننڍي

جي فڪر ۾ رهندا ۽ اَهڙي ڪوشش پڻ ڪندا. پوءِ ته مذهبن ۾ ئي نه، هڪ مذهب جي فرقن ۾ پڻ؛ فرقن ۾ ئي نه، هڪ فرقي جي فردن ۾ پڻ اِنسان ذات وَنڊجي- وراهجي وِرڙي ويندي. پوءِ ته اِن تعصب جو ڪو انت ئي ناهي. فرض ڪريو، اُهي سِر ڦِريا اسان کان اِهو چوارائين ٿا ته هندوپڻي کان اِسلام بهتر آهي، ته پوءِ اَڳتي هلي اِسلام اَندر ئي شيعن کان سُنين کي بهتر چوائڻ جي حمايت ڪندا ۽ پوءِ سُني سُنيءَ ۾ به ڪنهن ريت ڦير ڦند ڪري سموري اِنسان ذات ۾ وَڏيڪ ۽ وَڏيڪ ڏڦير پيدا ڪندا. شاهه لطيف سنڌ ڀونءِ جي فلسفه حيات مطابق هستيءَ جي هيڪڙائيءَ ۾ پورن وِشواس پرگهٽ ڪيو ۽ مون اِن ڊپارٽمينٽ جي پروفيسر ۽ پنهنجي پيرياڻيءَ آناميري شيمل جي انگريزيءَ ۾ لکيل هِڪ مضمون ”شاه عنايت شهيد آف جهوڪ“(١٩٦٩) مان ڪي سِٽون ڪين پڙهي ٻڌايون. اِنهن سِٽن ۾ ڄاڻايل آهي ته سنڌ ۾ هندوپڻي ۽ اِسلام ۾ ڪي سرحدون نه آهِن. سنڌي صوفين جا ڪيترا ئي هِندو پوئلڳه آهِن ۽ سندن پهريون مڪمل مطالعو هِندن دئاران ئي ٿيل آهي. شاهه لطيف جي رسالي جو ”سر رامڪلي“ هندن چاهي مسلمانن جي گڏيل وِراثت جو اعليٰ مثال آهي. ان سر ۾ صوفي شاعر قرآن ۽ حديث جي حوالن سان جوڳين جي ثنا ڪري ٿو. سچل سرمست ۽ سندس پوئِلڳن پڻ وَحدت الوَجوُد جو ڳڻ ڳايو آهي ۽ ڏيکارِيو آهي ته هو ابو حنيفا ۾ به آهي ته هنومان ۾ به، ويدن ۾ آهي ته قرآن ۾ به.

اُن وقت ڪلاس ۾ هِڪ وِديارٿي پروفيسر شيمل جي ڪتاب ”پين ائنڊ گريس“ (Pain and Grace) ارڙهين صديءَ جي مسلم ڀارت جي ٻن صوفين خواجه مير درد(Pain) ۽ شاه لطيف (Grace) جي مطالعي جا پنا اُٿلائي رهيو هو. آخر، ان ڪتاب جي پٺيان ڏنل ڏسٽيءَ جي مدد سان هو ان ڪتاب

پيءُ پٽ جي وچ ۾ ٿيل اها گفتگو اڳتي هلي شاه لطيف جي ”سر رامڪليءَ“ جي هيٺين ٻن بيتن ۾ ظاهر ٿي:

پيءُ - ناٿ جنهين نِنڊ، تت نہ نِهاريو جوڳين،
ڪي ڳُويساها ڪاپڙي، پُريا پراهين پنڊ،
هو مِنهين منڊ، ٿي هُنهنين ويا مِنگلاج ڏي.

* * *

پُٽُ - ناٿ جنهين نِنڊ، تت بہ نِهاريو جوڳين،
سي سُويساها ڪاپڙي، پُريا پراهين پنڊ،
هو مُنو مِن منڊ، مُنِ مِنگلاجان مٿ ڪيو.

انهن ٻنهي بيتن ۾ هڪ انسان ذات جي هڪ اُپاسنا گهر/عبادت گاه ڏانهن يا مندرن، ديولن، مسجدن ۽ گرد وارن جي ايڪتا ڏانهن اشارو ڪيل آهي.

شاه عبداللطيف ڪلهوڙن جي زماني ۾ ٿي گذريو آهي. اُن وقت مذهبي تعصب چوٽ چڙهيل هو. هڪ دفعي ڪن دُرجڻن شاه صاحب کي رستي تي روڪي ڪانئس پڇيو، ”نيٺ بہ تون ڪير آهين؟ هِندو يا مسلمان؟“ وحدت جي وليءَ وراڻيو، ”مان ٻنهي جي وِچ ۾ آهيان.“ هنن غصي مان پڇيو، ”ٻنهي جي وچ ۾؟ ڇا مطلب؟ ٻنهي جي وچ ۾ تہ ڪجهہ ناهي!“ شاه صاحب ڌيرج سان جواب ڏنو، ”هائو، مان ڪجهہ ناهيان.“

شاه عبداللطيف جي اهڙيءِ سدياونا پريءِ هلتِ ڪري اُهي دُرجڻ ئي نہ، بلڪ حاڪم ڪلهوڙا پڻ سندس مُريد بڻجي ويا. شاه صاحب کي ڄاڻ هئي تہ جيڪڏهن اسين ڪِن سِرڦريل ماڻهن جي چوڻ تي لڳي هِڪ مذهب کي ٻئي مذهب مٿان ڪيو تہ اُهي سِرڦريل ماڻهو اڳتي هلي اُن مٿي ڪيل مذهب جي ڪنهن خاص فرقي کي اُن ساڳئي مذهب جي ٻئي ڪنهن فرقي کان بهتر قرار ڪرائڻ

ڏايومانس، منجهس لکيل هو :

”پنهنجن وزيرن ۽ سياستدانن کان جو دل ڏکويل هئي ـ رمون مڪرانيءَ جو ڪردار بہ اکين اڳيان اچي ويو.... هرحال ڳالهيون ٿي ڪيونسين مرحوم نظرعلي خان جون. ڪڙي پڇاڙيءَ جي ڳالهہ بہ ٻڌائي ڇڏجي.

”سکر جي هر ٽڪائي ۾ روزانو شام جو ڪٽاھ پرساد ڻيندو هو. ڪيترا ئي غريب غربا اچي اُتان پيٽ ڀري ويندا هئا. انهيءَ خيراتي خوراڪ ۾ مذهبي ڀيد ڀاءُ ڪونہ هو. هِندو بہ اچي وٺندا هئا تہ مسلمان گداگر بہ. شري ساڌ ٻيلي جي ڪٽاھ پرساد سان گڏ دال، پوُري ۽ ڪچٽي نهايت صاف ۽ سوادي. جيڪو ايندو هو، کيس اَڻ-ميو ملندو هو، بلڪ هڪ اڌ پاپڙ ۽ ڪلاڙ ذرو بہ مٿانئس رکي ڏيندا هئس.

”هڪ ڀيري رات جو نظر علي خان ۽ مان بسم الله ڪري اُن کي واپرايو، نِهايت لذيذ ۽ دلپسندا....

”بس اُهو ڏينهن، اُهو ڏهاڙو... ان کان پوءِ اسان جو گذارو گهڻو ڪري شري ڪٽاھ پرساد تي ٿيندو هو. ماني بہ سٺي، پئسو بہ خرچ ڪونہ ۽ بلڊ پريشر ۾ ڏسيل پرهيز جي عين مطابق! علاوه ازين انهيءَ مينوءَ ۾ دعوت شيراز بہ شريڪ هئي، يعني دال سڳوري، جيڪا ڪاري مرچ جو ڀرڪو ڏئي ڏيندا هئا! ان کان زياده نظر علي خان خدا کان ڀيو ڇا ٿي گهريو! ليڪن اهو معاملو دوستن احبابن کان بلڪل مخفي رکيو ويو. پڇاڙيءَ تائين ڪنهن کي خبر ڪانہ پئجي سگهي تہ سکر جي هنن ”فرزندانِ اسلام“ جو جيڪي رات ڏينهن هندن تي ڏوڙيو پيا وسائين، زياده تر گذر شري ساڌ ٻيلي جي ڪٽاھ پرساد تي آهي!“

□□

مون ڪنهن ٻئي هنڌ ڄاڻايو آهي تہ جيون ۽ ساهتيہ جا ڀٽارڪ جدا جدا آهن، روپ رنگ ۽ سڳنڌ ۾

جي هڪ صفحي تي پهتو ۽ اُن صفحي تي آخر ۾ رکيل اُهو ڪتاب مونکي ڏيندي چيائين، ”اوهان کي هن ڪتاب ۾ ليلارام وطڻ مل ۽ جيٺمل پرسرام سان گڏ ياد ڪيو ويو آهي ۽ اَوهان ٻنهي کي شاهه لطيف جي بهترين ليکاڪارن ۾ شمار ڪيو ويو آهي.“

ان وديارٿيءَ اوچتو ئي مون ۾ سموري ڪلاس جي دلچسپيءَ کي وڌائي ورتو ڪيو هو ۽ اُن وقت جي چانورَ ۾ مون کي گهڙيون منٽ راحت محسوس ڪئي هئي.

ڪلاس ختم ٿيڻ کانپوءِ جڏهن مان ڪئنٽين جي هڪ ڪُنڊ ۾ ويهي ڪافي پِي رهيو هوس ته ٻه وديارٿي علي سلطان علي آسائي ۽ حبيبه مون واري ٽيبل تائين سُري آيا. سندن هٿن ۾ پڻ ڪافيءَ جا ڪوپ هئا. مون کين پرسان ويهڻ لاءِ چيو. حبيبه پاڪستان مان آيل هئي. اصل سنڌياڻي هئي، پر کيس سنڌي پوري ڍُني ايندي هئي. ويهڻ سان ئي حبيبه پڇيو، ”مان جڏهن اَچا جائي نه هئس ته پاڪستان قائم ٿيو. ته ڇا اوهان سمجهو ٿا ته اسانجي صحيح سُڃاڻپ نفرت ۽ تشدد نه آهي؟“

مون ڪئنٽين کي ڪلاس روم بڻائڻ نٿي چاهيو. حبيبه کي چيم، ”توُن سڀاڻي هارورڊ يونيورسٽي لائبريري مان سيد حُسام الدين راشديءَ جو ڪتاب ”هو ڏوٿي، هو ڏينهن“ ڪڍائي ڪٽي اچج، مان توکي اُن مان هڪُ دلچسپ ٽڪرو پڙهي ٻڌائيندس. اِهو ڪتاب ٻه سال کن اَڳ شايع ٿيو هو ۽ اسانجي لائبريريءَ جي سنڌي ڪتابن/سنڌ بابت ڪتابن ۾ موجود آهي.“

ايندڙ ڏينهن تي ڪلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ هوءَ مون وٽ اُهو ڪتاب کٽي آئي ۽ مون اُن جا پنا اُٿلائڻ ڍِٿلائڻ کانپوءِ اُهو ٽڪرو ڳولهي ڪڍيو، جنهن ۾ منهنجي خيال موجب حبيبه جي سوال جو جواب ’ها‘ ۽ ’نه‘ ٻنهي ۾ ڏنل هو... ٻنهي ۾ اِنڪري ڏنل هو جو اُن وقت ملڪ جو حالتون ائين ئي هيون. پڙهي

جوابدار پيڙهه ۾ يا پاڙ ۾ اِهي تاڻ ٽِناوَ پڻ آهِن.
ڪشمڪش پڻ آهي. اَسانکي ڄاڻ آهي تہ دراوڙن ۽
ين، ويدن ۾ مڃتا رکندڙن ۽ ٻوڌين، ويدانت جي جدا
ا سَمپردائين ۾ وِشواس رکندڙن، هندن ۽ مُسلمانن، هندن
عيسائين ۽ هاڻي هندن ۽ سِکن ۾ اهي تاڻ ٽناوَ رهيا آهن.
ا ڪشمڪش هوندي بہ، اَسانجين پاڙُن ۾ ڪي اهڙا طاقتور
اصر آهن، جيڪي اسان جي مول جيون درشن - ادوئت يا
ـدت الوجود - کي اظهار ڏيندڙ عملي جوت ۾ نمودار ٿيا
ن ۽ اِنکري ادبي پُشپن يا گلن ڦلن ۾ نمايان رهيا آهن.
اسانجي عملي جيون ۾ اهڙو ڇا ڪجهہ رهيو آهي، جو
انجي ڀارت ۾ جيڪي ٻاريون قومون آيون، سي سڀ
ـگريزن کي ڇڏي) هتي سمائجي ويئون؟ اُهي سڀ ڀارت
ـي ڪنهن نہ ڪنهن ڌرمي سَمپردايہ يا سِڌانت سان پاڻکي
ـڪائي، اُن سان ميل ڪائي ڀارت جون ٿي ويئون. ڀارتي
ون ۾ اَهڙو ڪجهہ هو، جنهن ڪري ڀارتي مڌيہ ڪال جي
ـِڪ پرسڌ پنجن آچارين - شنڪرآچاريہ، رامانُج آچاريہ،
مبارڪ آچاريہ، مَڌوَ آچاريہ ۽ ولڀ آچاريہ - پراچين
ـار-ويچار جي.آڌار تي پنهنجن اَلڳہ اَلڳہ سِڌانتن ۾
ـڙي سَمپورڻ ڌرم درشٽي ڏني، جنهن ۾ دنيا جي مڙني
من-مذهبن، مت-متانترن جي اَلڳہ اَلڳہ سُڃاڻپ بہ
ائجي ٿي ويئي. اسين پنهنجي عملي جيون ۾ هرهِڪ
اڻيءَ ۾ ايشور کي ڏسڻ وارا آهيون، تہ هِڪ ئي ايشور ۾
واس ڪندڙ پڻ آهيون (اَرٿات سرويشور وادي ۽
ڪيشور وادي ٻيئي آهيون). آتما ۽ پرماتما جا پاڻ
جيڪي رشتا ناتا ٿي سگهن ٿا، تن سمورن رشتن ناتن
ـي اوک ڊوک ۽ پَروڙ اَسانجي آچارين ڪئي آهي.
ـڪر آچاريہ موجب آتما ۽ پرماتما ۾ ڪو ڀيد ناهي
دوئت واد)، رامانج آچاريہ موجب خاص نموني اَڀيد
ي (وشِشٽ اَدوئت واد)، نِمبارڪ آچاريہ موجب ڀيد

الڳ الڳ آهن. جيون جو سمورو پٿارت ساهتيہ جي پٿارت ۾ بيان نٿو ٿئي، نٿو ٿي سگهي، ڇاڪاڻ تہ ساهتيہ جو واسطو ’ستيم‘ (Truth) سان گڏوگڏ ’سندرم‘ (Beauty) ۽ ’شوم‘ (Goodness) سان پڻ آهي. ظاهر ظهور روپ ’ستيم‘ جي کيتر ۾، يا عملي جيون ۾ جيڪي تاڻ تناءُ پئدا ٿين ٿا، تن تاڻن تناوَن مان ٻاهر نڪرندڙ سلجهاوَن جي ڏانڊي/شاخ ’سندرم‘ سان ۽ ڦلندڙ گل ڦل ’شوم‘ سان وابستہ آهن. ساهتيہ سڳنڌميءَ گل ڦل آهي. جن تي اِهي گل ڦل ٽڙن ٿا، سي سندر ڏانڊيون، شاخون آهن. هونئن تہ ’ستيم‘ جي ڌرتي، ’سندرم‘ جون ڏانڊيون/شاخون آهن. هونئن تہ ’ستيم‘ جي ڌرتي، ’سندرم‘ جون ڏانڊيون/ شاخون ۽ ’شوَم‘ جا گل ڦل مڙيئي پاڻ ۾ رليا مليا پيا آهن ۽ اُهي هڪ ئي دلڪش تصوير ٺاهين ٿا. پوءِ بہ کين جدا جدا ڏسي سگهجي ٿو. اڪثر ساهتڪ سنگرهن جا نالا ’’ساهت سڳنڌ‘‘، ڪويتا ڪُسمانجلي‘‘، ’’ادبي پشپ‘‘،’’گل ڦل‘‘، ’’گيت گلزار‘‘ وغيره ٻڌبا-ڏسبا آهن. ليڪن اُنهن جي پاڙن ۾، هيٺ زمين تائين(down to earth) مٽي پاڻ، پاڻي ۽ اُس جي جيڪا ڪيميائي ڪشمڪش آهي ۽ جا ڪشمڪش مٽي ڏانڊي/ شاخ جي سندرتا ۾ ۽ گلن ڦلن جي سندرتا سان گڏو گڏ سڳنڌ ۾ بہ ظاهر ٿئي ٿي، سا ظاهر ظهور نہ هوندي بہ، اُن سندرتا ۽ سڳنڌ لاءِ سچ پچ جوابدار آهي. اِها ڪشمڪش ’ستيم‘ سان سِڌيءَ طرح ۽ ’سندرم‘ ۽ ’شوم‘ سان اڻ سڌيءَ طرح ڳنڍيل آهي. ۽ اُها پنهنجي پوري ڪيفيت سان ساهِتيہ ۾ عڪس انداز نٿي ٿئي، نٿي ٿي سگهي، ساهِتيہ ۾ اُن ڏانهن ڪي ڀرپور اِشارا ٿين ٿا. راشدي صاحب جي مٽي ڏنل ٽڪري ۾ بہ اِها ساڳي ڪشمڪش بيان آهي ۽ انهن ڏينهن واري نفرت ۽ تشدد جي ٻاونا هيٺ لِڪل اِنساني هيڪڙائي ۽ ڀائيچاري ڏانهن ڪي ڀرپور اِشارا آهن. ساهِتيہ پلي سولائيءَ سان چوي تہ اسين سنڌي سمنويہ وادي آهيون، ليڪن عملي جيون ۾ اسانجي سمنويہ واد

و، جيڪڏهن اسان وٽ مڌوَ آچاريہ موجب جيو ۽ برهمہ ۾
يد آهي ۽ اهو نظارو اِسلام سان نهڪي اچي ٿو، تہ
نڪر آچاريہ جي مؤل سِڌانت مؤجب اَپيد بہ آهي
يڪو نظريو ڪن اِشارن جي صورت ۾ قرآن ۾
وجود هوندي بہ غير اِسلامي آهي، ۽ تصوف سان ميل
ائي ٿو.

اَدوئت پارتي اِنسان جي پهرين سؤجهي آهي، جا
هٽو پوءِ اَسانجي ئي برهدآرڻيڪ ۾ بيان ٿي. اَڄ اسين
ن پهرين سؤجهيءَ جي صحيح هجڻ جا اُهڃاڻ جيو ۽
جڳت ۾ هر هنڌ ڏسون ٿا. اسانجي وِگياني جڳديش چندر
وس ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ وڻن ٻوٽن ۾ پڻ پراڻ
هي. اولهہ جي ٻين وگيانين پڻ اَنڊَ ۾ برهمانڊ، ۽ اَڻوءَ ۾
رماڻو شڪتيءَ جي ثابتي ڏني آهي. اَڻوءَ ۾ پرماڻو ۽ آتما
ر پرماتما ادوئت يا وحدت الوجود (Unity of Existence) جو
ول سِڌانت آهي. جڏهن اَلبرٽ آئنسٽين $E=mc^2$ جي ڳالهہ
ڪئي ۽ ٻڌايو تہ Energy برابر آهي $(\text{Mass X Speed of Light})^2$
ـہ هن صاحب اَدوئت يا وحدت الوجود جي تحت چيتن
۽ جڙ پدارٿن جي پاڻ ۾ بدلجي سگهڻ واري سناتن
ستيہ کي دُهرايو. اِنڪري اَسان وٽ هرسؤ اهائي
ائي آهي :

”جت ڪٿ وسين ٿو تون“

□□

ليڪن هيڏانهن ٦ ڊسمبر ١٩٩٢ تي اَيوڌيا ۾
ابري مسجد ڪيرائڻ سان جيڪي ڪجهہ ٿي گذريو، تنهن
نيا جي لوڪن اَڳيان اَسانجو ڪنڌ شرم وچان هيٺ
جهڪايو آهي. هن باب جي شروعات ۾ ڏِنل منهنجي
ائي ”ڀائي آڏواڻي“ اَسانجي ئي هڪ سنڌي ڀاءُ
ال ڪرشن آڏواڻيءَ کي مُخاطب ٿيل آهي. مندر،
سجد، گِرجاگهر، گردوارو - اِهي سڀ بندگيءَ جا گهر

آهي ۽ ناهي به (دوئت-ادوئت واد)، مڌو آچاريه موجب پيد آهي (دوئت واد) ۽ ولڀ آچاريه موجب خالص يا شڌ نموني اَڀيد (شُڌاَدوئت واد) آهي. ويدانتي ڪوي چِتراءِ 'سامي' جي سلوڪن ۾ اهي پنج ئي سمپرداءِ آهن ۽ پوءِ به هو پنهنجي مُکيه روُپ ۾ اَدوئت سَمپرداءِ جو آهي. اُنجي اُپٽار مون سالياني مخزن ''اَدبي چمن'' ١٩٩٢ (احمدآباد) ۾ ڪئي آهي.

انهن پنجن آچارين جي گڏيل سِکيا ڪري ايشور نِرگڻ نِراڪار ۽ سَگڻ ساڪار، ٻنهي روپن ۾ ظاهر آهي ۽ گيان، ڀڳتي ۽ ڪرم اِنهن ٽنهي مارگن دئاران پائي سگهجي ٿو. اِهو ئي سبب آهي جو گڏيل سِکيا جي تحت اسانجي مندرن-مڙهين، ٺانوَن-ٽِڪاڻن ۾ نِراڪار پرماتما جي ڌيان (mediation) سان گڏو گڏ ساڪار پرماتما جي نانا روُپن جون مورتون/ مورتيون (images) به آهن ۽ ساڪار پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ ڀڄن ڪيرتن (devotional singing) به آهي. اسين بي آواز ڌيان ۽ باآواز ڀڄن ڪيرتن ٻنهي ۾ اعتقاد ڪريون ٿا. اَسانجن اُنهن ٽِڪاڻن ۾ پرماتما جي بندن (वंदिने ۽ विद्ुने) سوامي رامڪرشڻ، سوامي وِويڪانند، مهاتما گانڌي ۽ ڀيمراو اَمبيڊڪر جون تصويرون پڻ مِلي ويندين. اوهين راجيندر نگر، دهليءَ جي سِنڌو سَماج ڀوَن ۾ وڃي ڏسو، اُتي جون ديوارون انهن تصويرن سان جهنجهيون پيئون آهن.

نه صرف ايترو، اسين شِوَ جي سَواري نندي ۽ وشڻوُ جي سواري گرُڙ جي پڻ آراڌنا ڪندا آهيون. نندي پسوُن آهي ۽ گرڙ پکي آهي. پسون پکي ته ٺهيو، اسين وڻن ٻوٽن ۽ ڪنڪرن پٿرن ۾ پڻ هِڪَ ئي ست يا تت جو مشاهدو ماڻيون ٿا. پر اَسان لاءِ پرميشور آهي ته ٻهر به اُهو ئي آهي. شالِگرام ڪارو گول پٿر وِشڻوءَ جي مورت آهي ته ٻيا پٿر به اسانجا ديويِ-ديوتائون آهن. سورج، چنڊ ۽ تارن نکترن ۾ پڻ اُهائي هِڪ جوتِ آهي.

١٢

منهنجي اَدبي زندگي :

منهنجو هنڻ، ٿيڻ بہ تہ آهي

جنهن بس ۾ گهر کان دفتر لاءِ
مان نڪتو آهيان
انهيءَ کي ٽرانزسٽر بم بہ رکيل ٿي سگهي ٿو....
پوءِ تہ اسين سڀ مسافر
ري گناهہ اُڏامي ماريا ويندا اسين.

....

رستو پار ڪندي
جيئن تہ ٻين جي غلطيءَ ڪري
گهٽو ڪري ٿيندو آهي
مان ڪنهن تيز ڪار جي چپيٽ ۾
اچي سگهان ٿو.
ان حالت ۾ منهنجو لاش
ڪلاڪن جا ڪلاڪ
سڙڪ تي لاوارث پيو هوندو.

....

پيو تہ ٿيو، مان ڪنهن بہ وقت
پوليس جي غلط شناخت جو
شڪار ٿي سگهان ٿو....
مون لاءِ منهنجي پتني ڇا سوچيندي
اڪين ۾ خاص تصوير ڪٽي منهنجا ٻار ڇا سوچيندا
ان ڳالهہ سان پوليس کي ڪو سروڪار نہ آهي،

آهن. اُهي سڀ هڪ آهن.

هونئن شري لال ڪرشن آڏوائيءَ سان شخصي سطح تي تڏهن کان منهنجا سٺا سنبنڌ رهيا آهن، جڏهن کان هو پهريون دفعو پارليامينٽ ميمبر ٿيو هو. جڏهن هو پارٽ سرڪار ۾ سوچنا ۽ پرسارڻ منتري هو، ته هُن صاحب ۹ ڊسمبر ۱۹۷۸ تي منهنجي ڪتاب ”سِنڌي ڀاشا، لِپي اُور ساهِتيہ“ جو وِموچن ڪيو هو. اِن ڪِتاب ۾ پڻ سنڌي ڀوُنءِ جو اَمر اَڏئوت وادي سنديش ڏِنل آهي.

□□

سمپادڪن سان ڪيل خط وَ ڪتابت جا ٽي فائيل هئا - انهن مان هڪ ۾ مون ڏانهن لکيل خط، ٻئين ۾ ڪين لکيل منهنجن ڪن خطن جا نقل ۽ ٽئين ۾ سمپادڪن ڏانهن لکيل منهنجا خط درج ٿيل هئا. هڪ ٻيو فائيل سپائن - سنسٿائن سان لاڳاپو رکندڙ هو. گذريل سالن جون ڊائريون ۽ پنهنجن پراون شخصن جا چار آلبم پڻ ڪڍي رکيم. اِهي ڪتاب، فائيل، ڊائريون ۽ آلبم ڪڍي ته رکيم، ليڪن انهن کي ڪٽي ٽوري ۾ لڪڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم لڳم.

مون ڏٺو، اِن سموري مواد منجهان مان صرف سٺو يا خراب نه، ليڪن سٺو ۽ خراب ٻيئي ٿي ٿئي نڪري نروار ٿيس. سٺي هجڻ سان گڏوگڏ خراب هجڻ جو احساس منهنجي روحاني صحت لاءِ ڪارامد آهي. مون سوچيو، نيڪ آهي ته ڪن حالتن ۾ مونکي قانوني حق آهي ته مان ٻين کي ننگو ڪريان. اهو به نيڪ آهي ته سماجي پراڻي هوندي مان پنهنجا فرض پاليان. پر حق چڪڻ يا فرض پالڻ وقت هڪ فرد هئڻ ڪري مون ۾ جيڪا ايمانداري آهي، ۽ جيڪا قوت آهي، تن کي مان ڇيهو نه رسايان. مان پنهنجي اندر ٻين لاءِ اِنساني جذبي جي تحت نرمي ته رکان، پر ايتري نرمي نه رکان جا مونکي ڳڙ ڳڙ ڏاڍي ٻٽائي ڇڏي. مون ۾ اِنساني همدردي ته هجي، پر ان همدرديءَ وچان مان پنهنجو پاڻ سان انياءُ نه ڪريان. جيڪڏهن مونکي ٻين جون ڪي ڳالهيون نٿيون وڻن، ته مان ڇئي ڏيان - مونکي نٿيون وڻن. ائين چوڻ سان مان اُهي نه وڻڻ جهڙيون ڳالهيون پنهنجي فرد ۾ نه آڻيندس، يا گهٽ ۾ گهٽ آڻڻ جي ڪوشش ڪندس. ترقي ڪندڙ ٽيڪنالاجيءَ جي جهنگل ۾ اِنساني رشتا ناتا ٽڏا ۽ بيهودا ٿي پيا آهن. ان ڪاري جهنگل ۾ مونکي ۽ ٻين کي پنهنجي پنهنجي فرد جي ڏيئي جي روشني برقرار رکڻي آهي.

پوءِ تہ جيستائين سُنوائي ٿئي
مان حوالات ۾ بند پيو هوندس.
....
نجاڻ ڪيترن اِمڪانن مان
مان گذري رهيو آهيان
۽ مونتي انهن جو ڪو اثر ناهي،
مهاڀارت جي لڙائيءَ
اسانکي گهڻو گهڻو اڳہ
۽ پن مهاڀاري لڙاين
اولهہ جي ماڻهن کي هاڻي
سيکاريو آهي
تہ اسين پنهنجو پنهنجو ڪم ڪندا رهون.
هئڻ محض هئڻ بہ هوندو آهي
(ٽرانزسٽر بم، تيز رفتار ڪار ۽ پوليس راڄ - اِهي محض آهن)
ليڪن اسانجو هئڻ
هئڻ سان ٿيڻ (ٽڪرائڻ) بہ تہ آهي.
(اسانجو هئڻ، ٿيڻ بہ تہ آهي)

We live, as we dream -- alone.

-- Joseph Conrad, *Heart of Darkness*

پنهنجي ادبي زندگيءَ جي باري ۾ لکڻ ويهڻ وقت مون پنهنجي سامهون رائٽنگ ٽيبل تي پنهنجا لکيل ڪتاب هڪ ڍڳيءَ ۾، بين ليکڪن جا اُهي ڪتاب جن جي منڍ ۾ مون مهاڳہ/ تاثرات لکيا آهن سي ٻيءَ ڍڳيءَ ۾ ۽ ڪيترائي فائيل ڪڍي رکيا. فائلن ۾ هڪ اُهو هو، جنهن ۾ انهن شخصن بابت مختصر يا طويل نوٽ هئا، جن سان مون زندگيءَ جي راهہ تي، يا اُن راهہ جي موڙن تي ملاقات ڪئي هئي. ديش ۽ وديش جي سيمينارن ۽ ڪانفرنسن سان وابستہ بہ فائيل هئا. همعصر ليکڪن ۽

...ڪي ڪجھ خلقي ٿو، اُن ۾ توازن هجي ٿو.

رچناتمڪ اَهنڪار اَسانکي نايڪ بڻائي ٿو ۽ اَسان ...ن ڪيترا نايڪ ۽ ڪل-نايڪ جوڙائي ٿو. وِناشاتمڪ ...هنڪار (destructive ego) اسانکي ڪل-نايڪ بڻائي ٿو ۽ ...سانکان پنهنجي پنهنجي گروهہ ۾ ننڍن ننڍن ڪل-نايڪن ...غونڊن جي ڀرتي ڪرائي ٿو. دراصل، 'جيڪي ڪجھ' ...سانکان ساهتيہ ۽ ڪلا جي ڪيترن ۾ رچنا ڪرائي ٿو، اُهو ...هنڪار ناهي، گهٽ ۾ گهٽ ساهتيڪار ۽ ڪلاڪار جي طرف کان اهنڪار ناهي، ٻيو ڪجھ آهي. ليڪن اُن ٻئي ڪجھ جو ڀاشا جي اَپورڻتا ڪري ڪو نالو نہ هڻڻ ڪري اُنکي رچناتمڪ اَهنڪار چوڻ صحيح ٿيندو.

اِتي اَچي مون پاڻکي پاڻ جاچيو، مون ۾ ڪو اَهنڪار ناهي. هائو، اجائي نمرتا جي ڏيکاو ڦٽيان وارو ...ہ اهنڪار ناهي. هڪ-جوڳو آتم-سنمان ۽ هڪ جوڳي نمرتا آهي. پاڻ کي جاچي مون ئي تہ پنهنجي باري ۾ هڪ هنڌ ...لکيو آهي تہ مان سدائين ويهہ جي پيٽ ۾ اُٺويهہ رهيو آهيان، تہ مان اُٺويهہ رهجي وڃڻ تي غم نہ ڪريان چاڪاڻ تہ مان هڪ ئي انگي سرشتي جو انگ آهيان.

□□

مان آهيان، اِنڪري سوچيان ٿو؟ يا مان سوچيان ٿو، انڪري مان آهيان؟ اِهي پُراڻا سوال آهن. حقيقت ۾ ''هجڻ'' سان / ۾ ''سوچڻ'' آهي ئي آهي. اِنهن ٻنهي کي هڪ ٻئي کان جدا نٿو ڪري سگهجي. هائو، سوچڻ-سوچڻ جي درجي ۾ فرق آهي. اِنڪري اُهي اِستٿيون، جن ۾ سوچڻ جو درجو مٿي نٿو اُڀري - مثال طور، هڪ اِها اِستٿي تہ گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجھ ڪونهي، ڪاڏو جُٽائڻ گهرجي يا هڪ ٻي اِستٿي تہ گهر ۾ سڀ سُکہ ساڌن آهن، اُهي مائڻ گهرجن. ليڪن منهنجي سوچ جي دائري ۾ ڪي ٻيون اِستٿيون اَچن ٿيون. منهنجي لاءِ اِهو دائرو اوُچ آهي،

مثال طور، مونکي لڳو، مون پنهنجي ڏيئي جي روشنيءَ ۾ انتر راشٽري ۽ راشٽري سطحن تي ٿورو ڪجهه يوگدان ڏنو آهي - انتر راشٽري سطح تي اِسلامي تصوف ۾ ''اِسلامي'' صفت جي ورود ۾ لکيو اَٿم ۽ تصوف يا رهسيه واد جي ڪنهن مذهب يا ڌرم جي دائري کان ٻاهر سڃاڻپ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم؛ راشٽريءَ سطح تي (۱) ڀارتي ساهتيه جي ايڪتا لاءِ، (۲) ڀارتي پرانتڪ ٻولين ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڪورسن سان گڏوگڏ انهن پرانتڪ ٻولين مان ڪنهن هڪ کي ماڌيم بڻائي سموري ڀارتي ساهتيه ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڪورس شروع ڪرڻ جي رِٿ ڏيئي راشٽري ڀاواتمڪ ايڪتا لاءِ ۽ (۳) هندي پرانتن ۾ رچيل هندي ساهتيه کي ئي نه، بلڪ سموري ديش ۾ تخليق ڪيل هندي ساهتيه کي جوڳي جڳهه ڏيڻ جو سجهاءُ ڏيئي هندي ساهتيه جي اِتهاس کي اَکِل ڀارتي روپ ڏياريندي ڀارت جي هڪ راشٽر هجڻ جي ڏِس ۾ ڀاڱ پتوڙيو اٿم. ازانسواءِ منهنجيون تخليقي ڪوششون پڻ گهٽ اهميت واريون نه رهيون آهن ....

ايستائين پهچي مونکي محسوس ٿيو ته اِتي 'مان'، 'منهنجو/منهنجي' ۽ 'مونکي' جا خود ثنائي لفظ ڪتب اچي ويا آهن - لفظ، جي پاڻ سان پيار ڪرڻ يا آتم-رتي (Narcissism) جي هڪ پڪي پُختي نِشاني آهن. وري اِها آتم-رتي تنتوُ سرشتي جي بگاڙي (neurosis) جو هڪ اهم حصو آهي. ليڪن جلد ئي مونکي لڳو، گهڻو ڪري ساهتيڪار ۽ ڪلاڪار اِن من-وڪار جا شڪار هوندا آهن. اِها ''مان-مان'' ئي ڪانئن رچنا ڪرائي ٿي. سندن اهنڪار من جو وِڪار هوندي به رچنا ڪرائڻ ۾ سهائڪ بڻجي ٿو. سندن رچناتمڪ اَهنڪار (creative ego) ئي ڪانئُن چوائي ٿو، اَسانکي پنهنجي-پنهنجي رچنا ڏئاران 'اِهو ڪجهه' چوڻو آهي. ساهتيڪار يا ڪلاڪار جي پنهنجي زندگيءَ ۾ گهڻيئي نيوراٽِڪ اِسٽتيون هجن ٿيون، ليڪن هو ۾

سنجم يا اِنتظام ڪين ڪپي. اُهي الوڪڪ ناچ نچندا رهن ٿا. يهودي ڏک کي ’نہ‘ چون ٿا، عيسائي ڏک کي ’ها‘ ڪن ٿا. يهودي پيڙا ۽ ڏک تي فتح پائڻ لاءِ جدوجهد ڪن ٿا. عيسائي پيڙا ۽ ڏک کي سڀ ڪجھ ڄاڻي، اُن ذريعي فتح پائڻ جو احساس پائين ٿا. مسلمان الله کي سڀ کان وڏي حقيقت ڄاڻي الله اڳيان سجدو ڪن ٿا، پاڻ ارپڻ ڪن ٿا. يهودي ائين ئي پاڻ ڪونہ ٿا ارپڻ ڪن، اُهي خدا سان بحث مباحثو ڪن ٿا، ڪيس مڪمل اِنصاف - پسند ٿيڻ لاءِ چون ٿا، سيني سان هڪ جهڙو ورتاءُ ڪرڻ لاءِ آکين ٿا. در اصل، اهي سڀ مت متانتر، ڌرم مذهب گڏجي ڪري ئي هڪ سچائي (يا هڪ ايشور) جوڙين ٿا. اُن هڪ مڪمل سچائيءَ کي ٽڪرن ۾ ورهائي ۽ پنهنجي ٽڪري کي هڪ مڪمل سچائي سمجهي ڪري اسان پاڻ لاءِ پيڙائن ۽ ڏکن جو سامان ڪٺو ڪيو آهي. جيئن گيتا جي يارهين اڌيايہ ۾ ارجن سري ڪرشن جي وراٽ روپ کي ڏٺو، يا ٻين لفظن ۾ چئجي تہ ارجن اُن وقت جدا جدا ڍنگن سان وراهيل، جدا جدا ڪيل سمپورڻ جڳت کي سري ڪرشن جي شرير ۾ هڪ هنڌ موجود ڏٺو، هڪ وجود ماڻيو، تيئن مان پڻ هڪ وجود ماڻيان ٿو.

اهڙيءَ ريت مان پنهنجي سياويڪ استٿيءَ ۾ وِچين سماجي طبقي جو هڪ ادنيٰ اڌياپڪ هوندي بہ پنهنجين تخليقي ۽ تحقيقي رچنائن ۾ اُن الوڪڪ رچناڪار وانگي هڪ رچناڪار آهيان. مثال طور، مان پنهنجن ننڍن ناولن مان ’’اِهي رشتا ناتا‘‘ جو سيلس مئن مدن لال ۽ ڪال گرل ريکا، ’’پيلي بتيءَ تي‘‘ جو اخبار نويس منوهر لال ۽ سندس پتني رجني ۽ ’’ڪوٽ‘‘ جو هارورڊ ۾ وزٽنگ پروفيسر موهن لال ۽ سندس ائمريڪي متر ليڊا آهيان. منهنجي ان وراٽ روپ ۾ انيڪ ڍنگن سان

جنهن ۾ مان پنهنجي هڪ سياويڪ اِستٿيءَ ۾ هوندي بہ سڀ سياويڪ اِستٿيون آهيان. بس، مان آهيان، اِهو ’مان‘ مان ماڻيان ٿو. جڏهن مان چوان ٿو تہ مان هڪ وجود ئي ماڻيان ٿو تہ اُن وقت مان قدرت جون سڀ شيون ۽ حالتون، سندن ميڙن ۽ ڦيرن ۾ هجان ٿو. مان مرد-عورت، پسون-پکي ۽ ڪيڙا ماڪوڙا، وڻ ٽِڻ، گل ڦل، نديون-پهاڙ وغيره جو وجود ماڻيان ٿو. هي تہ الاجي ڪيئن اِنسان پاڻ کي اشرف المخلوقات چئي پڏايو آهي، نہ تہ اسانکي خبر آهي تہ هڪ ئي پرياورڻ سرشتو آهي، انجي ڪنهن حصي جي ڪمي يا گهٽتائي سموري سرشتي کي اڻپورو ۽ اڌورو بڻائي ٿي. هتي ڪوبہ/ ڪجھ بہ ترس جوڳو ناهي. سڀ گڏجي ڪري ئي هڪ سرشتو ٺاهن ٿا، هڪ پورنتا جوڙين ٿا. هتوپديش جون آکاڻيون پڙهو يا ايسپ جون آکاڻيون، انهن ۾ گهٽُن ئي هنڌن تي پسن ۽ پکين اڳيان اسان مان ڪيترا ئي اِنسان پنهنجي پنهنجيِ سطح تي ويچارا ۽ ترس جوڳا لڳندا آهن.

هندو چون ٿا تہ دنيا مايا آهي، ايشور جي ليلا يا راند آهي، ڪنهن اندرين اونهي شانتيءَ جي ٻاهرين اُڇاتري سطح تي جيون ۽ پدارٿن جي ’چُر پُر‘ يا حرڪت آهي. اُهي اندرين اونهي شانت ڏانهن اشارو ڪن ٿا. ٻوڌي چون ٿا تہ دنيا اڻجٽائدار آهي. دک انجي سڄاڻپ آهي. هرڪا شيءَ پرڪريا ۾ آهي، روپ بدلائيندي رهي ٿي. آتما نالي ڪا شيءِ ناهي. ايشور وغيره ڪونهي. غلط ويچار ڪري غلط ڪرم پئدا ٿئي ٿو. ويچار بنيادي آهي. پيڙا يا دک غلط ويچار ڪري آهي. تائو وادي چون ٿا تہ ضدن يا وِرُڌن ۾ هم آهنگي يا سمنويہ ئي سچو سک آهي. اسين پرڪرتيءَ کي کيلڻ ڏيون، جهنگلن کي ٿيڻ ڏيون. جيڪي ٿئي ٿو، سو نيڪ ٿئي ٿو. اُهي جهنگلن کي باغن ۾ بدلائڻ جي خلاف آهن. ڪين هرو ڀرو

دو. اِهو سنجوڳ برابر آهي. سم + يوڳ، جو چانس ۽
اق جي معنيٰ ۾ عام طرح استعمال ٿيندي ٻہ چانس ۽
اق ناهي.

تازو، ٢٧ ڊسمبر کان ٣١ ڊسمبر ١٩٩٣ دوران، ڊيڪن
ليج پونا جي پڇمي کيتر ڀاشا ڪيندر طرفان سڏايل
ڪنيڪي شبداولي ڪاريہ شالا ۾، گائيڊ طور شرڪت
رڻ لاءِ مان اُلهاس نگر ويو هوس. اُتي خبر پيئي تہ
ايڻ پارٽيءَ پنهنجيءَ هڪ اک جو آپريشن ڪرايو
ي. سو، کيس ڏسڻ ۽ سندس خوش خيروعافيت ڪرڻ لاءِ
ي چيٽي لالواڻيءَ سان گڏ سندس گهر ويس. هو گهر جي
ڪ ڪمري مان ڪارو چشمو پائيندو نڪتو ۽ اسانکي
نجي ڊرائينگ روم ۾ اچي ويهاريائين. سليقي سان
تابن سان ڀريل سندس ڊرائينگ روم مونکي ڏاڍو وڻندو
ي. ڳالهين ڳالهين ۾ ڀرين ڳالهہ چيٽي لالواڻيءَ جي
ش کيل پي- ايڇ. ڊي. مقالي جي نڪتي. اُن جا ڪير
ير جاچيندڙ هجن، ان سوال تي اُتانجي بورڊ آف
ٽڊيز (سنڌي) جي ٻئنڪ ۾ ٿيل واد وواد بابت پارٽي
ھ ٻڌائي رهيو هو تہ ايتري ۾ اُتي ڪنعيالال ليکواڻي
پريتم ورياڻي پڻ اچي سهڙيا. هاڻي کي ڀيون گڏيل
هيون ٿيون. جلدئي، پارٽيءَ کان موڪلائي اَسين اُٿي
ا ٿياسين. دروازي تائين آياسين تہ پارٽيءَ چيٽي
واڻيءَ کي ۽ مونکي وڃڻ کان روڪيو. چي، ''اوهان
ي سان ڪا ضروري ڳالهہ ڪرڻي اٿم.''

اَسين ٽيئي - پارٽي، چيٽو ۽ مان - ليکواڻي ۽ ورياڻيءَ
ن موڪلائي واپس اچي پنهنجين جڳهين تي ويناسين.
تيءَ مونکي مخاطب ٿي چيو، ''موتي، مان چاهيان ٿو تہ
١٩٩ جو سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن جو ڀريون ڪتاب تنهنجو
و نئون ناول يا ڪهاڻي سنگرهہ هجي...''

مون وراڻيو، ''چو، مون وٽ گهڻيئي مضمون مقالا گڏ

ورهايل پورن جڳت اچي وجي ٿو.

سچ پڇ ته مان جڏهن ڪا ڪٿا ڪهاڻي لکڻ ويهان ٿو ته مان اُن ڪٿا/ڪهاڻيءَ جا پاتر بڻجي وڃان ٿو ۽ منهنجا اُهي پاتر پنهنجي پنهنجي سُڀاويڪ نموني سوچين ٿا، ڳالهائين ٿا ۽ ڪم ڪاريون ڪن ٿا. پوءِ جڏهن منهنجا ڪي پاٺڪ منهنجي ڪنهن پاتر جي ويچار ۽ وهنوار کي منهنجو پنهنجو ويچار ۽ وهنوار ڪري ڄاڻائين ٿا ته هڪ وڏي خطا ڪائين ٿا. اُهو ويچار ۽ وهنوار منهنجي اُن پاتر جو سندس پنهنجي سُڀاويڪ اسٿتيءَ ۾ هجي ٿو، اُن سان دراصل منهنجو ڪو سِڌو واسطو ناهي.

□□

مان گڏيل ڀارت جي ورهاڱي کان اڳ، گڏيل ڀارت جي سنڌ پرانت ۾ هڪ هندو پريوار ۾ ڄائس ته اِهو منهنجو سنجوڳ هو. ڪئي ڪنهن ديش، ڪئي ڪنهن ڌرم/مذهب جي پريوار ۾ مان جنم وٺان ها ته اهو بہ منهنجو سنجوڳ هجي ها. سنجوڳ جي معنيٰ ۾ انگريزيءَ جو لفظ ”چانس“ صحيح ناهي. البت، عربي ٻوليءَ جو لفظ ”اِتفاق“ سنجوڳ جي معنيٰ جي گهڻو ويجهو آهي، ڇاڪاڻ ته اُن ۾ ”چانس“ جو اچانڪ پٽي ۾ ٿيندڙ انياءُ گهٽ، ۽ ”سنجوڳ“ جو ميلاپ، ڪل راءِ ۽ اتحاد وڌيڪ آهي. پڇمي ملڪن جو ”چانس“ لفظ انڌو آهي. پوربي ملڪن جي ”سنجوڳ“ لفظ جون اکيون آهن، ڇاڪاڻ ته چانس لاءِ ايشور، ۽ سنجوڳ لاءِ انسان پاڻ جوابدار آهي. گيتا جي رچناڪار پنجين اڌيايہ جي چوڏهين شلوڪ ۾ چيو آهي، ”ايشور انسان جي نہ ڪرتاپڻي کي، نہ ڪرمن کي ۽ نہ وري ڪرم ڦل جي سنجوڳ کي جوڙي ٿو. اِهو سڀ سندن سوڀاءُ ناهي ٿو - سوڀاءُ معنيٰ سندن جدا جدا سوَ (Self) جو ڀاءُ. جهڙو ۽ جيترو ڪنهن اِنسان جي سوڀاءُ يا آتم ڀاءُ جو وڪاس ٿيل هوندو، تهڙو ۽ تيترو سنجوڳ

ئاسين. ليڪن تو هيري شيوڪاڻيءَ کي هڪ سيمينار ۾
'سنڌي خوانده'' تہ ٻئي هڪ سيمينار ۾ ''اُلهاس نگر - ٣
جو هڪ سنڌي نقاد'' ڪري ڪوٺيو، ايم. ڪمل کي پڻ سڏ
ر سڏ ڪين ڏنو ۽ هيري نڪر واري سوال تي مونسان بہ
ٽي ڦٽايو ... مونکي لڳي ٿو، اڄ ڪالهہ تون مرليڌر
جيٽلي ۽ هيري نڪر سان پڻ گڏ نہ آهين...''

مونکي مَليان اچي لڳي. چيم، ''اِهو تنهنجو منهنجو
ٿروپ ڇا آهي ؟...''

اُتي اسان ٻنهي جي وِچ ۾ چيلو ويلو هو، مون
ذيرج سان اڳتي چيو، ''ڏس پارتي، اٿين برابر آهي تہ
تنهنجا - منهنجا گروپ نهي ويا آهن. گني سامتاڻي ۽
هريڪانت وغيره جو گروپ، شيام جئسنگهاڻي ۽ پرم
ابيچنداڻي وغيره جو گروهہ. انعام پڻ گروپ بنديءَ جي
تحت طيءِ ٿين ٿا. ليڪن مان گروهہ بندين جي سخت
خلاف آهيان. هر هڪ سوال تي اعتقاد (conviction) جي
آڌار تي ئي مان ليکڪن سان گڏ، يا کانئن جدا آهيان
...جو ماڻهو جتي هئڻ گهرجي، اُهو اُتي هجي، ان خيال
کان مون هيري شيوڪاڻي ۽ ستيش روهڙا جي سفارش
پارتي گيان پيٺ جي سنڌي صلاحڪار ڪاميٽيءَ لاءِ ڪئي
۽ پرم ابيچنداڻي ۽ هريڪانت کي ڪي. ڪي. برلافائونڊيشن
جي سنڌي صلاحڪار ڪاميٽيءَ تي آندم. ليڪن جي
ساهتڪ ڪٽ ڪندي مون ڪڏهن بہ شخصي ڳالهين کي
اهميت ڪانہ ڏني آهي. منهنجا سخت آلوچڪ پڻ منهنجي
بي - رياءُ ڪٽ جي ساراهہ ڪندا آهن...هائو، ڪنهن هڪ
خاص گروپ ۾ نہ رهڻ ڪري مونکي ڪي نقصان رسيا
آهن. اجا اڄ ئي جڳديش لڇاڻيءَ ٻڌايو تہ هن مهاراشٽر
راجيہ درسي ڪتابن ۾ مرتب ٿيڻ لاءِ مون وٽان ڪي
ڪهاڻيون ۽ ليک تہ گهرايا، ليڪن بئنڪ ۾ شخصي سطح
تي منهنجو ورود هئڻ ڪري اُن مئنر جو اُپيوگ نہ ٿي

ٿي ويا آهن... اُنهن جو ڪَٽُ ڪين هلندو؟''
''نہ. جيڪي ٿورا گهڻا سنڌي پاڪ وچي بچيا آهن، تن کي مضمون مقالا نہ کپن...''
مون کٽي چپ ڪئي، پوءِ پڇيومانس، ''توکي تہ اسان ٻنهي سان ڪا ضروري ڳالهہ ڪرڻي هئي....'' منهنجي ڳالهائڻ ۾ ''اسان ٻنهي سان'' لفظن تي پنهنجو پاڻ زور اچي ويو هو.
''هائو، اوهان ٻنهي سان اها ڳالهہ ڪرڻي اٿم تہ اسانکي هاڻي گڏجي ڪم ڪرڻ کپي...''
پوءِ مون ڏانهن مونهن ڪري چيائين، ''ٻہ ٽي سال اڳہ مان بہ جڏهن سچل سيمينار تي پاڪستان ويو هوس تہ اُتان جي ماڻهن ۾ تو لاءِ ۽ تنهنجي ادبي ڪم لاءِ ڏاڍي عزت ڏٺم...''
منهنجي ذهن تي اُمالڪ تري آيو تہ سنڌي اڳوان شري جي. ايم. سيد دهليءَ ۾ منهنجي گهر آيو هو. هن صاحب protocol کي وساري منهنجي غريب خاني کي انڪري نوازيو هو جو مان (سندس ئي لفظن ۾) شاھ لطيف جو مداح آهيان ۽ منهنجي ڪتاب مان سندس ڏيءَ درشهوار سيد کي سپ ڪان گهڻو فيض رسيو آهي... انٽرنئشنل ڪورٽ (هيگ) جو غلام علي الانا، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو حيدرآباد جو عبدالجبار جوڻيجو، نبي بخش خان بلوچ، ممتاز مهر، مظهريوسف ۽ ٻيا ڪيترائي منهنجي اُن هڪ ڪن واري ذهني ڪولاج ۾ اُڀري بيٺا....
مون پاڻ سنڀالي ڪانئس پڇيو، ''پڳہ ڪان بتانو وڏوا.... تون ڳالهہ جي ڳانٺي تي اچ...''
''هائو، ڳالهہ تي ئي ٿو اچان... مان ڏسندو رهيو آهيان، تو ۾ پنهنجا گهڻي ۾ گهڻا دشمن پئدا ڪرڻ جو وڏو هنر آهي. دادا جئرامداس دولترام جي زماني ۾ هيرو شيوڪاڻي، ايم. ڪمل ۽ مان تنهنجي گروپ ۾ آيا

موت جو اچڻ ! اَسان ٻنهي جي - راجوءَ ۽ منهنجي حيات
هوندي راجوءَ جو ۽ منهنجو وڏو پٽ ديپڪ، اَنِل ۽ دنيش جو
وڏو ڀاءُ ديپڪ، ۱۳ اپريل ۱۹۹۱ تي ڀَرِ جوانيءَ ۾ چالاڻو
ڪري ويو ... هونئن موت عام آهي، پر پنهنجي ئي گهر ۾
موت خاص ٿي پوي ٿو ... اَسان لاءِ زندگيءَ ۾ سڀ ڪجهه
بدلجي ويو آهي. پر پوءِ به اسين هلون ٿا. ڪرم بنا گتي
ڪانهي ....

ان نقصان اَڳيان ڪو به نقصان ڪجهه ڪونهي. 'اِٽ
اِز ٽُو ڊيپ فار ٽيئرس، ٽُو ڊيپ فار ايڪسپريشن !' خبر
ناهي، مونکي ڪڏهن روئڻ ايندو؟ مان ڪڏهن هِيانءُ
ڦاڙي روئندس؟ مان ڪڏهن اِن نقصان ڪي اِظهار ڏيئي
سگهندس؟ ... جنهن اُلهاس نگر ۾ مان هاڻي واٽ ويندي
موت بابت سوچي رهيو آهيان، اُن اُلهاس نگر جي مهان
ڪلاڪار موهن ڪلپنا راجوءَ ۽ مونکي آٿت ڏيندي لِکيو
هو، ''شروع ڪمار به وقت کان اَڳ پنهنجن وڏن کان الڳ
ٿي ويو هو.'' .... اڄ اُهو موهن ڪلپنا پڻ هِتي ڪونهي.
□□

هائو، منهنجو ڇٽو خاصو وقت تنهائي ۽ محنت
ڪشيءَ ۾ گذريو آهي. منهنجي گهر جو پهريون ڪمرو
ڊرائينگ روم گهٽ، آفيس وڌيڪ لڳندو آهي - آفيس،
جنهن ۾ مان اڪيلو ڪم ڪندو رهيو آهيان ۽
جنهن جون پٽيون ڪتابن سان - خاص ڪري سندري گرنٿن
سان - جهنجهيل آهن. ان ڪمري جي هڪ شوڪيس ۾
نٽراج جي مورتي آهي. ٻين شوڪيسن ۾ جدا جدا ملڪن
مان آندل مورتيون آهن. ان ڪمري مان هرسوُ اِهائي وائي
ٻيئي گونجندي آهي - پنهنجو ڪرم ڪندو رهه.

منهنجو دوست رڻجيت سنگهه مونسان شام واري
ديش ٻنڌو ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو اڌياپڪ آهي. هن
صاحب ڪي سامهون رکي مون ''دهشت'' نالي ڪهاڻي لکي

سگهيو... ليڪن اهي نقصان منهنجي ليکڪ جي آزاديءَ
آڏو يا منهنجي ليکڪ جي ذهني ايمانداريءَ اڳيان ڪا
معنيٰ نٿا رکن...“

پارتي ۽ چيلو لالواڻي چپ هئا. مون به ڪٿي مات
ڪئي. اسانجي اها بئٺڪ ڪنهن به هڪ نتيجي تي پهچڻ
ڪانسواءِ ئي ختم ٿي. منهنجي ذهن ۾ هڪ هندي دوهي جا
به چرڻ پڙاڏو ڪري اُٿيا : ”سِنهون ڪي نهين لينهڙي،
هنسون ڪي نهين پانت“ ۽ جلد ئي وري وجود جي هيڪڙيائي
محسوس ڪندي مون هيري شيوڪاڻي، ستيش روهڙا وغيره
سان پنهنجائپ جو اظهار ڪيو. مون پارتيءَ کي چيو،
”پارتي، اسان سڀني کي، توکي مونکي، چيتي لالواڻي، هيري
شيوڪاڻي، ستيش روهڙا وغيره کي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي.
جيڪڏهن شينهن جا جهُنڊ نه هوندا آهن ۽ هنسن جون
قطارون نه ٿينديون آهن، ته ٻين جانورن جا جهنڊ ۽ ٻين
پکين جون قطارون ته هونديون آهن. قدرت ۾ گهڻيائي
’وئرائٽي‘ آهي.

واپس ايندي واٽ تي چيلو لالواڻي مون سان گڏ
هوندي به گڏ ڪونه هو. مان پنهنجن ئي خيالن ۾ غلطان
هوس ۽ هو پنهنجن ئي پورن ۾ پورو هو. مان سوچي رهيو
هوس ته هوندڻ به هڪ ليکڪ تنها-تنها هوندو آهي. تنهائي
۽ محنتڪشي سندس سچائپ جون نِشانيون آهن. هو گروهه
بنديءَ ۾ رهي ڪري پنهنجي تنهائي ۽ محنت ڪشيءَ
کي گهٽائي سگهي ٿو. پر ائين ڪرڻ سان سندس ليکڪ
پڻو به گهٽجي ويندو. يوناني ديومالا جي سسيفس ۽ هڪ
ليکڪ جي قسمت ساڳئي وقت، ساڳئي قلم سان لکي
وئي هئي.

واٽ ويندي مان سوچي رهيو هوس ته پارتيءَ جي
گهر ۾، گروهه ۾ نه رهڻ ڪري نقصان پهچڻ جي ڳالهه
نڪتي هئي. زندگيءَ ۾ وڏي ۾ وڏو نقصان ڪهڙو آهي

هئي. هن هڪ دفعي مونکان پڇيو، ”ايوننگ ڪاليـ
اسان سيني اڏياپڪن کي ڏينهن جو ڪم ڪرڻ لاءِ ڇهُو ڪ
وقت ملي ٿو... پر اسان سيني ۾ تو گهٽي ۾ گهٽا ڪ
شايع ڪيا آهن، سو ڪيئن؟“

مون سندس ڪرائيءَ ۾ پڊل گهڙيءَ ۾ نه
جواب ڏنو، ”ڏس ڀائي، اسين پيئي ڪاليج ۾ پنهن
پنهنجي ڊيوٽي ڪري اچي گهر وينا آهيون ۽ هاڻي
جا اَٺ لڳا آهن... نڪمٽائي توٽي ڪرم ۾ اِهي
هونئن بہ وڃن ها. پوءِ ڇو ڪين ڪرم ڪري اِهي
وڃن!... مون اڄ بہ ڏينهن جو ساندھ ڇهہ ڪلاڪ ڪم
آهي...“

۽ پوءِ اسانجو ڌيان اسانجي پنهنجي گ
ڪمزوريءَ ڏانهن ويو.هن سامهون رکيل ميءِ جي گ
ڏانهن اِشارو ڪندي چيو، ”ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ اسان اِها
ورونهن ڇو ڪين لهڻي؟...“

مونکي اُداسي ويڙهي ويئي. مون صوفين ۽ تص
بابت پنهنجي ليکي گهڻو ڪجهہ اهميت ڀريو لکيو آ
پر مان پنهنجي باده خوار هجڻ کي ڇا ڪريان؟ منهن
وات مان ازخود غالب جو هڪ شعر نڪتو:

”يہ مسائل تصوف، يہ تيرا بيان غالب،
تجهي هم ولي سمجهتي، جو نہ باده خوار هوتا.“

□

آتم ڪٿا جي ناليءَ ۾ : ڪي رايا

□ ڪنهن واردات کي، ڪنهن ڳالهه کي ويچار
جي سطح تي ڪٽي وڃڻ تنهنجيءَ لکڻيءَ جو
اسٽائيل آهي ۽ مونکي ڏاڍو وڻندو آهي... ڀارت
جي سيتا - سنسڪرتيءَ جي برابر رڳه تي
تنهنجو هٿ آهي.

-رادا ڪرشن گرناڻي، جبلپور

□ ورلي ڪو ڪتاب مون هيئن لڳاتار پڙهيو
هوندو. ”آتم ڪٿا جي ناليءَ ۾“ ڪتاب جي
جيتري ساراهه ڪجي، اوتري ٿوري ٿيندي.
ٺيهڪ بلڪل ناهوڪي ۽ سندر اُتس - ۽ اَندر ايترو
ته طرح طرح جو مصالحه پريو پيو آهي جو
توهانجي علميت ۽ قابليت جي وڏي ساک ڏيئي
رهيو آهي. ناليءَ ۾ ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ
کي مان چئجي ڪٽي ته سالن کان سڃاڻان، پر
اهو سڃاڻڻ ته سڀ معمولي ۽ مٿاڇرو ئي هو.
هن ڪتاب پڙهڻ بعد ئي ڊاڪٽر جي شخصيت
جي گهڻي قدر حقيقي ڄاڻ پيئي اَتم ۽ خوشي
ٿي آهي ته سنڌ اِنهيءَ ڊاڪٽر جهڙو هڪ اعليٰ
درجي جو ودوان ۽ شاعرانه طبيعت جو ساهتيڪار
پيدا ڪيو آهي.

- آنند هنگوراڻي، دهلي

□ ”آتم ڪٿا جي ناليءَ ۾“ مان ليکڪ جو اڀياس،
ڄاڻ، اَنڀو، سئر سفر، سوچ ويچار، سُوجهه ٻُوجهه،
رخ، شخصي زندگيءَ جا ڪي پهلو ۽ ساهتيه نرماڻ
پٺيان جو پس منظر نُمايان ٿين ٿا.

-جينت ريلواڻي، راجڪوٽ.